# سنڌ ڌرتي مذهبن جي ماءُ

ائن مورا

سنڌيڪار

عطا محمد ڀنڀرو

روشني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ ذرتي
# مذهبن جي ماءُ

(اصل انگريزي زبان ۾)


ائن مورا

عطا محمد ڀنيرو



روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2010ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ارپنا

سنڌ جي ارڏي شهيد
عمر شاهہ مگڻيجي جي نالي

اڳيان اڏين وٽ، پوين سر سنپاهيا
(شاهہ)

بِنا کَرندند خوش رسمي بخاک و خون غلطيون
خدا رحمت کُندِ اين عاشقانِ پاک طفت را
(عنايت شهيد)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


- مترجم طرفان ٻہ اکر 7
- تورا نہ تورا 8
- لامذهب ماڻهو ۽ جڙتو معاشرو 9
- قديم دور جي رستي سان سفر ڪرڻ 11
- مصنف طرفان ٻہ اکر 12
- تعارف 14

باب پهريون
ننڍو ڪنڊو: سيپتا جو پهريون هندورو 19

باب ٻيو
اوم ۽ اما: لامذهبي ۽ مذهبي فرقن جا مقدس وجود 60

باب ٽيون
آرين جي لڏپلاڻ ۽ سنڌ 89

باب چوٿون
لامذهب فرقي جون يورپ ۾ گڏيل وچڙيل پاڙون 126

باب پنجون
يورپ جي لامذهب فرقي جون علامتون: فيئري ۽ آسترولوڪ 173

باب ڇهون
ويهين صديءَ ۾ نئين لامذهب فرقي ۽ وڪا لاءِ موجود للڪارون 195

باب ستون
مستقبل کي معلوم ڪرڻ لاءِ ماضيءَ کي ڏسڻو پوندو 227

ضميمو
مختلف دورن جو وچور 264


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مترجم طرفان ٻه اکر

هي ڪتاب آمريڪي قلمڪار جي پورهئي جي پاڇي آهي. سندس خيال آهي تہ يورپ پنهنجي اصلي ورثي کي وساري ڇڏيو آهي. جيڪو پوئتي ڏور ماضيءَ ۾ وڃي سنڌ جي قديم مذهبن جي روايتن سان ملي ٿو. هن جو نقطئہ نظر آهي تہ انسان ذات سنڌ کان شروع ٿي آهي. سندس اهو بہ خيال آهي تہ مغربي ثقافت سنڌو ماٿريءَ جي تهذيبي راويتن تان اُسري ۽ اُڏي آهي. اهڙيءَ ريت هن اولهہ روم جي ايٽروسڪان Etruscan ثقافت جو حوالو ڏنو آهي، جيڪا دراوڙي نسل جي ماڻهن جي ثقافت هئي. هي ماڻهو موهن جي دڙي جي تباهيءَ کان پوءِ ليڊيا (ترڪيءَ ۾) پهتا. جتان نقل مڪاني ڪري روم جي ايٽروسڪان علائقي ۾ پهتا. هي ماڻهو 1200 ق.م کان 200 ق.م تائين اتي رهيا هئا ۽ سنڌو ماٿري جي تهذيب جهڙي ثقافت جو بنياد رکيو هئائون. هن جو نظريو آهي، مغرب جي ثقافت جي اوسر جو بنيادي نڪتو بہ ايٽروسڪان واري سنڌي تهذيب آهي.

مان اصلي ڪتاب جي باب ڇهين ۽ ڪجهہ ٻين بابن جي ننڍين ننڍين ٽڪرن جو ترجمو ڪونہ ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن جو تعلق قديم دور جي ٽوٽڻ ڦيٽڻ سان هو. هي ڪتاب پروفيسر منور ٽالپر جي لائبريريءَ جو آهي، جيڪو ترجمي ڪرڻ جي مقصد لاءِ پروفيسر همت علي پتافيءَ منهنجي حوالي ڪيو هو. ٻنهي جا ٿورا.

2009ع حيدرآباد

عطا محمد ڀنڀرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تورا نہ تورا

مان انھن ماڻهن جي دلي طور ڏاڍي عزت ڪريان ٿي جن جرئت ۽ ڪليءَ دل سان پراڻي مذهب جي جادو منتر ۽ نئين لامذهبيءَ بابت لکيو آهي. ساڳيءَ ريت مان انھن مورخن ۽ قديم آثارن جي ماهرن جي ٿورائتي آهيان، جن قديم آثارن مان لڌل شين کي بنياد پرستن جي وڏيءَ ڏارا جي ڇتيءَ تنقيد هوندي بہ ڏاڍي جرئت سان شايع ڪرايو آهي، جيڪي انھن بنياد پرستن جي دقيانوسي عقيدن جي بلڪل متضاد هيون. سندن اهڙا جتن ۽ جاکوڙ اجايو ڪونہ ويندين. مان ورهين کان پنھنجي اکين سان ڏسي رهي آهيان، تہ سندن ڏنل سماج جي سرت ۽ سوچ کي واسي ۽ ولاڙي ورتو آهي.

مان پنھنجي ڪتنب جي بہ ٿورائتي آهيان، جنھن بنا ڪنھن شرط جي منھنجي واهر ڪئي آهي. خاص ڪري مون تي پنھنجي وَرَ جا وڏا وَڙ آهن، جنھن هميشه مون سان بحث ڪري منھنجي سھائتا ڪئي آهي ۽ تحقيق واسطي هڪ ڪمپيوٽر بہ خريد ڪري ڏنو آٽس.

اهڙيءَ ريت نئنسي موسٽاڊ Nancy Mostad جا بہ لک ٿورا، جنھن منھنجو من وڌايو ۽ مون کي اڳتي وڌايو آهي. ان کان سواءِ لِويلن پبليڪيشن lewellyn Publication بہ هتي موجود آهي، جيڪو لامذهب برادريءَ جو پيچي آهي. اهڙيءَ ريت ڪوني هل Connie Hill جا بہ ڪروڙين قرب آهن، جنھن هن ڪتاب جي ماهرانہ ايڊيٽنگ ڪئي ۽ تخليقي نوعيت جي ڏس ۾ وڏي سھائتا ڪئي. Llewellyn Art Department جا ڳڻ ڳڻن کان اپار آهن، جنھن هن ڪتاب ڇاپڻ، نقشن ۽ خاڪن ڏيڻ ۾ پنھنجو هٿ ونڊايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لامذهب ماڻهو ۽ جڙتو معاشرو

موجوده دور هر انساني ۽ ثقافتي گروھہ کي پنهنجي حقيقي قسم جي تاريخ آهي، جيڪا ئي انهن ماڻهن جي شخصي ۽ حقيقي تاريخ آهي ۽ اها سندن ڪاميابين شان شوڪت جي تصديق ڪندي آهي. اهڙي ريت اها گروهي، قومي نسلي ۽ مذهبي احساسن کي وڌائيندي آهي.

گهڻي وقت کان وٺي مغرب جي مذهبي مورخن لامذهبيت جي اصليت جي تاريخ ڏانهن ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو آهي يا ان کي غلط نموني پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هاڻي لامذهبيت جي بغير پابنديءَ واري تاريخ ۽ مذهبي عقيدن جي قديم تصور جي نئين تناظر واسطي مناسب وقت آهي. هن لامذهب فرقي جي پيٽ ۾ مغرب جي مکيہ مذهبي ڌارا تي دقيانوسيت چانيل آهي، جنهن کي روحاني عذابن جي پٺڀرائي ۽ گهرو قانون Civil Law گهڻو طاقتور بڻائي ڇڏيو آهي.

جديد جادوءَ ٽوڻي واري مذهب جي اصليت. مذهب جي قديم اصليت تي روشنيءَ وجهي تي ۽ جادو ٽوڻي ۽ ان مذهب جي وينجاڻي وجهڻ وارين عورتن Witches ۽ نئين دور جي لامذهب کي اهو احساس ڏئي ٿي تہ انهن جو تاريخ سان ڪهڙي نڪتي وٽ تعلق آهي.

اهڙيءَ ريت هتي هڪ مناسب ۽ پراثر قسم جو احوال آهي تہ لامذهب فرقن ۾ مکيہ مذهب جي عقيدن جي ارتقا ڪهڙي طريقي سان ٿي هئي ۽ گذريل دور ۾ هنن ٻنهي فرقن جا پاڻ ۾ ڪهڙا تعلقات هئا. اهڙيون حقيقتون سندِ يافتہ مورخن بيان ڪيون آهن. جن گذريل ڪجهہ عرصي کان وٺي پنهنجي پنهنجي منهن مذهبي تاريخ جو مطالعو ۽ تحقيق ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾ مراقبي ۾ ويهي سوچڻ nedilation ۽ جادو منتر جا هي ٻول بہ موجود آهن. جن جو مکيہ طور

دارومدار tarot جي arcane تي بيهاريل آهي. انهيءَ مقصد سان تہ پڙهندڙ کي موجوده دور جي لامذهبيت جي روحاني تاريخي پاڙن کي ڳولڻ ۾ سهولت ملي سگهي، مغربي سماج مثال عيسائيت ۽ يهوديت چانيل آهي. اسان جو مذهب فطرت بابت perspective جهڙوڪ سماجي ترقي ۽ ثقافتي قدر ان روحاني ورثي جي پيٽ ۾ جڙ تہ نوان آهن، جن مثان گهرو قانون civil Law وسيلي پابنديون هنيون ويون آهن. اهڙن ڏکن ۽ ڏچن هوندي بہ قديم روحانيت پنهنجي جاءِ ڇڏڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. هي مذهب جديد ۽ قديم مذهبن جي وچ ۾ تعلقاتن جي علامت آهي. اهڙي ريت اسان سمجهون ٿا تہ هي مذهب جديد مذهبن جي اندر موجود تضاد ۽ تڪرار جو واحد علاج آهي. اهو فقط تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن اسان اهو سمجهون تہ اسان ڪٿان آيا آهيون ۽ تعين ڪريون تہ اسان کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي ۽ سچيءَ مذهبي آزاديءَ ڏانهن ويندڙ رستو ماضيءَ جي ڄاڻ ۽ مستقبل جي اميد وچان گذرندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قديم دور جي رستي سان سفر ڪرڻ

جادوگري ڪرڻ وارو مذهب گهڻي وقت کان وٺي ارتقا ڪندو رهيو آهي. هي لامذهب فرقو هرسماج ۾ ثقافت جي تبديلين کي اختيار ڪري وٺندو آهي. غير همدردانہ ۽ غير دوستانہ رويو اختيار ڪندو آهي تہ هن لامذهب فرقي کي مزاحمت سان منهن ڏيڻو پوندو آهي ۽ سزائون بہ ڀوڳڻيون پونديون آهن. ان هوندي بہ هي فرقو موجود آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ قديم طاقت جون سچايون فنا ٿيڻ واريون نہ آهن. تنهن ڪري اهي اساس آهن.

اوگهم Ogham جي علامت ڄڻ ندين جو سنگم آهي. ڪارو سڱ نفرت جي علامت آهي، جيڪا هن فرقي ۾ ان جي پوئلڳن جي لاءِ ماحول جي نمائندگي ڪري ٿي. اهي سفيد سڱ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا تہ جيئن هو ديباءَ جو مقابلو ڪري سگهن. پر هاڻي سياسي طاقتن جو رويو تبديل ٿي چڪو آهي ۽ اهي قديم رستي جي روحاني پوئلڳن کي قانون ۽ انصاف جي مدد فراهم ڪري رهيا آهن.

لامذهب جي پاڙن کي ڳولي لهڻ لاءِ اسان کي پوئين پيرين ماضيءَ ۾ وڃڻو پوندو ۽ اسان کي ثقافتي ۽ سماجي تبديلين کي جاچڻو پڙتالڻون پوندو ۽ قديم مذهب جي صاف ۽ شفاف مرڪزي حصي کي لهڻ واسطي، سياسي اعلانن ۽ هڙتالن توڙي احتجاجن کي پرڻ ڏسڻو پوندو. طالب کي حق جي ڳولا لاءِ ائين ڪرڻو پوندو ۽ زندگي جيتري ڏکهي رستي سان پويان پير ڪري ڪيس پنتي وڃڻو پوندو ۽ سڀ انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو اهو چڪر ڏئي موٽي اچي نئين سگهہ سان اڳتي وڌي.

وچائجي ويل ورثي کي ڳولهيو ڏاڳن کي سڃاڻو انهن ڏاڳن کي وٺي موٽي اچي حال وٽ پهچو. اسان کي پنهنجي اصلي ورثي کي ڳولي لهڻ لاءِ ايترو پوئتي وڃڻ گهرجي جيتري اسان کي ۽ اسان جي تاريخ کي وڃڻ جي سگهہ آهي.

ائن مورا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مصنف طرفان بہ اکر

جڏهن مان ننڍڙي هيس تہ منهنجي ماءُ پيءُ مون کي نئين سال جي خوشيءَ ۾ هڪ سوکڙي ڏني هئي. اها ڏاڍي سهڻي ۽ سيبتي شيءِ هئي. اهو رنگين ڪاغذ جي پٽين جو ٺهيل خوبصورت بال هو جنهن جي وَٽِ سان سونهري رنگ جي ٽِنِ جون پٽيون لڳل هيون ۽ اهو هٽ لائٽ سان سيٽيءَ جيان وڃي رهيو هو. ان بال جي مرڪزي حصي ۾ اهڙو ڪو راز رکيل هو جنهن کي معلوم ڪرڻ واسطي ڪاغذ جي رنگين پٽين کي اکيڙڻو هو. اها مون جهڙي ٻار لاءِ ڏاڍي خوبصورت شيءِ هئي. مان ان کي جيئن جو تيئن رکي پئي سگهيس يا ان کي کولي اندر وارو راز معلوم ڪري پئي سگهيس.

مون کي پڪ هئي تہ جيڪڏهن ان بال جون ڪاغذ جون پٽيون کولبيون تہ اهو بال وري پيهر جڙي راس ني ڪونہ سگهندو. مذهب بہ گهڻين خاصيتن ۾ ائين آهي. مشهور عالمن جهڙو آرنولڊ ٽائن بي Arnold Toynbee ۽ جوزيف ڪئمپبيل Joseph Campbell ڏاڍيءَ نيڪ نيتيءَ سان پنهنجي عقيدي جي جاچ پرک ڪئي هئي، تہ ان اندر ڪهڙي شيءِ موجود آهي. اهڙيءَ ريت کين پتو پيو تہ ان ۾ ڪجهہ بہ موجود ڪونہ هو تنهن ڪري هنن پنهنجي مذهب بابت پنهنجو نظريو تبديل ڪري ڇڏيو.

هن ڪتاب ۾ بہ اهڙيون ئي ڳالهيون موجود آهن. مان بہ من موهيندڙ ۽ خوبصورت شيءِ کان شروعات ڪئي، جنهن کي مذهب سڏيو ويندو آهي، جنهن اندر سيٽيءَ جهڙو جهيڻو آواز هو. گهڻا ماڻهو اهڙا بہ آهن، جي ان خوبصورت شيءِ کي هٿن ۾ جهليون بيٺا هوندا آهن، ۽ ان جي سيٽيءَ جهڙي پراسرا آواز کان لنوائي ڇڏيندا آهن. پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جي ٻاهرينءَ سونهن جي حد کان وڌيڪ ساراهه ڪندا رهندا آهن. مان انهن ماڻهن وانگر ڪانه آهيان. مان ماڻهن طرفان ڏنل سوکڙيءَ کي ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان کوليو جنهن منجهان تِن جو نهيل هڪ رانديڪو مِليو جيڪو تن جي سينٽيءَ جي شڪل ۾ هو ۽ ان کي مان خوشيءَ سان وڄائي پئي سگهيس. ساڳيءَ ريت مان مذهبي تاريخ جي تهن کي اکوڙي جاچي ڏسڻ جي چونڊ ڪئي هئي، انهيءَ مقصد سان جيئن روحانيت جي پڇاڻيءَ جو پتو پئجي سگهي. اهڙيءَ ريت مان انسان ذات جي روحانيت جون پاڙون ڳولي لڌيون آهن. ساڳيءَ ريت مان لامذهبيت جي مرڪزي حصي ۽ ان جي سرگرمين بابت به ڄاڻ حاصل ڪري ورتي آهي. ٻين ماڻهن به مون وانگي ساڳيا نتيجا ڪڍيا آهن. خوشيءَ جهڙي ڳالهه اها آهي ته هڪ جهڙا نتيجا ڪونه نڪتا آهن، پر ائين ضرور آهي، ته انهن ماڻهن چالاڪيءَ کان ڪم ورتو آهي.

مان هي ڪتاب ڳجهيءَ ريت علم حاصل ڪرڻ جي ارادي سان سکيو آهي. مان چاهيان ٿي ته مان پنهنجا ڪڍيل نتيجا انهن ماڻهن سان ورهايان جن جي هن قسم جي موضوع ۾ دلچسپي آهي. هتي مون وٽ تحقيق جي خزاني جو اصلي روح موجود آهي، جيڪو مان پنهنجي پڙهندڙن آڏو رکي رهي آهيان.

# تعارف

شايد تہ پهريون خيال جنهن مون کي مذهب بابت حيرت زده ڪيو هو سو فلاسافيءَ جي هڪ ڪهاڻيءَ Allegory of the Cave ڪري پيدا ٿيو آهي. اها ڪهاڻي سڪرات Socrates ڏانهن منسوب ڪئي ويندي آهي، جيڪا ٻڌائي ٿي تہ ڪنهن اونهيءَ غار ۾ ڪي ماڻهو رهندا هئا ۽ غار جي پٺين ٿي ڪن پاڇن کي نچندي ڏسندا هئا. سندن خيال هو تہ اهي پاڇا ڪن ديوتائين جا آهن. انهن مان هڪ ماڻهو غار جي اصول جي پيچڪڙي ڪري مٿي چڙهي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ سمجهيو ويندو هو تہ غار جي شين جي اصليت بابت، سوچڻ ويچارڻ يا لوچنا ڪوجنا ڪرڻ وڏو پاپ آهي. پر ماڻهو روايتي پاپ جي پرواهہ نہ ڪري مٿي چڙهي ويو. ڪيس اندازو هو تہ مٿي وڃڻ لاءِ ڪو ڪوپ ضرور موجود هوندو ۽ ان ڪوپ ۾ ماڻهو باهہ جو وڏو مچ ٻاري، ديوتائن، جانورن جي پاڇن سان گڏ ڦرندا هوندا. سندس خيال هو تہ اهي پاڇا انهن ديوتائن جانورن جا آهن، جن جي غار جي تري ۾ وينل ماڻهو پوڄا ڪندا آهن. ان ڪري ڪوپ ۾ رهندڙ ماڻهو بہ اصولن جي پيچڪڙي ڪري مٿي وڃڻ وڏو پاپ سمجهندا هئا. تنهن ڪري اهي اتان مٿي ٻاهر وڃي ڏسڻ جي جرئت ڪري ڪونہ سگهندا هئا. تہ اصلي حقيقت ڇا آهي. پر هن ڪهاڻيءَ جو هڪ هيرو روايتي اصولن جي پيچڪڙي ڪرڻ جي جرئت ڪري ٿو ۽ مٿي وڃي گهڻا ماڻهو ۽ حقيقي دنيا جا جيئرا جاڳندا جانور ڏسي ٿو جن جا پاڇا هيٺ غار جي تري ۾ نظر اچي رهيا هئا. جڏهن هو موٽي اچي ڪوپ ۾ رهندڙ ماڻهن کي اصلي حقيقت ٻڌائي تہ اهي مٿس چٿرون ۽ ٺوڪون ڪرڻ لڳا. جڏهن هن اتان هيٺ لهي غار جي تري ۾ پهچي، پنهنجي ماڻهن کي اصلي حقيقت ٻڌائي تہ اهي مٿس ڪاوڙجي پيا ۽ ڪيس پٿر هڻڻ لڳا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي هن تمثيل کي انهيءَ مفهوم ۾ ڏٺو ويو آهي ته ماڻهو مذهبي جي پاڇن جي عڪس جي پوڄا جا هيراڪ هوندا آهن. پر اهي ان سچائيءَ جي پوڄا ڪونه ڪندا آهن. جنهن جا پاڇا انهن ماڻهن جا معبود هوندا آهن. يعني اهي سچائي بدران سچائي جي پاڇن جا پوڄاري هوندا آهن. جڏهن اهڙو علم انهن پاڇن تان پردو کڻندو آهي ته اهو به اهڙن ماڻهن لاءِ پاپ بڻجي ويندو آهي، جيڪو دقيانوسيت کي تباهه ڪري ڇڏيندو آهي. هر سطح تي وقت جو جهونجهار انهن ماڻهن جي سامهون اچي بيهي ٿو جيڪي پاڇن کي سچ سمجهي پاڻ کي محفوظ سمجهندا آهن. تنهن ڪري انهن ماڻهن حرام حلال جا اهڙا هٺرادو اصول گهڙي ڇڏيا آهن. جيئن سندن سمجهيل سچ (پاڇن) کي ڪير لوڏڻ ڏوڏڻ جي جرئت نه ڪري سگهي. موجوده دور جي تناظر ۾ اهڙن خيالن واري ماڻهوءَ کي ملحد ۽ مرتد سمجهيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت ڪي قانون سازيءَ جا ادارا به جوڙيا ويا آهن. ته جيئن پاڇن کي سچ سمجهڻ لاءِ اهڙن ماڻهن جي امداد ڪري سگهن. هنن لاءِ اصل خوف ته علم آهي ۽ اهڙا ماڻهو فقط علم واري انسان کان ڊڄندا آهن. جنهن پَرِ هاڻي اهو وقت گذري چڪو آهي، جو اهڙي خوف کان پاڻ بچائي سگهجي.

اهڙيءَ ريت پيا به ڪيترا نظريا آهن. جن کان عام پڙهندڙ ماڻهو واقف ڪونه آهن. جن مان هڪ جادو منتر Witch craft وارو فرقو به آهي. اهو لفظ منهنجي ناناڻي خاندان ڏانهن اشارو ڪري ٿو جنهن جو واسطو Iberian Celtic heritage سان آهي. منهنجيءَ امڙ جو واسطو ان ورثي سان آهي. اها مذڪوره ورثي جي ڪا نئين روايت ڪانه آهي، پر ان مذهب جو هڪ قسم آهي. جيڪو مان پاڻ به سکي ورتو آهي. ساواڻ Green جادو منتر جي مذهب جو مرڪزي حصو آهي. هي لفظ ٻين ذريعن وٽان پڻ حاصل ڪيو ويو آهي. هي هڪ رنگ جو قسم آهي، جنهن کي فطرت جي پوڄا لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي. هن ۾ چار equinoxes ۽ چار Solstices جون موسمون شامل هونديون آهن. اڪئينوڪسز equinoxes ٻن هڪ جهڙين موسمن سان واسطو رکي ٿي. جڏهن ته Solstices اها موسم آهي، جنهن ۾ سج صفا ڏکڻ وچي اتر

ڏانهن موٽ ڪائيندو آهي. (يعني ڊسمبر جي اتڪل 25 تاريخ). جڏهن تہ ٻين چئن کي سفيد موسمون سڏيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت انسان قديم دور کان وٺي مختلف ساين ٻوٽين جو استعمال ڪندو آيو آهي. سائي رنگ جو واسطو سائي رنگ جي ٻيلي جي ديويءَ ۽ ديوتا سان واسطو رکي ٿو. اهي قديم دور جا ماتا Primal Mother ۽ پيءُ Primal Father جو درجو رکندا هئا. اها ڌرتي ماتا ديوي ۽ ٻيو ٻيلي جو ديوتا هو. هن کي جادوءَ ۽ پرين جو رنگ سڏيو ويندو Lord of wild wood آهي ۽ رنگ ڏيڻ وارن مختلف معاشرن جي اصول سان تعلق رکندو آهي. هيءُ رنگ فقط اهي ماڻهو پائي سگهندا آهن، جن جو فطرت سان واسطو هوندو آهي. اهڙيءَ ريت سائو رنگ ٻين ماڻهن لاءِ پاپ هوندو آهي. آئرلينڊ جا ماڻهو هن کي اڄ بہ نياڳ جو رنگ سمجهندا آهن.

سائي رنگ وارو مذهبي فرقو اهڙو ٻڻ ٻنياد هوندو آهي، جنهن تي ٻيون ڪيتريون روايتون ٻيٺل هونديون آهن. هيءُ هڪ مضبوط بنياد آهي، جنهن کي قديم مذهب سڏيو ويندو آهي، جنهن کي ضرورت آهر ڪتب آندو ويندو آهي، يعني ضرورت وقت ديوتا ڏانهن رجوع ڪيو ويندو آهي. گرين (سائو) مذهب هڪ فطري عمل هوندو آهي، جنهن ۾ جادوگرياڻي ڌرتيءَ جي نہ هوندي آهي، پر اها خود ڌرتي هوندي آهي. هن قسم جي مذهبي فرقي ۾ ڪي رسمون ادا ڪرڻ، ڪن عقيدن جو مجموعو گڏجي دعا گهرڻ، ڪن خاص شين جي موجودگي ۽ ڪن مخصوص اصولن جي پابندي هرويرو ضروري ڪانہ هوندي آهي. پر اهڙيون ڳالهيون اختيار ڪيون وينديون آهن، جن کي عامل سولائيءَ سان حاصل ڪري سگهندو آهي. جادوءَ واسطي ساوڪ سان لاڳاپيل مواد فطرت مان چونڊيو ويندو آهي. جهڙوڪ، پٿر، ڪاٺيون، گل، سايون ٻوٽيون، ڪنڀ، ڪوڏ وغيره. پر ڪي ٺهيل شيون جهڙوڪ ميڻ بتيون، تاندورن مان ٺاهيل ڏوريون، تيل، قدرتي تاندورن مان ٺهيل سوٽي ڪپڙو ۽ اوني ڪپڙو وغيره.

هن ۾ اهم ڳالهہ اها هوندي آهي تہ جادوگرياڻيءَ ۽ ديوتا کي هڪ سمجهيو ويندو آهي. اهڙي ريت جادوگرياڻي ۽ ڌرتي هڪ تصور ڪئي ويندي آهي ۽ جادوگرياڻيءَ ۽ ديوتائن جون علامتون Elementals

هڪ سمجهيا ويندا آهن. جيئن ڌرتي هن شمسي نظام جو حصو آهي، تيئن جادوگراڻيءَ کي به ان نظام جو حصو سمجهڻ گهرجي. ان ڪري اها جاوگرياڻي ساريءَ ڪائنات جو حصو آهي، جنهن ۾ هر ڪير ڏارا شامل آهي، ان ڪري اها جادوگرياڻي انهن سڀني جو اتوٽ انگ آهي. هن فطري مذهب جو رنگ Norse/Teutonic ۾ ڏسبو آهي، جو پڻ لامذهب فرقو آهي، جيڪو گهڻن قسمن جي ديوي lady Freya ۽ ديوتا lord Frey جي نمائندگي ڪندو آهي، جيڪي خوشحاليءَ، پِسُن، پوکي راهيءَ ۽ زندگيءَ جي ديوي ۽ ديوتائون هوندا آهن. هن قسم جي مذهب جا پوئلڳ جنگي ويڙهاڪ ڪونه هوندا هئا، نه وري پوئين دور جي مذهب جا ملان موراڻا هوندا هئا، پر اهي ماڻهو هئا فطرت جي موسمن ۾ پاڻ منجهه ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهه سان رهندا هئا. هنن ماڻهن جي ديوين ۽ ديوتائن جا نالا به اهي هوندا، جيڪي قديم مذهب جي ديوين ۽ ديوتائن جا نالا هوندا هئا. انهن جا نالا مختلف قسم جي ورثن مان چونڊيا ويا هئا، جن کي ديوي Lady ۽ ديوتا Lord جي نالن ۾ ترجمو ڪيو ويو هو ويا اهي قدرت جا مختلف رخ هئا.

هن ڪتاب جي متن ۾ ڏنل حوالا بلڪل مختصر آهن. انهيءَ ڪري ته جيئن پڙهندڙ لاءِ ڪتاب جو مطالعو سولو ٿي سگهي، پر ڪتاب جي ببلوگرافي ۾ تمام گهڻو مواد موجود آهي ۽ سنجيده قسم جو پڙهندڙ ان مان گهڻو استفادو ڪري سگهي ٿو. اهڙن ڪيترن ڪتابن ۾ هيءَ حقيقت به موجود آهي ته اهي ڪيلٽڪ ماڻهو نقل مڪاني ڪري Iberian Peninsula جي اتر اوير حصي ڏانهن هليا ويا هئا. جنهن کي بعد ۾ اسپين سڏيو ويو هو. اسپين تي لکيل اهڙن ڪتابن ۾ Galician ورثي تي به بحث ڪيو ويو هو شرنايون bag pipes وڄائيندا ۽ ڪيلٽڪ قسم جو ناچ ڪندا هئا. عالمن کي اها خبر آهي ته ڪيلٽڪ گئليشيا ۾ آباد ٿيا هئا، جيڪي بعد ۾ وري آئرليند ۾ اجها اڏي ويٺا هئا. تنهن ڪري گئليشيا ۽ آئرليند جي ماڻهن ۾ روايتي قسم جون هڪجهڙايون موجود ڏسجن ٿيون.

ٻوليءَ جي مطالعي ۽ يورپي ٻولين جي مختلف شاخن جي لفظن جي استخراج derivations مان پتو پوي ٿو ته اهي بعد ۾ حجرت ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍي کنڊ ڏانهن هليا ويا هئا. اهڙيءَ ريت انڊو يورپين جي ٻولين جي ڪيترن ئي خاندانن کي اڄ تسليم به ڪيو ويو آهي، اهڙا ڪيترائي مورخ آهن، جيڪي چئي رهيا آهن ته ڪيلٽڪ ماڻهن جو هندستان سان تعلق نه آهي. هنن پنهنجي مطالعي کي فقط ان حد تائين محدود رکيو آهي. هاڻي الهندي دنيا جي هندستان پاڪستان واري ننڍي کنڊ ۾ دلچسپي گهڻي وڌي وئي آهي. واضح آهي ته ٻولين ۽ ماڻهن وچ ۾ موجود لاڳاپا مذهبي تعلقاتن جي شڪل اختيار ڪري وڃن. هن ڪتاب ۾ اوهان کي اهڙي قسم جا خيال ڏسڻ ۾ ايندا، جو ڪڏهن ڪريٽ ٻيٽ Knossos پنهنجي گوناگون حيثيت ۾ موجود هئا ۽ اوهان پنهنجي هٿ ۾ ڍيري جي تند جهلي، ورن وڪڙن وارا رستا پار ڪري، ان مذهب جي اصلي مرڪزي حصي ۾ وڃي پهچندا ۽ ساڳيءَ ڍيريءَ جي تند جي آثار تي وري موٽي اچي ان جڳهه تي پهچندا جتان اوهان هليا هئا.

باب پهريون

# نندڙو ڪنڊو
# سپيتا جو پهريون هندورو

معزز عورتون ۽ معزز مرد زندگيءَ، موت ۽ نئين زندگيءَ جي ناچ واسطي متحد ٿيا آهن. اوهان پنهنجا هٿ پنهنجو تعلق ماڻهن ڏانهن وڌايو انهيءَ لاءِ تہ جيئن اسان پنهنجا هٿ اوهان جي هٿن ۾ ڏيون ۽ اوهان اسان کي جهالت جي پاتال مان ڇڪي ڏاهپ جي سهائي ۾ پهچايو.

اسان ڏانهن ڏسو اسان شڪل ۽ سگهہ ۾ اوهان سان گڏ آهيون ۽ اوهان اسان سيني جي اندر ۾ موجود آهيو. پوءِ پلي اهو نندڙو نشان هجي.

*ائن مورا ـ بوڪ آف شيڊوز*

پراچين ڌرم جادو منتر سان شروع ٿيو هو. وِڪا Wicca ۽ نئون لازمي فرقو دنيا جي قديم نقطئہ نظر جا نئين سر زنده ٿيڻ وارا عام قسم جا نالا آهن. جادو منتر جي هن پراچين ڌرجون پاڙون Shamanistic ۽ naturalistic عقيدن جي آفاقي اندروني لاڳاپن اندر گهريون کتل آهن. جيڪي انسان ذات جي روحاني روايتن اندر پيئل آهن ۽ اهي موجوده دور تائين ڇاتل سڃاتل قديم ترين روايتون آهن. اهو بہ معلوم ٿي رهيو آهي، تہ پراچين سمي کان وٺي هن قسم جي ڌرمي عقيدن اندر معاشري جي اقتصادي سياسي ۽ نون مذهبن جي تبديلين جو هاڪاري ۽ ناڪاري اثر نظر اچي ٿو جنهن هميشه جدت جي واهر ڪئي آهي، ان باوجود هن قديم مذهب اهڙين تبديلين هوندي بہ ڌرتيءَ تي موجود حياتيءَ جي لاڳاپن جي گهري شعور وارن گڻن ۽ ستارن اندر اسان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيثيت کي وڃايو ڪونہ آهي.

هن ڌرم جي پوئلڳن کي ڪائنات جي متحرڪ جسمن، جھڙوڪ شهاب ثاقب ۽ پڇڙ تارن جي ڄاڻ آهي. ڪين ڪير ڌارائن، نيبيولاز nebulas ۽ بلئڪ هولس black holes جي بہ معلومات آهي. اهو بہ سمجھون ٿا تہ ٻين گرهن تي بہ حياتيءَ جو امڪان آهي. هن سيني کي ساڀيان ڪرڻ لاءِ اسان پنهنجا سڀ وسيلا ڪم آڻي رهيا آهيون تہ اسان کي هاڻي هي سوچڻ نہ گھرجي تہ اسان هن ڪائنات کان الڳ ۽ اڪيلا آهيون. هن ڳالهہ کي تسليم ڪرڻ اسان جي ضرورت آهي، اسان هن ساريءَ ڪائنات جي زندگيءَ جي وسيع نموني جو هڪ جزو آهيون. اهڙيون ڳالهيون اسان کي فطري روحانيت ۽ پنهنجي انهن وڏڙن جي عملي ڏاهپ ڏانهن واپس موٽائن ٿيون، جيڪي ذهانت طور جدت پسند هئا، جن جو واسطو اسان جي دنيا جي سائنسي سچائين سان هو. قديم مذهب جو اهو مقصد ڪونہ هو تہ ان کي اهنڊ ۽ غير مناسب سمجھيو وڃي. اهو تہ هن ڪائنات جو عقلمندانہ اظهار هو. هنن کي انهيءَ زماني ۾ عقلي ۽ روحاني مذهب تصور ڪيو ويندو هو. جادو منتر Witch craft ۽ وِڪا Wicca لفظن کي جرمن ٻوليءَ ۾ سائنس جي بڻ بنياد جا لفظ root words سمجھيو ويندو آهي. Anglo-saxon ٻوليءَ ۾ هنن لفظن جي معنيٰ ڏاهپ آهي. هن جو مطلب جسم، عقل ۽ روح جو ميلاپ هوندو آهي، جنهن وسيلي قديم مذهب جو پوئلڳ جز بدران ڪل بڻجي ويندو آهي.

هيءُ قديم مذهب پراچين سمي کان وٺي سماج جي ثقافتي تبديلين مطابق رهندو آيو آهي. پر غير همدرد ۽ غير دوست سياسي شخصيتن طرفان مزاحمت ۽ ڏاڍ ڏمر بہ سهندو رهيو آهي. ان کان پوءِ بہ محفوظ رهندو آيو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ پراچين سگھہ جون سچايون ابناسي ذاتي ۽ اصلي هونديون آهن. موجوده دور جي ابجد جي علامت ٻن ندين جي سنگم جھڙي هوندي آهي. جڏهن تہ ڪاري رنگ جي سڱي black thorn اٽبڻت ۽ جھڳڙي جي نمائندگي ڪندي آهي، جيڪا قديم دور کان وٺي هن ڌرم ۾ هن ڌرم جي پوئلڳن ۾ حالتن جي علامت سمجھندي ويندي آهي. ان کي سفيد سڱيءَ White thorn ۾

بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. يعني دٻاءَ مٿان غلبو حاصل ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت سياسي قوتون قديم روحاني رستن جي پوئلڳن کي قانوني ۽ انصافي طور واهر ڪنديون آهن.

لامذهب جي پاڙن کي ڳولي لهڻ لاءِ پوئين پيير ماضيءَ منجهان گذرڻو پوندو. ثقافتي ۽ سماجي تبديلين کي جاچڻو پڙتالڻون پوندو سياسي بيانن، احتجاجي ۽ بيزار قسم جي عملي سرگرمين کي بہ سچيتائيءَ سان ڏسڻو پوندو. ان کان پوءِ قديم مذهب جي صاف شفاف مرڪزي حصي ۾ پهچي سگهجي ٿو ھي حياتيءَ جي ڏگهي سفر کي ڳولي لهڻ جي ڳالائوءَ جو طريقو هوندو آهي تہ هو پهريائين پوئتي ويندو آهي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن اڳتي وڌڻ لاءِ ڪيس هڪ نئين سگهہ ملي سگهي. اهڙيءَ ريت گم ٿي ويل ورثي کي ڳولي لهڻ لاءِ ڳانڍاپي واري سڳي کي سڃاڻڻ گهرجي ۽ انهن سڳن جي آثار تي پوئتي هٽي پوءِ اڳتي اچي موجوده دور ۾ پهچجي. اسان کي ائين تاريخ ۾ هليو وڃڻ گهرجي، جيئن اسان ڪنهن ڪم جي شروع ڪرڻ مهل موجوده دور جي حالتن کي ڏسندا آهيون.

انساني تاريخ جو ملهہ هر نسل سان نئينءَ سر ڪٿيو ويندو آهي ۽ گهڻو ڪري نتيجا ان دور جي سياسي، ثقافتي، معاشرتي ۽ مذهبي مطالبن سان چٽيل ڏسبا آهن. اهو مطالعو ڪرڻ تہ ڇا هي سچ يا روايت آهي تنهن جو فقط Historiography جي ميدان ۾ ئي پتو پئجي سگهجي ٿو. اهو ئي طريقو آهي جنهن وسيلي ڳولائوءَ لاءِ تاريخ جي سڳن کي کولڻو يا ان سٽ کي سلجهائڻو آهي. اهو ڏٺو ويو آهي تہ جڏهن سياست ۽ مذهب پاڻ ۾ ہٿ ۽ جهٽ ٿيندا آهن. علم ۽ ڄاڻ لاءِ ڪِيس ۽ ڪلور جا آڙهہ دکي پوندا آهن ۽ اهڙو پتو مغرب جي هزار سالن جي تاريخ مان بہ پوي ٿو. هڪ ڳولائوءَ کي ڏاهپ کي ڳولي لهڻ واسطي سچيتائي سان جستجو ڪرڻي پوندي ۽ اڳتي وڌي اسڪولن جي نصابي ڪتابن کان گهڻو اڳتي ڏسڻو پوندو. حقيقت ۾ ان بدران تحقيق معنيٰ نئين رستي سان پنڌ پوڻ آهي. قديم آثارن جي ماهرن ۽ تاريخدانن تازيون دريافتون ڪيون آهن. جيڪڏهن اسان سيپتا جي سچيءَ اصليت تي پهچڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي ان تحقيق جي جاچ پڙتال ڪرڻي پوندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪري اسان ڪي Tarot Cards جي پروهت Hermit وانگي هٿ ۾ بتي کڻي رستي کي ڳولڻو پوندو ۽ پنهنجي اڇڻ وارن لاءِ راهه کي روشن ڪرڻو پوندو. ائين ڪرڻ کان سواءِ ڪا ٻي واهه به ڪانه رهي آهي. هي ٽئروٽ Tarot جي ميجر آرڪانا Major Arcana جو نائون پتو آهي، جيڪو خوبصورتيءَ واري هن احساس جي علامت هوندو آهي، جو سندس هڪ هٿ ۾ لٺ ۽ ٻئي هٿ ۾ بتي هوندي آهي ۽ نئين رستي کي روشني ڪندو رهندو آهي. هو هڪ رستي کي روشن ڪرڻ کان پوءِ مختلف طرفن ڏانهن ويندڙ رستن کي روشن ڪندو رهندو آهي.

## تاريخ وسيلي ڳولا

اسان کي ڪهڙو رستو جادوگريءَ جي اصليت ڏانهن وٺي ويندو؟ قديم مذهب جون اصلي پاڙون ڪهڙيون آهن؟ فطرت ۾ موجود وحدت جي بنيادن تي بيٺل اصلي مذهب کان ماڻهو ڇو ڀڄي رهيا آهن؟ تنهن ڪري روحاني رستي جي ارتقا کي سمجهڻ واسطي تاريخ جي نئين پس منظر جي ضرورت آهي. ببليوگرافيءَ ۾ ڏنل ڪتابن جي مطالعي وسيلي اهڙي جاچ پڙتال جي ابتدا ڪري سگهجي ٿي. پر مان هتي انهن ڪتابن جي ساري مطالعي جو هڪ ڳوڙهو نچوڙ پيش ڪري رهي آهيان.

گهڻن مورخن ۽ عالمن هن قسم جون دريافتون ڪيون آهن ته قديم ترين انساني تهذيب روايتي طور تسليم ٿيل انهن ايراضين، جهڙڪ ميسوپوٽاميا Mesopotamia يا مصر مان ڪانه ڦٽي نڪتي آهي، پر هنن ٻنهي علائقن جي پاڻ ۾ جوڙ ڪيل ايراضيءَ کان وسيع سنڌو ماتريءَ مان پيدا ٿي آهي، جنهن کي هاڻي سنڌ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اهڙيون دريافتون جڳ مشهور عالمن، جهڙوڪ جان مارشل John Marshall، جوزيف ڊبليو هال Joseph W. Hall، جئڪيوٽا هاڪس Jacquetta Hawkes، ولڊيورانٽ Willdurant (پڙهيل اوچي طبقي جا ماڻهو هن کان انهيءَ ڪري نفرت ڪندا آهن. ڇاڪاڻ ته هي انسان عام ماڻهن واسطي قديم آثارن جي تحقيق ڪندو آهي.) ان کان سواءِ ڪوٽي برلئنڊ Cottie Burland، آلئن ڊئنيلائو Alain Danielou، چارلس پڪارڊ Charles Picard ۽ ائني راس Anne Ross ڪيون آهن.

هنن کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي مورخ ۽ عالم آهن. سنڌ اها ئي واحد جڳهہ آهي، جتي يورپ جي لامذهب فرقي جون پاڙون ڪٽل آهن. نہ اهو پر يورپ جي جديد مذهبن جا بنياد پڻ هن ڌرتيءَ سان لاڳاپيل آهن. اسان کي پنهنجون نظرون ان عجيب غريب ڌرتيءَ هندستان پاڪستان تي مشتمل ننڍي کنڊ ڏانهن ڦيرائڻ گهرجن، جيڪو ڪڏهن هڪ ملڪ هو جنهن کي انگريز سرڪار زبردستيءَ ورهائي، هڪ ٻئي جي دشمن مذهبي فرقن جي حوالي ڪري ڇڏيو جيڪو قديم مصر ۽ قديم يونان کان گهٽ وڌيڪ ترقي يافتہ علائقو هو.

سنڌ جي هيءَ ڌرتي عمان کان پرئين پاسي، عربي سمنڊ جي اتر پاسي آهي، جنهن کي مغربي ملڪن 1925ع تائين وساري ڇڏيو هو. اتان جي ماڻهن کي هنن قديم شهرن جي موجودگيءَ جي خبر هئي، جيڪي صدين کان وٺي هنن جڳهن جون سرون ڪڍي ڪتب آڻيندا رهندا هئا. پر جڏهن ويهين صدي عيسويءَ ۾ قديم آثارن جي ڪاتي طرفان هنن ماڳن جي کوٽائي ۽ کوجنا تي ۽ اتان ثقافتي شيون مليون تہ پتو پيو تہ سنڌو ماٿريءَ جي هنن قديم شهرن جو وچ مشرق قريب تي تمام گهٽو اثر هو. اهو بہ وضاحت سان معلوم ٿي رهيو آهي تہ هتان جي شهرن ۽ آبادگارن جي تعمير ئي مشرق قريب جي شهرن جي تعمير جو اتساهہ ڏنو هو. هنن ٻنهي علائقن ۾ نہ رڳو ڪاپي جي شين جي تجارت هلندي هئي، پر هتان کان مشرق قريب ڏانهن ديويون ۽ ديوتا بہ موڪليا ويندا هئا. اسان کي اهڙين دريافتن لاءِ سنڌو ماٿريءَ جو سفر ڪرڻ گهرجي.

سنڌو سڀيتا سمير Sumer، مصر ۽ بابل جي تهذيبن کان گهٽو آڳاٽي آهي. اها ٻن مختلف نالن جهڙوڪ موهن جو دڙو ۽ هڙاپا سان ڄاتي سڃاتي وڃي ٿي. هڙاپا پنجاب ۾ واقع آهي. هي شهر ذڪرڻ طرف سنڌ ۾ موجود موهن جي دڙي کانپوءِ تعمير ٿيو آهي. هي دراوڙي دور جا شهر آهن. اها بہ معلومات ڪانہ آهي تہ اهي نالا ڪٿان آيا ۽ شهرن جي تعمير ڪهڙي زماني ۾ ٿي هئي. هندستان پاڪستان يعني ننڍي کنڊ جي ماڻهن جي هڪ گروهہ جو نالو دراوڙا آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهي ماڻهو سنڌ جا اصلي رهواسي آهن. مان بہ هن دراوڙ نالي کي وڌيڪ اوليت ڏئي رهي آهيان. ڇاڪاڻ تہ هي نالو حقيقت کي ڳولي

لهڻ لاءِ تسلسل جو ڪم ڏيندو رهندو. دراوڙا اسان لامذهب ماڻهن واسطي Hermit Card جي حيثيت رکندا آهن. هن نالي کي اسان بتيءَ وانگر مٿي جهلي ڏنڌاتيل ماضيءَ ۾ پيهي ويندا آهيون.

سنڌو سڀيتا هماليه کان وٺي عربي سمنڊ تائين پکڙيل ڏسجي ٿي. مورخن جو پهريون نظريو هو ته ايتري وڏي ايراضيءَ جو سبب ٻن علائقن جي گڏجڻ ڪري ٿيو آهي، جن جون ٻه راڄڌانيون موهن جو دڙو ۽ هڙاپا ۾ هيون. ان کان پوءِ هڪ ٽيو وڏو شهر دريافت ٿيو جنهن سان گڏ ستر وسنديون به هيون. هنن سڀني ماڳن جو تعلق سنڌ سان آهي. تنهن ڪري قديم آثارن جي ماهرن جو خيال هو ته سنڌو سڀيتا اندر هڪ ٻئي سان باهمي امداد واسطي شهرن يا شهري رياستن جو هڪ جار وڇايل هو. شهري رياستن ناتي مون کي معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته يونان جون شهري رياستون ڪنهن قديم طرز جو نقل هيون، جيڪي اڄ يورپ جي ترقيءَ جو بنيادي اهڃاڻ سمجهيون وينديون آهن.

موهن جي دڙي جون ڪيتريون مهرون سمير مان هٿ لڳيون آهن. (جيڪي هٿ جي چيچ ۾ پائي سگهبيون هيون). اهڙيءَ ريت قديم دور سان لاڳاپيل ڪاريهر نانگ جون مورتيون پڻ ميسوپوٽاميا مان هٿ لڳيون آهن. جن جو واسطو به سنڌو ماتريءَ سان هو. ان کان سواءِ سمير مان اهڙا حوالا هٿ لڳا آهن، جن ۾ ميلوڪا Melukka نالي ملڪ جو ذڪر آهي. چيو وڃي ٿو ته اهڙو اشارو سنڌو ماتريءَ ڏانهن آهي. مٿي بيان ڪيل ٻن ماڳن مان هٿ آيل شاهدين جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته سمير وارا سنڌو سڀيتا جي شهرن مان ڪي شيون درآمد ڪندا هئا، پر ڪابه اهڙي شيءِ نظر ڪانه ٿي اچي جيڪا سمير سنڌو ماتريءَ ڏانهن برآمد ڪندو هجي. هن وايومنڊل مان چڱيءَ ريت سمجهي سگهجي ٿو ته سمير، سنڌو سڀيتا جي هڪ ڪالوني هو. اهڙي تجارتي ڏيتي ليتي فقط ڪالونيءَ سان بحال رکي ويندي آهي. اهو به معلوم ٿي رهيو آهي ته سنڌو سڀيتا وسيع صنعت جي مالڪ هئي. اهو ائين آهي جڻ انگلينڊ پنهنجي ڪالوني آمريڪا کي تيار شيون موڪليندو هجي، پر هاڻي اهو تصور قائم ڪيو پيو وڃي ته سنڌو سڀيتا پنهنجي ڪالوني سمير واسطي ماءُ پيءُ جو ڪردار ادا ڪري رهيو هو.

اهو بہ نظر اچي رهيو آهي تہ موهن جو دڙو 4000 ق. م ڌاران ترقيءَ جي معراج تي هو. جنهن کي وچولي دور جي يورپي شهرن، جهڙوڪ پيريڪل جي دور جو اٿينس ۽ ٻين شهرن سان ڀيٽائي سگهجي ٿو. پر جيتري قدر شهر جي صفائيءَ سٿرائيءَ جو تعلق آهي تہ وچين دور جا اهي يورپي شهر 4000 ق. م واريءَ سنڌو سڀيتا جي شهرن کان گهٽ پوئتي هئا. هن حقيقت تي سوچيو ويچاريو تہ اسان وچين دور جي يورپ جي فن، وڏين گرجائن جي تعمير جي طرز، قلعن جي جوڙجڪ، قلعي کان ونئي شهر جي جڳهن جي ڏنگي ڦڏي تعمير ۽ هڪ ٻئي ۾ ڦٽيل گهٽيون سوڙهيون ۽ ور وڪڙ، ماڻهو مٿينءَ ماڙ جي دريءَ مان گند ڪچري سان ڀريل ٽوڪرا هيٺ اڇليندا، جيڪي سڌو وچي وچ گهٽيءَ ۾ ڪرندا، پر پوءِ بہ اسان ان دور جي يورپ تي فخر ڪندا آهيون. ان مهل اسان کي سنڌو تهذيب ڏانهن بہ ڌيان ڏيڻ گهرجي، جنهن جو واسطو 4000 ق. م سان آهي، جنهن جا رستا ۽ گهٽيون سڌيون آهن، ڪني پاڻيءَ جي نيڪال جو انتظام آهي، عوامي سهوليت واريون ڪيتريون ئي شيون موجود آهن. ان کان سواءِ Civic Centers موجود آهن، جيڪي عوامي سهوليت مهيا ڪرڻ جي مقصد سان جوڙيا ويا آهن.

هن حقيقت کي ثابت ڪرڻ لاءِ تمام گهڻيون شاهديون موجود آهن تہ وچ مشرق جي تمام قديم تهذيب "سمير" سنڌو سڀيتا کان شروع ٿي آهي ۽ مذڪوره تهذيب سنڌو سڀيتا جي هڪ ڪالونيءَ برابر هئي. هتي تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ سنڌو ماٿري حقيقي معنيٰ ۾ "تهذيب جو هندورو" هئي ۽ هيءَ ڄاتل سڃاتل قديم ترين تهذيب آهي. مون کي خوشي ٿي رهي آهي تہ هن تهذيب کي هاڻ اسڪول جي نصاب ۾ جڳهہ ملي آهي، پر ان لاءِ هي جملو بہ لکيو ويو آهي تہ "اسان هن ماڳ بابت گهڻو ڪونہ ٿا ڄاڻون، پر حقيقت ۾ اها قديم ضرور آهي. اسان هاڻي (حضرت) موسيٰ (ﷺ) ۽ سندس ڏهن اهم حڪمن Ten Commandments بابت ڳالهائيندا سون." بدقسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ اهي تحريرون سنڌو سڀيتا جي دور سان سهمت ڪونہ آهن. اهو سمجهائڻ ۽ ثابت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي تہ سنڌو سڀيتا مصر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سمير واريءَ تهذيب کان ڪيترو قديم آهي پر ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو ته اها ايتري قديم آهي جو سندس قدامت جو ڪير به پتو لڳائي ڪونه سگهيو آهي، ته اها ڪيتري پراچين آهي، پر هاءِ اسڪول جي نصابي ڪتاب ۾ موجود آهي ته سنڌو سڀيتا مصر جي تهذيب کان 2700 ق. م قديم آهي، پراسان پنهنجي اندازي موجب ان کي اجا به گهٽائي 1200 ق. م قديم سمجهون ٿا. جيڪڏهن اسان اهڙا متضاد بيان ڏينداسون ته شاگرد آخر ڇا سوچيندا ته پهريائين ڇيو ويو آهي ته اها پئرامڊس Pyramids کان پراڻي آهي. بعد ۾ چيو وڃي ٿو ته ان پوئين دور سان تعلق رکي ٿي.

موهن جي دڙي جي دريافت کان پوءِ مغربي دنيا واٺڙي ٿي وئي هئي. ان ڪري ويهينءَ صديءَ جي ابتدا وارو پڙهيل مٿيون طبقو هن نندي کنڊ جي تاريخ، فلاسافيءَ ۽ قديم آثارن جي گهري مطالعي لاءِ مجبور ٿي پيو هو. اهڙي معلومات ڪن باوقار رسالن ۾ مقالن ڇپجڻ تائين رهي ۽ اسڪولي تعليم جي نصاب تائين پهچي ڪانه سگهي هئي. ان جو مکيه ڪارڻ اهو هو ته ان وقت ننڍو کنڊ برطانيه جي ڪالوني هو. انگلينڊ ۾ ننڍي کنڊ جي ماڻهن کي ڪارو سڏيو ويندو هو ۽ انهن سان نسلي امتياز رکيو ويندو هو. اهڙي ريت ننڍي کنڊ ۽ برطانيه جي ماڻهن جي وچ ۾ موجود تعلقاتن کي سماجي اصولن جي پيچڪڙي سمجهيو ويندو هو. انهيءَ هوندي به برطانيه جي اعليٰ تعليمي ادارن مخالف رخ اختيار ڪيو هو جنهن جو واسطو انساني ترقيءَ واري نظريي سان هو. انهن کي هن لائق نه سمجهيو ويو آهي، جو هتي مٿن بحث ڪري سگهجي. ان ڪانپوءِ ننڍي کنڊ جي قديم ماڳن جي کوٽائين ۽ کوجنائن واسطي نه فنڊ ڏنا ويا، نه وري ڪو ڌيان ڏنو ويو. بعد ۾ برطانيه ننڍي کنڊ کي ٻن مذهبي گروهن ۾ ونڊيو ۽ هندستان ۽ پاڪستان نالي به جدا ملڪ قائم ڪيا، جن مان هڪ هندن ۽ ٻيو مسلمانن واسطي هو. هن ورهاڱي جو نتيجو اهو ٿيو هو جو سنڌو سڀيتا جي کوٽائين ۽ کوجنائن جي رفتار ڍاڍي سست ٿي وئي هئي. اسلامي ملڪ کي سنڌو سڀيتا جي انهن ماڳن جي کوٽائين ۽ کوجنائن سان ڪو جذباتي لاڙو موجود ڪونه هو. جيڪي سندس حدن اندر سنڌوءَ

جي علائقي ۾ موجود هئا. ان جو اڪيلو ڪارڻ اهو هو تہ اهڙين ڪوتائين ۾ ڪوجنائن وسيلي نتيجي ڪنڌ جي ثقافي اصليت نڪري نروار ٿيڻ واري هئي، جيڪا ديوين ۾ ديوتائن جي شڪل ۾ هئي. ان هوندي بہ ڪجهہ ڪوتايون تي رهيون هيون.

قديم آثارن جي ڪوتاين ۾ ڪوجنائن وسيلي دريافتن جي شاهدين آڌار اهو نتيجو ڪڍڻ آسان تي ويو هو تہ ڪريٽ Crete جي ٻيٽ تي ڪنسوس Knossos ۾ مِنان Minoan وٺاري تهذيب، سنڌو تهذيب موهن جي دڙي جون ڪالونيون هيون. سنڌوءَ واري علائقي ۾ ماڻهن جا بہ نسل رهندا هئا. جيڪي پاڻ ۾ ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهہ سان رهندا هئا. منجهن نسلي يا طبقاتي ڀيد ڀاءُ ڪونہ هو. اهڙيءَ ريت سنڌ جي ماڻهن پنجاب جي ماڻهن سان گڏجي هڙاپا جو بنياد رکيو هو. هي قداورن ماڻهن جو نسل هو. چيو وڃي ٿو تہ انهن جو Proto Australoid نسل سان واسطو هوندو جن جا متا ڏگها ۽ نرڙ ڪان متي جون اڳيون حصو ويٺل ۽ نرڙ ٻاهر نڪتل هو. هنن ماڻهن جو نسل وچ ۾ ڏکڻ هندستان جي جهنگلن ۾ اڄ بہ موجود هوندو. اهو بہ تسليم ڪيو ويو آهي تہ هن نندي ڪنڌ جا اصلي ماڻهو ان انساني نسل جا نمائندا آهن، جن کي Kalahari Bushmen ۽ Pygmies سڏيو ويندو آهي. امڪان آهي تہ اهي بہ سنڌ مان نقل مڪاني ڪري اتي پهتا هئا. هن کان سواءِ ڪي ٻيا ماڻهو بہ ڏکڻ هندستان جي دراوڙي ثقافت ۾ شامل هئا. جن جو پس منظر ميڊيٽرانين Mediterranean هو. هي ماڻهو قد جا لانبرا هئا ۽ سندن نرڙ اڳتي نڪتل هئا.

موهن جي دڙي جي ڪوتاين ۾ ڪوجنا مان ڄاڻ ملي آهي تہ هتان جا واسي شهري ثقافت جا نهايت مهذب ماڻهو هئا. جن جي سماج ۾ اقتصاديات مضبوط بنيادن تي بيٺل هئي. هي شهر ايڏو تہ پراچين آهي، جو ڪوبہ ماهر ڪوتائي ۾ ڪوجنا ڪري ان جي ثقافت جي چوٽ تائين پهچي ڪونہ سگهيو آهي. ڪوتائي ۾ ڪوجنا ڪيترو بہ گهري تي آهي، پر اها ان نڪتي تي پهچي ڪانہ سگهي آهي، جنهن کي تهذيب جي ابتدا سڏي سگهجي. هن ماڳ جي ڪوتائيءَ ۾ ڪوجنا مان اهو معلوم تي رهيو آهي تہ هيٺين تهن وارو شهري ماڳ ڪوتائي ڪري ظاهر ڪيل شهر کان گهڻو وڌيڪ خوبصورت آهي. بدقسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ هن قديم

شهر جا باقي تهہ جر جي پاڻيءَ هيٺان آهن. تنهن ڪري هن تهذيب جي اصلي قدامت ۾ هن شهر جي ابتدا اڻڄاتل رهجي ويا آهن.
هڪ تڪنڊي جو تصور ڪريو جنهن مٿان واري ڪنڊ اوچي آهي.



Celtic Cernunnos هيءَ جي تصوير آهي، جيڪا موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل شِوَ ديوتا جي مورتيءَ جهڙي آهي.

ڪاهي پاسي واري ڪنڊ ڏرتيءَ کان مٿي اُيري ٿي، جيڪا آهستي مٿي ٿيندي وڃي ٿي. هي سڀيتا جي ابتدا جو دور آهي، جيڪو مٿي وڃي اوچائيءَ ۾ شان شوڪت واري نڪتي تي پهچي ٿو. اوچائيءَ واري هن نڪتي کان پوءِ تڪنڊي جو ساڄو پاسو هيٺ لهنوارو ٿيندو وڃي ڏرتيءَ سان لڳي ٿو. هي پاسو سڀيتا جو زوال يا ان جو خاتمو ڏيکاري ٿو قديم آثارن جو ماهر کوٽائي ۾ کوجنا جو ڪم ڏرتيءَ جي ان حصي وٽان شروع ڪري ٿو جيڪو تڪنڊي جي ساڄي طرف جي بنياد وارو حصو آهي. هن نڪتي وٽان ماهر جيترو گهري کوٽائي

ڪندو ويندو ايترو هو سپيتا جي اوچائيءَ واري نڪتي جي ويجهو پهچندو ويندو. مثال طور موهن جي دڙي جهڙي ماڳ جي شروعات واري نڪتي کان وٺي اوچي ۽ اعليٰ نڪتي وٽ پهچي ٿي. اهو اوچو ۽ اعليٰ نڪتو فقط تڏهن سڃاڻي سگهجي ٿو جڏهن هيٺ گهرائيءَ مان هٿ آيل ثقافتي شين ۽ جڳهن جي طرز اڳي دريافت ٿيل ثقافتي شين ۽ جڳهن جي طرز معيار ۾ گهٽ ڏسڻ ۾ اچي. پر سنڌو سپيتا جي معاملي ۾ کوٽائي 6000 سالن جي تهن تائين پهتي آهي. پر معلوم ائين ٿيو آهي ته سنڌو سپيتا جي هيٺين تهن واريون ثقافتي شيون مٿين تهن وارين ساڳين شين کان معيار ۾ اعليٰ ۽ اوچيون آهن. هن جو مطلب اهو ٿيندو ته سنڌو سپيتا جي کوٽائيءَ ۽ کوجنا جو ڪم توڙ تائين پهچي ڪونه سگهيو آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته سنڌو سپيتا جو قدامت وارو نڪتو 6000 سالن کان هيٺ تي هوندو. اهو هن وقت تائين کوٽائي ۽ کوجنا جي ٿيل ڪم جي آثار تي چئي سگهجي ٿو. تنهن ڪري هيءَ حقيقت سنڌ جي دراوڙ سپيتا کي گهٽ ۾ گهٽ 12000 سال قديم ثابت ڪري سگهجي ٿي. پر اهو ته اندازو آهي. فقط اندازو ڇو؟ ڇاڪاڻ ته قديم آثارن جي شاهدي ٻڌائي ٿي ته سنڌو ماٿري 470000 ق. م کان وٺي آباد رهندي آئي آهي.

اهو ياد ڪري مون کي اچرج ٿيندو آهي ته جڏهن مان پهريون ڀيرو اهڙي ڳالهه ڪئي هئي، ته ايڏي وڏي عرصي واري قدامت کي ڏسي ماڻهو مون تي تنقيد ڪرڻ لڳا هئا ۽ مون کي چوندا هئا ته توکي اهڙي توقع ڇو آهي، ته ماڻهو تنهنجيءَ ڳالهه تي سنجيدگيءَ سان اعتبار ڪري رهيا آهن. پر پنج سال پوءِ Popular Press اچرج جهڙو عام اعلان ڪيو هو جنهن جي مون کي ان ڪري اڳوات خبر هئي. ڇاڪاڻ ته قديم آثارن جي کوٽاين ۽ کوجنائن سان منهنجو واسطو رهندو آهي. ان اعلان دوران ميڊيا کي ٻڌايو پئي ويو ته 400000 سال پراڻا ڏٿا هٿ لڳا آهن ۽ عام ماڻهو انهن کي ممڪن سمجهي رهيا هئا. اهي ماڻهو جن اهي هٿيار ناهيا ۽ قبرن ۾ دفن ڪيا هئا، سي هڙپاتين نڪتل Slack-Jawed چنجهين اکين bug-eyed ۽ شڪل ۾ ائين باندر جهڙا ڪونه هئا، جيئن اسان کي

پنهنجن ابن ڏاڏن جون شڪليون ڏيکاريون ويندڍيون آهن.

مون کي اهو بہ تعجب ٿيندو آهي تہ اسان کي اهڙي عام قسم جي چاڻ بہ ڪانہ ٿي ڏني وڃي تہ برراني دور، بلڪ ان کان بہ قديم اسان جا وڏڙا نہ رڳو سبڻ ۾ ماهر هئا، پر اهي هار سينگار بہ ڪتب آڻيندا هئا. فن بہ ڄاڻندا هئا. ڪين تسلسل قائم رکڻ جو احساس هو. پنهنجي متن ماڻتن جي لاشن کي ڳيرڙي Ochre جو رنگ هڻي نيهّر (دفن) ڪندا هئا. اهو رنگ ڄم جي نشاني هو تنهن ڪري اهي وري نئين سر ڄمڻ جي علامت طورلاشن کي هڻندا هئا. اهي مڙهن کي سنئون سڌو دفن ڪندا هئا. اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ عورتن جي لاشن سان هٿيار بہ دفن ٿيل آهن. امڪان آهي تہ اهي هٿيار عورتن جا پنهنجا هوندا. عقلمند ماڻهو هيءَ حقيقت ضرور سولائي سان سمجهي سگهندو تہ آهيڙي سماج جون لائق عورتون لائق مردن سان گڏ پنهنجا هٿيار کڻي شڪار ڪرڻ ۾ حصو وٺنديون هيون، ڇاڪاڻ تہ اهو جياپي جو ماحول هوندو هو. هيءَ واضح حقيقت آهي، جنهن کي ظاهر ڪرڻ کان ڇو لنوايو ويو آهي؟ ڇاڪاڻ تہ اهڙين ڳالهين مان هڪ سچ نروار ٿي وڃي ٿو تہ هڪ سياسي ۽ مذهبي ڏارا اهو ميڄڻ لاءِ ڪڏهن بہ تيار ڪانہ آهي تہ عورتون مرد ماضيءَ ۾ گڏجي ڪم ڪندا هئا ۽ هڪ جهڙا ياڳي يائيوار هوندا هئا. اهڙي وايومنڊل ۾ اهم ۽ غير اهم وارو ڪوبہ سوال ڪونہ هو.

موجوده دور جون حڪومتون جديد مذهب کان گهڻو متاثر آهن. قانون ۽ ثقافت، تشدد ۽ تباهيءَ وارو اهڙو وايو منڊل جوڙي ورتو آهي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن ڪنهن بزرگ هستيءَ جي پيدا ٿيڻ لاءِ ڪو مناسب ماحول پيدا ڪجي تہ مؤمن تباهيءَ کان بچي وڃن ۽ لامذهب ماڻهو الاهي عذاب ۾ تباهہ ٿي وڃن. مان هن معاملي ۾ ڪجهہ ڪري ڪانہ ٿي سگهان، پر ايترو مشاهدو تہ ضرور ڪري سگهان ٿي تہ گهٽِين ۾ گهمندڙ ڦرندڙ عام ماڻهو ٻين کي عذاب ڏيڻ بہ ڪونہ چاهيندو. اسان کي يقين هجڻ گهرجي تہ اسان جو قدرت بابت قائم ڪيل تصور بهتر هجي، پر اهڙين ڳالهين کي اڃا سمجهيو ئي ڪونہ ويو آهي.

قديم مذهب جي نئين سر زنده ٿيڻ جو مکيہ ڪارڻ بہ موجود آهي. اهڙي بزرگ لاءِ ڪنهن استيج سينگارڻ جي نيٺ ضرورت بہ

کهڙي، جيڪو مڙهہ جي روپ ۾ موتي ايندو. ڇاڪاڻ تہ اسان جي وڏڙن جو ديوتا ۽ ديوي هتان ڪيڏانهن ويا ئي ڪونہ ويا آهن. اهي اسان جي چوڌاري اندر ۾ بہ ۽ هر هنڌ موجود آهن. اسان کي ڪين سڃاڻڻو آهي، سڏڻو آهي ۽ مٿن ويساهہ ڪرڻو آهي. اهي سڏ جي وراڻي ڏيندا، ڪنهن اشاري ڪنائي ۾ نہ. ان ديوتا کي ڇُهي سگهجي ٿو. هو ڌيرج ۽ سهپ وارو آهي، جنهن کي چڱيءَ ريت ٻڌي بہ سگهجي ٿو پر توکي سڀ پَوَ پولا ۽ خوف خطرا ختم ڪرڻ پوندا. مٿس پورو ويساهہ ڪرڻو پوندو. ان ديوتا ۽ ديويءَ جي آواز ٻڌڻ لاءِ وستي جوڙي وهڻو پوندو. وڪان Wiccan جي هنن لفظن ۾ گهري معنيٰ موجود آهي، تہ "هو مڪمل عشق ۽ مڪمل ويساهہ ۾ موجود آهي." جڏهن اوهان ڄاڻ کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائيندا ۽ جڏهن اوهان ان مقدس هستيءَ جو آواز ٻڌو اوهان کي ان مقدس هستيءَ جي موجودگيءَ ڪري اندر کي اڻ ميو آٿت ۽ آنند ملي ويندو. ان کان پوءِ اوهان کي ڄاڻ ملندي تہ توهان کي "ڪل" تعلقات وارو تحفظ حاصل آهي.

سنڌو سڀيتا جي شهرن جي کهڙي زماني ۾ شروعات ٿي، سا ڄاڻ ڪنهن وٽ بہ ڪانہ آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ انهن جي شروع وارو حصو جر جي پاڻيءَ هيٺ ٻڏل آهي، پر اسان کي اها ڄاڻ ضرور آهي تہ اهي شهر سون هزارن سالن کان وٺي لڳاتار آباد ٿيندا آيا آهن. 1967ع ۾ ڀنڀيٽڪا Biumbhetka جي غار مان هڪ چٽسالي هٿ لڳي آهي، جنهن جو 30000 ق. م سان واسطو آهي. هن چٽساليءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ ان دور جي ماڻهن وٽ ڪٽارون Scimitars ۽ تلوارون، ڪان ۽ ڪمان آهن، ٻن پاسن وارو ڍال بہ آهن. هنن سان گڏ ڏاريل ۽ جهنگلي جانور بہ موجود ڏسجن ٿا. جڏهن تہ يورپ جي غارن جون چٽساليون 20000 ق. م جي دور سان تعلقن رکن ٿيون. ان ڪري اهي 10000 سال پوئتي آهن، جڏهن تہ انهن وٽ تلوارون ۽ خنجر بہ ڪونہ آهن. پر ٻڌايو وڃي ٿو تہ سڀيتا جي ابتدا 10000 ق. م کان ٿي آهي. اهڙا اِشارا جانور ڏارڻ ۽ پوک پوکڻ مان ملن ٿا. پر اهڙيون ثابتيون ڀنڀيٽڪا جي غار مان چٽسالي دريافت ڪرڻ کان اڳ واري زماني سان لاڳاپيل آهن. ڀنڀيٽڪا غار جي دريافت کي پريس وسيلي ڪا پذيرائي ملي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانہ سگهي هئي، جڏهن تہ نيشنل جاگرافڪ ميگزين National Geographic Magazine سارو سال انجيل سان لاڳاپيل قصن ۽ ڪهاڻين تي زور ڏيندو رهيو هو ۽ فلسطين جي مقدس زمين Holy Land of Palestine تي بحث مباحثو ڪندو رهيو، جتي حضرت عيسيٰ (عليه السلام) پنهنجا پاڪ پير گهمايا هئا. ان ڪان سواءِ عهدنامہ عتيق ۽ عهدنامہ جديد جون Supposed يا انهن جي تصور مطابق ڪيئي ڳالهيون بيان ڪيون هيون. مان هتي Supposed ڪي عام رواجي لفظ ڪانہ تي سمجهان. هتي بہ ماڳ اهڙا آهن، جن جو انجيل جي ڪن واقعن سان تعلق آهي، اسرائيل جو سفر ڪندڙ هر سياح انهن جي تصديق ڪري سگهي ٿو پر گهڻا ماڳ اهڙا آهن جن جو سئنٽ هيلنا St Helena مقدس ماڳ طور ذڪر ڪيو آهي. هن عورت کي عيسائين جي ماتا سڳوري سمجهيو ويندو آهي، جنهن اهو ذڪر تڏهن ڪيو هو جڏهن هوءَ فلسطين جي طوفاني قسم جي دوري تي نڪتي هئي. هوءَ ڪڏهن روم جي شهنشاهہ ڪنسٽنٽائين Constantine جي زال بہ رهي چڪي هئي. هن جن جڳهن جا نالا ڏسيا هئا، تن تي اڪ ڇنڀ ۾ گرجا گهر بہ جوڙي راس ڪيا ويا هئا ۽ انهن ماڳن لاءِ "tradition holds. . ." جهڙا لفظ ڪم آندا ويندا آهن. مذهبي قديم آثارن جا ماهر بہ انجيل ۾ بيان ڪيل ڳالهين کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ ڪُٺا ٿي ڪونہ پڄندا آهن، پر دور جڳهون ۽ واقعا پاڻ ۾ ٺهڪي ڪونہ بيهندا آهن. اڄ بہ انهيءَ جاکوڙ ۾ لڳا پيا آهن تہ حقيقي جبل سينا Mount Sinai ڪٿي آهي، سنڌن راءِ موجب اها چوٽي سعودي عرب ۾ آهي. 1999ع تائين هنن لاءِ مقدس جبل اهو هو.

سنڌ جي موهن جي دڙي ۾ پنجاب جي هڙاپا، يورپ جي وچين دور جي شهرن سان ييٽائي ڏسو. هنن پنهي شهرن جي گهٽين هيٺان پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ٺڪر جا نول Pipe لڳل آهن. جڏهن شهر جي گندي پاڻيءَ کي ٻاهر ڪڍڻ واسطي پڪسريون ناليون ٺهيل آهن. اهڙيءَ ريت ڪني پاڻيءَ جي وهڪري جي جاچ پڙتال ڪرڻ واسطي مقرر جڳهن وٽ man holes ٺهيل آهن. هي تاريخ جا سڀ کان پهريان man holes آهن.

هي پهريان ماڻهو هئا، جن bath room وهنجڻ جاءِ کي متعارف ڪرايو هو. جن اندر ويهي ۽ ويهي سنان ڪري سگهبو هو. ان کان سواءِ عوامي سنان ۽ اهڙا گهر بہ موجود هئا. جن جي وچ تي کليل اڱڻ هوندو هو. گهٽين جي تعمير لاءِ سنجيده قسم جي منصوبہ بندي ڪئي ويندي هئي ۽ خيال رکيو ويندو هو تہ اهي سڌيون اتر ڏکڻ ۽ اولهہ اوڀر هجڻ گهرجن ۽ چوراهن وٽ هڪ ٻئي کي گونيءَ ڪنڊ تي ڪٽن. هن قسم جي منصوبہ بنديءَ سان گڏ شهر جي صفائي ۽ سٺائي جو بندوبست ڪيل هو جنهن لاءِ انسپيڪٽر ۽ پيا ملازم مقرر ٿيل هئا. اهڙيون سٺيون ڳالهيون تڏهن دنيا جي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ موجود ڪونہ هيون. سنڌو سڀيتا پنهنجي آخري ۽ زوال واري دور ۾ بہ بابل Babylon جي تهذيب ۽ فلسطين جي ثقافت کان تمام گهڻو اڳتي هئي.

سنڌو ماٿريءَ جا ماڻهو هاري سماج سان لاڳاپيل هئا، جيڪي وسيع آبپاشي نظام ذريعي پوکي راهي ڪندا هئا. جيڪو دنيا جو پهريون مثال هو. هن قسم جي مثالي آبپاشي نظام کي آريا لوڪن اچي تباهہ ڪيو جن جو تعلق يوڪرئن Ukraine متاهن پٽن سان هو. هنن لوڪن بعد ۾ رگويد Rig Veda (500 – 1000 ق. م) نالي ڪتاب لکيو هو. عام طور تي چيو ويندو آهي تہ آريا معنيٰ اعليٰ ۽ اوچي طبقي جي نسل جا ماڻهو. جڏهن تہ ڪي ماڻهو هن نسلي گروهہ کي ميداني علائقن جا لاڏائو قبيلا سڏيندا آهن. ڪڏهن ڪين هاري بہ سڏيو ويو آهي. لفظن جي هيءَ هڪ عجيب راند آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هي لفظ متان جهنگلي Barbarian جو مفهوم ڏيندو هجي ۽ اهو لفظ جرمن نسل جي ماڻهن لاءِ هجي، جيڪي مهذب قسم جي رومين جي اصولن کي مڃڻ کان انڪار ڪندا هئا. آرين جا ڪيترا قبيلا ڪاڪيشيا جي ڏونگري ڏيهہ ۽ يوڪرين کان هجرت ڪري مشرق قريب ۽ مشرق بعيد ڏانهن بہ هليا ويا هئا. هنن ماڻهن 2150 کان 1000 ق. م تائين ڪيترائي حملا ڪيا هئا. آخر ۾ اهي گروهہ ان معاشري جا فرد ٿي ويا جنهن تي هنن حملا ڪيا هئا.

قديم مصر جا واسي سنڌو ماٿريءَ جي دراوڙن جا اُٽيل سوٽي ڪپڙا پائيندا هئا. جڏهن تہ ٻين ماڻهن وٽ اهڙيون ڳالهيون ڪونہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون. هنن وٽ اڻ مَيو سون هوندو هو جيڪو ڪاٺين مان ڪوٽي ڪڍيو ويندو هو ۽ اهو درياهن جي واريءَ کي سونجهي ڪڍندا هئا. ان کان سواءِ ڪٽڪ, جَوَ, مٽر, رائي, گِدرا ۽ ڪارڪون اپائيندا هئا. هنن جهنگلي جانورن, جهرڪ سوئر, رڍ, ٻڪري, گهوڙن, هاٿين, ڪتن ۽ ٻلن کي پالي گهرو جانور بڻائي ڇڏيو هو. اهڙيءَ ريت هو پرو سيلئن Procelain (ڪُٽِ) جا ٿانوَ ناهيندا هئا. ڪاٺ تي اُڪَرَ جو ڪم به ڪري سگهندا هئا. هي دنيا جا پهريان ماڻهو هئا جن ضربخانن ۾ سِڪا جوڙيا هئا.

ڪوٽاين ۽ ڪوجنائن وسيلي ڌاتوءَ جو ڪم نهايت ٿورو مليو آهي. ماهرن جو چوڻ آهي تہ اهي ڌاتوءَ جا سٺا ڪاريگر ڪونہ هئا. پر چڪ وسيلي ٺڪر جا ٿانوَ ناهڻ جا وڏا ڪاريگر هئا. ميسوپوٽاميا ۽ چين جي لکتن ۾ موجود آهي, سنڌو ماٿريءَ جا ماڻهو وڏا شاهوڪار هوندا هئا, پر اهڙيون ڳالهيون آرين جي حملن (2150_ 1000 ق. م) کان اڳ جون هيون, جيڪي سنڌو ماٿريءَ جي وڏن شهرن تائين 1500_ 1200 ق.م واري عرصي دوران پهچي چڪا هئا. آرين پنهنجي ڪتاب رگويد ۾ سنڌو ماٿريءَ جي شاهوڪاريءَ ۽ دولتمنديءَ جو ذڪر ڪيو آهي. امڪان آهي تہ انهن سنڌو ماٿريءَ جي ماڻهن کان سون لٽي ڦري رجائي ڇڏيو هجي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سنڌو ماٿري جي قديم ماڳن جي ڪوٽاين مان سون جون ثقافتي شيون هٿ ڪونہ لڳيون آهن, پر جيڪي ٿورا گهڻا ڳهه ڳِنا هٿ لڳا آهن, سڀ پنهنجي گهاڙ جي لحاظ کان ڏاڍا اعليٰ ۽ اوچا آهن. پر هن ڳالهہ کي بہ ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي تہ قديم ماڳ اتان جي ماڻهن کان ڍڪيل ڇپيل ڪونہ هئا. جن جو تعميراتي مواد ڪٽي, هو اچي پنهنجا اجها اڏيندا هئا ۽ اهڙو سلسلو سالن تائين جاري رهيو.




سنڌ ۽ ڪشمير، جنهن کي هندستان جي مقدس زمين سڏيو ويندو آهي. هي اهو اهم ماڳ آهي جتي 30000 ق. م ڌاران سنڌو سڀيتا وڌي ويجهي ۽ اسري هئي. انهيءَ ترقيءَ واري زماني ۾ هيءَ تهذيب انهن اهم تجارتي رستين جي وٽ پاسن سان موجود هئي. جيڪي اوڀر ۽ يورپ ڏانهن ويندا هئا. اهڙيءَ ريت هيءَ سڀيتا اولهه ۽ اوڀر ڏانهن پکڙي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنيپتڪا جي گُفا مان هٿ آيل چٽساليءَ مان هڪ اضافي شاهدي ملي آهي، تہ ڏاتوءَ جو ڪم هتي غير موجود ڪونہ هو. انهيءَ ڳالهہ مان هن مفروضي کي تائيد ملي وڃي ٿي تہ موهن جي دڙي ۾ هڙاپا ۾ ڌاتوءَ جون شيون ۽ هٿيار آرين جي فتحن ڪري موجود نظر ڪونہ ٿا اچن. ان کان پوءِ عام ماڻهو پڻ ماڳ تان تعميري سامان کڻڻ وقت هٿيار کڻي ويا هوندا. آرين جي حملن کان اڳ هتان جي مجموعي صورتحال ائين نظر اچي ٿي تہ اهو معاشرو پرامن ۽ هڪ ٻئي سان سهائتا ڪرڻ ۾ ويساهہ رکندو هو جنهن ۾ شهر ۽ ٻهراڙيءَ جو ماڻهو باهمي مفادن واسطي گڏجي ڪم ڪندو هو. اناج شهرن جي وڏن پانڊن اندر گڏ ڪري رکيو ويندو هو. ماڻهن کي ڪاڏ خوراڪ مرڪزي گودامن وسيلي فراهم ڪئي ويندي هئي. هاري ناري اناج ۽ ٻيءَ پيداوار کي گهوڙي گاڏين يا ڏاند گاڏين وسيلي ڍوئي اناج جي پانڊن تائين پهچائيندا هئا جن جا ڦيتا نهرا هوندا هئا. ڪجهہ اناج، ڌاتو جون ٺهيل شيون ڪاٺ جون اُڪريل شيون ٻيڙن وسيلي ساموندي سفر طئي ڪري عرب اپ‌ٻيٽ ڏانهن موڪليون ينديون هيون. سنڌو سڀيتا جون ثقافتي شيون بابل ۽ قديم سمير Sumer مان هٿ لڳيون آهن. (هي ٻئي علائقا موجوده عراق ۾ واقع آهن). شاهدين مان هي حقيقتون بہ مليون آهن تہ سنڌ جا واپاري ار Ur ۽ ميسوپوٽاميا جي ٻين ڪيترن شهرن ۾ رهندا هئا.

سنڌي ٻوليءَ جي موجودگيءَ مان بہ امڪاني طور پتو پوي ٿو تہ ان جو مغرب جي تاريخ تي ڪيترو اثر هو. الائن ڊينيلائو پنهنجي ڪتاب: Gods of Love and Ecstacy ۽ (Rochester, Vt: Inner Traditon 1992) The Tradition of Shiva and Dionysus ۾ لکي ٿو تہ دراوڙ ٻولي ۽ ثقافت ميڊيٽرانين سمنڊ تائين پکڙيل هئي. جنهن جو موجوده دور ٽرانسڪا ڪيشين Trancaucasian، جارجين Georgians ۽ Iberian Basques جي ثقافت تي بہ اثر نظر اچي ٿو. اهو بہ ڏسجي ٿو سمير جي ٻولي بہ دراوڙي ٻوليءَ سان لاڳاپيل آهي. ساڳيءَ ريت قديم ڪريٽ Crete، ليڊيا Lydia ۽ ايٽروسڪان Etruscans جي ٻوليءَ ۽ ثقافت تي سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جو اثر ڏسجي ٿو. ذڪر ڪرڻ اتلي پيلاسجين Pelasgian جون ٻوليون بہ دراوڙي ٻوليءَ جي بنياد سان تعلق رکن ٿيون، جن کي هيرو ڊوٽس جهنگلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻولين ڪري سڏيو آهي، جن جو واسطو ليڊيا ۽ ايٽروسڪان جي ٻولين سان هو يعني انهن جو واسطو يوناني ٻوليءَ سان ڪونہ هو. سئنٽ پال جي جهاز کي 69ع ۾ حادثو پيش آيو هو. هن بہ مالٽا جي، ماڻهن جي ٻوليءَ کي جهنگلي هجڻ جو لقب ڏنو هو. قديم ڪريٽ ۽ قديم يونان جون ٻوليون بہ غير يوناني هيون. آچيان Achean جي آريا قبيلن جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ ايشيا مائنر جي ڏکڻ اولهندي وارين ۽ Dorian ٻوليون بہ غير يوناني هيون. جڏهن تہ قديم ميڊيٽرانين ٻولين کي پڙهڻ واسطي موجوده دور جي ڏکڻ هندستان جي دراوڙ ٻولين کي ڪتب ڪونہ آندو ويو آهي.

سنڌو سڀيتا جون نهيل ڪيتريون ئي شيون Troy ۽ فلسطين Palestine مان پڻ مليون آهن ۽ ڪيترن عالمن سنڌو سڀيتا ۽ ڪريٽ وچ ۾ هلندڙ تجارت جو ذڪر ڪيو آهي. اهو تجارتي مال سنڌوءَ جي چوڙ وٽان اهڙن ٻيڙن ۾ لڏيو ويندو هو جن جا اڳيان حصا Prows اوچا ۽ مستول mast هڪ هوندو هو. جيڪي ڏسڻ ۾ هوبهو وائيڪنگ Viking ٻيڙن جهڙا هوندا هئا. تجارتي سامان سان ڀريل اهڙا جهاز سدائين پيا سمير ۽ اڪد Akkad ڏانهن ايندا ويندا هئا. جڏهن 1500 ق. م ڌاران ويدڪ آرين سنڌو ماتريءَ جي وڏن شهرن تي وڏيڪ حملا ڪيا تہ اهڙي تجارت گهٽ ٿيندي نيٺ ختم ٿي وئي. نقل مڪاني ڪندڙ آريا قبيلا لهرن جي شڪل ۾ ايندا رهندا هئا. پر واضح اهو آهي تہ سنڌو ماتريءَ جي شهر خاص ڪري موهن جو دڙو 1200 ق. م تائين ميسوپوٽاميا سان تجارت ڪندو رهيو آهي. ان کان پوءِ آريا هن ماتريءَ جي ڪنڌ ڪڙڇ تائين ڇائنجي چڪا هئا.

انهيءَ زماني تائين آرين جا مختلف قبيلا سنڌ جي علائقي تي حملا ڪري، ڪيترائي ننڍا شهر ۽ ڳوٺ فتح ڪري چڪا هئا. نيٺ هنن وڏن شهرن تي بہ حملا ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا ۽ شهرن جا پڪسرا ستاڊيل Citadels بہ فتح ڪري ورتا هئائون، جيڪي ڇاليهہ فوٽن ڪچسرن ٿلهن تي اڏيل هئا. اهڙيون تعميراتون وچ شهرن ۾ هونديون، جن جي چوڌاري چبوترا ۽ ديوارون بہ ڏنل هيون. قلع نما

اهڙيون اڏاوتون همچورس هيون، جن اندر مضبوط قسم جا پاندا جوڙيا ويا هئا، اهڙين ڳالهين مان اهحاڻ ملن ٿا تہ هن علائقي جي ماڻهن کي اها سُڌ ٻڌجي وئي هئي تہ حملہ آور پنڌ ۾ آهن. تنهن ڪري هنن پنهنجي قلعن جي چوڌاري دشمن جي ڊگهي عرصي واري گهيري جو سوچي، اڳواٽ ئي اهڙو بندوبست ڪري ڇڏيو هو.

موئن کي هتان جي ڳالهين مان ڪي خاص حقيقتون معلوم ٿي رهيون آهن، تہ هتان وڏن شهرن ۾ ڪنهن مندر جي تعمير جا اهحاڻ ڪونہ مليا آهن، نہ وري ڪنهن معاشري اندر ڪنهن قسم جي پوڄا پاٺ جون علامتون ڏسڻ ۾ آيون آهن. اهي ماڻهو مختلف قسم جي تصورن ۽ نظرين واسطي سهپ ۽ رواداريءَ وارو رويو رکندا هئا، پر سنڌن گهرن اندر پوڄا پاٺ لاءِ ننڍڙيون اڏاوتون ضرور هونديون هيون. ليڪن سڄي شهر جو ڪو مرڪزي وڏو مندر ڪونہ هو نہ وري ڪو وڏو پروهت هو. اهڙيءَ ريت ڌرم هر عورت ۽ مرد جو شخصي معاملو هوندو هو پر هن سان لاڳاپيل اهڙيون ڪي شيون آهن، جن جي موجودگيءَ مان هيءَ حقيقت معلوم ڪري سگهجي ٿي تہ هن سماج جا ماڻهو ڪن خاص ڏڻن تي گڏ ٿيندا هئا. اهي ڏڻ جن جو پوکيءَ راهيءَ جي ڪن موقعن سان لاڳاپيل هجڻ جو امڪان آهي تہ اهي ماڻهو Solstices جي موقعي تي هڪ وڏي ميڙ جي شڪل ۾ گڏ ٿيندا هجن. هي اهو خاص ڏڻ هوندو هو جڏهن سج صفا ڏکڻ ۾ پيهي، پوءِ اتر ڏانهن موٽ ڪندو هو ۽ ڏينهن هوريان هوريان وڌڻ شروع ڪندو هو. ان کان سواءِ چنڊ جي ڪن خاص مرحلن تي وڏا ڏڻ ملهايا ويندا هئا. هتي اسان کي اهڙا سونهري ڌاڳا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي مذهب جي ڪپڙي اندر واضح طور نظر اچي رهيا آهن. اهي وقت جي ڌنڌ ۽ قديم مذهب ۾ اڄ بہ موجود آهن. قديم دور جي جادوءَ واري ڌرم ۽ موجوده دور جي نئين سر زنده ٿيل وڪا Wicca ڌرم ۾ ڪوبہ مرڪزي حيثيت وارو پروهت ڪونہ هوندو آهي. هر عورت ۽ مرد پنهنجو پروهت پاڻ هوندو آهي. ڪي گروهہ سج ۽ چنڊ جا وڏا ڏڻ ملهائيندا رهندا آهن. ان کان سواءِ پوکيءَ راهيءَ سان لاڳاپيل ڪن خاص ڏينهن تي گڏ ٿي خوشي ملهائي ويندي آهي، پرپوڄا پاٺ لاءِ گهر اندر ننڍڙيون اڏاوتون هونديون آهن. هر شخص پنهنجي طريقي سان پوڄا پاٺ ڪندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موهن جي دڙي جون گهٽيون ۽ گهر ان جي آخري مرحلي جي شاهدي ڏئي رهيا آهن. قديم آثارن جي ماهرن کي گهٽين مان ڪي انساني هڏاوان پڃرا لڌا آهن ۽ اهي انهن ماڻهن جا آهن، جيڪي ويدڪ آرين کان پنهنجي جان بچائي ڪونہ سگهيا هئا ۽ سنڌو سڀيتا کي بچائڻ واريءَ جنگ ۾ مارجي ويا هئا. اهڙا هڏاوان پڃرا گهٽين ۾ هڪ جاءِ تي يا گهرن ۾ هڪ ميڙاڪي جي شڪل ۾ مليا آهن. اهو ئي سبب آهي تہ هن شهر کي موئن جو دڙو نالو ڏنو ويو آهي.

ويدڪ آرين جي ڪتاب ۾ انهن جي جهونجهار اِندر Indra ۽ ان جي جنگي جوڌن جو ذڪر ملي ٿو جيڪي رٿن تي چڙهي جنگ ڪندا هئا، جن نفرت جوڳن ڪارن ماڻهن کي فتح ڪري ورتو هو جيڪي دولتمند هئا ۽ قلعبند شهرن ۾ رهندا هئا. اِندر اُهي قلعا ڊاهي ناس ڪري ڇڏيا ۽ آبپاشيءَ سان لاڳاپيل واهن کي تباهہ ڪري ڇڏيو. سنڌو ماتريءَ جي دولت کي لٽي ڦري هٿ ڪري ورتو ۽ انهن علائقن تي پنهنجي حڪومت قائم ڪري ورتي، جن کي پاڪستان هندستان ۽ بنگلاديش سڏيو ويندو آهي. هيءَ انسان ذات جي قديم کان قديم تهذيب هئي، جيڪا مصر جي شهنشاهيءَ دوران تباهہ ٿي وئي هئي. اها مغربي دنيا کان ٽن هزارن سالن تائين وسريل رهي، جنهن کي سر جان مارشل 1924ع ڌاران دريافت ڪيو. هن سان هندستان جو قديم آثارن جو ماهر آر. ڊي بئنرجي R.D. Banerjy بہ گڏ هو.

پر هيءَ ڳالهہ مغرب لاءِ اچرج جهڙي ڪانہ هئي. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ يوناني ۽ هندستاني ڪتابن ۾ ذڪر موجود آهي تہ قديم دور ۾ سنڌوءَ جي ڌرمَ مغرب ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو هو. ڊيو ڊورس Diodorus هن حقيقت جو ذڪر ڪيو آهي، تہ مصر جي اوريسس قديم سنڌ جو سفر ڪيو هو. اهڙيون حقيقتون بہ موجود آهن، اٽڪل ڇهہ هزار سال اڳ وڏو سفر ڪري سنڌ کان پورچوگال Portugal پهتو هو. ڪيترن مورخن جو نقطئہ نظر آهي تہ مالٽا، يورپ ۽ برٽش آئيسلس Isles جيڪي megalithic يادگار ۽ Menhirs علامتون موجود آهن، تن جو تعلق دراوڙن (سنڌ) سان آهي ۽ اهو دور 3000 کان 2000 ق. م وارو آهي. مورخن جو هڪ گروهہ انهن کي اجان بہ وڌيڪ قديم سمجهي ٿو تنهن ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويدڪ آرين جي حملن کي مذهبي طور اهم نہ سمجهيو وڃي تہ يورپ ۾ لامذهب فرقي جون پاڙون انهن قبيلن جي حملن ڪري پختيون آهن.

قديم زماني ۾ مشرق قريب وارن ملڪن جي مذهبي مرڪزن ۾ سنڌو ڌرم جي رسمن تي پابنديءَ سان عمل ڪيو ويندو هو. اهڙيون روايتون ويدڪ آرين جي حملن تائين دائم ۽ قائم رهيون. هنن آرين قبيلن پنهنجي سياسي غلبي کي بحال رکڻ لاءِ سنڌ مٿان پنهنجو مذهب زوريءَ مڙهيو هو. جيڪو هوريان هوريان دراوڙي مذهب اندر داخل ٿيندو ويو. تنهن ڪري مذهبي دقيانوسي هڪ مسئلو بڻجي چڪي هئي.

ان هٽ سان پيدا ڪيل مذهبي دقيانوسيءَ جو ديرپا اثر 3000 سال هليو جيڪو اڄ سوڌو قائم آهي. ان ڪانپوءِ هڪدم اصلي مذهب ڌانهن واپس ٿيڻ جو اظهار ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهڙيءَ ريت آرين جو مذهبي نظام جنهن تي دراوڙي مذهب جو ڪو اثر ڪونہ هو. سو ٻڌ ڌرم, يهودين, عيسائيت ۽ اسلام جي روپ ۾ ظاهر ٿيڻ لڳو. ان ڪانپوءِ يهودين وارو هولو ڪاسٽ Holocaust, مهاڀاري لڙائي, اتر آئرلينڊ ۾ مذهبي نفرتون, سلاوڪ Slavic علائقن ۾ ڪن مذهبي گروهن جو قتل عام, مشرق قريب ۽ ڪشمير ۾ جنگيون لڳيون.

سنڌ مان دريافت ٿيل ڪن ثقافتي شين جو تاريخ ۾ ذڪر موجود آهي, پر نصابي ڪتابن ۾ اهڙو ذڪر نالي ماتر ڏسڻ ۾ ايندو. اهڙي صورتحال اڃان سوڌو قائم آهي, ڇاڪاڻ تہ اهڙين دريافتن انهن ڳالهين کي ڊانوانڊول ڪري ڇڏيو آهي, جيڪي هن وقت سچ سمجهيون وينديون هيون, پر اهي هاڻي ڏند ڪٿائن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهن. هن ساريءَ برائيءَ جو ڪارڻ اهو آهي تہ اسان جي تعليم معلومات سان نہ, پر سماجي لاڙن ڏانهن جهڪيل آهي. ۽ سمجهيو ويندو آهي تہ جيڪڏهن نصابي ڪورس واري تعليم عام قسم جي عقيدن کان پري هٽي وئي تہ اها وهم ۽ وسوسن جي وڻ ويڙهيءَ ۾ ڦڪجي ويندي, هن قسم جو نقطئہ نظر تعليم جي هر حقيقت سان لاڳو آهي, جيڪو ارتقا واري اصول جي خلاف آهي, پر وائرس Virus جي مختلف قسمن, جنسن جي هڪ يا ٻن نسلن اندر نظر ايندڙ تبديلين, تاريخ کان اڳ وارن ساهدارن جي پنڊ پهڻن ۽ سنڌو ڌرم جي مغربي دنيا تي نمايان اثر ڏانهن ڪڏهن بہ ڌيان ڪونہ ڏنو ويو آهي.

هن حقيقت کان بہ نتائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ مغربي تهذيب جي ابتدا سنڌو سڀيتا جي حوالي سان شروع ٿي آهي. اهڙيون حقيقتون مختلف تحريرن ۾ موجود آهن. ايتري قدر جو جڳ مشهور مورخ وِلڊيورانٽ بہ اهڙين سماجي ۽ ثقافتي پابندين کان بچي ڪونہ سگهيو آهي. سندس بيان آهي تہ انسانذات جو پهريون سِڪو سنڌو سڀيتا سان تعلق رکي ٿو جنهن جو واسطو 2900 ق. م واري دور سان آهي، پر ڪتاب جي حاشئي ۾ بحث ڪيو ويو آهي تہ اهو سِڪو ليڊيا Lydia سان تعلق رکي ٿو جنهن کي موجوده دور ۾ اتر ترڪي سڏي سگهجي ٿو ۽ يونان کان هٽي پاسي آهي. ليڊيا جي اهڙي سِڪي جو دور 570 کان 546 ق. م جي وچ وارو آهي. جڏهن تہ مغربي ماڻهن لاءِ قابل قبول علائقو يونان جي ويجهو اڏو هئڻ گهرجي، پر سِڪي جو حقيقي معيار ڪهڙو آهي؟ ولڊيورانٽ جي ڪتاب جي اصلي متن ۾ بيان آهي تہ اهو سِڪو ليڊيا جو نہ آهي، پر سندس واسطو سنڌ سان آهي، پر هن اهڙيون ڳالهيون ڪتاب جي حاشئي ۾ ڪيون آهن. پر هي ماڻهو بہ ان ذڪر کان لنوائي ويو آهي تہ ليڊيا جي انهن ماڻهن جو اصلي تعلق دراوڙن واريءَ سنڌو ماتريءَ سان هو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ سچيءَ ۽ حقيقي تاريخ کي لڪي ڇپي ۽ چوريءَ ڇڙ ساهہ کان لڪائي بيان ڪيو پيو وڃي، انهيءَ پوَ کان تہ متان ڪير ڪاوڙجي پوي. پر تاريخ هڪ خاموش سچ آهي ۽ اسان ان مشعل جي روشنيءَ وسيلي اهو ڏس پتو ڏئي رهيا آهيون تہ وساريل ورثو ڪٿي آهي.

جڏهن موهن جي دڙي واري ماڳ جي کوٽائي کوجنا وسيلي دريافتون ٿي رهيون هيون تہ کوٽائي ڪندڙ انگريز ماهر واٽرا ٿي ويا هئا تہ اُهي ڪهڙيون نہ عجيب قسم جون ثقافتي شيون هٿ ڪري رهيا آهن. انهيءَ زماني ۾ برطانيہ سامراج هندستان اندر ڏاڍي ڏچي ۾ گهيريل هو. جڏهن هن مهان سڀيتا جون خبرون هوريان هوريان مغرب ۾ پهچڻ لڳيون هيون تہ انهن کي ايتري اهميت ڪانہ ڏني وئي، جيتري جنگ جي خبرن کي اوليت هئي. انهيءَ کان سواءِ سماجي اٿل پٿل، سياسي صورتحال ۽ اقتصادي وايو منڊل بڏتر جو شڪار هو جيڪو اکين سان ڏسجي رهيو هو.

دنيا جي مشهور مورخن عهدنامہ عتيق ۽ عهدنامہ جديد Old and

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

New Testament جي ڏند ڪٿائن تي گهڻي تحقيق ڪئي آهي، جن مان جان رومر John Romer ۽ نيل آشير سلبرمئن Neil Asher Silberman بہ آهن. هنن جي ڪيل تحقيق مان معلومات ملي ٿي تہ عهدنامہ عتيق Old Testament ۽ عهدنامہ جديد New Testament ۾ بيان ڪيل قصا ۽ ڪهاڻيون ۽ قديم قسم جا استعارا ڪنايا، قديم ثقافتن جي ادب مان ڪنيا ويا آهن پر انهن ڏند ڪٿائي قصن کي اصلي تاريخي سچن ڳالهين وانگر سرڪاري اسڪولن جي نصابي ڪتابن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هڪ هاءِ اسڪول ۾ دنيا جي تاريخ جو هڪ سچو سارو باب (حضرت) موسيٰ (ﷺ) ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي، جيڪو مصر نيڪاليءَ "Exodus" ۽ "يهودين جي مصر جي غلاميءَ مان آزاديءَ" تي مشتمل آهي، پر قديم آثارن جي تحقيق موجب اهڙا واقعا ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيا هئا، پر حقيقت اها آهي، سچيءَ تاريخ کي سست ۽ مرده بنايو ويو آهي. جيڪڏهن اسان مذهب ڏانهن ڌيان ڏينداسون ۽ ان ڏانهن توجهہ ڌريندداسون تہ سمجهي وٺنداسون تہ مذهب تاريخ لکڻ کي ۽ ان جي چونڊ ڪرڻ کي ڪهڙي ريت متاثر ڪري ٿو تہ پوءِ اسان ساري ماحول جي اصلاح ڪري سگهنداسون ۽ عوامي قسم جي تعليم ۾ گهربل تبديليون آڻي سگهنداسون، پر اسان اهڙيون حقيقتون دريافت ڪري چڪا آهيون، جن وسيلي اسان سفر جي شروعات ڪري سگهون ٿا ۽ Hermit Card جي مشعل جي تيز روشني سنڌو ماتريءَ جي قديم ڌرتيءَ تي پئجي رهي آهي. ان کان پوءِ اها روشني اتر ترڪيءَ (Ludia) تي پوي ٿي ۽ اتان ٿيندي اتر اٽليءَ ۽ موجوده دور جي اسپئن ۽ پورچوگال واري آئبرس اپپيٽ تي پهچي ٿي، پر اسان جي سفر وارا ماڻهو ڪير هئا؟ انهن قديم ماڻهن جا اصلي ابا ڏاڏا ڪير هئا؟ پر ميسوپوٽاميا، مصر، يونان، ٽريس، ليڊيا، ايٽروريا Etruria ۽ لامذهب يورپ وارا انهن کي مقدس هستي ڪري مڃيندا هئا.

اسان انهن عورتن جي مورتين کان چڱيءَ ريت واقف آهيون، جيڪي پٿر جي دور واري يورپ ۽ ميسوپوٽاميا مان بہ هٿ لڳيون آهن. هنن مورتين جا ٻُبا وڏا ۽ ٻنڊڻ ويڪرا آهن. نظر ۾ ائين ايندو آهي جڻ

اهي مورتيون پيٽ سان آهن. اج اهڙا ڪيترا ماڻهو آهن، جيڪي انهن ڪارٽن تي سوچڻ کان انڪاري آهن، پر اهڙا ڪيترا مورخ ۽ قديم آثارن جا ماهر آهن، جن جا بيان نهايت واضح آهن تہ اهي قديم مورتيون مقدس طاقت Divine جون آهن، جيڪي عورت جي شڪل ۾ آهن. اها مهان ماتا (ماتا ديوي) آهي. ان ڪري لامذهب فرقي جي اصلي پاڙن ۽ مذهبي عقيدن کي دريافت ڪرڻ واري حقيقي جڳهہ دريافت ڪرڻ اصل ۾ انهيءَ ديوي ديوتا کي سڃاڻڻ آهي ۽ قديم زماني کان وٺي جن جي پوڄا جون شاهديون موجود آهن. اڄرج جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ انسانذات جي قديم ڄاتل سڃاتل ديوتا ۽ ديوي جي اج بہ 660 ملين ماڻهو ڏهاڙي پوڄا ڪندا آهن. هنن ٻنهي مقدس هستين ميسوپوٽاميا، مصر، يونا، روم ۽ يورپ جي مذهبن ۾ ڇٽيءَ ريت ڏسي سگهجي ٿو جيڪو سنڌو سڀيتا جي قديم دور کان وٺي اج تائين موجود آهي ۽ انهن ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان مذهبي اوسر ۾ اڻ مٽ نشان بہ ڇڏيا آهن.

هن ديوي ۽ ديوتا جو تعلق 30000 سالن سان آهي، جيڪي شڪتي ۽ شِوَ جي روپ ۾ موجود آهن. هن ديويءَ ۽ ديوتا جو لاڳاپو دراوڙن جي سنڌو ماتريءَ سان آهي، جن کي ويدن جي هندو ڌرم بہ پنهنجون مقدس هستيون تسليم ڪيو آهي. هتي اهو ضروري ڪونہ آهي تہ هندو ڌرم جي گهرائيءَ ۾ وڃي، ان جي پيچيدگين تي بحث ڪجي تہ جيئن هنن قديم مقدس وجودن ۽ جديد دور جي مذهبن وچ ۾ تعلقاتن کي نمايان ڪجي. ان بدران تاريخ ۾ مذهب، غير روايتي نقطئہ نظر واسطي مذهبي اوسر ۽ ترقيءَ جا واقعا رهبريءَ لاءِ ٿنين جي حيثيت رکندا. هڪ ڳولائو جيڪو لامذهب فرقي وِڪا جي نئين سر زنده ٿيڻ واري ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ پڪو پهہ ڪري چڪو آهي، سو ضرور ان سونهري ڌاڳي تي اتاچري نظر وجهندو جيڪو قديم دور کان وٺي چمڪاٽ ڪندو رهيو آهي. توڙي جو نالا مٽبا سٽبا رهيا آهن ۽ ڏند ڪٿائون تبديل ٿينديون رهيون آهن، پر ان سونهري ڌاڳي قديم ماضيءَ کي موجوده دور سان ڳنڍي ڇڏيو آهي، جيڪو روح جي ازل ۽ ابد وارين حدن ڏانهن اشارو ڪري ٿو ۽ انسانذات جي روحاني ابتدا واري پرهہ ڦٽيءَ ڏانهن رهبري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٿو. انهن جو نالو ڪٿي کهڙو به هجي. سنڌن نالا آهن به گهڻا، پر اهو ديوتا ۽ ديوي قديم مذهب جا مقدس وجود آهن. ڊروڊ Druide فڪر جو اصول آهي ته سڀ ديوتائون هڪ ديوتا آهي ۽ سڀ ديويون فقط هڪ ديوي آهي ۽ اصول نِسوري سچ جو بج آهي.

شِوَ ديوتا 28000 ق. م پسو پتي Lord of Beasts جي مورتيءَ ۾ ڏسجي ٿو. سندس مٿي تي به سڱ ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ جهنگلي جانور هن جي چوڌاري بيٺل آهن. هو سنڌليءَ تي اهڙيءَ ريت ويٺو آهي. جنهن ڪي هاڻ يوگا جو طريقو سڏيو وڃي ٿو. هن جي ٻنهي پيرن جون ترين هڪ ٻئي ڪي ڇهي رهيون آهن ۽ سندس مرداڻو عضوو سيتيل ithyphallic ڏسجي ٿو. هيءُ ديوتا يورپ جي قديم مذهب جي ديوتا وانگر ڏسجي رهيو آهي، جنهن جو مرداڻو عضوو پڻ سيتيل ڏسبو آهي. ان ڪي زندگي، سڪرسٽائي، ڏاهپ ۽ شڪار جو ديوتا سمجهيو ويندو هو.

هي ديوتا اڪيلو ڪونه آهي. سندس پر ۾ هن جو جوڙيوال نظر ايندو آهي. ساڳيءَ ريت قديم دور کان وٺي شِوَ ديوتا جي مورتيءَ جو اڌ مرداڻو ۽ اڌ عورتاڻو هوندو آهي. هن جو عورتاڻو روپ شڪتي Goddess of power ۽ سندس مرداڻو روپ پلاين جي ديوتا God of Grace هوندو آهي. هيءُ ديوي اما Uma به آهي. ميسپوٽاميا ۾ هن نالي واري ديويءَ جي پوجا ڪئي ويندي هئي. هن ڪي ماتا ديوي Mother Goddess به سڏيو ويندو آهي. اها ڪڏهن حامله ڏيکاري ويندي آهي ۽ ڪڏهن سندس گود ۾ ٻار ڏيکاريو ويندو آهي. ڪيس اناج جي ديوي Corn Goddess به ڪوٺيو ويندو آهي. Wheat (ڪڻڪ) آمريڪي لفظ آهي جڏهن ته ان لفظ جو نعم البدل يورپي لفظ Corn آهي. مورخ گهڻو ڪري يورپي لفظ ڪم آڻيندا آهن. جاڪاڻ ته آمريڪي لفظ Corn مڪائي هوندو آهي. عام طور تي تاريخ جي ڪتابن ۾ ان سان گڏ هن ڪتاب ۾ هن ديويءَ ڪي Corn mothers ،Corn maidens ،Corn dolls سڏيو ويندو آهي. آمريڪي ورثي کان سواءِ Corn جو لفظ فقط ڪڻڪ جي معنيٰ ڏيکاريندو آهي. قديم تاريخ ٻڌائي ٿي ته ماني پچائڻ پوتر ڪارج سمجهيو ويندو هو ۽ ماني ڪڻڪ ديويءَ ڪي ارپي ويندي هئي. ڪڏهن ان ديويءَ جي هٿ ۾ ڪڻڪ جا سنگ جهليل ڏيکاريا ويا آهن ۽ هن

ديويءَ جي پوڄا ساري مغربي دنيا ۾ پکڙجي وئي هئي. ان کانسواءِ سندس ٻيو روپ ماتا ديوي يا مها ماتا Great Mother به هوندو هو. هن کانسواءِ سندس شڪتي goddess of power وارو روپ به هو جنهن روپ سان اها چوڌس پکڙجي وئي هئي. دراوڙن جا به مقدس وجود هئا، جيڪي پاڻ ۾ ايترو ويجهو هئا، جو اهي هڪ وجود جا به پاسا معلوم ٿيندا هئا. موجوده دور جي غلط معنيٰ مطابق اهي به يا گهڻا ڪونه هئا. مقدس وجود جا مختلف روپ ان جي سيني خاصيتن جي نمائندگي ڪندا هئا ۽ ڪندا آهن. سنڌو ماتريءَ جو مذهب صحيح معنيٰ ۾ وحدت جو قائل monotheistic آهي، ڇاڪاڻ ته شِوَ ۽ شڪتيءَ کي هڪ وجود One Being يا ارڌا ناري Androgyne سڏيو ويو آهي. هي يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن ۾ Andro معنيٰ مرد ۽ گائني gyne معنيٰ عورت آهي. شِوَ ارڌا ناريءَ جي مورتي مٿي کان پيرن تائين پورن ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هن جو ساڄي طرف وارو پورو اڌ مرد ۽ کاٻي پاسو وارو مڪمل اڌ عورت جو آهي. دراوڙن واريءَ جوڙجڪ کي -Neo Paganism روپ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. موجوده دور جي وِڪا -مذهب قربان گاهه ۾ کاٻي پاسي ديوي ۽ ساڄي طرف ديوتا ڏسڻ ۾ ايندو ۽ ٻئي بلڪل مرڪز ۾ موجود ڏسڻ ۾ ايندا.

ڪلاسيڪي دور جي آندرو گائيتو ديوتا کي hermaphrodite سڏيو ويندو هو. (هي لفظ يونيان جي ٻن مقدس وجودن جو گڏيل نالو آهي، جن مان هڪ کي هرمس Hermes ۽ ٻئي کي ائفروڊائيٽ Aphrodite سڏيو ويندو هو) اهو وجود زنده انساني شڪل ۾ پڻ موجود ڏسجي ٿو جنهن ۾ ٻنهي جنسن جا عضوا موجود هوندا آهن يا هم جنس پرست ٿيندا آهن. موجوده دور جي مکيه مذهبي ڌارا هم جنس پرست مرد ۽ هم جنس پرست عورت جي مذمت ڪندو آهي، پر ڪڏهن اهڙين روايتن کي god of grace ۽ goddess of power جيْ نمائندگيءَ طور ڏاڍيءَ عزت ۽ احترام وارين نظرن سان ڏٺو ويندو هو. روايتي طور شمني Shamanic قوت کي ٻنيءَ جنس سان ملايو ويو آهي. قديم زماني ۾ ماڻهو جڏهن مقدس وجودن جي پوڄا ڪندا هئا ته مردن کي hermaphrodite جي اصول مطابق عورتاڻا ڪپڙا پاتل هوندا هئا. ڪئٿلڪ عيسائي ملان به

ساڳي روايت بجا آڻيندا آهن. ساڳيءَ ريت عورتن کي چيلهہ سان ٻڌل پٽي لنگہ ٻڌل هوندو هو يا ڪنهن ٻئي طريقي سان بہ ٻڌو ويندو هو.

اهڙيءَ ريت روحانيت جي پس منظر ۾ ٻٽي جنس dual sexuality ۽ غير جنسيت يا وچين جنس non sexuality ڏني ويندي هئي ۽ اهڙي طريقي سان مقدس وجودن سان لاڳاپو رهندو هو. يونان ۾ ريا Rhea ۽ اٽس Attis جي پوڄا بہ ساڳيءَ طرز سان ڪئي ويندي هئي. ميسوپوٽاميا ۾ اشتار Ishtar جي پوڄا ڪئي ويندي هئي ۽ مرد پنهنجو خاص عضوو ڪپي قربانگاهہ altar کي پيٽا طور ڏيندا هئا. ائريسٽوفئنس Aristophanes جو بيان آهي تہ Androgynous طور پهريان ماڻهو اهڙا هئا. جيڪي آرين جي روايتن جي نمائندگي ڪندا هئا. سندس دعوي آهي، بعد ۾ اهي ڌار ڌار جنس مطابق ورهائجي ويا هئا. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن اهي پاڻ مقدس وجود بڻجي سگهن. ساڳيو تصور توريت جي پيدائش genesis واري باب ۾ بہ ڏسجي ٿو ۽ آدم (ﷺ) کان عورت وارو روپ ڌار ٿي وڃي ٿو.



(شِوَ ديوتا هرمافرو ڊائيٽ Hermaphradite جي روپ ۾)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عهدنامہ عتيق جي تازي ترجمي ۾ پاسيري rib جي بدران "پاسي" کي ڪتب آندو پر صفا تازي دور جي انجيل ۾ اهڙو اهم تعلق نظر ڪونہ ٿو اچي. هن حقيقت مان معلوم اٿين ٿئي ٿو تہ اصلي آدم هڪ ديوتا جي شڪل ۾ موجود آهي، جنهن سان عورت بہ گڏ هئي، تنهن ڪري اهو آندرو گائين هو جيڪو Androgyne God جي شڪل ۾ نظر اچي رهيو هو. هندو ڌرم جي نقطئہ نظر موجب انسان ذات جي ارتقائي عمل جو آخري مقصد ٻٽي جنس bisexuality حاصل ڪرڻ آهي. جڏهن تہ يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام جو تصور هن کان مختلف آهي. هندو ڌرم جي اصول موجب ارتقا جو اهم مقصد مرد ۽ عورت جي ٻن جنسن جو هڪ جنس اندر متحد ٿيڻ آهي. اهڙا ڪيترا ساهدار آهن، جن مان هر هڪ اندر ٻنهي جنسن واري خاصيت آهي، يعني اهي نر بہ هوندا آهن تہ ناري بہ هوندا آهن. (مثال طور بارناڪلس barnacles ۽ وڻن ۾ رهندڙ سنيلّ Snails) تنتري Tantric فرقي جا پوئلڳ انهيءَ عقيدي ۾ ويساهہ رکندا آهن. سندن خيال آهي انسان ذات ۾ هڪ جهڙائي پيدا ٿئي. جيڪڏهن ماڻهوءَ ۾ مرد ۽ عورت واريون ٻئي جنسون هونديون تہ ڪابہ جنس غلبو حاصل ڪري ڪانہ سگهندي.

اٽڪل 5000 ق. م. اڳ يا سميري تهذيب جي ابتدا کان 2000 ق.م. پهريان دراوڙن مشرق قريب واري علائقي ۾ هڪ ڏند ڪٿا پيش ڪئي هئي تہ هي دنيا ستن ڏينهن اندر جڙي راس ٿي آهي. اهڙيءَ ريت هفتي جي ستن ڏينهن تي ڏار ڏار نالا رکيا هئا ۽ زندگيءَ جي مشوري سان گڏ نانگ ۽ ڏاند جي عزت ڪئي ويندي هئي. ڇاڪاڻ تہ اهي ديوتا ۽ ديويءَ لاءِ مقدس هئا. جيڪي طاقت، زندگي ۾ ڏاهپ جي علامت سمجهيا ويندا هئا. دراوڙن جو عقيدو هو تہ آتما جي مڪتي علم ۽ نيڪ عملن وسيلي ممڪن آهي، پر ڪنهن عقيدي ذريعي نہ. تنهن ڪري اهي سنان ڪندا ۽ تپسيا baptism ڪندا هئا. اهڙا ڪيترا عالم آهن، جن جو ويساهہ آهي تہ (حضرت) عيسيٰ (ﷺ) عيسائيت جي تبليغ ڪرڻ کان اڳ ٻاروتڻ ۾ هندو ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم جو ڪتابي هو. تنهن ڪري هن هندستان جو ضرور سفر ڪيو هوندو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو انهن مذهبن جو مطالعو ڪري سگهي. هن کان اڳ يونان ۽

روم جي فلاسافرن به ائين ڪيو هو. ٻڌ ڌرم عهدنامه عتيق جي دور ۾ اڳتي وڌي رهيو هو. انهيءَ زماني ۾ آرين جي ڪوشش هئي ته هندو ڌرم ۾ تقليد ۽ دقيانوسي قسم جو ضابطو هجڻ گهرجي، پر ٻڌ ڌرم ۾ اجا به ڪي دراوڙي قسم جون خاصيتون موجود هيون. هندستان ۾ اهڙيون ڪوششون ڪامياب تي ڪونه سگهيون هيون، تنهن ڪري ٿوري وقت لاءِ ٻڌ ڌرم کي هندو ڌرم وارن مرتد قرار ڏنو هو.

سنڌ جي ماڻهن رياضيءَ کي ترقي وترائي هئي. هنن ٻڙي Zero ايجاد ڪئي، الجبرا ۽ علم نجوم کي تخليق ڪيو ۽ جاميٽريءَ جي علم جا خالق به اهي هئا. زمين کي ماپي ۽ سال کي مختلف موسمن ۾ ورهائي سگهندا هئا. ڪين مختلف گرهن ۽ سج جي سفر دوران رستن جي ڄاڻ هئي. هنن کي ساهدارن ۽ ٻوٽن جو علم هو. ڪين اها به ڄاڻ هئي ته ڌرتي سج جي چوڌاري ڦري رهي آهي. هو اهو به ڪونه سمجهندا هئا ته وقت هڪ رخ ۾ linear طريقي سان ائين اڳتي وڌي رهيو آهي، جيئن معمولي سماج عام طور تي سوچيندو آهي. ان بدران سندن سوچ هئي ته هيءَ ڪائنات وڌي ۽ سمهي رهي آهي. جنهن ۾ زندگي جي طاقت خواب لهڻ واري عرصي Period of dreaming (وڌڻ) ۽ آرام ڪرڻ resting (سسڻ) ۾ تبديل ٿيندي رهندي آهي. هن قسم جو تصور مغربي سماج ۾ 1965ع تائين پختو ٿي ڪونه سگهيو هو. سنڌ جا ماڻهو روشنيءَ جي سالن light years کان به چڱيءَ ريت واقف هئا ۽ جديد علم نجوم مطابق ڪين Island Universes جو به علم هو. هندستان هن قسم جي علم ۾ اهو ڪردار ادا ڪيو آهي، پر مغرب ان کي غور لائق ئي ڪونه سمجهيو آهي. ان تهذيب جو هندورو به سمجهيو ڪونه پيو وڃي، مغرب وارا رياضيءَ واري ڏاهپ عربن ڏانهن منصوب ڪندا آهن، پر حقيقت اها آهي ته عربن ننڍي کنڊ تي حملو ڪيو ۽ دوران رياضيءَ جا اصول هٿ ڪيا ۽ يورپ سان رابطن واري زماني ۾ ان کي هندستان يورپ ڏانهن منتقل ڪيو هو. انهيءَ زماني ۾ يورپ جا حملا به جاري هئا ته قافلا به ايندا ويندا رهندا هئا. هنن ماڻهن البيرونيءَ جون تحريرون درآمد ڪيون هيون. هي مسلمان سياح هو جنهن 1017 — 1030 تائين هندستان جو سفر ڪيو هو. اهڙا ڪيئي طريقا هئا جن وسيلي هندستاني ڏهائي decimal ۽ علامتن جو طريقو

يورپ پهتو هو جن کي مغرب ۾ عرب عدد numerals سمجهيو ويو هو. سنڌ جي دراوڙن اهو حساب ڪتاب لڳائي ڪامتا ٻي تحليل dissolution تڏهن ٿي جنهن کي موجوده دور ۾ جمع جو ڏينهن 18، 3102 ق. م. سڏيو وڃي ٿو. تڏهن شايد آرين جي حملي کي خاتمي جي شروعات جو اهڃاڻ سمجهيو ويو هو.

سنڌ جا ماڻهو تصويري لکت ڪم آڻيندا هئا. جنهن ۾ 270 نشانيون ڪم آنديون ويندون هيون. اهڙي ساڳئي قسم جي لکت ايسٽر آئليند Easter Island ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان بيٽ ۾ لکت جو اهو سلسلو لڳاتار پوئين دور تائين هلندو آيو هو. شايد اهڙي لکت مس وسيلي ڪپڙي ۽ ڪاغذ تي ڪئي ويندي هئي. اهو ساڳيو طريقو اڄ چين ۽ جپان ۾ موجود آهي. سنڌ سيتا جا ماڻهو نهايت سڌريل اوزار ڪم آڻيندا هئا. جن ۾ ڪاٺ چيرڻ جي ڪارائي به شامل هوندي هئي جنهن کي ڏندا هئا. ڪارائيءَ جي چيرڻ سان ڪاٺ جو ٻورو نڪري ويندو هو ۽ ڪاني ڪپجي پوندي هئي. ان کان سواءِ ڪاٺ تي اکر ڪرڻ جا به مهان ڪاريگر هئا. اهڙيءَ ريت medical science طبي سائنس ۾ دنيا کان گهڻو اڳتي هئا. لاشن کي قبرستانن ۾ قبرون کوٽي دفن ڪندا هئا. ڪڏهن لاش رکي ان جي چوڌاري پٿر جون گول ڍيريون اوساريندا هئا. ڪڏهن لاش کي وڏي ٿانوَ ۾ رکندا. ڪڏهن وري اهو به ڏسڻ ۾ آيو آهي ته پٿرن جي حجري جهڙيءَ جاءِ جوڙي، لاش ان ۾ رکندا هئا، جنهن جي اتر يا اوپر پاسي سوراخ هوندو هو. آرين جي اچڻ کان لاشن کي ساڙڻ جو رواج پيو. يو ايس اي جي ڪن علائقن ۾ به لاشن کي ساڙڻ جو رواج آهي (جهڙوڪ فلوريڊا ۾). ڪڏهن وري اهو رواج به ڏسڻ ۾ آيو آهي، ته زير زمين قبر واري جڳهه ڪانڪريٽ گچ سان پري ويندي هئي. دقيانوسي خيال جا يهودي اڄ به هن ڳالهه تي زور ڏيندا آهن، ته انهن جي قبرن کي اتر پاسي کان سوراخ هجڻ گهرجي، انهيءَ لاءِ ته جيئن هو ڏسي سگهن ته خدائي تحرير مطابق مٽي ڪهڙي طريقي سان مٽيءَ سان ملي رهي آهي. هن کي قديم دور جي دفن ڪرڻ جي رسم سڏيو ويندو آهي. قبر جوڙڻ جو اهڙو طريقو دراوڙي آهي، جنهن جو نقل ڪيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرين جي مذهب ۾ باهه وسيلي قربانيون ڏنيون وينديون هيون، تنهن ڪري قربانگاهه تعمير ڪيا ويندا هئا. بعد ۾ انهن پنهنجي مذهب سان دراوڙي مذهبي اصولن کي شامل ڪيو ۽ نئون مذهب جوڙي ورتو جنهن کي هندو ڌرم سڏيو ويندو آهي. دراوڙي مذهبي رسمن واسطي پاڻيءَ کي ڪتب آڻيندا هئا، وڻن جو احترام ڪندا هئا، نانگن، ڏاندن، پٿرن سان اوساريل ٿلهن ۽ شِوَ لنگم Phallus جي پوڄا ڪندا هئا. اهڙيءَ ريت سوراخ نڪتل پٿرن جي يوني Yoni طور به پوڄا ڪندا هئا ۽ سمجهيو ويندو هو ته اها ديويءَ يا شڪتيءَ جي يوني Vagina آهي. لنگم ۽ يوني مقدس وجود جي تخليق جون علامتون آهن، جيڪي ٻچن ڄڻڻ جو وسيلي ۽ فطري قوت جو مظهر هونديون آهن. هيءَ ڪائنات جي فطري عمل جيان جوڙيءَ جي تخليق ۽ تخريب سمجهڻ هوندو هو. ابتدائي دور ۾ ويدڪ آريا دراوڙن جي مقدس هستين ۽ انهن جي مذهبن کان نفرت ڪندا هئا، پر اهي شِوَ ۽ شڪتيءَ جي پوڄا کي ختم ڪري ڪونه سگهيا هئا. اهي ٻئي مقدس وجود هر حال ۾ موجود رهيا ۽ اڄ اُهي موجوده دور جي هندو ڌرم منجهه اهم حيثيت جا مالڪ آهن. آريا پيئيتي Patrichal سماج جا قائل هئا ۽ وٽن ماءُ کان وڌيڪ پيءُ کي اهميت ڏني ويندي هئي. يعني اهو مرد جي غلبي وارو معاشرو هو پر اهي هندستاني سماج ۾ عورت جي حيثيت کي گهٽ ڪرڻ ۾ سوڀارا ڪونه ٿيا هئا، پر مسلمانن جي حملن کان پوءِ مرد کي عورت مٿان غلبو حاصل ٿي ويو هو پر ڏکڻ هندستان، پنجاب ۾ دراوڙي قسم جو معاشرو هو تنهن ڪري اتي عورت کي وڌيڪ اهميت حاصل آهي. اٽڪل 3600 ق. م. ڌاران ميسوپوٽاميا جي سمير واري علائقي ۾ تهذيب جي ابتدا ٿي هئي. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جا ماڻهو ميسوپوٽاميا سان تجارت ڪندا هئا. سنڌ جي برآمدي شين ۾ دراوڙي مذهب به هو. سمير جا ماڻهو سنڌ جي دراوڙن کان گهڻو سامان خريد ڪندا هئا، پر وٽن وڪري ڪرڻ لاءِ ڪوبه تجارتي مال ڪونه هوندو هو. تاريخ ۾ هي پهريون پيرو آهي، جو ٻن ڌرين وچ ۾ تجارتي توازن موجود نه آهي. اهڙيءَ ريت سميري دراوڙن جيان لٽا ڪپڙا پائيندا هئا. سنڌ وارن جون ڏاڙهيون ڪتريل ۽ ننڍيون هونديون هيون ۽ مُڇون

ڪوڙيندا هئا. ان ڪان سواءِ جان جي مٽئين حصي کي اوچڻ اهڙي نموني سان ويڙهيندا هئا جو ساڄي طرف وارو ڪلهو ظاهر ٿي بيهندو هو. عورتون Skirt جهڙو اوچڻ اوڍينديون هيون. ڇاتي ڪليل رکي ويندي هئي. ڍاڪ وٽ خوبصورت پٽو ٻڌو ويندو هو. مٿي تي وڏي پوتي رکي ويندي هئي. ڳچيءَ ۾ گهڻا هار پائينديون هيون. سنڌ جي واپارين جا دُڪان سمير جي مختلف شهرن ۾ هوندا هئا ۽ ان ڪان پوءِ هن بابل ۾ پڻ تجارت شروع ڪئي هئي. اهڙي ڏيتي ليتي 2169 ق. م. تائين هلي هئي ۽ ان وقت تائين جاري رهي جيستائين آرين موهن جي دڙي تي قبضو ڪري ورتو هو. ان ڪانپوءِ مذڪوره تجارت صفا ختم ٿي وئي هئي.

مصر جي قديم بادشاهت 3500 ق. م. ڪان شروع ٿي هئي ۽ 2631 ق. م. دوران ختم ٿي چڪي هئي. انهيءَ زماني ۾ موهن جو دڙو ترقي جي معراج تي هو. سندس شهري مرڪز عروج تي هئا. هن جو پرڏيهي واپار هلندو هو ۽ تجارتي ٻيڙا دولت جا انبار ڪٺي سنڌ موٽندا هئا. اهڙو واپار 2900 ڪان 1700 ق. م. تائين هلندو رهيو. انهيءَ زماني تائين سنڌ ۾ ڪنهن مندر جي تعمير جي شاهدي ڪانه ٿي ملي، نه وري تڏهن منظم قسم جو مذهب ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مصر جو پهريون پئرامڊ pyramid 2780 ق. م. ۾ ٺهيو هو. ان دوران پڻ سنڌ ۾ ڪا به مذهبي ڳالهه ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. وچين دور واري مصري بادشاهت 2375 ق. م ۾ شروع ٿي هئي. هن ڪان ٿورو عرصو پوءِ ايلمي آرين 2357 ق. م. ۾ سميري شهنشاهت کي تباهه ڪري ڇڏيو هو. 2150 ق. م. ڌاران ساڳين ايلمي Elamite آرين سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ڏانهن رخ ڪيو هو پر انهيءَ زماني ۾ هو وڏن تجارتي مرڪزن ڪان تمام گهٽو پري هئا. ان ڪان ٿورا سال پوءِ هئمورابي Hammurabi (2123 ـ 2081 ق. م) بابل جو بادشاهه ٿيو هو جنهن سمير وارن کي قانون ڏنو هو. انهيءَ دور ۾ بابل جو مذهب رڳو سمير جو ڪونه هو. سمير جي قديم زبان ائين مقدس ڪتاب جو درجو رکندي هئي، جيئن عيسائيت لاءِ لاطيني ۽ آرمائڪ Armaic پوليون هيون.

1825 ق. م ۾ حتي Hittite آرين بابل کي فتح ڪرڻ لاءِ بلئڪ سي Black sea ۽ ڪئسپن سي Caspian sea جي وچ وارن علائقن تي حملا ڪيا هئا. 1800 ق. م ۾ انگليند ۾ استونهينج Stonehenge جي تعمير

ٿي رهي هئي. فلسطين ۾ بہ تهذيب جي ابتدا 1800 ق. م. ۾ ٿي هئي. هي اهو زمانو هو جڏهن مصر ۾ وچين بادشاهت ختم ٿي رهي هئي، پر سنڌ اڃا بہ عروج تي هئي. مختلف دورن جو هي نظام انهيءَ ڪري اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ زماني ۾ آريا ميسوپوٽاميا ۽ سنڌو سپيتا جي علائقن ڏانهن وڌي رهيا هئا ۽ دراوڙا لهرين جي شڪل ۾ لڏ پلاڻ ڪري هرطرف وڌي رهيا هئا. اها تاريخ جي پهرين هجرت هئي. هو ماڻهو جيڏانهن بہ ويا، پنيان پنهنجا نشان ڇڏيون ويا هئا.

مصري بادشاهت 1580 کان 1100 ق. م. تائين ختم ٿي چڪي هئي. هن دور جو ادب خيالي قسم جي قصن تي مشتمل هو جيڪو يهودين ۽ عيسائين پنهنجي مقدس ڪتابن ۾ شامل ڪري ڇڏيو. ڪن مذهبي گروهن انهن ماڻهن ۽ واقعن کي حقيقي تاريخي سمجهيو هو جهڙوڪ، (حضرت) سليمان (ؑ) ۽ لازارس lazarus جو قصو وغيره. جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ ماڻهن جي هڪ وڏي تعداد ۾ ڇنئن مڇين ۽ ماني جي مختصر ٽڪرن مان پيٽ پري کاڌو هو. اهڙيءَ ريت شام ۾ 1500 ق. م. دوران هڪ نظم لکيو ويو هو جيڪو هڪ هزار سال کانپوءِ يهودين حضرت دانيال جي قصي سان ملائي ڇڏيو.

1400 ق. م. واري زماني ۾ آرين جو وڏو راز يعني لوهہ جو راز ظاهر ٿي پيو هو. ان کان پوءِ انسانذات لاءِ لوهہ جو دور شروع ٿيو. 1250 ۽ 1200 ق. م جي وچ واري زماني ۾ آرين سنڌ جا اهم تجارتي مرڪز فتح ڪري تباهہ ڪري ڇڏيا هئا. هي اهو دور آهي، جنهن ۾ پيا بہ ڪيترا ئي واقعا رونما ٿيندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

1200 کان 700 ق. م تائين اٽليءَ ايٽروسڪان Etruscans قبيلا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن پنهنجي وڏي تهذيب جو بنياد رکيو هو. شهري رياستون بہ ائين قائم ڪيون ويون هيون، جيئن سنڌو سپيتا ۾ قائم ڪيون ويون هيون. ماضيءَ ۾ مورخن يقين سان اهو بيان ڪونہ ڪيو آهي تہ انهن ايٽروسڪان قبيلي جي اصليت ڪهڙي هئي، پر اهو ضرور چون ٿا تہ اهڙيون شاهديون مليون آهن، اهي ليڊيا (ترڪي) کان آيا هئا. پر قوي امڪان اهو آهي تہ انهن ماڻهن جو تعلق سنڌ سان آهي، جيڪي آرين جي پهرين حملن دوران اتان نڪري هليا ويا هئا.



(سراپس Scrapis ديوتا سج جي روپ ۾. مصر جي هن ديوتا کي اناج جي ديوتا
اوسيرس Osiris ۽ ڏاند ديوتا Apis bull god کي ملائي ٺاهيو ويو آهي)

اهي سنڌي قبيلا ٿوري وقت لاءِ ان علائقي ۾ رهيا هئا، جنهن کي هاڻي ترڪيءَ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. جن کي اتي ليڊين Lydians سڏيو ويندو هو. بعد ۾ اهي هجرت ڪري اولهہ ڏانهن وڌيا ۽ اٽليءَ ۾ وڃي آباد ٿيا هئا. هي اهو زمانو هو جڏهن آريا ترڪيءَ وچان گذري رهيا هئا. ايٽروسڪان قبيلن جا اصول يونانين ۽ رومين جي اصولن جهڙا ڪونہ هئا. هنن قبيلن ۾ عورت ۽ مرد جا هڪ جيترا حق هئا. سنڌن ڪو مذهب ڪونہ هو. ڪابہ جنسي پابندي ڪانہ هئي. هنن جون ديويون ۽ ديوتائون ڪلڻ واري روپ ۾ هئا. هنن روايتن مان پتو پوي ٿو تہ سنڌن لاڳاپو سنڌ سان هو. موجوده دور ۾ اهڙا ڪيترا مورخ آهن، جن جو خيال آهي تہ انهن قبيلن جو امڪاني تعلق سنڌ سان ٿي سگهي ٿو.

1276 کان 1200 ق. م. تائين مختلف آريائي قبيلا ڏاڍا سرگرم رهيا هئا. هنن 1176 ق. م ڌاران آشور Assyria کي متحد ڪيو. هنن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن سنڌو سڀيتا جي وڏن تجارتي شهرن کي فتح ڪيو ته ميسوپوٽاميا وارا علائقا تباهه ٿي ويا. ڇاڪاڻ ته سنڌو سڀيتا جا شهر ميسوپوٽاميا جي گهٽي اقتصادي مدد ڪندا هئا. ميڊيٽرانين جي اوسي پاسي واري ميسينيا Mycenia جي ثقافت به تباهه ٿي وئي. جلد ئي پوءِ ڪنجاني واپاري معاشرو به 1232 ق. م ۾ ختم ٿي ويو. جلد ئي پوءِ لاوي Levite آرين جابلو برادرين تي قبضو ڪري، ماڻهن کي متحد ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ مقصد سان ته جيئن اسرائيل جي رياست کي قائم ڪري سگهجي. انهيءَ زماني ۾ مغربي دنيا جنگين ڪرڻ ۽ ڦهلجڻ ۾ مصروف هئي. يونانين 1193 ق.م ۾ ٽراءِ Troy کي شڪست ڏني هئي. انهيءَ زماني ۾ آرين جون فتحون مڪمل ٿي چڪيون هيون. فاتح مفتوح معاشري سان رلي ملي هڪ ٿي ويا هئا. انهن جي اثر کي مفتوحن جي فن، ادب ۽ مذهب ۾ محسوس ڪري سگهجي ٿو.

فونيشيا ۾ شام 1000 کان 600 ق. م ۾ سونهري دور ۾ داخل ٿيندا ڏسجن ٿا. هي اهو زمانو آهي جڏهن ويد ۽ اپنشد Upanishad مڪمل ٿي چڪا هئا، جن ۾ هندن جي ديوين ۽ ديوتائن بابت ڏند ڪٿائون بيان ڪيون ويون هيون ۽ دقيانوسي قسم جي پوڄا پاٺ کي ترقي وٺرائي وئي هئي. اهڙيءَ ريت آرين برهمڻن کي وڏيڪ طاقتور بنايو ويو هو جيڪو حڪمران طبقو هو. آشري شهنشاهت 732 کان 609 ق. م تائين قائم رهي هئي. گوتم ٻڌ 624 کان 544 ق. م تائين اسي سال زنده رهيو. اهڙن سيني واقعن کان پوءِ 621 ق. م ۾ انجيل جا پنج ڪتاب Pentateuch لکيا ويا. رومن ريپبلڪ جو بنياد 509 ق. م ۾ رکيو ويو هو پر ان کان اڳ ايٽروسڪان سان لڳاتار جنگيون هلنديون رهيون هيون. روم وارا ايٽروسڪان جي ثقافت کان گهڻا متاثر هئا ۽ آخر ۾ انهن کي ماري مطيع ڪري ڇڏيو هئائون. پر هنن ڪانئن تهذيب جي ٽيڪنڪ سکي ورتي هئي.

آشوري شهنشاهت 609 ق. م. ۾ ختم ٿي چڪي هئي. ان کان هڪ صدي پوءِ رومن ريپبلڪ جو بنياد رکيو ويو هو. انهيءَ زماني ۾ بابل وري عروج حاصل ڪري ورتو هو. جيڪو ايران جي اُڀري اچڻ تائين بحال رهيو هو. ايران 559 ق. م. ۾ شهنشاهت قائم ڪري ورتي هئي. هن بابل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي 539 ق. م ۾ مصر 525 ق. م ۾ هندستان کي 518 ق. م ۾ فتح ڪري ورتو هو. اهو ايرانين جي شهنشاهت وارو دور هو. يروشلم وارو عبادتگاهه جڙي راس ٿيو هو. انجيل جي ڏند ڪٿا موجب اهو ٻيو عبادتگاهه هو. انهيءَ زماني ۾ مذهب نئين سر ڪلڻ شروع ڪيو هو جن جي چوڻ موجب تہ پهريون عبادتگاهه (حضرت) سليمان تعمير ڪرايو هو پر اهڙي شاهدي ڪانہ ٿي ملي، بلڪ تاريخ جي وقت ۾ اسرائيل واري بادشاهت نظر ئي ڪانہ ٿي اچي. سڪندر اعظم 329 ق. م ۾ هندستان تي حملو ڪيو هو. هو هڪ هندو جوڳيءَ کي ساڻ ڪري 325 ق م ۾ واپس ٿيو هو.

138 ق. م ۾ مئڪبيز Maccabees يهودين جي صحيح قسم جي تاريخ لکي هئي. انهن جي لکيل تاريخ کي عيسائين غير اهم سمجهي انجيل ۾ جڳهه ڪانہ ڏني. يروشلم آشورين ۽ بابل ايرانين جي قبضي هيٺ رهيو آهي. تنهن ڪري اسرائيل جي بادشاهت ان شهر ۽ ٿوري پسگردائي تائين مشتمل هئي.

سنڌو ماٿري ۽ ان جي اوسي پاسي جي تاريخ ڪان هر ڪو واقف آهي. عهدنامہ جديد New Testament 300 ۽ 400ع ۾ لکيو ويو آهي. رومي شهنشاهت 476ع ڪان سنت ئي پوءِ ختم ٿي چڪي هئي. اها روايتي قسم جي تاريخ آهي ۽ انهن واقعن جي بنياد تي بيهاري وئي آهي، جڏهن جرمن قبيلن روم کي اچي ڦريو لٽيو هو جيڪي اتفاقي طور عيسائي هئا. اهڙيءَ ريت انجيل ۽ عيسائيت روم جي اپار جي گڏيل پيداوار آهي، هي اهو وقت هو جڏهن دنيا جو ختم ٿيڻ ضروري سمجهيو ويو هو. ١

اتفاقي ڳالهہ اها بہ آهي تہ 400ع ۾ مها ديوي آرين جي هندو ڌرم ۽ تنتري طريقي ۾ اهميت حاصل ڪري رهي هئي. 455 ڪان 500ع تائين هندستان تي هن Hun قبيلن حملا ڪيا هئا ۽ عربن 712ع ۾ سنڌ کي فتح ڪري ورتو هو. ان ڪان پوءِ سلطان حملہ آور 999 ڪان 1226ع تائين مسلسل حملا ڪندا رهيا. اهي هندو ڌرم ڪان نفرت ڪندا هئا. هنن جيڪا بہ چڱي شيءِ ڏٺي سا ڦري لٽي ۽ تباهہ ڪئي. سنڌن هر حملي ۾ هزارن بلڪ لکن جي تعداد ۾ هندو قتل ڪيا ويندا هئا. ان جو ڪارڻ فقط اهو هو تہ هو دنيا ۾ زنده چو هئا ۽ هنن جو مذهب مسلمانن جي اڪيلي خدا جي تصور جي خلاف هو.




(انهن آريا لوڪن جو اختيار ڪيل رستو جيڪو رستو وٺي هنن هندستان جي
سنڌو سيپيتا ۽ ان جي اولهه طرف وچ مشرق تي حملو ڪيو هو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




ايٽرومڪان ۽ ڪيلٽڪ لوڪن جا يورپ ۽ برٽش آئسلس وچان گذرندڙ نقل مڪانيءَ وارا رستا، هنن لوڪن جو ساري يورپ تي اثر ڇانيل هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلمانن جو دور ڏاڍ ڏمر ڪيس ۽ قهر جو زمانو هو. هزارن هندن کي ابرندڙ تيل جي ڪڙاهين ۾ اڇلائي ماريو ويو هو. انهيءَ زماني ۾ شِوَ ۽ شڪتي واري مذهب عروج حاصل ڪري ورتو هو. شِوَ ۽ شڪتيءَ جي پوڄا ڏکڻ هندستان ۽ ڪشمير ۾ گهڻو زور ورتو هو. انهيءَ زماني ۾ مسلمانن جا حوصلا ڏاڍا بلند هئا ۽ شِوَ ۽ شڪتيءَ جي پوڄا پاٺ انڊونيشيا تائين پکڙجي ويو هو. پڌ ڌرم 1100ع تائين ختم ٿي چڪو هو ۽ 1100ع کان 1610ع تائين شِوَ ۽ شڪتيءَ جون گهڻيون مورتيون جوڙيون ويون هيون. 1236ع ڌاران مسلمانن هندستان جي وڏي حصي تي پنهنجي حڪومت قائم ڪري ورتي هئي. مارڪوپولو 1288ع کان 1293ع هندستان آيو هو. واسڪو ڊي گاما (Vasco de gama) 1498ع ۾ هتي پهتو هو. هن پورچوگال حڪومت وٽ اعلان ڪيو هو تہ هن 1510ع ۾ گوا Goa ۾ واپاري ڪوٺي قائم ڪري ورتي آهي. ايترن حملن ۾ دولت جي ڦرلٽ هوندي بہ هندستان پوءِ بہ تصوراتي شاهوڪار ۽ دولتمند ملڪ سمجهيو ويندو هو. انگريز ۽ فرينچ بہ هندستان اندر تجارتي حقن واسطي 1756ع کان 1763ع تائين پاڻ ۾ جنگيون ڪندا رهيا هئا. جنهن ۾ انگريزن کٽيو. جنهن جي نتيجي ۾ رابرٽ ڪلائيو Robert Clive کي بنگال جو گورنر مقرر ڪيو ويو هو. 1858ع ۾ برطانيہ سرڪار ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان هندستان جو ضابطو ڇڏائي پنهنجي هٿ ۾ ورتو هو ۽ 1947ع ۾ هندن جي وڏي قتل عام ڪانپوءِ مندرن کي نقصان پهچائڻ قانوني طور ڏوهہ تسليم ڪيو ويو هو. بعد ۾ عام قسم جي افراتفريءَ کان پوءِ برطانيہ سرڪار هندستان جي قوم کي آزادي ڏني ۽ مسلمان پاڪستان ۽ هندو ڀارت جي شڪل ۾ بہ ملڪ وجود ۾ آيا. هو مذهبي طور هڪ متحد ملڪ هو. جنهن کي مذهب جي آڌار تي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. لکين ماڻهو پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي، سوين ميل پري وڃي ڌارين علائقن ۾ ويٺا. اهڙو وهاڻيل وايو منڊل متعصب ۽ ڌارئي سامراج هٿ وٺي پيدا ڪيو هو.

اڄ هندستان ۽ هندو ڌرم جون تاريخي پاڙون ان ملڪ ۾ موجود آهن. جيڪو بنياد پرست مسلمانن جو علائقو آهي. اوير پاڪستان واري علائقي کي اولهہ پاڪستان حملو ڪري تباهہ ۽ برباد ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙهيو. اهڙيءَ ريت اوير پاڪستان، اولهه پاڪستان کان آزادي حاصل ڪئي ۽ پاڻ کي بنگلاديش جو نالو ڏنو. ان ڪانپوءِ پاڪستان هڪ وڏي قوم نہ رهيو.

هي اهو زمانو هو جو مغرب لاءِ هندستان جي تجارت واسطي دروازا کلي چڪا هئا. اهو راڻي ايلزبيٿ I (1603ع_1558ع) جو دور هو. ڊاڪٽر جان ڊي John Dee (1608ع_1527ع) سندس درباري نجومي هو جنهن جادوءَ Enochain وارو طريقو (1570ع_ 1580ع) ايجاد ڪري ورتو هو پر انهيءَ کان اڳ يهودي ڪابالاش Kabbalah اگرپيا Agrippa (1486ع_1555ع) ۽ پئرسيلس Paracelsus (1493ع_1541ع) جي اڳواڻيءَ ۾ باقي يورپ اندر سيريمونيل ceremonial جادوءَ کي متعارف ڪرايو هو. هي اسپئن جو وچولو دور هو. 1877ع ۾ گولڊ ڊان Golden Dawn جادوءَ جي هرميٽڪ آرڊر Hermetic order جو بنياد رکيو هو. ان کان پوءِ 1875ع کان 1947ع تائين اليسٽر ڪرولي Aleister Crowly سيريمونيل جادوءَ جو اڳواڻ هو. 1897ع چارلس لي لئنڊ Charles Leland آريڊيا گوسپيل آف دي وچز Aradia: gospel of the wiches نالي ڪتاب لکيو هو جنهن جو واسطو اٽليءَ جي جادوگرياڻين سان هو. اهڙيءَ ريت جيرالڊ گارڊنر 1939ع ۾ جادوءَ جي ميدان ۾ پير پاتو هو ۽ 1940ع ۽ 1950ع وارن ڏهاڪن ۾ هن موضوع تي ڪتاب لکندو رهيو. 1970ع واري ڏهاڪي ۾ هن موضوع تي گهڻا ڪتاب لکيا ويا هئا ۽ ڪا واري جادوءَ جو گهڻو تعارف پيش ڪيو ويو هو. اهو جادوئي ادب پورين ريتن رسمن سان مڪمل هو جنهن ۾ وچولي دور جي يورپ جي روايتي جادوءَ ۽ ڪابالاش کي گڏائي پيش ڪيو ويو هو. مٿي بيان ڪيل جادوئي اوسر، تاريخن جي فهرست ۽ واقعا ڪجهه اڪيلين ڳالهيون ڪونہ آهن. انهن جي اهميت ۽ سنڌن پاڻ ۾ تعلقات اڳتي هلي ظاهر ڪيا ويندا.

جيڪڏهن اسان پنهنجي ورثي بابت سوال جواب ڪنداسون تہ اسان پوئتي وڃي هڪ اونداهي دروازي وٽ پهچنداسون. پنهنجي اصليت کي معلوم ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪن اوزارن جي گهرج آهي. ان لاءِ اوهان پاڻ ئي ڪارو آئينو mirror تيار ڪري سگهو ٿا، جيڪو اوهان کي پنهنجي ماضيءَ کي سمجهڻ لاءِ وڏو مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو.

باب ڀيو

# اوم ۽ اما

## لامذهبي ۽ مذهبي فرقن جا مقدس وجود

هنن کي مهاديو ۽ مهاديوتا طور سڃاتو ويندو آهي. . .

سنڌو ماترِيءَ جو شِوَ ديوتا ۽ شڪتي ديوي مختلف نالن سان يورپ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا هئا. هي ديوتائون جن رستن سان يورپ پهتا هئا، تن کي اڄ به چٽيءَ ريت سڃاڻي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته انهن رستن سان سنڌن علامتن جي پوڄا جا نشان موجود آهن. سنڌ جون ديويون ۽ ديوتا جنهن به ملڪ ۾ پهتا آهن، پنهنجي پنيان اصلي يا ٿورا تبديل ٿيل نالا ڇڏي ويا آهن. تنهن ڪري اهڙن رستن کي ڳولي لهي سگهجي ٿو. انسان کي هن ٻئي قسم جي ديوتا جو شعور ۽ تصور 28000 ق. م اڳي آيو هو. جيڪو مافوق الفطرت تصور جو بنياد بڻيو هو. ماڻهو هن مها ديوتا جي گهڻي عزت ڪندا هئا. جيڪو نَرَ ۽ ناريءَ جي روپ ۾ هو. هي ديوتا فطري طور ڇاولِ نر - ناري hermaphrodite آهي، جيڪو اڪين سان ڏسي سگهڻ جهڙو ديوتا آهي. ان ديوتا جو انساني شڪل ۾ ٻٽو روپ، سنڌس هم جنسيت homosexuality جو سوچيل سمجهيل ۽ تسليم ٿيل اظهار آهي. حالتن مان معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته سنڌو سڀيتا دنيا جي سيني کان پهرين تهذيب آهي ۽ نر - ناري ديوتا اوم ۽ اما جي ميلاپ جي شڪل ۾ به پهريائين هتي وجود ورتو جنهن کي اڄ شِوَ ۽ شڪتيءَ جي نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. عام ماڻهن کي هي ٻئي نالا آرين جي فتحن ۽ 1000 ق. م جي تجربن وسيلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلوم ٿيا آهن، جن جو اشارو 1500 ق. م واري دور ڏانهن آهي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ مذڪوره نالا 1000 ق. م دوران عام جام اچاريا ويندا هئا. هن بابت امڪان آهي، پر پڪ ڪانہ آهي تہ سنڌو سڀيتا جي ابتدائي دور ۾ انهن ديوتائن کي ساڳين نالن سان سڏيو ويندو هوندو.

هندستان جي موجوده دور جي دراوڙن کي سنڌ جي اصلي ماڻهن جو اولاد تسليم ڪيو ويندو آهي، جيڪي آرين جي حملن دوران اتان نڪري هتي اچي آباد ٿيا هئا. انهن ماڻهن کي پنهنجا مذهبي عقيدا بہ نقل مڪاني ڪرڻ وارن کان ورثي ۾ مليا هئا. هنن ماڻهن مهاديوَ ۽ ان جي ساٿيءَ کي هندو ڌرم جي روپ ۾ چڱي ريت محفوظ ڪري ورتو آهي. تنهن ڪري اهي شِوَ ۽ شڪتيءَ جي نالن کي نهايت احترام جي نظر سان ڏسندا آهن ۽ اڻ سڌيءَ ريت اهو معلوم ٿئي ٿو تہ سندن لازمي تعلق سنڌ سان آهي. ڪيترن مورخن سنڌ جي هن ديويءَ ۽ ديوتا جو تعلق هندو ڌرم سان جوڙيو آهي، پر هنن جي خيالن جو مرڪزي نڪتو سنڌ جو ڌرم نہ، پر هندو ڌرم هوندو آهي، جيڪو دور جي لحاظ کان قديم آهي، پر ان کي ويدن واري دور جي هندو ڌرم سان ملايو ويو آهي. نئين اثر جو اهو رخ گذريل 2500 سالن کان هلندو پيو اچي، جنهن جو مقصد روحانيت کي سياسي لاڙو ڏيڻ آهي. جيڪڏهن لامذهب فرقي جي اڳينءَ ڳالهہ کي ڏسبو تہ هن مان آرين واري اثر کي ڌار ڪري بيهارڻو پوندو ۽ بعد ۾ ڏسڻو پوندو تہ باقي ڇا وڃي بچيو آهي.

جيڪڏهن نر- ناريءَ واري ٻنهي ديوتا کي ڏسبو تہ نر جي پيٽ ۾ ناريءَ واري پاسي گهٽا نالا ڏنا ويا آهن، جيڪي سندس مختلف روپ آهن، پر نَرَ واري پاسي جو هڪ ئي نالو هلندو ٿي رهيو پر بعد ۾ ان جي مختلف روپن مطابق وڏيڪ نالا ڏنا ويا. جهڙوڪ شونٽ راج Lord of Dance، شو ارڌا ناري Shive Ardha nari (half male half female- Androtyne) شو پسوپتي (Shive lord of of beasts)، شوگنڊ (Phallic, fertility, creater) ۽ شِوُ مهايوگي (Great teacher, great Ascetic). هونءَ

تہ شِوَ (سخي) ديوتا جا گهڻا نالا آهن. پر هتي مثال طور مختصر بيان ڪيا ويا آهن.

ساڳيءَ ريت ديوي خاص قسم جي نالن سان سڃاتي ويندي آهي، جهڙوڪ شڪتي يا طاقت Power، ديوي يا مهاديوي Supreme Being، great goddess، درگا Inaccessible، war goddess، انا پورنا گهڻو کاڌو خوراڪ ڏيندڙ bestower of much food، جگنماتري Divine mother، پاروَتي Earth Mother ڪالي ديوي Black Mother. هيءَ ديوي فطرت، ڪاري پاسي جي نمائندي ڪندي آهي. ڇاڪاڻ تہ هر شيءِ موت کان نئين زندگي حاصل ڪندي آهي ۽ ڪالي زندگيءَ جو هڪ رستو آهي. هونءَ بہ هن ديويءَ جا گهڻا نالا آهن، پر هتي مختصر ڏنا ويا آهن. هي سڀ نالا هڪ ديويءَ جا آهن. هن ديويءَ جو اما Uma اهو نالو آهي، جنهن مان پتو پوي ٿو تہ هيءَ ديوي مشرق قريب تائين پکڙجي وئي هئي. هن ديويءَ جي نالي جي هر هڪ اکر کي پنهنجي اهميت حاصل آهي. اهڙيءَ ريت اما دراوڙن جي مها ديويءَ Great Mother جو نالو آهي، جنهن جي انسان ذات، پسن ۽ ٻوٽن تي حڪمراني آهي، جيڪا پنهنجي روحاني عظمت ڪري آجپو بخشيندي آهي. بعد ۾ هن سان شينهن ۽ جبل بہ ملايا ويا آهن. اهو ويدڪ آرين جي اچڻ جو اثر آهي، جيڪي سنڌ ۽ مشرق قريب مان گذريا هئا. هن ديويءَ جو نالو ذڪر هندستان ۽ پنجاب ۾ بہ گهڻو مشهور آهي. انهن علائقن ۾ بہ گهڻو ڇاتو سڃاتو وڃي ٿو جتي دراوڙا گهڻي تعداد ۾ آباد آهن. ساڳيءَ ريت اما Uma سمير وارن جي اما Uma ديوي بہ ٻڌجي وئي، جنهن جي پيءُ جو نالو سين Sin هو. هن نالي سين Sin مان سندس اصليت جو پتو پئجي وڃي ٿو. ڇا اها دراصل سنڌ مان آئي هئي. بعد ۾ اها بابل جي اهم ديوي ٻڌجي وئي. ڇاڪاڻ تہ انهن ماڻهن سمير وارن جو مذهب اختيار ڪيو هو. جيڪڏهن اسان سمجهنداسون تہ سمير جا ماڻهو دراصل سنڌ مان لڏي پلاڻي هن علائقي پهتا هئا تہ پوءِ ميسوپوٽاميا ۽ سنڌو ماتريءَ جي مذهب وچ ۾ موجود تعلقات چڱيءَ ريت سمجهہ ۾ اچي ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



(اما Uma پاروتي ديوي- ڌرتي ماتا جي روپ ۾)

سگهن وارو ديوتا پسوپتي Lord of Animals موجوده دور جي لامذهب فرقي وٽ چٽيءَ ريت ڄاتو سڃاتو ويندو آهي. هن کي هندستان ۾ مشرق قريب ۾ جبل جي ديوي Lady of Mountian سڏيو ويندو آهي. شِوَ ۾ پاروتيءَ کي ڪريٽ ۾ زئگريوس Zegreus ۾ سائبل Cybele سڏيو ويندو آهي. (جڏهن تہ پاروتيءَ کي اما Uma پاروتي ڪوٺيو ويندو آهي، جنهن جي اصليت جي سيني کي ڄاڻ سڃاڻ آهي). هن ديويءَ کي مشرق قريب جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گهڻن نالن سان سڏيو ويندو آهي. هن جي نمائندگي ڪندڙ علامتون ڏاند، نانگ ۽ يوني Vagina هونديون آهن. پر ڪن علائقن ۾ پٿر جي پوئين دور کان وٺي چيتو ۽ شينهن پڻ هن جي علامتي نمائندگي ڪندا آهن.

هن جي پيٽ ۾ آرين جي ديوين ۾ ديوتائن جون علامتي نشانيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فطري ماحول سان تعلق رکنديون هيون. جهڙوڪ ڪِنوڻ، باهه ۽ مينهن وغيره. ان ڪان سواءِ انساني خوبين ۽ خاصيتن جهڙوڪ عزت آبروءَ ۽ تيار مال ۾ حصي ڪي شخصي روپ ۾ ڏسڻ چاهيندا هئا.

انسان ذات جو قديم مذهب ماٺهوءَ ڪي فطري ڦير گهير واري دائري اندر ڏسڻ چاهيندو هو. آرين جي ترقيءَ جو مرڪزي نڪتو اهو هو ته انسان فطري ماحول جو حصو آهي، سندن تصور هو ته ٻين مٿان غلبي حاصل ڪرڻ ۽ تحفظ واسطي ديوتائن ڪي مدد لاءِ سڏيو وڃي. ان قسم جي نئين نقطئه نظر ڪري ضروري هو ته فطرت ڪي راضي ڪرڻ لاءِ قربانيون ڏنيون وڃن، پر ان ڪي انسان ذات ۽ ڪائنات جي وجد جي جذبي طور خوش نه ڪيو وڃي.

شِوَ ديوتا ڪي آن Ann جي نالي سان به سڏيو ويندو هو. ڪڏهن ديويءَ ڪي به ان نالي سان پڻ سڏيو ويندو هو. حتي Hittite قبيلا به پنهنجي ديوتا ڪي آن Ann سڏيندا هئا، ڪنعاني انت Anat، ڪيلٽڪ آني Anc، سميري اَنو Anu چوندا هئا. اهو ساڳيو آن Ann برطاني Brittany ۾ وري St: Mary جي ماءُ جو نالو به آني Annc ڏسجي ٿو. هن خوبيءَ ۽ خاصيت ڪري ڪڏهن شِوَ ڪي مونثِ جي معنيٰ ۾ به ڏنو ويو آهي. چاڪاڻ ته اهو ارڌا ناري به هو. شِوَ ڪي هندو ڌرم اشا Isha سڏيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پتي Lord. جڏهن عهدنامه جديد آرامي ٻولي ۾ ترجمو ڪيو پئي ويو تڏهن شِوَ ڪي انهيءَ لقب مان سڏيو ويندو هو تنهن ڪري مترجمن شِوَ جي انهيءَ لقب جو ترجمو جيسس Jesus ڪيو هو. شِوَ ۽ ڪرائسٽ Christ ۾ موجود تعلق تي بعد ۾ بحث ڪيو ويندو پر هتي ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته عيسائي مذهب جي روايتن ۾ هيءَ ڳالهه موجود آهي ته خدا جي پٽ جا تمام گهڻا نالا هوندا هئا، جن ۾ هڪ جوشئا Joshua به هو.

منهنجو عام طور تي اشارو سنڌو ماٿريءَ جي ديوتا ۽ ديوي يعني شِوَ ۽ شڪتي يا شِوَ ۽ پارورتيءَ ڏانهن هوندو آهي، پر هزارن سالن جي گذرڻ ڪانپوءِ هنن ٻنهي ديوتائن جي روپن ۽ صفتي ڳالهين ڪي اسم خاص سمجهيو ويو آهي، پر خاص ڪري ديويءَ جي مختلف روپن ڪي اسم خاص تصور ڪيو ويو آهي. هن جو مطلب اهو ڪونه آهي ته ايتريون گهڻيون ديويون ۽ ديوتائون آهن، ليڪن ديوي ۽ ديوتا فقط

هڪ آهي ۽ سنڌن ٻيا نالا صفاتي آهن. هنن ديوتائين کي مختلف مضمونن لاءِ مختلف طريقن سان مختلف روپن ۾ مدد لاءِ سڏيو ويندو آهي. ديوتا ۽ ديويءَ جو هڪ مورتيءَ جي شڪل ۾ گڏ هجڻ وحدت جو ثبوت آهي. جنهن مان فطرت اندر وحدت جي موجودگيءَ جو اظهار ٿئي ٿو جيڪا فطرتي دوئي Two Some کان شروع ٿئي ٿي، يعني ڪُل کي ٻه جز آهن يا ٻه اڌ آهن. پوءِ ٻه اهو "ڪُل" آهي ۽ اهو ڪل ڪيترن جزن ۾ تقسيم ٿي سگهي ٿو جن کي مختلف روپ سڏيو ويندو آهي، پر ان هوندي ٻه اهو ڪُل ئي رهندو آهي. شِوَ ۽ شڪتي ٻه جدا ۽ آزاد وجود آهن ۽ اڙڌا ناري هئڻ ڪري اهي واحد قوت آهن.



(هڪ فنڪار اوم جي مورتي کي ٻن علامتي نشانين وسيلي ڳنڍي تيار ڪيو آهي)

جهڙيءَ ريت ديويءَ جي نالي اندر موجود اکرن کي خاص اهميت حاصل آهي، تهڙيءَ ريت ديوتا جي نالي اندر موجود اکرن کي ٻه پنهنجي اهميت آهي، جيڪڏهن اسان کي انهن ٻنهي ديوتائن کي سمجهڻو آهي ته پوءِ اسان کي ٻنهي ڏانهن ڏسڻو پوندو. "A" جي معنيٰ ڀلائي (احسان) آهي، تنهن ڪري اهو مرد جي نمائندي ڪري ٿو. "U" طاقت آهي، جيڪا عورت جي علامت آهي. M معنيٰ ڪُل آهي، جيڪو مرد ۽ عورت جي گڏيل شڪل آهي. اهڙيءَ ريت UMA جي اکرن جي ٻه ساڳي خوبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ خاصيت آهي. پر هن لفظ ۾ U پهريائين اچي ٿو جنهن جي معنيٰ طاقت جي ديوي آهي. بعد ۾ M جو اکر اچي ٿو جنهن جي معنيٰ ”ڪل“ يا ٻن جو اتحاد آهي. A جي معنيٰ پلاين جو ديوتا آهي. هن ۾ ٽئي خاصيتون قابل قبول آهن ۽ اهو اوهان جي ضرورتن ۽ اوليتن تي مدار رکي ٿو پر انهن ٻنهي کي هڪ تصور ڪيو وڃي. اوهان M کي ارڌا ناري شِوَ سمجهي سگهون ٿا. جيڪڏهن اوهان M جي اچار ڏانهن ڌيان ڏيندا ان ۾ اوهان کي U ۽ A جو آواز بہ نظر ايندو جيڪو ماتا ديوي Mother Goddess جي نمائندگي ڪري ٿو جيڪا ڳورهاري آهي، جنهن جي پيٽ اندر اڻ ڄاول ٻار جي شڪل ۾ ديوتا موجود آهي. ڪنهن ديوتا جي نمائندگي اکرن جو استعمال يا ديوتا جي خوبين کي اکرن وسيلي بيان ڪرڻ جو طريقو دراوڙن سان تعلقاتن وسيلي يا آرين جي فتحن وسيلي ٻين مذهبي روايتن ۾ داخل ٿيو آهي.



(شو ارڌا ناري Androgyne ديوتا جيڪو اڌ نر ۽ اڌ ناري آهي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوتا ۽ ديويءَ جون ڏند ڪٿائي طرزون سنڌ کان چوطرف پکڙيون هيون، جن سان پنهنجون علامتون نشانيون گڏ هيون. تثيلث Trinity جو تصور به هنن پنهي ديوتائن تان ورتو ويو هو. چاڪاڻ ته شِوَ کي ترشول Trident هوندو آهي. ان کي ٽن مُنهن three faced واري مورتي يعني ته مورتيءَ جي شڪل ۾ ڏٺو ويندو آهي. هيءُ هڪ اندرٽن جو روپ three in one آهي، عيسائي عقيدو به هن تصور تان ورتو ويو آهي. ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته اهو نقطئه نظر ويدن جي تصور تان ورتو ويو آهي. جنهن ۾ برهما ديوتا پيءُ ۽ وشنو ديوتا پٽ آهي. هي ديوتا اوتار جي شڪل ۾ ايندو رهندو آهي. جڏهن ته شِوَ هڪ مقدس روح Holy Spirit آهي. مقدس وجود جو جز هر شيءِ ممڪن بڻائي سگهندو آهي ۽ يهودي عيسائي نظريي موجب اهڙين ڳالهين تي تهمت ۽ الزام مڙهي ڪونه ٿو سگهجي. ڪوبه ماڻهو ديوتا جو نالو يا ديوتا جي پٽ جو نالو وٺي پاراتو ڏئي سگهي ٿو پر مقدس روح جو نالو وٺي پِٽ پاراتو ڏئي ڪونه ٿو سگهي، سو مغرب ۾ به شِوَ جو احترام انهيءَ طريقي سان محفوظ آهي.

ان کان سواءِ شِوَ کي ته ـ اکيو ديوتا سڏيو ويندو آهي. هو پنهنجي ٽينءَ اک سان ڪنهن کي تباهه ڪندو آهي يا تخليق ڪندو آهي. سندس هيءَ حيثيت به تثليث جو ذريعو ٿي سگهي ٿي. چاڪاڻ ته ان ۾ به ٽي روپ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر شڪتي ديوي به گهڻو تثليث جو اظهار ڪندي آهي. هوءَ ديويءَ جي روپ ۾ ڪائنات جي ماتا Mother of Universe آهي، جنهن پنهنجو پاڻ کي ٽن ماتا ديوين ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو آهي. جهڙوڪ: سرسوتي، لڪشمي ۽ پاروتي. هوءَ ڪنواري Maiden ماءُ Mother ۽ مستيءَ جي روپ ۾ جهور ڪراڙي Crone آهي، پاروتي ۽ ڪالي به آهي. اهڙيءَ ريت مغرب جي تهذيب ۾ مونث تثليث جو پڻ گهڻو تعداد ڏسجي ٿو. هڪ three fates جي تثيلث آهي، جنهن ۾ Clotho Lachesis ۽ Atroppos آهي. جڏهن Morrigu واري تثيلث ۾ Ana، Badb ۽ Macha آهن. Norns واري تثليث ۾ چند جون ٽي ديويون، جهڙوڪ Diana، Selena ۽ Hecate آهن. ڌرتيءَ جي ديوين جي تثليث ۾ Kore، Persephone ۽ Demeter آهي. Kore پار جهڙي ڪنواري ڇوڪري آهي، جيڪا دراصل Persephone جو ٻيو روپ آهي، جيڪا سدائين هن تثليث جو حصو ڪانه هوندي آهي. ان جي بدران هيڪيٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Hacate روايتي طور پرسيفون Persephone جي ڳولا لاءِ ڊميٽر Demeter جي مدد ڪري ٿي، جنهن کي هئڊس Hades زوري کڻي پاتال Underground ڏانهن هليا ويا آهن. اهڙيءَ ريت پرسيفون ڪنواري ڊميٽر ماءُ ۽ هيڪٽٺ جهور ڪراڙي آهي. هيڪٽٺ کي ٽي حيثيت آهي. چاڪاڻ تہ هوءَ ڌرتي بہ آهي تہ چنڊ بہ آهي. چاڪاڻ تہ اها ڌرتي ۽ چنڊ جي نمائندگي ڪندي آهي. هن لاءِ چوڏڳيون Cross roads ڏاڍيون مقدس هونديون آهن. هو پنهنجي جادوئي طاقت سان ائين ڌرتيءَ جي طاقت کي هدايتون ڏيندي آهي جيئن چنڊ ڌرتيءَ لهراين tides کي هدايتون ۽ حڪم ڏيندو آهي. ابتدا ۾ ديوين جي هيءَ تثليث پوئين دور جي هندستان ۽ مشرق قريب جي آريائي مذهب ۾ داخل ٿيون هيون، جنهن جي ڪري انهن ديوين جي پوڄارين ۽ فاتح آرين جي وچ ۾ نفاق پيدا ٿي پيو هو.

آرين جي خالص مذهب اندر جيڪا شيءِ پري کان نظر اچي رهي آهي، سا مرد ديوتائن جي تثليث آهي، يعني هڪ پيءُ ديوتا Father god، قانون جو ديوتا The god of law ۽ جنگ جو ديوتا The Warior god. ويدن واري هندو ڌرم اندر برهما خالق The Creator، وشنو بچائيندڙ Preserver ۽ اندر وڏو جنگجو the great warior آهي، پر جڏهن هي مذهب دراوڙي مذهب سان مليو تہ شو ديوتا اندر کي تباهہ ڪندڙ ديوتا جي حيثيت ڏني ٿو.

1915ع واري دور جي عالمن موجوده دور جي هندو ڌرم ۾ دراوڙي مذهب جي ديوتائن جي ملي وڃڻ بابت لکيو آهي. اتر يورپ جي لامذهب Pagan فرقي جي مذهبي نظام اندر هن ريت ديوتائون هئا. اوڊن Odin ديوتائن جو بادشاهہ، تاير Tyr قانون ڏيندڙ ديوتا، ٿور Thor وڏو جنگجو ديوتا. گهڻي وقت تائين آرين جي طاقت وارين ديوين کي تسليم ڪونہ ڪيو ويو هو پر پوءِ دراوڙي مذهب جي ديوي آرين جي مذهب اندر ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا پنهنجي ساٿي شِوَ جي پاسي ۾ موجود نظر اچي ٿي، جيڪو دراوڙن جو ديوتا آهي.

صدين تائين دراوڙي اڪثريت وارن علائقن ۾ ڪنهن ديوي جي پوڄا کي وڏو ڏوهہ سمجهيو ويندو هو. 700 کان 1000ع تائين شِوَ ديوتا جي پوڄا جو روز هو. بعد ۾ اهڙيون ڪيتريون تحريرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيترا علائقا ڪن مذهبن کان خالي ٿي ويا هئا ۽ حڪمرانن واري مذهب کي گهڻي ميڄتا ملندي هئي. ائين

بہ نظر اچي ٿو تہ وشنو جي پوڄارين شو ديوتا جي پوڄارين جو قتل عام ڪيو هو پر جڏهن شِوَ پوڄارين (چوڏهينءَ کان سترهينءَ صديءَ تائين) زور ورتو تہ هنن وشنوءَ جي پوڄارين جو قتل عام ڪيو. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ويدڪ آرين واري دور ۾ ديويون گهٽ نظر اچن ٿيون، پر جيڪي بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون سي مرد ديوتائن سان گڏ آهن ۽ اهو وايو منڊل ائين ٿي ويو هو جيئن اسان کي اتر يورپ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.



(ديوتائن جي ٽمورتي جنهن کي مها ديوي پاڪر ۾ پريون ويني آهي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرين جي هيڏانهن هوڏانهن پکڙجڻ واري دور کان اڳ آريا ماتا ديوي Mother Goddess جي پوڄا ڪندا هئا. تحقيق ڪرڻ لاءِ هيءُ هڪ وڏو ميدان آهي. ماريجا گمبوٽس Marija Gambutas هن موضوع تي تمام گهڻو لکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هي موضوع سنڌ جي قديم آثارن جي تحقيق سان لاڳاپيل هو. (ڏسو The Civilization of Goddess- Newyork ڇاپيندڙ Harper Collins 1991) آرين جي سنڌو ماترٻيءَ جي فتح کان پوءِ، آرين لاءِ سياسي طور اهو ممڪن ڪونہ هو تہ هو پنهنجي ديوين وارين روايتن کي نئين سر زنده ڪري سگهن. جيڪڏهن عورت ديويءَ واري ڪنهن بہ روپ جي پوڄا ڪئي ويجي ها تہ آرين جي طاقت جي ڪمزوري سمجهي ويجي ها ۽ انهن جي اوچي طبقي واري شان کي ڪارنهن جو ٽڪو لڳي ويجي ها ۽ آريا معاشري جي سياسي اڳواڻن ۽ فوجين لاءِ توهين جو باعث بڻجن ها. تنهن ڪري آرين جي فتح وارن علائقن ديويءَ پوڄا واريءَ روايت کي ختم ڪيو ويو هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو وچ مشرق واري مذهب اندر ديوتائن جي پيٽ ۾ ديوين ٿوريون آهن. اهڙي ساڳي صورتحال اتر جي گوٿ goth قبيلن، ٽيوٽن Teutons، جرمن، ائنگلو سئڪسنس ۽ يورپ جي گال gual قبيلن ۾ ڏسجي ٿي. ويدڪ هندن جو آريائي قبيلن سان تعلق آهي، جيڪي اگني ديوي جي قربانگاهن جي پوڄا ڪندا هئا. اهي اگني ديويءَ جي اهميت تي زور ڏيندا هئا ۽ گهر اندر باهہ کي هميشه ٻاري رکڻ فرض سمجهندا هئا، پر هندستان جي گرم ترين علائقن ۾ ائين ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. هن قسم جي مذهبي رسم زندگي جي هر شعبي سان لاڳاپيل هين ۽ هن قسم جي رسم فقط آريا قبيلا سرانجام ڪندا هئا. هن رسم کي صحيح طريقي سان بجا آڻڻ واسطي ڏاڍي احتياط کان ڪم ورتو پوندو هو ۽ ان لاءِ تفصيلي ۽ پيچيده قسم جون هدايتون ڏنيون وينديون هيون. هن قسم جا مذهبي فرض اهي ماڻهو انجام ڏيندا هئا، جيڪي حڪمران طرفان مقرر ٿيندا هئا ۽ پشت بہ پشت پروهت هوندا هئا. ماڻهو هنن کي وڏو اجورو ڏيندا هئا. اهڙا پروهت، ماڻهوءَ ۽ ديوتا وچ ۾ رابطو هوندا هئا. اهڙي پروهت جو مانُ گهڻو متاهون هوندو هو. قانون طرفان بہ کيس اهڙِي مجتا مليل هئي. اهڙيءَ ريت هو الڳ ٿلڳ رهندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا ۽ شاديون بہ پنهنجي طبقي منجهان ڪندا هئا. ابتدائي دور ۾ اهي مورتين ۽ مندرن کان نفرت ڪندا هئا. پر هندستان ۾ پهچڻ کان پوءِ هنن جو مذهب دراوڙن جي مذهب سان رلي ملي ويو هو ۽ هنن کي هڪ جڳهہ تي گهر جوڙي ويهي رهڻ جو موقعو ملي ويو هو. ان ڪري هڪ نئون مذهب پيدا ٿي پيو هو. اڳيان امتناعي قانون ختم ٿي چڪا هئا ۽ هڪ نئون هندو ڌرم جڙي پيو هو. بعد ۾ مورتي ۽ مندر بہ ڏسجي ٿو جنهن کي بعد جي لاوي آرين ختم ڪري ڇڏيو هو.

سنڌو ماتريءَ جي ديوتا ۽ ديويءَ جي نمائندگي سج ۽ چنڊ ڪندا هئا. اها ڳالهہ قابلِ اعتبار بہ هئي، ڇاڪاڻ تہ اهي هڪ آهن. پر اهو هن ڳالهہ تي آڌاريلُ هو تہ سج ۽ چنڊ مان ڪهڙي علامتي روپ جي ضرورت آهي. جوزيف ڪئمپبيل Joseph Campbell ڏند ڪٿائن تي تحقيق ڪئي آهي ۽ ليڪچر بہ ڏنا آهن. سندس چوڻ آهي تہ مغرب ۾ سج ۽ چنڊ کي ديوتا ۽ ديوي طور مڃيو ويندو هو پر مشرق ۾ وري ان جي ابتڙ سوچيو ويجي ٿو پر انهن ڳالهين ۾ ڪيترين حقيقتون موجود ڪونہ آهن. مون کي احساس آهي تہ مغرب ۽ مشرق مونجهارن جو شڪار آهن. ويدڪ دور جي شِوَ جي مورتيءَ ۾ هن ديوتا جي وارن ۾ چنڊ چنبڙيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو اها ڳالهہ آرين جي اثر ڪري آهي، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ مرد ديوتا کان عزت احترام ۾ عورت ديوي هيٺاهين آهي، پر هندو ڌرم ۾ بيان ڪيو ويو آهي، تہ شِوَ لکن سجن جي برابر آهي. جڏهن هن کي هندو ڌرم ۾ سج ديوتا تسليم ڪيو ويو تہ پاروتي کي بہ سندس حصي طور تسليم ڪيو ويو هو. ڌرتيءَ تي ساوڪ، Solstices واريون موسمي تبديليون ۽ هڪ جهڙين موسمن واري ڦيرگهير، چنڊ جا مختلف مرحلا ۽ پوکي راهيءَ جون ڌار ڌار رتيون زندگيءَ جي ڦيري سان لاڳاپيل هونديون هيون ۽ اهڙيون ڳالهيون سنڌ جي پهرئين مذهب جو بنياد هيون. اهڙو قديم خيال 28000 ق. م سان واسطو رکي ٿو جنهن ۾ اڄ تائين ڪتاب تبديلي اچي ڪانہ سگهي آهي. ديوتائن جا نالا پلي تبديل ٿي وڃن، مشاهدن جي ڪارڻ کي پلي نئين سر بيان ڪيو وڃي، پر سنڌ جو Solstices وِڪا وارن جو يول Yule وارو ڏينهن آهي. جڏهن تہ عيسائي سنڌ جي هن

Solstices کي ڪرسمس جو ڏڻ ڪري خوشيون ملهائيندا آهن. يهودي وري هن کي روشنين واري عيد (Hanukkah) سمجهي خوشيون ڪندا آهن. پر اهو سج جو صفا ذڪر هلي اتر ڏانهن واپسيءَ جو سنڌين جو ڏينهن آهي. هن ڪانسواءِ دنيا جا ٻيا بہ ڪيترائي مذهب هن ڏينهن تي موڪلون ڪندا آهن.



(لنگم جي مورتي جنهن جي پوڄا جو رواج آهي. هن کي ڳچيءَ ۾ بہ پاتو ويندو هو)

آرين جي نقطئہ نظر کان لنگ ديوتا جي پوڄا مايوس ڪن هوندي هئي. اهي ڏسڻ شرط اهو محسوس ڪري ڪونہ سگهيا هئا، تہ مرد جي خاص عضوي جي پوڄا اهم ڇو آهي. ڪين اهو احساس ڪونہ هو تہ هن پوڄا جي پنيان ڪهڙي فلاسافي موجود آهي. اهڙي ڳالهہ تہ تخليقي سگهہ جي عزت ۽ احترام آهي. لنگ جي صورت ۾ مرداڻو عضوو مقدس نديءَ وچ ۾ موجود پٿر جي نمائندگي ڪري ٿو. اهڙي ريت اُيءَ صورت ۾ بينل پٿر ۽ وڻ جو ٿڙ، تخليقي سگهہ جي علامت هوندا آهن. جيڪي هر هڪ ساهدار جي متحرڪ ماليڪيول جي روپ ۾ ناچ ڪندا رهندا آهن. عورت جي خاص عضوي يوني جي نمائندگي پٿر ۾ گول دائري جهڙو سوراخ، ڳِڀ، گهڀُ نموني ڪا ئي شڪل ڪندي آهي. اهڙي علامت طاقت جو اظهار هوندو آهي، جيڪو زندگيءَ جي روپ ۾ هوندو آهي. هي تصور سڄو سارو ڪو اخلاق کان ڪِريل ڪونہ آهي. جيڪڏهن هندو ڌرم جا پوئلڳ هن کي اخلاق کان ڪِريل ڳالهہ تصور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا ته نقصان وري سندن ٽيندو ۽ ماڻهو انهيءَ قسم جي سوچ کي اڄ
چو خراب سمجهي رهيا آهن. اهڙا ڪيترا هندو آهن، جن جو واسطو
مغرب سان آهي، جن لنگ جي خلاف انهيءَ جو ردعمل محسوس ڪيو
آهي، تنهن ڪري انهن پنهنجي مذهب خلاف ڪاوڙ جو اظهار ڪيو
آهي ته اهو يورپ وارن جي نظر ۾ نهايت قديم مذهب آهي، جنهن ۾
هڪ ماڻهو جي مورتي جوڙي ان کي ديوتا سمجهندا آهن.

لنگ مان سمجهيو ويندو آهي ته فطرت پنهنجو ڪم ڪهڙي
طريقي سان ڪري رهي آهي. ڌرتي به دنياوي نقطئه نظر کان ساڳئي
نموني وارا نديڙا نديڙا ڪم ڪندي رهندي آهي. سنڌ جا دراوڙ ڪي
جاهل ماڻهو ڪونه هئا. وٽن سائنسي ڄاڻ هئي. صدين تائين اندر
ذهني هجڻ ڪانپوءِ هاڻي دريافتون ٿي رهيون آهن، جن مٿان مذهبي
حڪمرانن جون پابنديون هيون ته انهن کي ظاهر نه ڪيو وڃي. شِوَ
ديوتا جو ناچ دنياوي طاقت جو تحرڪ آهي. هاڻي تازو اها ڄاڻ به ملي
آهي ته هر ساهدار ماليڪيول ظاهر ۾ ماٺ ڏسڻ ۾ ايندا آهن، پر
حقيقت ۾ متحرڪ هوندا آهن. شڪتي يونيءَ وسيلي نچندڙ
ماليڪيولن جي شڪل جي خوبي بيان ڪندي آهي. پوءِ اهو وڻ هجي،
جبل هجي يا انسان هجي. جنهن به شيءِ ۾ هيءَ سگهه هوندي آهي، سا
هڪ نه ٻيءَ معنيٰ ۾ ضرور زنده هوندي آهي. پٿر ۾ به زندگي آهي. هاڻي
ته سائنس ڄاڻي چڪي آهي ته مختلف شين وچ ۾ ماليڪيولن جي
ڏيتي ليتي ٿيندي آهي. اها ڳالهه به ته مختلف ماليڪيولن molecules
جي جوڙجڪ ۾ لڳاتار رابطو رهندو آهي، جنهن ڪري مذهب
Panthism کي قومي طرز جو بڻائي ڇڏيندو آهي. ينگ ۽ يين Yin ۽
Yang جي شڪل ۾.

چين ۾ به لنگ ۽ يوني جو تصور موجود آهي. هن مان پتو پوي ٿو
ته سنڌ جي مذهب ان طرف به سفر ڪيو آهي. سگهن وارو The
ithyphallic ديوتا ڪڏهن يوگا واري صورت ۾ سنڌليءَ تي ويٺل ڏسبو
آهي، جيڪو يورپ ۾ به 6000 ق. م. کان موجود آهي. ڪڏهن هن ديوتا
کي ڏاند جي روپ ۾ ڏنو ويو آهي، ڪڏهن انساني سر سان ڏاند جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪل ۾ ۽ ڪڏهن لنگ کي انساني روپ ۾ بہ ڏٺو ويو آهي. يوگوسلاويا ۾ ڊئنيوب نديءَ جي ڪناري واقع ليپينسڪي Lepenskivir جي ماڳ پرسان هڪ قبرستان لڌو ويو آهي، جنهن جو قبرون يوگا جي شڪل ۾ آهن. اهڙيءَ ريت ڪمبوڊيا، جاوا ۽ باليءَ جي مذهبن ۾ بہ دراوڙي ورثو ڏسڻ ۾ آيو آهي. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ لنگ ۽ يوني جون مورتيون بہ دنيا جي قديم ۽ پهرينءَ تهذيب سان تعلق رکن ٿيون ۽ انساني مذهبن جا عضوا سنڌو سيپتا کان اولهہ ۽ اوڀر پکڙيا آهن.

دراوڙي مذهب جي اظهار موجب لنگ Linga طاقت جو وسيلو آهي. جڏهن تہ يوني هن ڳالهہ جو تعين ڪندي آهي تہ اها طاقت ڇا تخليق ڪري رهي آهي. اهڙيءَ ريت اها ديوي طاقت کي پنهنجي ڳرڀ ۾ داخل ڪندي آهي ۽ سيني شين کي جنم ڏيندي آهي. تنهن ڪري هن کي طاقت يا شڪتيءَ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ديويءَ جو مادي matter تي ضابطو آهي. آريائي مذهب موجب اهڙي ڳالهہ گناهہ ۽ دنياوي هئي. ويدن کان اڳ واري مذهب ۾ طاقت ۽ مادي شيءِ matter پاڻ ۾ لاڳاپيل هيون، يعني ديوتا ۽ ديوي هڪ وجود هو ۽ مادي شيءِ گناهہ ڪانہ هئي ۽ مادي شيءِ ۾ بہ ديوتا جو وجود هو. موجوده دور جي حيران پريشان ڪندڙ quander مذهبي ملائن سان هن معاملي تي بحث بہ ڪيو هو تہ جيڪڏهن مادي شيءِ کي گناهہ سمجهيو ويو تہ ديوتا جي تخليق بہ تہ گناهہ بڻجي ويندي، جيڪڏهن اهو معاملو ائين آهي تہ پوءِ ديوتا پوڄا جي لائق ڪونہ هوندو. هن مسئلي يهودين ۽ عيسائي ملائن کي ٻن هزارن سالن کان وٺي منجهائي ڇڏيو آهي. اها جڙ مناسب سوچ لاءِ ذهني پيڙا آهي ۽ اهو ديوتا خلاف ماحول پيدا ٿيندو پر هن ۾ بہ نقص آهن، جيڪي مادي کي گهٽ سمجهڻ ڪري پيدا ٿيا آهن. يعني عورت جيڪا زندگيءَ کي هڪ مادي شڪل ڏئي ٿي، تنهن جي ان ساريءَ جاکوڙ کي تيچ سمان سمجهيو پيو وڃي ۽ انسان ذات لاءِ شرم جو ڪارڻ تصور ڪيو پيو وڃي. حقيقت اها آهي تہ محبت، نفرت جو معاملو موجوده دور جو هڪ گندو روپ آهي، ٽئروٽ Tarot کي هڪ بيو پتو Card آهي، جيڪو انهن ماڻهن کي

سامهون ايندڙ مصيبتن بابت ٻڌائيندو آهي. جيڪي فطرت ۽ فطري عضون کان انڪار ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو هن ڳالهہ جا پابند هوندا آهن تہ اهي رضاڪارانہ طور فطرت کان انڪار ڪندا رهن. اهي اهڙن جسمن کان خوف کائيندا آهن ۽ جسمن جي ضرورتن ۽ سرگرمين کي جرم تصور ڪندا آهن. هن مسئلي کي شيطان جي پتي Card واري اصلي مورتيءَ ۾ بہ چٽيو ويو آهي، جنهن اندر مرد ۽ عورت کي نئين مذهب جي زنجيرن ۾ جڪڙيل ڏيکاريو ويو آهي. ان جي مورتيءَ جي نالي کي "پان" Pan يا سڱن وارو فطري ديوتا چيو ويو آهي ۽ اهي زنجير بہ پنهنجي نوعيت جا آهن. جيڪي ڪهڙي وقت بہ ٽڙڪي پجي پري سگهن ٿا. سوچڻو اهو آهي تہ ائين ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو. اوهان کي جديد آمريڪا جي نون خيالن بابت سوچڻو ويچارڻو آهي، جتي اگهاڙپ مها پاپ آهي. جيڪڏهن اگهاڙپ وڏو جرم آهي تہ پوءِ انساني نسل اڳتي ڪيئن وڌي ۽ بچي سگهندو. هن ملڪ ۾ جنسي تعلقات sex هڪ گندو لفظ آهي. جڏهن انسان پنهنجي دٻيل جنسي خواهش جو اظهار ڪندو آهي تہ ان کي مجرم سمجهي سزا ڏني ويندي آهي.

هن کان اڳ اسان ڳولائوءَ کي Hermit Card بابت ٻڌايو آهي تہ جڏهن اسان لامذهب فرقي جي اصلي ورثي جي پاڙن جي ڳولا ڪنداسون تہ اسان کي Hermit Card ڪتب آڻڻو پوندو. هاڻي اچو تہ اسان ان پان pan کي ڏسون، جنهن کي ڪنهن زماني ۾ وڏو ڪل The great All ڪوٺيو ويندو هو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن اسان جو فطرت سان ڳانڍاپو پيدا ٿي سگهي، جتي اسان جا قديم ابا ڏاڏا اهنڊ ۽ ارڏيءَ فطرت جي اڻ جهل طاقت کي ياڪر پائي رهيا آهن. هن شيطان جي سامهون ٽيڻ سان اوهان کي اهڙو روپ ڏسڻ ۾ ايندو جو اوهان کي شرم محسوس ٿيندو. اهو جنسي خواهشن کي ۽ جسماني سرگرمين کي لڪائڻ جو هڪ بهانو هوندو آهي ۽ ان بهاني جو بنياد خوف هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



(هي شيطان جو پتو Devil Card آهي، جنهن ۾ سڱن وارو هڪ شيطان نظر اچي رهيو آهي. هن پتي کي جادوگريءَ وارو Tarot بہ سڏي سگهجي ٿو)

آريا ان علائقي مان آيا هئا، جنهن کي هاڻي يوڪرين Ukraine سڏيو ويندو آهي. اهي فاتح ۽ فطرت کان دور هئا. انهن جي مذهب ۾ اهڙيون تبديليون آنديون ويون هيون، جيڪي ٻين ماڻهن تي سياسي غلبي حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هيون. هنن جو مقدس وجود بابت نقطئہ نظر سياسي حقيقت ۾ سماجي نظام کي قائم ڪرڻ لاءِ هو. هنن جا مفتوح ماڻهو فطرت جي گهڻو ويجهو هئا. هنن واسطي وڏو ڪل The Great All شرم جو باعث هو. آرين جي ديوتائين کي اعليٰ ۽ افضل هجڻو هو انهيءَ ڪري تہ جيئن اهي اعليٰ ۽ اوچي هجڻ جي دعوي ڪري سگهن ۽ ڪين پنهنجي سرگرمين لاءِ هڪ جواز ملي پوي. انهيءَ

زماني ۾ دراوڙا هيچ ۽ نيچ سمجهيا ويندا هئا ۽ فطرت جي هيچ ۽ نيچ ديوتا جا ماڻهو هئا. آرين لوڪن جي مختلف قبيلن جي مذهب اندر فطرت جو خوف اڳئي موجود هو. جنهن ڪري اهي اجاه جون قربانيون ادا ڪندا هئا. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن فطرت جي طاقت کي خوش ڪري سگهجي. انسان ذات اندر فطرت جي انڪاري disavowing قدمن جي پوئلڳي ڪرڻ منطقي بہ هو. چاڪاڻ تہ آريا پاڻ کي پنهنجي چوڌاري موجود قوتن کان ڊار سمجهندا هئا. فطرت کان انڪار ڪرڻ انسان جي جسماني شڪل اندر موجود هوندو آهي، جنهن ۾ پنهنجو پاڻ کي ايذاءُ رسائڻ بہ هوندو آهي. جيڪو دريافت يا مايوسيءَ جو احساس هوندو آهي. اهڙيءَ ريت پنهنجي جسم جي مخالفت تہ چٽيءَ ريت وقت جي انهن پيغمبرن ۽ سنتن ۾ بہ هوندي آهي، جيڪي نئين مذهب جا خالق هوندا آهن. انهن بزرگانہ قسم جي تحريرن اندر جنسي خواهشن کي دٻائڻ واسطي پاڻ کي عجيب غريب قسم سان تن کي تسڪين ڏيڻ جون ڳالهيون لکيل آهن. ان ڪري مرد جي جنسي عضوي ۾ قوت اچڻ واري ڳالهہ ختم ٿي ويندي هئي ۽ توهين جي احساس کان اسهال بہ شروع ٿي پوندا آهن. هي جسم ۾ گوشت جو خيال هوندو آهي، جيڪو گندو شرمائيندڙ ۽ شيطاني هوندو آهي، جيڪو جديد دور جي انسان ذات جي نفسيات ۾ وهاريو ويندو آهي. پنهنجو پاڻ کان شرم، مذهبي ۽ سماجي طور پنهنجي خواهش جي اظهار کان شرم هوندو آهي ۽ اهڙو شرم جمڻ کان وٺي پڪڙبو رهندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو گهڻيون عورتون پنهنجن جسمن کان ناراض ڏسبيون آهن. جڏهن سندن جسماني وزن گهٽجي ويندو آهي تہ اهي پاڻ کي مجرم تصور ڪنديون آهن. پنهنجن وارن کي ٺاهڻ شروع ڪنديون آهن ۽ انهن جي خوبصورتي وڌائڻ واسطي ڪي شيون ڪتب آڻينديون آهن. ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ هڪ پاسي اهي من موهيندڙ لڳنديون آهن، تہ ٻئي پاسي وري انهن تي تنقيد ڪئي ويندي آهي، تہ اهي مردن کي موهي برغلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن. تنهن ڪري عورت خوش رهي ڪانہ سگهندي آهي. جيڪڏهن اها سادي هوندي آهي تہ ماڻهو انهيءَ کان نفرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن اها جنسي طور طاقتور هوندي آهي ته قدمن کي زور سان ٺهڪائي هلندي آهي، پر اسان کي پاڻ کي اعصابي مريض ٿيڻ کان بچائڻ واسطي وڏيءَ دليريءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ اسان جي جسمن اندر معاشري جو قابل قبول شرم وارو رويو هجڻ گهرجي. ان ڪانسواءِ اسان ۾ هيءَ خامي به هوندي آهي ته اسان پنهنجي فطري سياءَ کي سمجهي ڪونه سگهندا آهيون، جنهن مٿان اسان کي غالب هجڻ گهرجي. هي هڪ اهڙو نڪتو آهي جنهن تي بيهي اسان کي تعين ڪرڻ گهرجي ته اسان کي پنهنجي اهڙيءَ شرمساريءَ واري پابندي کان آجپو حاصل ڪرڻو آهي يا نه.

هتي مراقبي ۾ ويهي سوچڻ ويچارڻ به هوندو آهي ته اوهان کي ان فطري طاقت کي کهڙي ريت منصف ڏيڻ گهرجي. انهيءَ وسيلي اوهان پنهنجي اندر موجود طاقت ڪم آڻي سگهو ٿا. جڏهن اسان هن حقيقت کي تسليم ڪنداسون ته اسان فطرت جا آهيون، تڏهن اسان فطرت سان ملي هڪ ٿي سگهنداسون. اسان کي اهو خوف دل مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي ته اسان فطرت جو حصو آهيون ته پوءِ اسان جي تخليقي قوت پابندي کان آزاد ٿي ويندي ۽ اسان جي آتما به مڪتي حاصل ڪري سگهندي.

## شِوَ جي ڏند ڪٿا

موجوده دور جو هندو ڌرم هڪ تقليدي قسم جو مذهب آهي. جنهن جي ابتدا جو دور 1000 کان 500 ق. م. آهي. جنهن ۾ ويدڪ آرين ۽ دراوڙن جون راويتون گڏيل آهن. هن کان اڳ اهي ٻئي مذهبي نظام هڪ ٻئي جا سخت مخالف هئا. جڏهن دراوڙن جي مذهب کي حڪمران برهمڻ تمام گهٽ درجي وارو مذهب سمجهندا هئا. تنهن ڪري ويدڪ مذهب جون ڪيتريون روايتون دراوڙن مٿان مڙهيون ويون هيون. شِوَ سان لاڳاپيل ڏند ڪٿا اسري ۽ اڳتي وڌي رهي هئي ۽ ساڳئي قسم جي موضوع تي بار بار پنهنجي اثر ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، پر شِوَ ديوتا جي حيثيت ۾ نهايت آهستي واڌاروا اچي رهيو هو. ساڳيءَ ريت سندس ساٿي شڪتي جي حيثيت تيز رفتاريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان وڏي ڪانہ سگهي هئي. جڏهن آرين شِوَ ۽ شڪتيءَ کي پنهنجي مذهب ۾ داخل ڪيو تہ انهن جي حيثيت ۽ عزت ۾ اضافو ڏسجي ٿو. اهڙي معلومات پراڻن Puranas مان بہ ملي وڃي ٿي، جن ۾ شِوَ جي پوڄا لاءِ ڪيترين ئي هدايتون لکيل ڏسجن ٿيون. هنن تصنيفن جو واسطو 900ع کان 1100ع سان آهي. ساڳيءَ ريت دراوڙن بہ ويدڪ آرين جي ديوتائن کي اهميت ڏني آهي، جيڪا ويدن جي ڏند ڪٿائن جي تبديليءَ ۾ پڻ نظر اچي رهي آهي، پر اهو ممڪن ڪونہ هو تہ هزارن سالن جي ڏند ڪٿائن ۾ اهڙي ڪا خاص قسم جي تبديلي اچي سگهندي، پر جيئن جيئن طالب دريافت ڏانهن سفر ڪندو ويندو تيئن تيئن اسان اهڙين تبديلين کان واقف ٿيندا ويندا سون.

سنڌ جو اصلي مذهب ائين ڪونہ آهي، جيئن اسان کي هندو ڌرم اندر محسوس ٿئي ٿو پر اهو انهن مذهبن اندر ڏسي سگهجي ٿو جن کي پهريائين دراوڙي مذهب متاثر ڪيو آهي ۽ بعد ۾ ويدڪ مذهب کي پنهنجي اثر ۾ ورتو آهي. پوءِ اهو هجرت ڪندڙ آرين سان گڏ نقل مڪاني ڪندو رهيو آهي. هندو ڌرم جي فرقن جا بہ ڪيترائي نالا آهن. انهن ۾ هڪ فرقو تنترڪ Tantric بہ آهي، جنهن جو مکيہ متو شڪتي ۽ شو جي پوڄا آهي. شڪتي هڪ آفاقي سگهہ آهي، جنهن جي اظهار جا ڪيئي روپ آهن. هن مذهب جي بنيادن ۾ آريائي مذهب جو اثر موجود آهي. اهڙا فرقا جيڪي شِوَ ۽ شڪتيءَ جي پوڄا ڪندا آهن، سي آريا گهٽ پر هندو وڌيڪ هوندا آهن. پر پوءِ بهآريائي اثر تہ موجود هوندو آهي. ڏند ڪٿائن جي پيدا ٿيڻ لاءِ ڪيترين شيون هونديون آهن، جيڪي بنيادي ڪردار ادا ڪنديون آهن. جن کي مختلف دورن ۾ ڪيترن مڪتب فڪر جي ماڻهن تسليم ڪيو آهي ۽ انهن ڏند ڪٿائن جا نتيجا بہ ڌار ڌار رهيا آهن. مثال طور هڪ ڏند ڪٿا جو بيان آهي تہ برهما ديوتا شِوَ کي دنيا جوڙڻ جو چوي ٿو پر شِوَ کي دنيا جي تخليق ڪرڻ ۾ دير ٿي وڃي ٿي. تنهن ڪري برهما وشنوءَ کي دنيا تخليق ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. هن ڏند ڪٿا مان پتو پوي ٿو تہ شِوَ کي دنيا جي تخليق ڪرڻ جيتري سگهہ ڪانہ هئي، پر پوءِ واري ڏند ڪٿا ۾ هن ساڳئي قصي کي ٿورو ڦير گهير ڪري بڌايو ويو آهي تہ شِوَ دنيا کي تخليق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ۾ دير ان ڪري لڳائي هئي، جو هن ماڻهوءَ کي مڪمل ۽ آمر بڻائڻ پئي گهريو. ان ڪري برهما کي خوف ٿيو ته جيڪڏهن ائين ٿي ويو ته ماڻهو ديوتائن سان مقابلا ڪندا ۽ چاهيندا ته ديوتائن سان گڏ انهن جي به پوڄا ڪئي وڃي، تنهن ڪري دنيا جي تخليق جي ذميواري وشنوءَ جي حوالي ڪئي وئي هئي. هن مذڪوره ڪم کي جلديءَ ۾ اڪلائڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن ماڻهو امر نه ٿئي ۽ سندس جسم اهڙا هيٺا ۽ جهيڻا هجن، جو هو پاپ ڪرڻ کان بچي نه سگهن. هن قسم جي ڏند ڪٿا جو نتيجو اهو نڪري ٿو ته شِوُ خود غرضيءَ ۽ مفاد پرستيءَ کان پري هئڻ وارو ديوتا هو. جنهن جي خواهش هئي ته مخلوق مڪمل هئڻ گهرجي، پر برهما خود غرض ۽ ظالم هو سندس خواهش هئي ته هن جي پوڄا ٿيندي رهي. ان ڪانپوءِ واري ڏند ڪٿا ۾ وشنو تخليق ۾ اڻ ڄاڻ يا وري برهما جو ماڻهو ڏسجي ٿو. بعد واريءَ ڏند ڪٿا ۾ شِوُ برهما تي ناراض ٿي وڃي ٿو ته هن تخليق واري معاملي ۾ اجائي مداخلت ڪري ڳالهه ئي ڳڙ ڪري ڇڏي آهي، تنهن ڪري هو پاراتو ڏئي ٿو ته برهما جي ڪڏهن به پوڄا ڪانه ٿيندي. اڄ جي هندستان ۾ برهما جو فقط هڪ جڏو سڏو مندر آهي. سندس پوڄارين جو تعداد به بلڪل ٿورو آهي. هن قسم جي ڏند ڪٿائن ۾ هيءَ ڳالهه ضرور نظر ايندي ته آرين ۽ دراوڙن وچ ۾ پوڄا وارين شين جو مقابلو موجود آهي. هنن ٻنهي مان هر هڪ ڌر پنهنجي ديوتا کي اوچي ۽ اعليٰ ڪرڻ لاءِ ويهن ئي ننهن جا زور لائي رهي آهي، ۽ مخالف ڌر جي ديوتا جي مان مرتبي کي گهٽائڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهي آهي. اهڙيءَ ريت شِوَ کي ڏيکاريو ويو آهي ته اهو برهما کي پٽون پاراتا ڏئي رهيو آهي. ان جي جواب ۾ آرين جي ڌر جي ڏند ڪٿا ڏسجي ٿي، جنهن ۾ برهما ديوتا شِوَ کي پٽي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ شِوَ جو لنگ ڇڻي ڪري پوي ٿو ۽ شو جي تخليقي سگهه جي علامت ختم ٿي وڃي ٿي. هن کان پوءِ واري ڏند ڪٿا ۾ شِوَ ڏسي ٿو ته پلي اهو ائين ٿئي. ڇاڪاڻ ته کيس انهيءَ وسيلي موقعو ملي رهيو هو ته جيئن برهما کي ڏيکاري سگهي ته لنگ جي ڪيتري اهميت آهي. اهڙيءَ ريت وقت گذرندو رهي ٿو. نيٺ هڪ ڏند ڪٿا اچي ٿي، جنهن ۾ برهما ۽ وشنوءَ کي شِوَ جي لنگ جي پوڄا ڪندي ڏيکاريو ويو آهي.

جيئن جيئن ڏند ڪٿا اڳتي وڌندي رهي تي تيئن تيئن شِوَ جو مانُ مرتبو وڌندو رهي ٿو. ائين ٿيڻ سان سندس ساٿي شڪتيءَ جي عزت ۽ احترام ۾ به اضافو ايندو وڃي ٿو. جنهن کي پاروتي ۽ ديوي جي نالي سان به سڏيو ويندو آهي. ان ڪري برهمڻن ۾ هڪ قسم جو ردعمل پيدا ٿيو ته دراوڙا آرين جي مذهبي عقيدن ۾ بيجا مداخلت ڪري رهيا آهن. هنن جو بنيادي مقصد اهو هو ته سندن فتح ڪيل علائقن جي ماڻهن مٿان غلبي حاصل ڪرڻ واسطي پنهنجي مذهب جون پيچيده قسم جون رسمون ادا ڪرڻ لڳا. انهيءَ نيت سان ته جيئن هو پنهنجي نئينءَ رعيت جي پراڻي مذهب کي هيچ ۽ نيچ ثابت ڪري سگهن. اهي پنهنجي ڏند ڪٿائن وسيلي مڪاني ديوتائن ۽ ديوين تي ٺوڪون ۽ چٿريون ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ هڪ ڏند ڪٿا ۾ ٻڌايو وڃي ٿو ته شِوُپنهنجي ساٿي پاروتي کي چوي ٿو ته تون رنگ جي ڪاري آهين. ان جي نتيجي ۾ پاروتيءَ يوڳا وسيلي ڪوشش ڪري ٿي ته سندس چمڙيءَ جو رنگ سونهري ٿي وڃي ته جيئن سندس مڙس ڪيس پيار ڪري، هڪ ڏند ڪٿا ۾ شِوَ کي رت پياڪن، دهشت، خوف ۽ چورن جو ديوتا سڏيو ويو آهي. اهو به چيو وڃي ٿو ته هن جي رهڻ جي جاءِ مساڻ هوندي آهي، جتي مردا ساڙيا ويندا آهن. اهو به نظر اچي ٿو ته آرين مردن ساڙڻ واريءَ رسم کي زوريءَ دراوڙن مٿان مڙهيو هو. ڏند ڪٿا ۾ اهو به چيو ويو آهي ته شو سڙيل لاشن جي رک ۾ ڊڪيل هوندو آهي. شِوُ فقيرن ۽ عورتن جو شوقين آهي. پنهنجي گهرواريءَ سان وفادار ڪونه آهي. ان هوندي به هو دنيا کي تخليق ڪرڻ واسطي يوڳا ۾ مصروف رهي ٿو. ڪيس ائين ڪرڻ لاءِ برهما چيو هو.

اهو به معلوم ٿئي ٿو ته شِوَ ۾ آرين جي ردر Rudra ديوتا کي پاڻ ۾ ڳنڍيو ويو آهي. انهيءَ ڪري اهي ماڻهو مونجهاري جو شڪار ٿي ويندا آهن، جيڪي هندو ڌرم ۾ شِوَ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ چاهيندا آهن. ردر کي دهشتناڪ ديوتا سڏيو ويندو آهي، جيڪو شِوَ جو هڪ قديم روپ هو. حقيقت اها آهي ته هي ويدڪ دور جو ابتدائي ديوتا آهي. ڪيترن واقعن مان معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته آرين جي هر قبيلي وٽ پنهنجو الڳ ديوتا هوندو هو جيڪو ڪڏهن ساري آريائي نسل

جو يا فقط هڪ ننڍڙي گروهه جو هوندو هو. ردر به هڪ اهڙو ديوتا هو جيڪو رنگ جو ڳاڙهو هو. اهڙيءَ طرح هن ديوتا ردر جون خوبيون ۽ خاصيتون دراوڙن جي شِوَ ديوتا سان ڳنڍيون ويون هيون. انهن ٻنهي ديوتائن کي ويد لکڻ واري زماني ۾ ملائي هڪ ديوتا ڪيو ويو هو پر اهڙو بيان ڪتي به نظر ڪونه ايندو ته شِوُ رنگ جو ڳاڙهو آهي، پر سندس رنگ سفيد يا چانديءَ جهڙو ٻڌايو ويو آهي. اهو ٻڌائڻ ته شِوَ ردر مان پيدا ٿي رهيو آهي، ان مان مقصد شِوَ جي عزت گهٽائڻ هوندي آهي. شو آرين کان گهڻو قديم آهي، تنهن ڪري اِهو سندن ديوتائين کان به گهڻو پراچين آهي. اهڙيءَ ريت آرين جو ديوتا ردر به گهڻو پوئين دور سان واسطو رکي ٿو.

آرين پنهنجّي ڏند ڪتائن ۾ شِوَ جي مان مرتبي کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙيون ڏند ڪتائون شِوَ لاءِ نه سنڌ جي ماڻهن لاءِ هيون. نظر ائين اچي رهيو هو ته جنهن انداز ۾ اهي ڏند ڪتائون گهڙجي رهيون آهن، سي ڪڏهن به ڪنڻ واريون ڪونه آهن. بهرحال شو ۽ پاروتي اهڙو جوڙجڪ ڪندا هئا، جو حالتون سندن فائدي ۾ ٿي وينديون هيون ۽ هنن خلاف جيڪو اڻ وڻندڙ ماحول پيدا ٿيندو هو سو پنهنجو اثر جمائي ڪونه سگهندو هو. جيتوڻيڪ شِوُ دنيا تخليق ڪري ڪونه سگهيو هو پر اڳينءَ ڏند ڪتا جي اصلاح ڪري ٻڌايو ويو ته ان جو ڪارڻ اهو هو ته هن انسانن کي اَمر بنائڻ پئي گهريو. جڏهن ته برهما جو حڪم هو ته ماڻهو مرڻ ۽ فنا ٿيڻ وارا هجن ته جيئن اهي سندس پوڄا ڪري سگهن. ان ڪري هن پلاين جي ديوتا جي مان مرتبي ۾ ڪا گهٽائي ڪانه آئي هئي ۽ ماڻهو هن سان وڌيڪ پيار ڪرڻ لڳا هئا. ويدڪ دور جي برهما ڏسي وائسي هٿ وٺي انسانن کي ڏچي ۾ وجهي ڇڏيو هو.

شِوَ ۽ شڪتيءَ کي لڳاتار اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته اهي ٻئي رحمدل، پيار ۽ فڪر جا ديوتائون آهن. اهي پنهنجي دشمنن سان به کلندا هئا. شِوُ سدا راحم رحيم هو ڪڏهن به ڪاوڙبو ڪونه هو ۽ شڪتي مها ماتا Great Mother هئي. هنن ٻنهي رحمدليءَ ڪري آرين مٿان غلبو حاصل ڪري ورتو هو. ائين چئي ڪونه ٿو

سگھجي ٿـ آرين منجھان اھڙا ڪي فرقا ڪونـ ھئا، جيڪي ھنن ڀنھي ڪي رئق demon سمجھندا ھجن ۽ اھڙا فرقا ضرور موجود ھئا، جيڪي باھـ وسيلي قربانيءَ جون رسمون ادا ڪندا ھئا ۽ ساھدارن ڪي قتل ڪندا ھئا، جن جو تعلق بـ آرين سان ھو. موجوده دور جي ھندو ڌرم وارن وٽ شِوَ ۽ شڪتيءَ واري مذھب لاءِ گھڻا نالا آھن. ڪيترن تي پابندي بـ آھي، انھيءَ ڪري جو اھي وحشي قسم جي سوچ جا مالڪ ھئا. ھندستان جي دستور ۾ مذھبي آزادي موجود آھي. اھو بـ معلوم ٿئي ٿو تـ سنڌ جي پيار واري ديوتا ۽ طاقت واريءَ ديويءَ خلاف بغاوتون بـ ٿيون آھن جنھن تي خطيب قسم برھمڻن خاموشي اختيار ڪئي ھئي.

ھندستان ۾ ٻڌ ڌرم (544 ق.م کان 624 ق. م) بـ موجود ڏسجي ٿو. اھا ھندستان جي ويدڪ ھندو ڌرم مان شِوَ ۽ شڪتيءَ کي ڪڍي ڇڏڻ جي ھڪ ڪوشش ھئي، جيڪا پوئين دور سان واسطو رکي ٿي. آرين جا اعليٰ ۽ اوچا ديوتا سياسي ۽ مذھبي طور اڄ ڌريا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اھي يورپي آرين جي لارڊ Lord ۽ ليڊي Lady نالي ديوتائين کان وقت جي لحاظ کان پوئين زماني سان تعلق رکن ٿا، جن وسيلي مخصوص طبقي جي ماڻھن ۽ جنگي جوڌن جي عڪاسي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اھي اڳئين دور جي قبائلي نظام ۾ نظر ڪونـ ٿا اچن. موھن جو دڙو 1200 ق. م ۾ فتح ٿيو ھو. آرين اھڙي قسم جو نظام قائم ڪيو ھو جنھن وسيلي اڳئين دور جي ديوتا جو اثر رسوخ ختم ٿي چڪو ھو ۽ ماڻھن لاءِ اھو معمولي قسم جو ديوتا ٿي رھجي ويو ھو. ھن حياتيءَ کان پوءِ ان جي ڪابـ اھميت ڪانـ ھئي. وڏن ديوتائن سان فقط حڪمران برھمڻ ئي ڳالھائي ٻولھائي سگھندا ھئا. پر عام ماڻھو سڪر سڻائي وارن ديوتائن جي گھڻي عزت ڪندا ھئا. اھڙيءَ ريت موت کان پوءِ واريءَ زندگيءَ جي اھم معاملن بابت وڏن ديوتائن جي ٿمورتيءَ کي مخاطب ڪيو ويندو ھو. انھن سان ڳالھائڻ جو اختيار فقط مقرر برھمڻن کي ھوندو ھو جن کي پيچيده قسم جي ڌرمي رسمن جي مھارت حاصل ھوندي ھئي. انھن ديوتائن جي تخليق جو مقصد سياسي ھو جنھن وسيلي حڪمرانن ۽ جنگي جوڌن جو معاشري اندر وسيع اختيارن کي منظور ۽ بحال رکڻو ھو.

ٻڌ ڌرم سڌارن آڻڻ واري هڪ تحريڪ هئي، جنهن جو مقصد هندو ڌرم مان دراوڙ اثر کي ختم ڪرڻ هو. هن ڌرم سان لاڳاپيل تحريرون يهودين جي Pentateuch تحريرن وانگي هيون، جيڪي ٻڌ ڌرم جي ابتدا کان ٿورو پوءِ شروع ڪيون ويون هيون. موجوده دور جي ٻڌ ڌرم کي هندو ڌرم کان انڪار سمجهيو پيو وڃي ۽ هندو ان کي ڪاوڙن جو مذهب سمجهي رهيا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هندستان اندر ٻڌ ڌرم وارن جو تمام ٿورو تعداد آهي. سريلنڪا ۾ ٻڌ سنهالين ۽ تامل هندن ۾ ٻه جنگ هلي رهي آهي. ڇاڪاڻ تہ تامل هندو دراوڙي اصليت سان تعلق رکن ٿا. قديم دور ۾ شِوَ ۽ شڪتيءَ کي هيٺ ۽ نيچ قسم جا ديوتائون سمجهيو ويندو هو. اهڙيون ڳالهيون عام ماڻهن کي پنهنجي ڌرتيءَ جي ديوتائن کي مٿي آڻڻ کان روڪي ڪونہ سگهيون هيون. جڏهن تہ شِوَ ۽ شڪتيءَ جي پوڄا تي پابندي بہ نافذ ڪئي وئي هئي، پر موجوده دور ۾ شِوُ هڪ ۽ اڪيلو وڏو ديوتا آهي. ڪڏهن ان تي ٽوڪون ۽ ٺٺرون ڪيون ويندڙيون هيون. هو پنهنجي ان معمولي حيثيت کان آهستي آهستي مٿي اڀري، اوچي مان ۽ مرتبي واري حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي. هن ديوتا لاءِ سمجهيو ويندو آهي تہ منجهس هر قسم جو مادو matter موجود آهي ۽ هن اندر ڪائنات بہ مختلف روپن جي شڪل ۾ گم ٿيندي ۽ ظاهر ٿيندي رهندي آهي. ٻڌ ان ڪري ڪاوڙجي پيو هو تہ هندو ڌرم اندر دراوڙي اثر ڇو موجود آهي، جيڪو ڪنهن بہ مشڪل ۾ موجود نہ هجڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ان ڪري برهمڻن جي حيثيت گهٽ ٿي وڃي ٿي. اهڙي ريت ٻڌ ڌرم بہ پنهنجون نيون شڪليون اختيار ڪري ورتيون هيون. پر پوءِ تنترڪ ٻڌ ڌرم اندر سنڌ جون روايتون موجود هيون، جڏهن تہ آرين جي روايتن موجب عورت جو ڪردار گهٽ هجڻ مروج هو.

آرين جي ڏند ڪٿائن جو واحد مقصد حڪمرانن ۽ فوجين جي طاقت کي وڌائڻ هو ۽ ايتري قدر اڳيرائي ڪئي وئي هئي، جو برهما جو زور گهٽجي ويو هو ۽ شِوَ جي عزت بلند ٿي وئي هئي. وشنوءَ جي حيثيت بہ ٻئي درجي جي ديوتا جهڙي وڃي رهي هئي، جيڪو خود پاڻ بہ شِوَ جو پوڄاري بڻجي ويو هو. اهڙي حقيقت هڪ ڏند ڪٿا ۾ بيان

ڪئي وئي آهي. چيو وڃي ٿو تہ هڪ ڏينهن برهما ۽ وشنو هن ڳالهہ تي بحث ڪري رهيا هئا تہ سيني مان ڪهڙو ديوتا اُتم ۽ عظيم آهي. عين ان وقت باهہ جو هڪ ٿنڀو هنن جي آڏو ظاهر ٿيو. ان جي جاچ پڙتال لاءِ وشنو سوئر جي شڪل ڌاري ان ٿنڀي ۾ هيٺ لهي ويو. جڏهن تہ برهما هنس جو روپ وٺي ٿنڀي جي مٿئين طرف هليو ويو پر اهي ٻئي ان ٿنڀي جي انتها تي پهچي ڪونہ سگهيا. نيٺ ٻئي ديوتائون موٽي اچي هڪ ٻئي سان مليا ۽ وشنوءَ ناڪامي کي تسليم ڪيو. پر برهما ڪوڙ ڳالهايو ۽ چيائين تہ مان باهہ جي ٿنڀي جو چيڙو ڳولي لڌو آهي، تنهن ڪري هو وڏي ۾ وڏو ديوتا آهي. ان وقت باهہ جو ٿنڀو کُلي پيو جنهن مان شِوَ ديوتا نڪري نروار ٿيو. جيڪو وشنوءَ جي سچ چوڻ ڪري مٿس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس پنهنجو نائب ديوتا مقرر ڪيائين. برهما ڪوڙ ڳالهايو هو، تنهن ڪري کيس طعنا مهڻا ڏنائين ۽ کيس پٽيندي چيائين تہ اڄ کان تنهنجي پوڄا بند آهي. ابتدائي دور جي عيسائين بہ هن روايت جي هوبهو تقليد ڪئي آهي. ڇاڪاڻ تہ وڏا وڏا گرجا گهر ۽ ننڍيون ديويون الله تعاليٰ جي نالي پٺيان ڪونہ سڏيون ويندي ون آهن، پر مقدس گهر جي خاندان يا ڪنهن بزرگ هستيءَ جي نالي سان سڏيون وينديون آهن.

بعد ۾ ڏسجي ٿو تہ ٻڌ ڌرم ذات جي درجہ بندي ۾ ويساهہ رکي ٿو. عورتن سان غير برابريءَ وارو سلوڪ بہ موجود ڏسجي ٿو. ان ڪانسواءِ مرد جي پيٺ ۾ عورت جي حيثيت ڪجهہ بہ ڪانہ ٿي ڏسجي. اهو بہ نظر اچي رهيو آهي تہ عورت کي ڪنهن بہ مذهبي اجتماع ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت ڪانہ آهي. ٻڌ جي وِيچارن ۾ هو مرد جي ماتحت رهي سيوڌاريءَ جو ڪم ڪري سگهي ٿي، پر پنهنجي آجيءَ حيثيت ۾ کيس اهڙي اجازت ڪانہ آهي. هن سان گڏ حڪمران ۽ فوجيءَ جو ٻين جي پيٺ ۾ وڌيڪ احترام وارو عنصر موجود آهي. شِوَ ديوتا جي پوڄا ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ ڪانہ ايندو هو. پر جپان جي ٻڌ معاشري ۾ سموراتي samurai روايتن سان گڏ اهڙيون ڳالهيون موجود نظر اچن ٿيون. پر هتي بہ عورت جي حيثيت گهٽ آهي. ٻڌ جي تنتر فرقي کي بہ ڪفر سمجهيو پيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ اهو آرين جي روايتن ۾ سنڌ جي مذهب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ميلاپ آهي. عورت جو طاقتور هجڻ نفرت جوڳي ڳالهہ هوندي آهي. ٻڌ ڌرم جي ابتدائي دور جي تحريڪن ۾ اهڙيون ڳالهيون ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿيون اچن.

برهمڻن جون مذهبي روايتون هڪ راز هونديون هيون. اهي فقط پيءُ کان پٽ ڏانهن منتقل ٿي سگهنديون هيون. پٽ لاءِ اهو لازمي هوندو هو تہ رسمن جا طريقا نهايت خبرداريءَ سان سکي. ڇاڪاڻ تہ ٿوريءَ غلطيءَ سبب مذهبي رسمون ناس ٿي سگهنديون هيون. جيڪڏهن دعا جا لفظ غلط اچاريا ويندا هئا يا هيڪي هيڪي اچاريا ويندا هئا يا هڪ رسم جيڪا پهريائين ادا ٿيڻ گهرجي پُلَ ۾ ٻئي نمبر تي ادا ٿي ويندي هئي تہ ساري قرباني ناس ٿي ويندي هئي، توڙي جو اها رسم مڪمل ٿيڻ جي ويجهو هجي، پر پوءِ ان کي وري ٻيهر ابتدا کان شروع ڪرڻو پوندو هو. اهڙين رسمن کي ادا ڪرڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ويندو هو ۽ خرچ بہ گهڻو ايندو هو پر ان کي ورجائڻو ضرور پوندو هو. پوءِ پلي قرباني پيش ڪرڻ وارو ماڻهو خرچ پري سگهي يا نہ پري سگهي. مري ويل ماڻهوءَ جي آتما جي ڇوٽڪاري جو سارو دارومدار ڏني ويندڙ مذهبي قربانيءَ تي هوندو هو. اهڙي قرباني اڳ ۾ ۽ ڇوٽڪاري جي دعا بعد ۾ گهري ويندي هئي. بلڪل صحيح طريقو بہ اهو هوندو هو. جيڪڏهن نہ تہ مري ويل ماڻهو ڏاڍو عذاب پوڳيندو هو. ڪابالاش Kabbalah واري مذهبي ڏند ڪٿا ۾ ساڳي قسم جي سخت پابندي نظر اچي ٿي. اهڙيون سخت قسم جون پابنديون Ceremonial Magic، رومن ڪيٿلڪ ۽ ٻين مذهبي رسمن ۾ بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

ٻڌ ڌرم ڪيئن بہ هو پر ان کي هندستان مان جلاوطن ڪيو ويو هو. ان جي پوئلڳن کي قتل ڪيو ويندو هو يا وري وڏين اٻرندڙ تيل جي ڪڙاهين ۾ زنده اڇلايو ويندو هو. هندو ڌرم اڳئين کان وڌيڪ ترقي ڪئي ۽ دراوڙن واري مذهبي اصولن کي قبول ڪرڻ لڳو ۽ انهن جو پرجوش حامي ٿيڻ لڳو هو. اهو بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ 1100ع کان 1400ع جي وچ واري عرصي دوران شو جو نالو وڌيڪ روشن ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ان جو سارو جسم مقدس وجود جا مختلف روپ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان کان پوءِ اقتصادي ۽ معاشرتي سڏارا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جن ۾ ذات واري درجہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بندي ۽ ستيءَ وارو رواج کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. ان کان سواءِ لاشن کي دفن ڪرڻ واسطي سنڌ واري طريقي جي پوئلڳي ڪئي وئي هئي. بعد ۾ هڪ رضاڪارانہ قسم جي تحريڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا ٻارهين صدي جي يورپ واري نئينءَ سجاڳيءَ Renaissance جهڙي تحريڪ هئي، جنهن ۾ شِوَ جي لنگ جي علامت کي ڳچيءَ ۾ ائين لٽڪائي پاتو ويندو هو جيئن اڄ ڪلهہ عيسائي صليب جي علامت کي ڳچيءَ ۾ پائي گهمندا ڦرندا آهن. لنگ کي پائي گهمڻ کي لنگايان Lengayat جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

لنگايان جي منظم تحريڪ دراوڙن جي عقيدن ڏانهن موٽڻ جي تحريڪ هئي. اهڙي ساڳي ڪوشش برهمڻن بہ ٻڌ ڌرم وسيلي ڪئي هئي ۽ آرين جي مذهب جي علامتي نشانين کي نئين سر زنده ڪرڻ جي جاکوڙ ڪئي وئي هئي، پر شِوَ جي بهادر فرقي هندستان جي ڪيترن علائقن ۾ غلبو حاصل ڪري ورتو ۽ 1498ع ۾ ميسور Mysore جو سرڪاري مذهب بڻجي ويو هو. اهڙيءَ ريت هندستان جي ڪيترن علائقن ۾ وشنوءَ ۽ شِوَ جي پوڄارين وچ ۾ جنگ شروع ٿي وئي، تہ شِوُ وڏو ديوتا آهي يا وشنو عظيم آهي. اهڙيءَ ريت ڏند ڪٿائون بہ هڪ ٻئي کان وڌيڪ اچڻ لڳيون هيون. هڪ ئي قسم جي ڏند ڪٿا ۾ ٻنهي ديوتائن مان هڪ کي اهميت انهن علائقن ۾ وڌيڪ هئي، جتي ان جي پوڄارين جي گهڻائي هئي، يعني جن علائقن ۾ دراوڙن جي اڪثريت هئي اتي شِوَ جي مڃتا وڌيڪ هئي ۽ جن علائقن ۾ آرين جي گهڻائي هئي اتي وري وشنوءَ کي عظيم ديوتا سمجهيو ٿي ويو. موجوده دور جي هندستان ۾ شِوَ جي پوڄا جي آزادي واري اصول کي سرڪاري طور تسليم ڪيو ويو آهي، پر عملي طور اهڙيون ڳالهيون متضاد رهيون آهن. دنيا جي اڪثر ملڪن جو حال ساڳيو آهي ۽ آمريڪا ۾ بہ وايو منڊل ڪو مختلف ڪونہ آهي.

اوم ۽ اما جي مختلف مذهبن اندر موجودگيءَ بہ انهن مذهبن وسيلي آئي آهي، جيڪي بعد جي پيداوار آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن جو اثر سگهارو ۽ حتمي هو. سنڌ جي فطري ۽ بنيادي مذهب ۾ تبديليون گهري تحقيق لهڻ ٿيون. ڇاڪاڻ تہ مختلف سماجن جي وهڪري

جي ڪُنن ۾ ڪولامل مختلف قسم جا نظريا حاصل ڪري ورتا آهن، جن کي پوڄارين جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ نئين شڪل ڏني پئي وڃي. مذهبن کي سياسي شڪل ڏيڻ آرين جي جدت هئي، تنهن ڪري انهن کي ڪنهن لامذهب قسم جي ديوتا جي ضرورت هئي. اهڙي قسم جي نقطئہ نظر مان مذهبي جنگيون ورثي ۾ مليون، جن پورين ٻن صدين لاءِ انسان ذات کي پنهنجي وِهہ ۾ وهاڻي ڇڏيو هو.

هاڻي لامذهب فرقي جي مذهبي پاڙن ۾ نئين سر دلچسپي پيدا ٿي رهي آهي، جيڪو ضمير ۽ روحانيت جو معاملو آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ دنيا ان تصور ڏانهن وڌي رهي آهي تہ مذهب شخصي عمل آهي ۽ اهو فرد تي ڇڏيو وڃي. اسان سفر ڪري دور ماضيءَ ۾ پهچي چڪا آهيون ۽ وقت جي ڪوريئڙي جي ڄار جهڙي ڏنڌ ۾ ڏونڌاڻجي ويا آهيون ۽ ان ڳولا ۾ نڪتا آهيون تہ اسان کي ڪٿان اوچتو ظاهر ٿيندڙ روحانيت ليپي پوي. اهڙيءَ ريت اسان اڳتي وڌي ان خلا ۾ پهتا آهيون، انهيءَ مقصد خاطر تہ جيئن هڪ نئين مذهب کي ڏسي سگهون، جنهن جو بنياد سماجي تبديلين تي رکيل هجي. هاڻي اسان روحانيت جي ترقيءَ واري ورن وڪڙن واري رستي ڏانهن واجهائي رهيا آهيون. اسان وٽ Hermit واري هٽ ۾ مشعل آهي. اها مشعل چمڪي ديوتا ۽ ديويءَ واري فطري مذهب ڏانهن اسان جي رهنمائي ڪندي ۽ اهو ٻڌائيندي تہ موجوده دور جي مذهبن تي انهن جو ڪيترو اثر آهي. اسان کي اهو چڱيءَ ريت معلوم آهي تہ هندستان کان ٻاهر سنڌ جي مذهب کي ڏسي ڪهڙي ردعمل جو اظهار ڪيو ويو هو. اسان ائين ٻئن ملڪن ڏانهن اڳتي وڌي رستي جا اهڃاڻ ڳولي لهنداسون، جيئن دراوڙا سنڌوءَ ماتريءَ مان هجرت ڪري اڳتي وڌيا هئا.

باب ٽيون

# آرين جي لڏپلاڻ ۽ سنڌ

> سال جو چڪر سج جي لهرن، چنڊ جي لهرن، موسمن ۽ فصلن جي لابارن وچان ڦرندو رهي ٿو. اهو ڄوڻن، پسن ۽ ماڻهن واسطي آهي، ڇاڪاڻ تہ جڳاني سال جي ان چڪر سان گڏ ڦري رهيو آهي. زندگي ڪان پوءِ موت ۽ ان ڪان پوءِ وري زندگي آهي. زندگي جي ناچ ۾ توازن ۽ هم آهنگي ابناس شڪتي جو مٺي اپرنڌڙناچ آهي.
>
> ـ مئيون سيمت (Green Witch Craft)

اسان يورپ جي لامذهب فرقي Paganisin ڪي ڪريٽ Crete جي حوالي سان ڳولي لهي سگهون ٿا، پر هتي بہ اسان ڪي ڪريٽ جي مينون Minoan تهذيب ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جتي پڻ سنڌو ماتريءَ جي شِوَ ديوتا جي علامتي نشانين جي پوڄا ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن سان گڏ ڏاند، نانگ، لنگ جون مورتيون، سڱ، يوگا جي شڪل ۾ دفن ٿيل لاش آهن. هن قسم جي دفن جو طريقو هندستان جي انهن علائقن ۾ اڄ بہ موجود آهي، جتي شِوَ پوڄا جو رواج آهي. ٻيو تہ ٺهيو پر ڪريٽ جو مينو ٽائور Minotaur شِوَ جي پس منظر جي پيداوار آهي. اهڙي قسم جو نگهبان يا واهت ڪرڻ وارو هندستان جي شِوَ مندرن ۾ اڄ بہ موجود ڏسبو آهي. آرين جي Achean قبيلن ڪريٽ ڪي اٽڪل 1600 ق. م. ڌاران فتح ڪيو هو. اهڙيءَ ريت اهي مينون تهذيب جي شِوَ مذهب ڪي پيلو پونس Peloponnese جي اڀيبت ڏانهن وٺي ويا هئا ۽ ان ريت هن مذهب جي ترڪيب مان ميسينا Mycenaea جي ثقافت جا بنياد پيا هئا.

جيڪڏهن يورپ جي مذهبي تجربي جو مجموعي طور جائزو وٺبو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اسان کي چٽيءَ ريت معلوم ٿي ويندو تہ اتي بنيادي طور بہ مذهبي طرزون آهن. قديم زماني ۾ مذهب جي فقط هڪ طرز هئي ۽ اهو هٿي ديوتا جو مذهب هو. ان جي ارتقا فطري هئي. منجهس فطري وايو منڊل موجود هو جنهن ۾ ساري انسان ذات موجود هئي. عهدنامہ عتيق جي باب پيدائش genesis مان بہ معلوم ٿيندو تہ ابتدا ۾ دنيا جا سڀ ماڻهو هڪ هئا. اهو ماحول جڻ تہ بهشت وانگر هو. انهيءَ لاءِ نہ تہ هر چيز مڪمل هئي، پر ڇاڪاڻ تہ ماڻهو پاڻ کي سڃاڻيندا هئا ۽ اهي دنياوي معاملن ۾ ڪهڙي طريقي سان نهڪي بيهي رهيا هئا. اها انسان جي مافوق الفطرت سوچ هئي. ان زماني ۾ هڪ برادريءَ جي مذهب جو رواج هو ۽ اهو سنڌ جو مذهب هو.

حڪمران ۽ فوجي طبقي جي پيدا ٿيڻ کان اڳ هن مذهب ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي ڪانہ آئي هئي، تنهن ڪري ڇٽي سگهجي ٿو تہ پيءُ ديوتا Father god، قانون ڏيندڙ ديوتا Lawgiver God ۽ وڏو جنگي جوڌو ديوتا great warrior god فطري ڪونہ هئا پر اها هڪ سياسي اوسر هئي، جيڪا معاشري اندر ايندڙ تبديلين کي قانوني جواز فراهم ڪري رهي هئي، جيڪا هڪ برادريءَ جي شڪل مان بدلجي ورثي وارو معاشرو بڻجي رهيو هو. آرين جي قبائلي معاشري آڏو وڌندڙ آدمشماري هڪ وڏي للڪار هئي، جنهن کي تبديل ٿي، ان مسئلي کي منهن ڏيڻو هو. ان کانسواءِ هڪ وسيع ايراضيءَ تي سنڌن راڄ قائم ٿي چڪو هو. جنهن جو انتظام بہ هنن لاءِ هڪ مسئلو هو. سياسي اڳواڻن کي پنهنجي فوج جي سهائتا حاصل هئي. هي اهو دور هو جڏهن معاشرو فوج ۽ پوکي راهي ڪندڙ عام ماڻهو جي وچ ۾ ونڊجي ورهائجي ويو هو. ماڻهن جهنگلي جانور ڌارڻ ۽ ڪاپي جو تجارتي مال تيار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو جيڪو زندگيءَ لاءِ ضروري هو. انهيءَ زماني ۾ آرين جي سماج ۾ مرد ۽ عورتون گڏجي ڪم ڪندا هئا ۽ پوکي راهي بہ گڏجي ڪندا هئا. ان کان سواءِ عورتون حڪمران لاءِ فوجي خدمتون سرانجام ڪنديون هيون. صدين کان پوءِ قانون جوڙيو ويو جنهن جي آڌار تي سماج جو خاص گروهہ هڪ ڪم سان چنبڙي پيو هڪ گروهہ پوکي راهي ڪرڻ لڳو پيو

گروهه سرڪاري نوڪري ڪندو رهيو. ڪي ڪم وري اهڙا به هئا، جيڪي فقط مردن لاءِ هوندا هئا. هن قسم جي قانون ۾ اهڙو اثر موجود هو جو ماڻهو فطري ديوتائن جي پوڄا ڪان پري ٿيندا ويا ۽ سياسي قسم جي ديوتائن جي وڌيڪ پوڄا ٿيڻ لڳي هئي.

ابتدائي دور ۾ سماج جا سڀ حصا هڪ مذهب جا پوئلڳ هئا، پر سياسي نظام جي ظاهر ٿيڻ سان روحانيت به سرڪاري مذهب بڻجي ويو هو. جن ماڻهن جو تعلق سياسي جوڙجڪ واري مٿئين طبقي ۽ فوجي ماڻهن سان نه هوءَ تن جو حڪمرانن ۽ فوجين جي ديوتائن تائين پهچڻ ممڪن ڪونه هو. جيئن مٿئين طبقي جي طاقت وڌندي وئي، تيئن انهن جي ديوتائن جو مان مرتبو به وڌيڪ مٿانهون ٿيندو ويو. نيٺ اهو وقت به آيو جو آرين جي مذهبي معاشري ۾ هٿي ديوتا جي عزت گهٽجي وئي. اهڙيءَ ريت عام ماڻهو ڪنهن ٻيءَ ان شخصيت جي معرفت اوچي طبقي جي ديوتائن وٽ پهچي سگهندا هئا. جيڪي ديوتا طرفان مقرر ڪيل بادشاهه يا فوجي طبقي جا برهمڻ يا پروهت هئا.

پروهتن جو طبقو انهيءَ مقصد سان پيدا ڪيو ويو ته جيئن عام ماڻهن حڪمرانن جو وفادار بڻائي سگهجي، پر جيئن ته ديوتا ۽ ديوي جو فطرت سان لاڳاپو هو تنهن ڪري اهو لازمي ٿي پيو هو ته عام ماڻهن جو رخ ڪن ٻين ديوتائن ڏانهن ڪري سگهجي. هن قسم جي ضرورت ڪري روحاني چوٽڪاري جو تصور پيش ڪيو ويو. هن جو مطلب اهو ٿيندو ته فطرت جو ديوتا ۽ ديوي انساني مذهبي اظهار واسطي ڪنهن به ڪم جا ڪونه رهيا هئا ۽ انهن کي آريائي مذهب کان ڌڪي ڌار ڪيو ويو هو. آريا جڏهن ٻيا ملڪ فتح ڪري رهيا هئا ته اتي به قديم مذهب طور ان ديوتا ۽ ديويءَ جي پوڄا ٿيندي هئي. مختلف آريائي قبيلا، جهڙوڪ ويدڪ، لوائيٽ Luvite يا ڊورين Dorian اصلي مذهبن کي پٽيلُ ۽ شيطاني ۽ ننديلُ مذهب سمجهندا هئا. سندن جاڪوڙ هوندي هئي ته اهڙن مقدس وجودن جي چونڊ ڪئي وڃي، جن جي عام پوڄا جو رواج هجي. يونان ۾ پائٿياس Pythias مندر جي ديوي اوراڪل Oracle کي ڪڍي ٻاهر اڇلايو ويو هو. ان جي جڳهه تي اپولو Appolo ديوتا جي پوڄا ٿيڻ لڳي هئي. نئين ڏند ڪٿا ۾ چيو ويو هو ته پائٿون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Python ديوتا کي آرين جي ديوتا ناس ڪري ڇڏيو آهي. اڳڪٽين ڪرڻ واري هن مرڪز تي ڊيفلي جي اوراڪل کي آندو ويو هو پر پوءِ بہ پروهت عورتن کي چيو ويندو هو تہ اهي پرندڙ جبل جي ڪاهين ۾ ويهي اڳڪٽيون ڪن. جتان اجا بہ گئس خارج ٿيندي رهندي هئي. انهن اڳڪٽين جي معنيٰ اپولو جي مندر ۾ ويٺل پروهت ڪندا هئا.

پروهت جي ساري طاقت جو دارومدار حڪمران ۽ فوجين جي طاقت تي هوندو هو ۽ اهي هڪ ئي طبقي جا فرد هوندا هئا. موجوده دور جي هندستان ۾ ذات موجب طبقاتي درجہ بندي موجود آهي. ساڳيءَ ريت وچين دور جي يورپ ۾ نوابن جو طبقو هوندو هو. انهيءَ زماني ۾ عيسائين جو گرجا گهر هڪ مناسب جڳهہ سمجهي ويندي هئي، جتي ماڻهو پنهنجا اهڙا پٽ پڙهائڻ لاءِ ڇڏيندا هئا، جيڪي چٽ ۽ چريٽ هوندا هئا، جن کي پنهنجي ورثي سنڀالڻ جيتري سمجهہ ڪانہ هوندي هئي، نہ وري منجهن تلوار کڻي بادشاهہ سان سودو ڪرڻ جيترو عقل هوندو هو. گرجا گهر ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ بہ درجہ بندي هوندي هئي. هنن مان ڪي گهٽ درجي وارا ملان هوندا هئا، جن کي Friars سڏيو ويندو هو. انهن کان وڌيڪ حيثيت وارن عيسائي ملن کي بشپ يا آرچ بشپ سڏيو ويندو هو. سينيئر ملن کي ڪارڊينل چيو ويندو هو ۽ دنياوي معاملن سان لاڳاپيل وڌيڪ تجربيڪار ملا کي پوپ جي لقب سان سڏيو ويندو آهي.

يورپ ۾ اصلي مذهب کي گهٽ درجي وارو مذهب سمجهيو ويندو هو. اهو وهمن ۽ وسوسن جو مذهب هو جنهن کي ٻهراڙيءَ جا ماڻهو گهڻو مڃيندا هئا، جن کي pagani ڪوٺيو ويندو هو پر مٿئين طبقي وارا ماڻهو هن مذهبن کي ڪونہ مڃيندا هئا. روم جي شهنشاهيءَ واري زماني ۾ هن مذهب جي پوڄا روم جي مقدس شهر جي حدن کان گهڻو پري ٿيندي هئي ۽ ويجهو ڪان اهڙي اجازت ڪانہ هوندي هئي.



(ديوي اٿينا Athena جنهن کي Pallas بہ سڏيو ويندو هو. هيءَ يونان جي هڪ ديوي آهي، جنهن جي Pagani ماڻهو پوڄا ڪندا هئا. اٿينا جي قديم دور جي مورتين جي ڇاتي واري حصي تي سينگار طور ڪيترائي نانگ نظر ايندا هئا.)

آرين ڄڄي گهڻن قبيلن جي حڪمت عملي فوجي هئي، جيڪا بلڪل واضح هئي، جنهن جو اصل مقصد فتح ۽ غلبو حاصل ڪرڻ هوندو هو پر هندستان اندر آرين جو مذهب سنڌ جي مذهب کان گهڻو متاثر ٿيو هو. ان جو اصل ڪارڻ اهو هو تہ مفتوح دراوڙا ارتقا ڪندڙ آريا معاشري جو حصو ڪونہ هئا. اهي ماڻهو آرين جي هن نظام سان وڏي ويجهي ۽ سرگرم رهي ڪونہ پئي سگهيا. هي ماڻهو بنيادي طور ان ڌرتيءَ جا رهاڪو هئا، جتي ديوتا ۽ ديويءَ جو قديم مذهب پيدا ٿيو هو ۽ ترقي ڪئي هئي. ويدڪ آريا جڏهن سنڌو ماتريءَ ۾ پهتا هئا تہ اتي شِوَ ديوتا ۽ شڪتي ديويءَ کي ڏٺو هئائون، جيڪي دراوڙن جا سماجي ديوتائون ها. جڏهن ويدڪ آريا سنڌو ماتريءَ ۾ پهتا تہ هڪ جاءِ تي

ٽانيڪا ٿي ويهي رهيا، جيڪي پنهنجي اڪين سان ڏسي رهيا هئا ته سنڌن مذهب سنڌو ماتري جي ماڻهن جي مذهب سان ملي هڪ ٿي رهيو آهي، پر آرين جا ٻيا قبيلا هندستان ۾ شهر ٻڌي ڪونه ويٺا. جيڪي ايشيا مائنر ۽ مشرق قريب ڏانهن هليا ويا. ان کان سواءِ انهن علائقن ڏانهن به وڌيا جن کي هاڻي يونان ۽ روم سڏيو ويندو آهي. هنن ماڻهن سان سنڌ جا سبق به گڏ هئا.

پر هتي هڪ وڏو موڙ نظر اچي ٿو. اهڙي ڳالهه يورپ ۾ ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي، جتي ملڪ جو مذهب، مٿئين طبقي جو مذهب، فطري مذهب ۽ سياسي مذهب پاڻ ۾ هڪ ٿي ويا هئا. تنهن ڪري سهپ ۽ رواداري پيدا ٿي چڪي هئي. جڏهن ته هندستان ۾ اهڙي ڳالهه ڪانه هئي، ڇاڪاڻ ته اتي قديم (شو) مذهب پنهنجا پير پختا ڪيون بيٺو هو ۽ آريائي مذهب ان کي لوڏي ڪونه سگهيو هو. ان ڪري آريائي مذهب ان ۾ ضم ٿي ويو هو ۽ ٻئي ديوتا (شِوَ) جي اوچيءَ ۽ اعليٰ حيثيت کي تسليم ڪيو ويو هو. مشرق قريب ۾ به ساڳيون ڳالهيون واقع ٿيون هيون، ڇاڪاڻ ته سنڌ جو مذهب اڳيئي اتي موجود هو جتي سندس حيثيت سگهاري هئي. ان ڪري آريائي مذهب ۽ مشرق قريب جي مذهب ۾ ٽڪراءُ شروع ٿيو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته صحيح ۽ خالص آريائي مذهب واسطي آريائي قبيلن وچ ۾ جنگ ته سنڌن اصلي ملڪ ۾ به ڪانه هئي. مٿي بيان ڪيل ٽڪراءُ کان پوءِ مذهب جو ٽيون نمونو پيدا ٿيو جيڪو مغرب جي جديد مذهبي ورثي جي شڪل ۾ نظر اچي ٿو ۽ اهم يهوديت ۽ عيسائيت جي روپ ۾ اڄ به زنده آهي، پر انهن مذهبن جو اصلي بنياد مشرق قريب ۾ موجود آهي، پر اتر يورپ جي هنن مذهبن جي شاخ ۾ فطري ديوتائون موجود ڪونه آهن ۽ انهن جو بنياد نواب طبقي جي پيدا ڪيل ديوتائن تي آهي.

آرين جي خالص ۽ برهمڻن جي ديوتائن واري مذهب کي نئين سر زنده ڪرڻ لاءِ ختم ٿي ويل روايتن کي وري ڳنڍيٽو هو جيڪي سنڌو ماتريءَ ۾ پهچي صفا ختم ٿي ويون هيون. اهڙيءَ ريت هن قسم جي هڪجهڙائي ڪو اتفاق ڪانه هئي، جو يهودي روايتون برهمڻن کان شروع ٿيون. اهڙيءَ ريت برهمڻ ۽ ابراهيم لفظ ۾ گهٽو فرق موجود ڪونه

آهي. اها بہ ڪا اتفاقي هڪجهڙائپ ڪانہ آهي، نہ اسرائيل جي ابتدا 1232 ق. م تي آهي ۽ اهڙي ڳالهہ ميسينيا Mycenia جي بادشاهت 1250 ق. م کان ٿورو پوءِ ٿي آهي. هن حقيقت ڏانهن بہ ڌيان ڏرڻ گهرجي تہ ق. م. جو وقت عيسوي سن کان مختلف هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ سال جي انگن جو ننڍو عدد عيسوي سن جي ويجهو جڏهن تہ وڏو عدد ماضيءَ واري پاسي هوندو آهي. اسان کي مشرق قريب ۽ ميڊيٽرانين جي صورتحال تي نظر رکڻ بدران وسيع نظري کان ڪم وٺڻو پوندو تہ حقيقت وڌيڪ واضح ٿي ويندي. آريا 2150 ق.م کان 1250 ق. م تائين لڳاتار حملا ڪندا رهيا هيا. اهڙي ريت آريا موهن جي دڙي واري شهر کي 1200 ق. م. ڌاران مڪمل طور فتح ڪري چڪا هئا. موهن جي دڙي جي آخري مزاحمت کان پوءِ آرين جا قبيلا مشرق ڏانهن ڏاڍيءَ تيز رفتاريءَ سان ڪاهي ويا هئا. موهن جي دڙي جي فتح ٿيڻ تائين آريا لهرين جي شڪل ۾ اچي رهيا هئا. بعد ۾ اهي دريا جي اتل جيان اچي رهيا هئا. سنڌو ماٿري جي فتح کان پوءِ هو ميسوپوٽاميا کي 884 ق. م. ڌاران فتح ڪيو. بعد ۾ هنن آشوري شهنشاهيت قائم ڪئي.

بعد ۾ لووائيٽ Luvite آريا، اناطوليہ Anatolia کان گذري ڪنعان واري علائقي ۾ پهتا هئا. هتي هنن جو ڪنعاني مهاجرن سان مقابلو ٿي ويو جن ميسينيا جي بادشاهت جي خاتمي کان پوءِ شهرن کي ڇڏي ماٿريءَ سان وڃي جابلو چوٽيون وسايون هئائون. هي ماٺهو ڳابن ۽ نانگن جي پوڄا ڪندا هئا. يهودين جو لاوي Levite حڪمران اصلي لو وائيٽ Luvite آريا هئا. تنهن ڪري مذهبي اڳواڻن ائرون Aaron جي اولاد جي حيثيت ۾ مذهبي اڳواڻيءَ جي دعوي ڪئي هئي. اٽڪل بہ صديون پوءِ ٻڌ ڌرم فرقي سان لاڳاپيل آرين هندستان ۾ سڌارن آڻڻ لاءِ تحريڪ هلائي هئي. هي اهو زمانو هو جڏهن يهودين جون مصر ۾ ڪالونيون موجود هيون. ساڳئي زماني ۾ ٻڌن جو هڪ فرقو مصر جي سڪندريا واري علائقي ۾ رهندو هو. ٻڌن سان اهڙن لاڳاپن هجڻ ڪري لاوي يهودين هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي، پنهنجو مقدس ڪتاب پاڻ رکڻ جو فيصلو ڪيو هو.

ان ڪانپوءِ ڪن تاريخي واقعن جو تسلسل ڏسڻ ۾ اچي ٿو جن ۾

ايراني شهنشاهيت جو قيام بہ اچي وڃي ٿو. هنن ماڻهن کي تاريخدانن ۾ انساني نسلن جي ماهرن آرين نسل جا ماڻهو سڏيو آهي. يروشلم وارو عبادتگاهہ بہ 520 ق. م. دوران ايرانين جي شهنشاهيءَ واري دور ۾ جڙي راس ٿيو هو. اها جڳهہ آرين جي مذهبي ترقيءَ جي مقصد سان تعمير ڪرائي وئي هئي ۽ ان مندر کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو هو جنهن ۾ سنڌ جي ديوتا ۽ ديويءَ جي مورتي رکيل هئي. ايرانين وٽ چوٽڪاري ڏيڻ وارو پنهنجو مذهب موجود هو ۽ وٽن زور اسٽر ديوتا هو جيڪو نيڪيءَ ۽ بديءَ جو ٻئو ديوتا هو. هي عبادتگاهہ يهودين جي سهوليت لاءِ ٺهرايو ويو هو جيڪي لاوي آريا حڪمرانن جي رعيت هئا.

لاوي آريا ويدڪ آرين وانگي اسرائيلن کان مختلف هئا. ڪين منع ٿيل هئي تہ اهي پنهنجي رعيتن مان شاديون نہ ڪن. ڪين فتحن وارين سرگرمين مان وڏا فائدا ملي رهيا هئا. جيڪي وڏين جاگيرن جا مالڪ بڻجي ويا هئا. قانوني طور فقط هنن کي حق حاصل هو تہ پنهنجي قيمتي پوشاڪن ۽ دولت جو نماءُ ڪري سگهن. هندستان جي برهمڻن لاءِ اهو ساڳيو قانون هو تنهن ڪري هو ساري معاشري کان بلڪل الڳ هئا. هنن کي چيل هو تہ هو پنهنجي دراوڙي رعيتن مٿان طاقت جو اظهار ڪن. جڏهن يورپ ۾ عيسائيت اڳتي هئي تہ عيسائي مُلن کي بہ خاص قسم جون رعايتون ۽ سهولتون مليل هيون. اهڙيون ڳالهيون ارڙهينءَ صديءَ ۾ ختم ٿي چڪيون هيون. انهن رعايتن ۽ سهولتن جون ڪجهہ نشانيون اڄ بہ موجود آهن. جيڪي گرجا گهرن جي دولت تي انڪم ٽئڪس ڪانہ لڳندي آهي، ٻيو تہ عيسائي ملي کي قانوني طور اهو حق هوندو آهي تہ هو ڪجهہ ڳوهہ ۾ ماڻهن کان گناهہ يا پاپ قبول ڪرائيندو آهي.

سنڌ جي ديوتا ۽ ديويءَ بابت ڏند ڪٿائون ۽ انهن جون علامتون مشرق قريب جي مذهبن ۾ موجود آهن. اهي سمير ۾ اما UMA واري دور 3600 ق. م. کان وٺي موجود ڏسجن ٿيون. عهدنامہ عتيق ۾ بيان ڪيل ڪيترن قصن جو تعلق 5000 ق. م. سان آهي ۽ اهي سمير سان واسطو رکن ٿيون ۽ ڪجهہ قصا مصر، بابل ۽ شام سان لاڳاپيل آهن. پر موجوده دور جي گهڻن ماڻهن جو عقيدو آهي تہ اهي قصا يهودي اصليت

سان ڳنڍيل آهن. هن دنيا جي ستن ڏينهن ۾ تخليق وارو قصو 7000 سال اڳ سنڌ کان آيو هو. مصر جي قديم آثارن جي ماهر جيمس برسٽيڊ James Breasted پنهنجي تحقيق کان پوءِ پتو لڳايو آهي، تہ ست سال سڪر ۽ ست سال ڏڪر واري قصي جو لاڳاپو 2980 ق. م. واري مصر سان آهي، جيڪو پهرئين احرام Pyramid جي تعمير کان بہ صديون اڳ آهي ۽ (حضرت) يوسف (ﷺ) جي خواب جي تعبير ڪرڻ واري قصي کان تمام گهڻو اڳ جو آهي. جيتري قدر (حضرت) موسيٰ (ﷺ) جي Ten Commandments ڏهن... جو تعلق آهي تہ اهي سمير جي قانون جو لفظ بہ لفظ ترجمو آهن، جنهن جو 2474 ۽ 2398 ق. م. جي وچ وارو زمانو آهي. بابل جي حڪمران هيمورابي سمير جو قانون بابل مٿان نافذ ڪيو هو. سندس بادشاهت جو دور 2123 ق.م کان 2081 ق. م. آهي. موجوده دور جي گهڻن تاريخدانن Ten Commandments ۽ هيمورابيءَ جي قانون جو پينتوار اپياس ڪيو آهي ۽ حاشيي ۾ سمير جو نالو ڏنو آهي، پر پنهنجن ڪتابن جي متن ۾ هن حقيقت بيان ڪرڻ کان نتائي ويا آهن تہ انهن ٻنهي حقيقتن جو اصلي واسطو سمير سان آهي. ائين ڪرڻ جو آخر ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ ان جو ڪارڻ شايد اهو آهي تہ بابل جو واسطو يهودين سان ۽ سمير جو واسطو سنڌ سان آهي.

ٻين قانون ڏيندڙ جهڙوڪ موسيٰ، مئنس Manes، منوس Minos ۽ آشور جي مائيسس Mises جا نالا آهن. جن وچ ۾ لاڳاپي لاءِ سنسڪرت جو لفظ موجود آهي. اهي شخصي نالا ڪونہ آهن، پر آرين جي معاشري موجب ڪنهن اختيار جي حيثيت آهي. مصر جي 1580 ق.م کان 1100 ق. م جي ادب ۾ لازا رس Lazarus جو هڪ قصو آهي، جنهن ۾ هڪ وڏي ميڙ کي ڪاڏي ڪارائڻ جو قصو بيان ٿيل آهي. اهڙا ڪي ٻيا بہ قصا آهن، جن جو يهودين سان ڪو واسطو ڪونہ آهي، پر عهدنامہ عتيق جي 621 ق. م سان واسطو رکندڙن مصنفن اهي ڏند ڪٿائون ٻئي هنڌان کڻي خدا جي مقدس لفظن طور ان ڪتاب ۾ شامل ڪري ڇڏيون آهن، پر اهو ضرور سمجهڻ گهرجي تہ عهدنامہ عتيق لکيو ڇاجي لاءِ ويو هو؟ ان لاءِ اوهان کي سمجهڻو پوندو تہ ان ڪتاب لکڻ جو مقصد ڇا هو؟ اهو فقط آرين جي خدا جي سڃاڻپ ڪرڻ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمير جي مذهب ۾ شِوَ ۽ شڪتيءَ جي علامتن کي شامل ڪيو ويو هو. اهڙيون ڳالهيون انهن مذهبن ۾ شامل ٿي ويون، جن قديم زماني کان وٺي سمير جو مذهب اختيار ڪيو هو جنهن کي بعد ۾ زندگيءَ ۽ علم جو تجربو Tree of life and knowledge سڏيو ويو هو. اهو هڪ تصوراتي وڻ آهي، جيڪو عهدنامہ عتيق Book of genesis ۾ عدن جي باغ جي روپ ۾ اڄ بہ موجود آهي. هن وڻ لاءِ سمجهيو ويندو آهي يا ائين سمجهڻ کپي تہ هي وڻ سيني مذهبن جو مرڪزي حصو آهي يا اها جڳهہ جنهن ڏانهن سيني مذهبن کي مرڪز ڪيو ويو آهي، يعني سنڌ جي مذهب جو وچ ڪشمير جي نَنڍي ڪنڊ جو پهريون علائقو آهي، جتي آرين جي سڀ کان وڌيڪ مزاحمت ٿي هئي. اسان وٽ اهڙيون ڪي سگهاريون شاهديون موجود آهن تہ ان جي ڏاڍي گهري معنيٰ آهي. اسان بہ هن جڳهہ وٺان ڪيئي شمعون روشن ڪنداسون.

دراوڙن کي اها چڱيءَ ريت ڄاڻ هئي تہ ڄاڻ هڪ اڻ ملهہ شيءِ سمجهي ويندي ۽ اها شيءِ امر بڻجي وڃڻ جو هڪ وسيلو آهي، تنهن ڪري انهن پنهنجي ديوتا ۽ ديوي کي وڻن جي روپ ۾ پيش ڪيو هو. تالمود Talmud روايتن موجب هڪ نہ پر بہ وڻ موجود هئا ۽ اهي ٻئي وڻ بلڪل مرڪزي حصي ۾ موجود هئا. عورت جي نمائندگي ڪندڙ وڻ علم ۽ ڄاڻ سان واسطو رکندو هو جڏهن تہ مرد جي نمائندگي ڪرڻ وارو وڻ زندگيءَ جي علامت هو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو طاقت ۾ زندگي جي موجودگيءَ جي تعلقات کي سمجهندو تہ انسان فطري طور امر آهي ۽ موت زندگيءَ جي هڪ روپ کان زندگيءَ جي ٻئي روپ تائين پهچڻ جو هڪ وسيلو آهي. هن تصور مطابق ڪنهن ڇوٽڪاري جي ضرورت ئي ڪانہ آهي، ڇاڪاڻ تہ زندگيءَ جي ڪابہ سرگرمي پاپ ڪانہ هوندي آهي. هن جو مطلب آهي، تہ اصلي سن (سنڌ) Orignal Sin ماڻهوءَ رهڻ ۽ زنده رهڻ ۾ ڪوبہ گناهہ ڪونہ هوندو آهي ۽ اهو ئي سنڌ جو اصلي مذهب آهي.

سنڌ جي ماڻهوءَ اصلي علم حاصل ڪري ورتو هو ۽ اهڙي زندگي ڏاڍي مزي سان گذاريندا هئا، جنهن ۾ نہ ڪو پاپ ۽ نہ وري ڪنهن مُلي موراڻي، ٻائي ٻانيڻ ۽ ڪنهن پير ۽ پروهت جي ضرورت هئي. قديم دور

ڪان وٺي ڏاهپ سنڌ سان گڏيل هئي، جنهن کي آريا فوجي پروهت پاپ sin سمجهندا هئا. انهن ماڻهن جي طاقت جو دارومدار فتح ڪيل ماڻهن تي هوندو هو جن جي مٿان هنن حڪومت قائم ڪئي هئي. اهي ماڻهو باهہ وسيلي قربانيون ادا ڪندا هئا، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن سنڌن ديوتا راضي ٿي سگهي. سندن خيال هو تہ سنڌ سان واسطو رکندڙ هر شيءِ پاپ آهي ۽ هنن لاءِ اڻ آريائي شيءِ سنڌ يا sin هوندي هئي. جرمن وارا وڏيءَ اٿل کي die sintflut سڏيندا آهن. اها ڳالهہ آرين جي سنڌ سان تعلقاتن بابت ٻڌائي ٿي. هندستان تي انڊيا جو نالو هن لفظ تان پيو آهي. سنڌ ملڪ تي اهو نالو سنڌو نديءَ تان پيو آهي(؟) ايران وارا هن کي هند سڏيندا هئا. بعد ۾ يونان وارا هن کي انڊيا ڪوٺڻ لڳا هئا.

موجوده دور جي پاڪستان ۾ سنڌ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ چيو ويندو آهي، پر ان جي پيٽ ۾ هندستان وارا پنهنجي ملڪ لاءِ چوندا آهن تہ اهو سنڌ ڪان وٺي سنڌوءَ تائين پکڙيل آهي، يعني سنڌوءَ ڪان وٺي بنگال جي اپسمنڊ تائين پکڙيل آهي. اڄ ڪلهہ سنڌ، سنڌوءَ جي پيچري واري علائقي کي سڏيو ويندو آهي، جتي سدائين سنڌوءَ جي اٿل ايندي رهندي آهي. مئي نديءَ 1992ع واري ساونڻ رُت ۾ اٿل ڪري هڪ لک ماڻهو مارڻ جو سبب بڻي هئي. جرمن ۽ هندستاني لاوي آرين وانگي آهن، جون ميسوپوٽاميا ۾ ٿيندڙ واقعن جي ڪابہ معلومات ڪانہ ڏني هئي، پر سنڌ بابت گهڻو ٻڌايو آهي. هندو روايت مطابق ڪمشير ۾ سنڌوءَ جي ڪناري امرناٿ جو هڪ غار آهي، جنهن ۾ شِوَ ديوتا اما UMA کي اندر وٺي تخليق جا راز ٻڌايا هئا، تنهنڪري هڪ خوبصورت ديوتا ڪان علم حاصل ڪرڻ، هميشه هر "حوا" جو پاپ رهيو آهي، ان ڪري حوا امرتا حاصل ڪري ورتي هئي. هن ديوتا جي مورتي سدائين نانگن سان گڏ ڏسڻ ۾ ايندي آهي، جن کي ڏاهپ جي علامت سمجهيو ويندو آهي. جاڻ جو اهو راز سنڌ جي ديوتا طرفان اما UMA (پاروتي) ديوي پهرين سوڪڙي هئي، اها سمجهاڻي هئي تہ مادو matter هڪ طاقت آهي ۽ اهو ڪهڙيءَ ريت ڪم ڪري رهيو آهي. هيءَ حقيقت ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ هندو ڌرم آريائي ۽ دراوڙي سنڌي روايتن جو امتزاج آهي، تنهن ڪري سمجهڻ کپي تہ لاوي آريا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه هن امتزاج ۾ شامل سمجهڻ کپن. هنن روايتن جو امتزاج آرين کي هندستان ۾ نجس لڳو هو. ساڳيءَ ريت ڪنعان ۾ ٻه ڪنهن ڳالهه کان لنوائڻ خاطر هنن اهڙين ڳالهين جي مذمت ڪئي هئي.



(هيءَ علامت ساريءَ دنيا ۾ مشهور آهي. هي چين جو امرتا جو ديوتا آهي، جنهن سان گڏ جانورن جون تصويرون ٻه ڏسجن ٿيون. هن مورتيءَ ۾ سرنو نوس Cernunnos ۽ شِوَ ديوتا نظر اچي رهيا آهن)

عدن جي باغ اندر نانگ جي موجودگيءَ مان پتو پوي ٿو ته اها ٻه سنڌ سان لاڳاپيل هڪ ٻي مورتي هئي. امڪان آهي ته معلومات ڏني پئي وڃي ته قديم زماني ۾ نانگن کي ان طريقي سان استعمال ڪيو ويندو هو ته جيئن نانگ کي شعوري سگهه. نيڪي بدي پرکڻ واري قدرتي طاقت ۽ وسيع قسم جي هوشياريءَ جي علامت تصور ڪيو وڃي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو نانگ هميشه ٻتي ديوتا سان گڏ ڏنا ويندا آهن، پر خاص ڪري ديويءَ سان گڏ ڏنا ويندا آهن. انهيءَ لاءِ جيئن اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳڪتيون ڪري سگهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ نانگ کي اڳڪتيءَ جي مقصد سان پهريون عورت ڪم آندو آهي. موجوده دور ۾ معلوم ٿيو آهي، جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي پاروتڻ کان وٺي نانگ جو ٿورو ٿورو وِهُ ڏيندو اچبو تہ وڏي هوندي ان ۾ اهڙي مدافعت پيدا ٿي پوندي، جو نانگ جيڪڏهن کيس ڏنگي وجهندو تہ ان کي نانگ جي وهہ جو ڪو ناڪاري اثر ڪونہ ٿيندو پر جيڪڏهن ان ماڻهوءَ کي خاص قسم جي نانگ کان ڏنگ هڻائبا تہ ڪرامتن جهڙيون اڳڪتيون ڪندو. هڪ ماڻهو فلوريڊا ۾ نانگن جي ليبارٽري ۾ ڪم ڪندو هو ۽ دوائن ٺاهڻ جي مقصد سان نانگ جهلي ليبارٽريءَ ۾ ڪٺي ايندو هو. اتفاق سان هڪ ڏينهن کيس نانگ ڏنگي وڌو ان جو نتيجو اهو ٿيو جو هو ڏاڍو حساس ٿي ويو ۽ کيس ماضيءَ جون يادگيريون اچڻ لڳيون. سندس پڙهڻ جي سگهہ بہ ڏاڍي تيز ٿي وئي. کيس محسوس ٿيڻ لڳو تہ ڪيئي پکي ڳائي رهيا آهن. (اهو ئي ڪارڻ آهي جو ديويءَ جي مورتيءَ سان گڏ نانگ جون مورتيون بہ موجود هونديون آهن. نانگ جي ڪکجڻ سان اڳڪتيون بہ ڪري سگهبيون آهن ۽ نانگ جو ڪکيل ماڻهو چوندو آهي، تہ مون کي ننڍڙي ڪٽپ quip پکيءَ هيءَ ڳالهہ ٻڌائي وغيره). فلوريڊا جي ليبارٽري جي هن نانگ جي ڪکيل ماڻهوءَ کي ڪيئي نوان نظارا بہ ڏسڻ ۾ آيا هئا. هن جي لاءِ اهو تجربو گهرو ۽ صحيح قسم جو معلوم ٿي رهيو هو. هي ماڻهو لامذهب ڪونہ هو پر ٿوري وقت لاءِ هو لامذهب Pagan ٿي ويو هو ۽ اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو هو جن جو ڪنهن مذهب سان واسطو ڪونہ هو ۽ وري مذهبي پابندين جو خيال ڪري رهيو هو.

اوهان بہ مراقبي ۾ ويهي هن قديم لامذهب فرقي بابت سوچي ويچاري سگهو ٿا. اهڙيءَ ريت اوهان کي محسوس ٿيندو تہ اوهان "ڊيلفيءَ" ڏانهن سفر ڪري رهيا آهيون ۽ اوهان کي 3000 سال قديم ديوي نظر اچي رهي آهي. هن جي علامتي نشاني Python (نانگ جو قسم) هئي. تازيءَ ڏند ڪٿا موجب جنهن کي اپولو قتل ڪري ڇڏيو هو هن کان اڳ هن Great Goddess جي مندر جون پروهت عورتون هونديون هيون. اپولو ديوتا جي اچڻ ڪري ان مندر جا پروهت مرد ٿيڻ

لڳا هئا، پر ان هوندي بہ مختلف دنيائن سان رابطو هڪ عورت پروهت وسيلي عمل ۾ ايندو آهي. تصور ڪريو تہ اوهان يونان ڏانهن سفر ڪري رهيا آهيو. توهان سان گڏ ٻيا سياح بہ آهن ۽ اوهان ماٿ ميٽ ۾ پنهنجي وڏڙن جي ورثي واري تعلق کي ڳولي رهيا آهيون. ڪير بہ ملڪ کان ٻاهر وڃي پنهنجي لامذهب فرق جي پاڙن کي ڏسڻ لاءِ ڪونہ ويندو پر اوهان مطالعي ۽ مراقبي ۾ ويهي سوچڻ وسيلي اهڙن احساسن کي اپاريو سگهو ٿا ۽ اوهان مذهب جا اصلي ۽ پراڻا طريقا نئين سر ڏسي سگهو ٿا.



(ڊيلفي جي اوراڪل: هن قسم جي شاعرانہ سمجهاڻيءَ اندر ٽن پيرن وارو اسٽول موجود ڪونہ آهي، جنهن جو قديم دستاويزن ۾ بيان موجود ڏسجي ٿو)

ڊيلفي جي اوراڪل Oracle واري مندر جا دروازا رومي حڪومت جي سينيٽ بند ڪرائي ڇڏيا هئا، جنهن جا سڀ ميمبر عيسائي هئا. اهڙيءَ ريت ان مندر ڏانهن ويندڙ لنگهہ بہ سيل مهر ڪيو ويو هو تنهن ڪري ماڻهو اڄ تائين بہ ان لنگهہ وٽ بيهي ڪونہ سگهندا آهن، ڇاڪاڻ تہ کين ائين ڪرڻ کان منع ڪئي ويندي آهي. زير زمين موجود ننڍڙي هُجري جابلو تري ۾ هڪ ننڍڙي کاهي موجود آهي، جتان ٻاڦ اٿندي رهندي آهي. شايد اها ٻرندڙ جبل جي گئس هوندي. هزارن سالن

ڪان وٺي ۽ عيسائيت واري ابتدائي دور ۾ اتي رکيل ٿن پيرن واري اسٽول تي هڪ مجاور عورت ويٺي هوندي هئي ۽ ٻاڦ ۾ ساهه کڻي ڪي لفظ اچاريندي هئي، جيڪي سمجهڻ جوڳا ڪونه هوندا هئا. پر ٻي ويٺل پروهت يا مجاور عورت انهن لفظن جي معنيٰ سمجهائيندي هئي.

مقدس سرزمين Holy land وارو تصور به يهودي مذهب جي اچڻ ڪان گهڻو اڳ واري دور سان تعلق رکي ٿو. جنهن جو اصلي واسطو دراوڙي ۽ پوءِ هندو ڌرم سان آهي. اها جوءِ سنڌ جي قديم اترينءَ سرحد ۽ سمنڊ جي وچ تي آهي. هندن جو عقيدو آهي، ماڻهو جيستائين Holy land جي ياترا نه ٿو ڪري تيستائين سچو هندو نه آهي. ڪن ايراضين ۾ ڪي پٿر، وڻ، ٽڪريون ۽ ڪي جبل آهن. جن جي زيارت ڪئي ويندي آهي. يهودين ۽ عيسائين وٽ پڻ اهڙو دارومدار موجود آهي. قديم آثارن جي ڪن ماهرن جو چوڻ آهي ته يهودين واري Holy land دراصل ڪشمير جي اوسي پاسي موجود آهي، جتي آرين هندستان پهچي سڀ ڪان پهريائين فتحون حاصل ڪيون هيون. هندو فقير شِوَ کي "ماکي ۽ کير" جي نالي سان سڏيندا آهن. ڪڏهن ان کي تيز روشني به سڏيو ويو آهي. (ڪڏهن هن کي صفا سفيد، ڪڏهن آسمان جي رنگ جهڙو نيرو به ڪوٺيو ويو آهي.) ڪڏهن نبريءَ نڙيءَ سان سفيد رنگ وارو به سڏيو ويو آهي. چاڪاڻ ته هن اهو زهر پيتو هو، جيڪو انسان ذات کي تباهه ڪرڻ وارو هو. جڏهن 621 ق. م. دوران يهودين Pentateuch لکڻ شروع ڪيو هو ته هنن بيان ڪيو هو ته ماکي ۽ کير واري سرزمين هنن جي ملڪيت آهي. اها حقيقت آهي ته آرين سنڌو ماٿريءَ تي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي هئي. اها اسرائيلن يا يهودين جي سرزمين ڪانه هئي. هن نڪتي تي بحث به ٿيندو رهيو آهي، سرزمين سنڌ هتي ۽ شِوَ ديوتا جي هئي. اهڙيءَ ريت عدن جو باغ يا بهشت ڪو ميسوپوٽاميا جي واديءَ ۾ موجود ڪونه هو جتي دجله ۽ فرات نديون وهنديون آهن. پر عدن ۽ بهشت سنڌو نديءَ ان جي مکيه پرتي ڪنڌڙندين واري ملڪ ۾ هو.

خاص قسم جي عهدنامه عتيق ۾ عدن جو ذڪر واضح ڪونه آهي. ان سان گڏ ڏنل حاشين ۾ ڏنل سمجهاڻي به اهڙيءَ ريت ڏني وتي جو

معلوم ٿيندو تہ اهو ذڪر انهن درياهن ۽ انهن ايراضين جو آهي، جيڪي ميسوپوٽاميا جي اوسي پاسي آهن. پر اهڙيون ايراضيون ۽ درياهہ عهدنامہ عتيق جي متن ۾ ڏنل احوال سان نهڪي ڪونہ ٿا بيهن. اصلي ترجمي ۾ بہ اهڙو احوال ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو انهن ترجمن ڪرڻ وقت اهو تصور موجود هو تہ Holy land مشرق قريب (عراق) ۾ موجود آهي، تنهن ڪري عهدنامہ عتيق ۾ انهن علائقن جو احوال قلمبند ڪيو ويو هو. عدن جي مکيہ درياهہ بابت چيو ويو آهي تہ ان جون پرتي ڪنڌڙ وڏيون شاخون چار آهن، جيڪي بهشتن مان نڪرن ٿيون. قومي امڪان آهي تہ اهو مکيہ درياه سنڌو آهي. عهدنامہ عتيق جي پيدائش genesis واري باب ۾ هاويلاهہ Havilah جي سرزمين اها آهي، جتي سون آهي، جتان عدن جو مکيہ درياه وهندو آهي. هي حوالو آبپاشي نظام وسيلي ٿيندڙ پوکي راهيءَ سان سنڌو ماٿريءَ جي تصوراتي قسم جي دولتمنديءَ سان واسطو رکي ٿو. سنڌو تهذيب جي شهرن مان هڪ شهر جو نالو هن ڪتاب ۾ موجود آهي، جيڪو هيويلا Havilah يا هڙاپا آهي. هندستان جي درياهن مان اڄ بہ ساري سون جو 90 سيڪڙو سون ملندو آهي. جڏهن پيدائش وارو باب لکجي رهيو تہ ان ۾ بہ سون وارو درياهن جو ذڪر اچي ويو آهي. جڏهن اسان گرمس Grimm (1819) جي اصول موجب consonant جي تبديليءَ جي قانون تي ويچاريندا سون تہ اسان کي سولائيءَ سان معلوم ٿي ويندو تہ هاويلا لفظ هڙاپا آهي.

عدن مان وهندڙ نديءَ لاءِ چيو ويو آهي تہ اها حبش کي چڪر ڏئي وهندي آهي. (جڏهن تہ حبش Ethiopia جي هڪ پاسي سفيد نيل ۽ ٻئي پاسي ريڊ سي Red sea آهي، پر هنجي چوڌاري ڪوبہ درياه چڪر ڪاتي ڪونہ ٿو وهي.) امڪان آهي تہ اهو درياهہ ڪشمير جي سرحد سان وهندو هجي. عهدنامہ عتيق ۾ هڪ ايراضيءَ کي ڪش Cush جي نالي سان سڏيو ويو آهي. امڪان آهي تہ هندوڪش Kush هجي. امڪان آهي تہ اهو نالو ڪنهن لڪ جو هجي، جتان آريا گذري ڪشمير ۾ داخل ٿيا هئا.

عدن کي ڳولڻ لاءِ نقشي کي ڏسي ۽ جاگرافيءَ جي نشانن کي سوچڻ ۾ پتو لڳائڻ سولو ڪم آهي، پر هولجر ڪرسٽين Holger

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

kersten قديم آثارن جو ماهر ۽ اديب آهي، جنهن سفر ڪري عهدنامہ عتيق ۾ بيان ڪيل ماڳن بابت تحقيق ڪئي هئي، پر هن اهي ماڳ هندستان ۾ ڳولي لڌا هئا. ڪشمير Indus کي "سنڌ" سڏيو ويندو آهي، ۽ عهدنامہ عتيق جا مشهور ماڳ هن نديءَ جي ڪنڌين ڪنارن سان واقع آهن. نہ رڳو اهو پر (حضرت) موسيٰ (ﷺ) جي قبر بہ هن درياهہ جي ڪناري آهي، جنهن کي قانون ڏيندڙ طور مڃيو ويندو آهي. ان کان سواءِ هن معاملي کي قابل قبول بڻائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ يهودي مذهبي عقيدن جو بڻ بنياد بہ ڪشمير واري سرزمين آهي. اهو تصوير جو فقط هڪ پاسو آهي. سنڌو ماٿريءَ تي آرين جا حملا 2150 ق.م کان شروع ٿيا هئا. جيڪي سنڌو ماٿريءَ جي اتر واري حصي تي ڪيا ويا هئا. جڏهن تہ سنڌو ماٿريءَ واري ڏاکڻي حصي ۾ اهڙا حملا گهٽ دير سان ٿيا هئا. اهو ئي جو يهودين جون ڪنعان سان لاڳاپيل روايتون موهن جي دڙي جي فتح ۽ ميسنيا جي شهنشاهت جي تباهيءَ کان پوءِ شروع ٿين ٿيون. تنهن ڪري ڪشمير لاوي روايتن جو ائين حصو هو جيئن ويدڪ روايتن جو حصو هو.

جيڪڏهن عهدنامہ عتيق ۾ بيان ڪيل عدن واري قصي کي نقشي سان ڀيٽائي ڏسندا تہ هيءَ حقيقت هڪدم واضح ٿي ويندي تہ اتي ڪشمير ۾ چار مختلف درياه آهن. جيڪي هن ماٿريءَ جي اتر واري پاسي کان سنڌوءَ ۾ اچي چوڙ ڪنديون آهن. پر دجلہ۔ فرات درياهن جو انهن درياهن سان ڪوبہ تعلق ڪونہ آهي، جيڪي جنهن جي اوسي پاسي کان وهندا آهن. ان کان سواءِ هنن ٻن درياهن سان کهڙن بہ ٽئين درياهن جو ميسوپوٽاميا ۾ ڪٿي بہ ميلاپ ڪونہ ٿيندو آهي. ساڳيءَ ريت عدن واري باغ ۾ ان مان نڪرندڙ درياهن جو ذڪر "سنڌ" کان سواءِ ڪٿي بہ ٺهڪي بيهي ڪونہ ٿو سگهي، جنهن وچان سنڌو ۽ ان جون چار وڏيون پرتي ڪندڙ شاخون گذرنديون آهن. هتي دولتمنديءَ جي تاريخ، ورڻ ۽ نانگن جو مذهب ۽ تاريخي تهذيب جي اهليت موجود آهي.

عهدنامہ عتيق سان لاڳاپيل ماڳ بہ هندستان ۾ هٿ لڳي سگهن ٿا. ڪنهن بہ سياح کي عهدنامہ عتيق سان لاڳاپيل بہ ماڳ اهڙا لڀندا، جن

بابت گهڻو بيان ڏسجي ٿو. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته اهڙا ماڳ بيان سان هڪ جهڙائي ڪونه ٿا رکن. ڪريسٽن اتفاقي طور معلوم ڪري ورتو هو ته اهي ماڳ ڪشمير جي قديم حصي ۾ هٿ لڳي سگهن ٿا. هن ڏٺو هو اهي ماڳ عهدنامه عتيق جي بيان سان بلڪل نهڪي رهيا هئا. هن مقدس ڪتاب ۾ بيان ڪيل پسگا جبل Pisga Mount، بيت پوئر Beth peor هيشبون Heshbon، موآب Moab ۽ نيبو Nebo ڪشمير ۾ هنن نالن پشگا Pishga، بيهت پور Behat poor (موجوده دور جي بنديپور Bandipoor) هسبال Hasbal، موآب Moab، مائونٽ نيبو Mount Nebo سان اڄ به موجود آهن. نيبو جبل بنديپور پرسان موجود جيڪو ڪشمير جي پٽي جابلو علائقي کان مٿي آهي. ڪرسٽين عهدنامه عتيق ۾ ڏنل طرفن کي ڏٺو ۽ پوءِ ڪشمير جو نقشو ڪڍي انهن ٿاڪن ڏانهن ويو ۽ (حضرت) موسيٰ (ﷺ) جي قبر ڳولي لڌائين. جيڪا انهيءَ نالي پنيان سڏي ويندي هئي ۽ ڪشمير ۾ موجود هئي، پر فلسطين ۾ ڇا وهيو واپريو اهو ائين ٿيو جيئن آمريڪا ۾ ٿيو. جتي يورپي ماڻهن پنهنجون ڪالونيون قائم ڪري ورتيون هيون.

هن نئين دنيا New World ۾ موجود ڪالونين تي پراڻي يورپ جي شهرن جا نالا رکيا ويا. ساڳيءَ ريت انگلينڊ، فرانس، جرمني، اسپين ۽ هالينڊ ۾ موجود ٿاڪن جا نالا آمريڪا جي ٿاڪن تي رکيا ويا. مشرق قريب ۾ به ائين ٿيو. اتي به ڪشمير ۽ سنڌو ماٿريءَ جي ماڳن جا نالا مشرق قريب جي ماڳن ۽ علائقن تي رکيا ويا. هاڻي جيڪڏهن يورپ جي شهرن ۽ علائقن، جاگرافي ۽ جاءِ وقوع کي آڏو رکي آمريڪا ۾ موجود ساڳين نالن وارن شهرن کي ڳولبو ته اهڙي ساڳي مشڪلات سامهون ايندي جڏهن اسان ڪشمير ۾ سنڌو ماٿري ۽ شهرن ۽ ماڳن کي مشرق قريب ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪنداسون ۽ انهن کي عهدنامه عتيق جي بيان موجب لهڻ جي جاکوڙ ڪنداسون ته ناڪامي ٿيندي، ڇاڪاڻ ته اهڙا ماڳ فلسطين ۾ ڪونه هوندا. اهڙيءَ ريت جبل سينا Sinai کي ڳولي لهڻ واسطي ان جي سڃاڻپ ۾ ڪي ترميمون ڪرڻيون پونديون. سينا جبل کي ڳولي لهڻ واسطي 1999ع ۾ سعودي عرب جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفر ڪيو ويو هو. اسان کي اهو به سوچڻو پوندو ته يونان ۾ جنهن اسم جي پڇاڙيءَ ۾ "ai" جا اکر هوندا آهن، سي جمع جو صيغو ڏيکاريندا آهن. اهڙيءَ Ten Commandments جو ذريعو به S-i يا سنڌ آهي. اهڙي ڳالهه بابل کان آشور پهتي هئي. انهيءَ زماني (3600 ق. م) ۾ بابل (سمير) سنڌ جي ڪالوني هو.

هتي عبراني ۽ ڪشميري ٻوليءَ جي لفظن جا مثال ڏنا ويا آهن، جيڪي هجي ۽ معنيٰ ۾ بلڪل هڪ جهڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان ڪري ڪرسٽن جو خيال آهي ته ڪشميري ٻولي عبراني ٻوليءَ مان نڪتل آهي، پر جيڪڏهن ان کي دور جي ناتي ڏسبو ته سمجهي ونبو ته عبراني ڪشميري مان نڪتل آهي ۽ اهڙي حقيقت ويدڪ آرين ۽ لاوي آرين وچ ۾ موجود تعلقاتن طرف اشارو ڪري رهي آهي.

انجيل ۾ خدا ۽ خدا جي پٽ کي سنئو ڏنار سڏيو ويو آهي ۽ ان جي پوئلڳن کي ريڊون ڪونيو ويو آهي. هي تصور شِوَ ديوتا وٽان ڪنيو ويو آهي. جنهن کي مقدس طاقت وارو ڏنار ڪونيو ويو آهي، جڏهن ته هن ديوتا جي پوڄارين کي سنڌس ريڊون سڏيو ويو آهي. هن ديوتا لاءِ اهو به چيو ويو آهي ته اهو ٻن متضاد نڪتن جو مرڪزي نڪتو آهي، جيڪو تخليق ۽ تباهيءَ وچ ۾ توازن رکندو آهي. هي ڪائنات جي فطري حقيقت، سچ ۽ زندگي آهي. ٻن تضادن جي توازن واري خدا جي ڳالهه يهودي نقطهٔ نظر واريءَ سمجهاڻيءَ کي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ ته يهودين جو مقدس وجود ڀلاين ۽ محبت جو خدا آهي، جيڪو پڻ قهار به آهي. (هي ويدڪ شِوَ ديوتا جي خاصيت آهي) يهودين کي سمجهاڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي ته نيڪين ۽ ڀلاين وارو خدا پنهنجي ٻندن لاءِ قهر ڇو بڻبو.

Book of Job ۾ هڪ اهڙو قصو آهي، جنهن ۾ اهو نظر اچي ٿو ته سنئو ماڻهو ڏک ڏسندو آهي ۽ پوءِ به ان خدا تعاليٰ جي تعريف ڪندو آهي، جيڪو کيس مصيبت ۾ وجهندو آهي. هن قصي سان لاڳاپيل ماڻهوءَ جي ڪتاب اهميت ڪانه هوندي آهي. خدا تعاليٰ سنڌس سچائيءَ کي پرکڻ واسطي سنڌس ڀهريون خاندان ماري ڇڏيندو آهي، ان کان پوءِ خدا تعاليٰ کيس نئون ڪٽنب ڏيندو آهي. جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن جو هڪ ٻار گذاري ويندو آهي، ته ان جو نعم البدل ٻيو ٻار هوندو آهي، پر خدا جون رحمتون ان جو نعم البدل ڪونه ٿينديون آهن. عهدنامہ عتيق جي هن قصي ۾ فرد کي وڏي اهميت ڏني وئي آهي. اهو ڪو شيطان ڪونه هو جنهن مٿان مصيبتن جا پهاڙ ڪيرايا هئا، پر هن کي ڏک ۽ ڏچا اهو مقدس وجود ڏئي رهيو آهي، جنهن جي هو پوڄا ڪري رهيو آهي. اهو ڄڻ ڏکن ڏچن ۽ صالح هجڻ جو امتزاج آهي، جيڪو اڳتي هلي تن کي تسيا ڏيڻ، پاڻ کي ڇهبڪن سان مارڻ، مٿي ٺلهہ تي سالن تائين ويٺو هجڻ ۽ پنهنجي جان کي تکي اوزار سان ڇهڪ ڏيڻ واري عمل مان گذاري ٿو. اهڙيون ڳالهيون ابتدائي دور جي عيسائين ۾ عام هونديون هيون، پر اڄ ڪن ٿورن عيسائين فرقن ۾ موجود آهن. اڄ به گهڻا عيسائي دنياوي خوشين کان گهڻو پري رهندا آهن ۽ ناچ کان به وَڙن ويندا آهن.

ابتدائي دور جي ڪن عيسائي مُلن ۾ مفاهمت جي ڳالهہ اچي وئي هئي، پر اهي سدائين هن جهوريءَ ۾ پيا جهڄندا هئا ته عيش ۽ آرام واري زندگي جيڪر نہ هجي ته ڏاڍو ڀلو تنهن ڪري اهي پاڻ کي سدائين عبادتگاهہ ۾ سمجهندا هئا. ان ڪري پنهنجا عضوا ڪپيندا ۽ روزا رکي پاڻ کي بک ماريندا هئا. هو وهنجندا به ڪونہ هئا ته جيئن گوشت ڳرندو رهي. ان کان سواءِ هو پنهنجي جسمن تي چيٽا ٿڦيندا هئا ته جيئن عام ماڻهو ۽ سماج انهن کان نفرت ڪري. اهڙيءَ ريت ٽيسيٽس Tacitus جي تحريرن مان پتو پوي ٿو ته لامذهب فرقي جا ماڻهو ابتدائي دور جي عيسائين کي منفرد قسم جو فرقو سمجهندا هئا ۽ سندن نظر ۾ اُهي قابل نفرت هوندا هئا.

دراوڙا پاڻ کي عذاب ڏيڻ کي سنو ڪونہ سمجهندا هئا. جيڪڏهن هو ائين سمجهن ها ته پنهنجي خوشين ڀريءَ زندگيءَ کي جرم ۽ پاپ سمجهن ها. پر آرين پنهنجي لاءِ ڏچو پيدا ڪري ڇڏيو هو. چاڪاڻ ته ناڪاري ڪردار واري ردر جي روپ کي شو ديوتا سان ملائي ڇڏيو هئائون، انهيءَ مقصد سان ته جيئن ان جي پوڄا تي برو اثر پوي، آريا پنهنجي مذهب کي خالص بڻائڻ واسطي اهڙيون ڳالهيون پوءِ به ڪندا رهندا هئا. هن کان اڳ ماڻهو دنياوي معاملن ڏانهن لڙيل هئا ۽

سمجهندا هئا ته اڻ وڻندڙ واقعا اتفاق سان ٿيندا رهندا آهن. جن کي هو پاڳ يا نياڳ سمجهندا هئا. سنڌن تصور هو ته ماڻهو پنهنجي ڪرمن جي سزا جزا هِن ۽ هُن جهان ۾ ڀوڳيندو آهي. هن قسم جي تصور جو نتيجو اهو نڪرندو هو ته ڪنهن پروهت ٻائي يا ٻانيڻ جي ضرورت ڪانه پوندي هئي. جيڪو ديوتا ۽ عام ماڻهوءَ جي وچ ۾ رابطي جو سبب بڻجي سگهي. سنڌ جي مذهب مطابق انسان تخليقي طور پاپي ڪونه هوندو آهي. پر ان جي ڀيٽ ۾ يهودي مذهب ۽ ٻئي ديوتا جي مذهب خلاف چوي ٿو ته ڪوبه انسان تخليقي طور معصوم ڪونه هوندو آهي. وچين دور جي عيسائين جو تصور هو ته جيڪڏهن معصوم ٻار بپتسما baptisma جي رسم ادا ڪرڻ کان اڳ مري وڃي ته اهو بهشت ۾ داخل ٿي ڪونه سگهندو.

پر يهودين جي Pentateuch ۾ ڪيترا نڪتا موجود آهن. جن مان پتو پوي ٿو ته يهودين جي مذهب کان سنڌ جي ڌرم ۽ هندو ڌرم ۾ هڪ جهڙيون ڳالهيون موجوده آهن. جيڪڏهن اسان لامذهب فرقي جون پاڙون ڳولينداسون ۽ ان جو انهن مغربي مذهبن سان ميل جول ڏسنداسون ته جن جو بنياد يهودي تحريرون هونديون ته پوءِ اسان کي ثابت ڪرڻ يا ثابت نه ڪرڻ جي ضرورت ڪانه پوندي ته اهي يهودي تحريرون صحيح آهن يا غلط آهن. اهو ثابت ڪرڻ وڏيڪ ضروري ڪونه آهي ته ويدڪ دور جو ڪرشن حقيقي طور موجود هو يا نه هو پر ضروري ڳالهه اها آهي ته عهدنامه عتيق وارو موسيٰ (ﷺ) سچ پچ موجود هو يا نه هو. اسان کي فقط هن حقيقت ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي ته عهدنامه عتيق ان زماني ۾ مرتب ٿي رهيو هو جڏهن لاوي آرين کي ڪنعان ۾ پهتي صديون گذري چڪيون هيون. گهڻيون ڳالهيون انهيءَ زماني ۾ غالب هيون جيڪي مصري، آشوري ۽ بابلي هيون. ان کان سواءِ ڪي ڳالهيون تصوراتي قصن ڪهاڻين ۽ ڏند ڪهاڻين تان به ورتيون ويون هيون. انهن جو تعلق ڪنهن به حقيقي دور واري سچيءَ پچيءَ شخصيت سان ڪونه آهي. اهي فقط تصوراتي ۽ خيالي قصا آهن. اهڙيءَ ريت فرعونن مان به ڪنهن جو نالو ڪونه هو جنهن جو موسيٰ (ﷺ) سان واسطو پيو هجي. اهڙو ڪو واضح دور به ڪونه ڏنو ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. جو عهدنامہ عتيق جي واقعن کي تاريخي واقعن سان ڀيٽائي ڏسجي، پر جيڪڏهن پڙهڻ وارو انهن ماڳن ۾ واقعن کي سنڌ جي ماڳن ۾ واقعن سان ڀيٽائي ڏسندو تہ ڪيس ضرور صحيح معلومات ملڻ جو امڪان آهي. هتي ٿوري بہ کوجنائي ڪئي وئي تہ ويدڪ تحريرن مان اهڙيون حقيقتون دريافت ٿي سگهن ٿيون، جيڪي عهدنامہ عتيق جي ڳالهين سان ٺهڪي بيهي سگهن ٿيون. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ تاريخي حقيقتن ۾ عهدنامہ عتيق ۾ بيان ڪيل ڳالهين ۾ ڪابہ هڪ جهڙائي ڪانہ آهي. مثال طور خدا تعاليٰ ۾ موسيٰ جي وچ ۾ هن ريت گفتو ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۾ خدا (حضرت) موسيٰ (ﷺ) کي پنهنجي نالي بابت چوي ٿو: مان جوئي آهيان سوئي آهيان يعني "I am that I am".

هن قسم جي جملي کي ڏسي گهڻا مذهبي عالم منجهي پيا هئا. پر هندو مذهب وارن وٽ اهو ساڳيو نالو اعليٰ مقدس نظر اچي ٿو جيڪو ٽٽ "Tat" جي لفظ ۾ موجود آهي، جيڪو هن ڏند ڪٿائي جملي جي معنيٰ کي هڪ قسم جو نئون پس منظر بخشي ٿو. هن کي گول مول قسم جو منتر سڏي سگهجي ٿو. مانا سبھ Manassch اپوڪرانفا Apocryhpha مان هڪ آهي. هي ڪتاب عام طور پروٽيسٽنٽ Prostestant عيسائي فرقي جي عهدنامہ عتيق ۾ نظر ڪونہ ايندا. پر عيسائيت جي ڪئٿلڪ فرقي جي عهدنامہ عتيق ۾ عهدنامہ جديد ۾ ضرور موجود آهن. هن ڪتابن جو اصلي يهودي مذهب سان واسطو آهي، جن کي مئڪبيز I ۾ II (Maccabees I and II) سڏيو ويندو آهي، جيڪي 138 ق. م دوران لکيا ويا هئا. مانا سا Manasa نانگ ديويءَ Snake Goddess جو نالو آهي، جنهن جي ساري هندستان اندر اڄ بہ پوڄا ٿيندي آهي. حقيقت ۾ اهو شِوَ هو جنهن کي پهريائين "پيارو پيءُ" Beloved Father، عظيم سچائي Highest Truth، ٻلاٽي grace، سنو ڏنار Good shepherd سڏيو ويندو هو. اهي سڀ نالا عهدنامہ عتيق ۾ لکيا ويا هئا ۾ لاوي آريا پنهنجي ديوتا کي ياوِھہ Yahweh سڏڻ لڳا هئا. هي سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ وَهَڻ flow آهي. يعني ٻرندڙ جبل جي باھہ جهڙو لاوا Lava ۾ اهو ويدڪ لفظ آهي.

ان ڪانسواءِ دائود David جو ستارو بہ سنڌ جي علامت آهي، جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصل ۾ دراوڙن جو ستارو آھي. ھي ٻنھي ديوتا شِوَ آھي، جنھن جي علامت تڪنڊو triangle آھي. ٻي شڪتي آھي، جنھن جي علامت اندر تي وريل تڪنڊو آھي. ھندو ڌرم موجب جڏھن ٻن تڪنڊن کي پاڻ ۾ ملائبو آھي تہ ڇڪنڊو ستارو بڻجي پوندو آھي. جيڪڏھن ان ڇڪنڊي ستاري کي گول دائري ۾ رکبو تہ Dual Diety in Time جو مفھوم ڏيکاريندو. اھا ڪا اتفاقي ھڪجھڙائي ڪانہ آھي، جيڪا عھدنامئہ عتيق ۾ ڏسجي رھي آھي ۽ اھا دائود David سان تعلق رکي ٿي ۽ David دراوڙ Dravid آھي. سال Saul، دائود David، باٿ شيبا Bath Sheba، سيلمان Solomon ۽ راڻي شيبا Sheba ھندستان جي مذھبي اوسر جا استعارا ڪنايا آھن، جيڪي لاوي آرين مذھبي سڌارڪن نئين سر جوڙي ورتا ھئا.

سال Saul ھندستان جي ھڪ قيمتي وڻ جو نالو آھي، جيڪو ديويءَ جي نمائندگي ڪندو آھي. اھا جنس تبديل ڪري ائين مرد بڻجي وئي ھئي، جيئن عھدنامئہ عتيق جي بيان موجب آشيتوريٿ ديوي Ashtoreth goddess جنس مٽائي god/demon آستاروٿ Astaroth بڻجي ويو ھو. آرين جي ڪتاب موجب اھو انھيءَ ڪري ٿيو ھو تہ جيئن ڪا عورت ديوي نہ پيدا ٿي سگھي، جيڪا جبل جي ديوتا Mountain god جي مخالف ھجي. شڪتيءَ کي ديوي جي نالي سان سڏيو ويندو ھو جيڪا پنھنجي جنس مٽائي مرد ديوتا ٿي وئي ھئي، جنھن کي ديول Devil جي نالي سان سڏيو ويندو ھو. عھدنامہ عتيق ۾ بہ ڏند ڪٿا جي اوسر کي اھميت ھوندي ھئي، جنھن ۾ ڏيکاريو ويجي ٿو تہ دراوڙن جي ديوتا شِوَ وڻ ديوي کي ختم ڪري ڇڏيو آھي ۽ پاڻ شڪتي بڻجي ويو ھو. اھڙيون ڳالھيون ھندو ڌرم ۾ موجود آھن. Arch of Covenant جي يروشلم پھچڻ ڪان دائود ناچ ڪيو ھو. اھو ائين ھو تہ جڻ آرين جي ديوتا جي اعليٰ حيثيت حاصل ڪرڻ ڪان اڳ نٽ راج شو مذھبي شڪل ۾ يروشلم پھتو ھو.

بعد ۾ دائود باٿ- شيبا (شِوَ جي ڏيءُ) سان شادي ڪئي ھئي، ھن مان اھو معلوم ٿئي ٿو تہ عورت وارو روپ غلبي ھيٺ اچي رھيو آھي. ھنن ٻنھي کي پٽ ڄائو ھو جنھن جو نالو سليمان Solomon رکيو ويو ھو.

هتي سليمان دراوڙي ۽ آريائي مذهب جي رلي ملي وڃڻ جو آخري مرحلو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. شِوَ ديوتا جي ڏاهپ واري روپ جو سليمان وسيلي اظهار ڪيو ويو وڃي، جيڪو پراسرار قسم جي شيبا جي راڻيءَ جو صلاحڪار بڻجي وڃي ٿو. هن راڻيءَ جي اصليت تي صدين کان وٺي بحث هلندو آيو آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته اها مختلف جڳهن سان واسطو رکي ٿي. پهريون ته حبش Ethiopia جو نالو ڪنيو پيو وڃي. ان کانپوءِ هن جي ماڳ لاءِ عربستان جي اپيبث کان اوير پاسي ۽ پاڻي کان پار سنڌوءَ جي ماتري جو نالو به متبادل طور ڪنيو پيو وڃي. اها ڪا اچرج جهڙي ڳالهه ڪانه آهي ته سندس اصل وطن بحث جو موضوع بڻيل آهي، جيڪو گهڻو منجهيل به رهيو آهي، پر غور ڪري ڏٺو وڃي ته اها شِوَ جي راڻي شڪتي آهي. هن قصي وسيلي آرين يهودين جي اعليٰ حيثيت کي ثابت ڪرڻ آهي ته سنڌن ديوتا شِوَ جي راڻيءَ کي حاصل ڪري ورتو آهي، جيڪا ڪيس صلاحڪار ٿيڻ لاءِ گذارش ڪري رهي آهي. ان کان پوءِ هو غير واضح ۽ اخلاقي طور بادشاهه بڻجي وڃي ٿو ۽ شيبا راڻي سندس مطيع ۽ اخلاقي طور سندس گهرواري بڻجي وڃي ٿي. هن قصي مان هيءَ معنيٰ نڪري ٿي ته پهريائين شِوَ جي راڻيءَ جي حيثيت گهٽجي وڃي ٿي، بعد ۾ هن راڻيءَ جي شڪتي ختم ٿي وڃي ٿي. آخر ۾ شِوَ جذب ٿي آريو بڻجي وڃي ٿو. هن قصي جو گهٽ ۾ گهٽ اهو مفهوم آهي، پر اهو ڪو حقيقي قسم جو ماحول ڪونه آهي.

جيڪڏهن يهوديت جي ساري تاريخ تي نظر ڪجي ٿي ته هن مذهب جا لاوي پروهت هر وقت سنڌ جي مذهب جا مخالف ۽ دشمن رهيا آهن. ان کان سواءِ عهدنامه عتيق کي مرتب ڪرڻ واري ڪائونسل پنهنجي مقدس ڪتاب ۾ سنڌ جي قديم مذهب بابت ڏاڍا ڏکوئيندڙ حوالا قلمبند ڪيا آهن. انهن عورتن کي سختيءَ سان منع ڪئي وڃي ٿي، جيڪي مندر جي دروازي وٽ ويهي طاموز Tammuz لاءِ روئي پٽي رهيون آهن. هوسيا Hosca جي گهر گومر Gomer بين عورتن سان گڏ آهي، جن کي بهترين ويس وڳا پاتل آهن ۽ اهي مندر ۾ وڃي ٻئي ديوتا اشتوريث Ashtoreth جي پوڄا ڪري رهيون آهن. (جيڪو اَرڌا ناري آهي.) هن ڳالهه مان معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته اهڙي قسم جي پوڄا کي عام ماڻهو تمام گهڻو پسند ڪندا هئا. ڇاڪاڻ ته اهي مذهبي جڳهن اندر واقع ٿيندڙيون هيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو بہ معلوم ٿي رهيو آهي تہ شِوَ ۽ شڪتيءَ واري ڏند ڪٿا ڪي مغربي دنيا ۾ تمام گهڻو ورجايو ويو آهي. عهدنامہ عتيق جي مرتب ٿيڻ تائين اهڙيون ڳالهيون هنڌين ماڳين مشهور هونديون هيون. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ فلسطين ۾ مينون Minoan جو زئگريس Zagreus ۽ ڪائيبل Cybele، يونان ۾ وينس ۽ ائڊونس Adonis، ٿريس Thrace ۾ ڊايونيسس Dionysus ۽ ڪائبيل Kybele، روم ۾ آٽس Attis ۽ ڪائيبل، بابل ۾ اشطار Ishtar ۽ طامور (طاموس) ۽ مصر ۾ آئيسس Isis ۽ اوسيرس Osiris موجود هئا (جيڪي شِوَ ۽ شڪتيءَ جو گهٽ وڌ روپ هئا.) هي اهو زمانو هو جڏهن آرين جو مذهب مرتب ٿي رهيو هو، جيڪو سخت قسم جو دقيانوسي هو. اهو بہ معلوم ٿي رهيو آهي تہ عهدنامہ عتيق جي مرتب ڪرڻ واري ڪائونسل جي اها نيت ڪانہ هئي تہ هن ڪتاب کي تاريخ جو روپ ڏجي، پر اهو اهڙن ڪتابن جو مجموعو هجي، جيڪو عام ماڻهن کي دراوڙي مذهب کان ڇڙڪائي پڇائي ڇڏي يا اهڙي دراوڙي ۽ هندو ڌرم کان پري ڪري ڇڏي، جيڪو هندستان ۾ هڪ گڏيل روپ ۾ موجود هو.



(روم جو ديوتا آٽس Attis جنهن کي لاوي طاموس Tammuz طور سڃاڻيندا هئا.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي ماڻهو هنن قديم روايتن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا هئا. اهڙيءَ ريت عام ماڻهن کي بہ قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ اهي آرين جو مذهب اختيار ڪن. هنن ڳالهين مان سندن مقصد هو تہ جيئن لاوي پروهتن جي يهودين مٿان حڪمراني مضبوط ٿي سگهي، پر هنن جون اهڙيون ڪوششون مڪمل طور ڪامياب ٿي ڪونہ سگهيون هيون.

پر اڄرچ جهڙي حقيقت هيءَ بہ آهي تہ تحقيق وسيلي اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ سيني مغربي ٻولين جي پاڙ سنڌ- يورپي آهي، جيڪا سنسڪرت ۾ ڪتل آهي. تاريخ اها ڳالهہ هڪدم تہ ٻڌائي ڪانہ سگهندي تہ مذهبي ورثي ٻوليءَ سان گڏ مغرب ڏانهن سفر ڪيو هو. اهو مذهبي نظريو لفظن سان گڏ سنڌو ماٿري کان هليو هو. مغرب وارن مشرق قريب جي تهذيب تي اتاچري نظر وجهڻ کان پوءِ پنهنجو اصلي ۽ حقيقي ورثو وساري ڇڏيو هو جنهن جو واسطو فقط سنڌ سان هو. دراصل حقيقت اها آهي تہ انسان ذات پيدا ئي سنڌ ۾ ٿي آهي. عهدنامہ عتيق (توريت ۽ زبور) جو بيان بہ اهڙو آهي. عهدنامہ عتيق جو تصور سنڌو ماٿريءَ جي ديوتائن جو مشرق قريب ۾ موجود اثر ڏانهن اشارو ڪري ٿو ۽ مغرب جي مذهبي مکيہ ڌارا جو اصل بڻ بنياد بہ سنڌ جو اوم AUM ۽ اما UMA آهي.

يهودي مذهب جو اصل مقصد سنڌ جي قديم مذهب کي ضم ڪرڻ ۽ اهڙي مذهب کي تخليق ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ هو جيڪو حڪمران طبقي جي ديوتا جي پوڄا ڪري، مشرق قريب کي آرين قبيلن فتح ڪيو هو جن ۾ ميد، ايراني، هندو حتي Hittites ۽ ايشيا مائنر جا لووائيٽ Luvite قبيلا هئا. هنن سان ڪنعاني لاوي بہ شامل سمجهيا وڃن. اهڙيءَ ريت ڪنعاني لاوين جو هڪ گروهہ هو جنهن نئين مذهبي نظام کي تخليق ڪيو هو ۽ نئين قسم جي ڏند ڪٿائن جي ابتدا ڪئي هئي، جيڪا اڄ بہ موجود آهي ڪين توقع هئي تہ ائين ڪرڻ سان پنهنجي سياسي طاقت کي محفوظ ۽ سنڌ جي ديوتا ۽ ديوي جي اثر کي صفا ختم ڪري سگهجي ٿو. وڏيءَ جاکوڙ کان پوءِ بہ اهڙيءَ روايت کي ختم ڪري ڪونہ سگهيا هئا. اهي پنهنجي سياسي ديوتا جي طاقت کي قائم ڪرڻ ۾ سوڀارا تہ ضرور ٿيا هئا، پر اهي جزا جيڪي فطري ٻٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوتا اندر موجود هئا. سي اڄ بہ شاهد طور موجود آهن ۽ اهي قديم زماني کان وٺي فطرت جي روپ ۾ ڳالهائي رهيا آهن.

تالمود ۾ عام قسم جي يهودي روايتن اهي سڀ خاصيتون پنهنجي ديوتائن ياوِهہ Yahweh، ايلوهم Elohim ۽ جيهو واهہ Jehovah سان شامل ڪري ڇڏيون آهن. پر ان ديوتا جو مردَ طور احترام ڪيو ويجي ٿو پر ان جو بيان مرد ۽ عورت واري صيغي ۾ ڪيو ويجي ٿو. يهودي مذهب جي اڄ سوڌو جاڪوڙ اها آهي تہ ان کي فقط مرد ديوتا تسليم ڪيو وڃي، پر عيسائي هن ڳالهہ تي تڪرار ڪيون بيٺا آهن.

جيهووا ديوتا جو عورتاڻو روپ آهي ۽ سوالي بہ پنهنجي آس پڄائڻ لاءِ ان کي ديوي يا عورت جي روپ ۾ پڪاريندا آهن. گهڻا عيسائي عهدنامہ عتيق کي ائين ڪونہ سمجهندا آهن. جيئن ان کي يهودي فرقي وارا سمجهندا آهن. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ اهي روايتون نسلي طور عيسائين کي ورثي ۾ ڪونہ مليون آهن. ڇاڪاڻ تہ اهي تہ يهودين کي ورثي طور مليون آهن ۽ موجوده دور واري اسرائيل ۾ گهڻا يهودي دقيانوسي خيالن جا ڪونہ آهن، پر آزاد خياليءَ جا مالڪ آهن. ماضيءَ ۾ اهي ماڻهو لامذهب فرقي جا قائل هوندا هئا. جنهن کي مغربي دنيا ۾ نئين سر زنده ڪيو پيو وڃي، پر انهن جو مذهبي ادب مشرق قريب سان واسطو رکي ٿو. جيڪو صحيح معنيٰ ۾ يورپي ثقافت کان گهڻو پري آهي ۽ ان کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهي بہ ڪونہ ٿو سگهجي. اسرائيل وارن جو بہ حال ساڳيو آهي، ان جو ڪارڻ فقط اهو آهي تہ اها هڪ اوپرندي ۽ ڌاري روايت آهي، جنهن کي يورپ نہ هضم ڪري سگهي ٿو نہ وري ان کي چڱيءَ ريت سمجهائي سگهي ٿو.

سوچڻ جي ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ يهودي يورپ جي معاشري ۾ ڪهڙي طريقي سان زنده رهندا هئا. بنيادي طور اهي بلڪل الڳ ٿلڳ رهندا هئا ۽ برادرين جي شڪل ۾ اهڙن جڳهن ۾ رهندا هئا. جن کي گهيٽوز ghettos سڏيو ويندو هو. وچين دور جي تحريرن ۾ هنن کي تمام گهڻو نِنديو ويو آهي. يورپ وارن عيسائيت جي ارتقا تي ڪڏهن ڪونہ سوچيو هو. تنهن ڪري يهوديت کي هڪ اوپري ۽ غير مناسب شيءِ سمجهي، صدين تائين هن خلاف وڙهندو رهيو هو ۽ اهي اصلي ۽ نسلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لامذهب فرقي جي ورثي کي ڏاڍ ۽ ڏمر جو نشانو بڻائي رهيا هئا. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ نئين لامذهب فرقي کي موهڻ لاءِ تمام گهڻي ڪشش هئي، تنهن ڪري يورپي نسل جو ماڻهو بہ موهجي پيو آهي. چاڪاڻ تہ اهو مناسب ۽ فطري آهي.

رومي ڪئٿلڪ چرچ بہ لامذهب فرقي جي علامتي نشانين کي اختيار ڪيو هو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن عام ماڻهن کي پنهنجو پوئلڳ بڻائي سگهن. اڄ بہ پراٽيسٽنٽ ۽ ٻين سيني فرقن جي پوئلڳن جي تعداد کي جوڙ ڪبو تہ بہ رومن ڪئٿلڪ فرقي جا پوئلڳ تمام گهڻا آهن. اهڙيءَ حڪمت عمليءَ لاوين جي عهدنامہ عتيق جي خلاف ڪم ڪيو هو. عام ماڻهن جي ضرورت کي محسوس ڪندي کين عيسائي تہ بنايو ويو پر بہ انهن عيسائين جا يهوديت کان ويڇا پوءِ بہ وڌي ويا. اهڙين ڳالهين کي نظر ۾ رکي پاڻيءَ جي وهڪرن، چشمن ۽ کوهن پرسان حضرت مريم جا مجسما نصب ڪيا ويا. جيڪا ڪنهن ديويءَ جي روپ ۾ معلوم ٿي رهي هئي. اهڙيءَ ريت لامذهب فرقي جي درگاهن يا تيرٿن کي عيسائي بزرگن ۽ حضرت مريم نالي پنيان سڏڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان کان سواءِ لامذهب فرقي جي ديوتائن ۽ ديوين کي عيسائي بزرگن جي نالي سان سڏيو وڃڻ لڳو جنهن جو مثال سئنٽ برجد Brigid آهي، جيڪا اصل ۾ بريڊي ديوي goddess Brede يا goddess Brighde آهي. ان کانسواءِ لامذهب فرقي Pagan جي موڪلن ۽ وڏن ڏڻن کي بہ عيسائين اختيار ڪري ورتو هو پر انهن ۾ ٿورو گهڻو عيسائي رنگ موجود هو.

اهڙي طرح روم سان لاڳاپيل سئٽورناليا Saturnalia ۽ جوينااليا Juvenalia موڪلن ۽ وڏن ڏڻن کي ڪرسمس طور ملهايو وڃڻ لڳو. سئڪسن لوڪ Saxon بهار جي ديوي goddess of spring اوئيسٽر Oestar جو ڏينهن ملهائيندا هئا. اهو ڏينهن بہ ايسٽر Easter جي نالي سان عيسائي ملهائڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ اهو حضرت عيسيٰ جي وري زنده ٿيڻ وارو ڏينهن آهي، پر سهڙن کي ڦاسائڻ. آنن ۽ لنگ جا ڪيڪ تيار ڪرڻ ۽ ديويءَ جي ساڳي رکڻ واريون روايتون بلڪل ساڳيون رهيون هيون. ان کان سواءِ ايسٽر جي ڏينهن تي اٽليءَ، جرمني ۽ فرانس ۾ لنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙي ماني پچائي ويندي هئي. اهڙي روايت تازي دور تائين قائم رهي. ان کان سواءِ نيپلس Naples ۾ لنگ جي هڪ مورتي ڪلهن تي کڻي جلوس ڪڍيو ويندو ۽ اهڙي مذهبي رسم ارڙهين صديءَ تائين هلندي رهي ۽ لنگ مورتيءَ کي Sacred Member جي نالي سان سڏيو ويندو هو. آگسٽ جي مهيني ۾ آرٽيمس Artemis (goddess of Moon) ديويءَ جي نالي فصل جي لاباري جو ڏڻهن ملهايو ويندو هو ۽ هن کي ڪنواري ماءُ جو نالو ڏنو ويندو هو. ان کان سواءِ هيڪيٽ Hecate ديويءَ جو ڏڻهن ملهائڻ جو پڻ رواج هو جيڪا محافظ ۽ ڳجهي فن جي استاد هئي. هن کي goddess of the Dark Moon به سڏيو ويندو هو. بعد ۾ ان ڏڻهن کي Assumption of Mary into Heaven طور ملهايو وڃڻ لڳو. سياري جي Solstice واري ڏڻهن تي هڪ ٻئي کي سوکڙين ڏيڻ جو رواج هوندو هو ۽ سمجهيو ويندو هو ته ان ڏڻهن ديوتا ڄائو آهي ۽ ان ننڍڙي ٻار کي ماتا ديوي Mother goddess نپائي وڏو ڪندي. بعد ۾ ان وڏي ڏڻ کي اهو ڏڻهن ٻڌايو ويو جنهن تي مڱي Magi ڪنواري ماءُ حضرت مريم ۽ سندس ٻار حضرت عيسيٰ کي سوکڙيون ڏئي رهيا آهن، پر ان جي برخلاف انجيل جو قصو هن ريت آهي ته ڏاها ماڻهو ان وقت ڪنواريءَ ماءُ وٽ پهتا هئا، جڏهن ٻار جي عمر ٻه سال ٿي وئي هئي، پر پوءِ اهڙي متضاد ڳالهه کي ماڳهين ختم ڪيو ويو.

عهدنامه جديد ۾ سئنٽ "جان" حضرت عيسيٰ جي شجري جو بيان هن ريت ڪري ٿو. "ابتدا ۾ هڪ لفظ هو ۽ اهو لفظ خدا تعاليٰ سان گڏ هو ۽ اهو لفظ پاڻ خود خدا هو." هي قصو اسان کي ديويءَ جي ياد ڏياري ٿو. ڇاڪاڻ ته "پاروتي" جو نالو ان "لفظ" مان ورتو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ "ڌرتي" آهي. سئنٽ جان به چوي ٿو ته ابتدا ۾ "لفظ" هو ۽ ان دور جي ڳالهه ڪئي ٿو جڏهن قديم ماتا ديوي Mother goddess پنهنجي ساٿيءَ سان گڏ هئي يا هو هن سان گڏ هو ۽ اڙڌاناري جي روپ ۾ هوءَ پاڻ هئي، تنهن ڪانپوءِ هن جو وجود "لفظ" هو جيڪو ڌرتيءَ ڏانهن آندو ويو "The Word brought to Earth" يا جنهن کي گوشت جو روپ ڏنو ويو. اهڙيءَ ريت مذهب جو جيسس هڪ ديويءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نمائندو Androgyn ٻڻجي ويو. يعني ٻنهي ديوتا جو هڪ گڏيل روپ. عهدنامہ جديد سان هڪ مسئلو آهي، جنهن بابت فقط هڪ مثال ڏئي سگهي ٿو تہ جن عالمن هيترا گھڻا سارا ڪتاب لکيا ۽ عيسائيت جي جوڙجڪ ڪئي، تن ڪي يهوديت جي مفهوم جي اصلي خبر ڪانہ هئي. ابتدائي دور جي لاوين جو بہ حال ساڳيو هو. هنن بہ ڪيترن ئي قسمن جون علامتون ڪٽي پاڻ ۾ گڏايون هيون ۽ وقت جي سياسي حالتن ڪي منهن ڏنو هو ۽ نتيجي ۾ مذهبي بحث شروع ٿي ويا هئا. آرين جي دقيانوسي خيالن تي زور ڏيڻ جو اصلي مسئلو اهو هو تہ جلد ئي مذهبي جنگيون ڇڙي پيون هيون ۽ عيسائيت جي 2000 سالن واري عرصي دوران لکين ماڻهو مري ويا. ان جو ڪارڻ متضاد جملن جي سمجهاڻي هئي، جن جو تعلق انهن ذريعن سان هو جن کي رد ڪري اڇلايو ويو هو.

اسلام الله تعاليٰ سان لاڳاپيل ٻيا سڀ نالا ختم ڪري ڇڏيا هئا. ٻين لفظن ۾ هيئن چئي سگهجي ٿو تہ سيئي اسم خاص ٻنهي ديوتا لاءِ مخصوص هئا. تنهن ڪري چيو ويو الله تعاليٰ جو نالو الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ آهي ۽ عربيءَ جو اهو صحيح ترجمو آهي، پر ان هوندي بہ الله تعاليٰ جي مخالف جنس ضرور موجود آهي، جنهن کي الات Al-lat سڏي سگهجي ٿو جنهن جو مطلب ديوي Goddess ٿي سگهي ٿو. جنهن جي اسلام کان اڳ پوڄا ٿيندي هئي (لات۔ منات وغيره). هر ٻوليءَ جي جوڙجڪ ۾ مونث جو لفظ ضرور هوندو آهي، جنهن کان انڪار ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. مثال طور جيڪڏهن ڪو چوندو تہ صحيح تہ چوندو right. اهڙيءَ ريت right جو ساڄو پاسو بہ آهي تہ صحيح بہ آهي. ان جو مخالف لفظ ٿيندو کاٻو پاسو يا غلط بہ آهي، پر اهڙي جنس ڪانهي جيڪا نہ مذڪر هجي نہ مونث هجي ۽ الله کي اها جنس سڏيون، پر ٻنهي جنسن لاءِ گڏيل لفظ اردڌا ناري Ardhanari آهي.

شِوَ جي پوڄا جو اصل مقصد اهو هوندو آهي تہ علم جي اعليٰ سطح حاصل ڪرڻ گهرجي، جو مذهبي رسمون بجا آڻڻ ضروري نہ سمجهيون وڃن تہ مراقبو ڪري سوچيندو رهجي، نہ وري ڪنهن مذهب جي سچائيءَ جي دعويٰ ڪجي. پر ائين سمجهجي تہ ماڻهوءَ جو

اندر ديوتا جو مندر آهي ۽ زندگي جنهن نہ طريقي سان گذري ٿي، اها ان جي عبادت جي ضرورت ڪانہ آهي؟ ان جي بدران ماڻهو ٻار هجي يا ڇريو ڇرپٽ هجي. ڇاڪاڻ تہ وجداني ڪيفيت، ڳائڻ ۾ زينون ڇٽيون ڪرڻ، نچڻ جهنگليپڻي کي ڇڏي ڏيڻ هوندو آهي. اهڙيون سرگرميون سچ واري علم تائين پهچي وڃڻ جون علامتون هونديون آهن. اهو ڪائنات جو پاڻُهرتو تجربو ڪرڻ هوندو آهي. اهي سڀ هڪ ٻئي سان لاڳاپيل هڪ جهڙايون آهن. اصل عقيدو اهو آهي تہ شو ڪنهن بہ قسم جون مذهبي رسمون پسند ڪونہ ڪندو آهي. اهو روشنيءَ ضمير ۽ ڪليل ذهن جي تقاضا ڪندو آهي. هو ماڻهن سان بي انت پيار ڪندو آهي ۽ چاهيندو آهي تہ ماڻهو بہ هن سان اڻ ميو پيار ڪن. اهو بہ طرفو پيار هوندو آهي. ماءُ ٻار سان تمام گهڻو پيار ڪندي آهي، موٽ ۾ ٻار بہ ماءُ سان گهڻو پيار ڪندو آهي. يعني ماءُ جو پيار ان ڪري ٻار سان هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻار هن جي پيار جو اظهار ڪندو آهي. شِوُ ديوتا ڏاڍو سادو آهي، تصور اهو ڪيو ويندو آهي تہ جيڪي ماڻهو هن سان پيار ڪندا آهن، سي ڄڻ ساريءَ ڪائنات سان پيار ڪندا، ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ هن جو حصو آهن. عيسائيت جو بہ ساڳيو نقطہ نظر آهي. اهڙو اظهار وجد ۾ اچي عيسائي بزرگ ڪندا آهن، جنهن جو مثال ٽيريسا Theresa آهي. اهڙيون ڳالهيون ٻيا مذهبي فرقا، جهڙوڪ شيڪرس Shakers يا آمريڪي ڪالونيءَ جا Holy Rollers يا Pentecostals وارا ڪندا آهن.

شِوَ لاءِ چيو ويندو آهي تہ ان ڌرتيءَ کي پکيڙيو آهي، جيڪو هر جڳهہ ۽ هر شيءِ ۾ موجود هوندوآهي. هو ڌرتيءَ جي هر پٿر هر ٻوٽي ۽ هر ساهدار ۾ آهي ۽ ڪائنات جي هر شيءِ جو مالڪ ۽ ديوتا آهي. هو راضي رهندو آهي ۽ نيڪ ۽ شريف ماڻهوءَ جي دل ۾ رهي ٿو. هو انسانن کي جنم جنم جي ڦيرن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، وڏو حڪيم ۽ مريضن کي شفا ڏيندڙ آهي، موت کي ماريندڙ ۽ سدائين موت مٿان فاتح آهي. بخشش لاءِ دعا گهرڻ سواءِ بخشي ڇڏيندو آهي. منجهس تمام گهڻيون خوبيون ۽ خاصيتون آهن، جن کان هر ماڻهو واقف آهي ۽ عهدنامہ عتيق ۽ عهدنامہ جديد جي مرتب ڪرڻ وارن

هتان ڪٿي انهن ڪتابن ۾ شامل ڪري ڇڏيون آهن. علم وسيلي ڇوٽڪاري وارو تصور ۽ بي انتها سادگيءَ واريءَ خوبيءَ کي بہ يهودين ۽ عيسائين پنهنجي مذهبي نظام ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي. اهڙيءَ ريت مذهبي تعليم تي زور ڏنو ويندو آهي ۽ سمجهيو ويندو آهي تہ نيڪ ڪم ڪرڻ خدا تعاليٰ جي عبادت آهي. ان کان سواءِ مذهبي برادرين ناهڻ تي زور ڏنو ويندو آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ انسان پنهنجي ڪوشش وسيلي ڏکن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهندو آهي. خدا تعاليٰ جي بخشش ۽ نيڪ عمل ان ڳالهہ جو ثبوت آهي. اهڙيون سڀ ڳالهيون شِوَ ديوتا سان تعلق رکندڙ خوبيون آهن. جيڪي يهودين ۽ عيسائين پنهنجي خدا ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيون آهن.

اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ عيسائين شِوَ ديوتا جي سيني خوبين ۽ خاصيتن کي پنهنجي مذهب سان رلائي ملائي ڇڏيو آهي ۽ اها اچرج ڪرڻ جهڙي ڳالهہ بہ ڪانہ آهي. اهڙو بيان متي اڃي چڪو آهي تہ ڪرائسٽ Christ ۽ شِوَ ۾ تعلق موجود آهي. اهڙي حقيقت نالي مان بہ معلوم ٿي وڃي ٿي. هي اصل آرامي Aramaic ٻولي آهي، جنهن جو يوناني ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. جنهن مان اسان کي اهڙو اهڃاڻ ملي وڃي ٿو تہ ابتدائي دور جي عيسائين جو تصور ڇا هو. اهي ماڻهو يهوديت کان مرتد ٿي چڪا هئا. آرامي ٻوليءَ ۾ ڪرائيسٽ نالو ڪرشن نالي جو هڪ روپ آهي. اهڙيءَ ريت ڪرائيسٽ جي معنيٰ ڪرشن آهي. اهڙا ڪيترا عالم آهن جن جو خيال آهي تہ جيسس Jesus نالي هڪ تاريخي شخصيت فلسطين ۾ ڪرشن واسطي رضاڪارانہ طور ڪم ڪري رهي هئي. سندس بيان ڪيل ڳالهيون روم پهتيون تہ ڪيس ان ديوتا سان ملايو ويو جنهن بابت هو تبليغ ڪندو رهندو هو ۽ ڪرشن سان لاڳاپيل هر موضوع ۽ ڏند ڪٿا، جهڙوڪ مشرڪ جو ستارو ۽ ڏاهن ماڻهن Wise Men وارو قصو جيڪو ڪرائيسٽ ڏانهن منسوب هو سو غلطيءَ وچان Jesus ڏانهن منسوب ڪيو ويو هو. ڏنو وڃي تہ ڪرشن جيسس کان گهٽ ۾ گهٽ 500 سال اڳ ٿي گذريو آهي.

ڪرشن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهو تخليق جي ديوتا وشنوءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوتار آهي، جيڪو ساري زندگي شِوَ جو پوڄاري رهيو هو. ان ڏنڊ ڪٿا ڏانهن ضرور ڌيان ڏيڻ گهرجي تہ وشنو ڪهڙي طريقي سان شِوَ کان پوءِ بيو وڏو ديوتا بڻجي ويو هو. "هڪ (ٻِ بيو) جنهن کي هو ڪٽي وني تو ائين هڪ آهن جيئن خدا ۽ خدا جو پٽ هڪ آهن." شِوَ ديوتا ڪي ڪل All سمجهيو ويندو آهي. جڏهن تہ وشنو شِوَ جو هڪ روپ آهي، جنهن جو اوتار جي شڪل ۾ سدائين اظهار ٿيندو رهندو آهي. هري Hari لفظ جو اشارو ڌرتيءَ ڏانهن ايندڙ انهن اوتارن جو نالو آهي، جيڪي ڌرتيءَ ماتا Earth Mother معرفت ايندا رهندا آهن. (عيسائي مذهب جي روايتن مطابق ڪرائيسٽ ڌرتي ماتا (Mary) جو ڄائو آهي ۽ بهشت واري پيءُ Heavenly Father جو پٽ آهي (شِوَ ڪلَ All آهي) پر مبلغ Preacher جوشئا Joshua کي يوناني ترجمي ۾ عيسيٰ Isha ڪري لکيو ويو آهي، جنهن کي بعد ۾ جيسس Jesus جو روپ ڏنو ويجي ٿو پوءِ کيس ڪرائسٽ (ڪرشن) ديوتا سمجهيو ويو هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو نذرت Nazareth جا ماڻهو کيس ديوتا ڪري ڪونہ مڃيندا هئا، ڇاڪاڻ تہ انهن هن مبلغ کي جوانيءَ ۾ تبليغ ڪندي ڏٺو هو ۽ کيس عام انسانن وانگي پنهنجو ڪٽنب بہ هو.

پر شِوَ جو هڪ شخصي خدا جي حيثيت ۾ تمام گهڻو احترام ڪيو ويندو هو. (انهن عيسائي عالمن شِوَ جي اهڙي حيثيت کي پنهنجي مذهب ۾ ضم ڪري ڇڏيو جيڪي هندستان جي مذهبن کان واقف هئا) ساڳيءَ ريت شڪتيءَ جي شخصي وجود کي استٿ ديوتا Ishtha Devata جي روپ ۾ ظاهر ڪيو ويو هو. هن کي هندستان رلائي ملائي اشواري Ishvari کي سيني جي راڻي Queen of All جو روپ ڏنو ويو هو. هن جو نالو ميسوپوٽاميا تائين پڪڙجي ويو هو جتي ان کي اشطار Ishtar، اشطوريٿ Ashtoreth ۽ اَسطاري Astarte جي شڪل ۾ پوڄيو ويندو هو. عهدنامہ قديم ۾ هن ديويءَ کان نفرت جو اظهار ڪيو ويو ۽ اتي سندس نالو اَسطيروٿ Asteroth آهي. شِوَ کي هندستان ۾ اشانا Ishana بہ سڏيو ويندو هو. ان کان سواءِ کيس هارا Hara بہ ڪوٺيو ويندو هو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ ديوي اسهارا Ishara جو نالو بہ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تان ورتو ويو آهي. شِوَ جو نالو سال جي مهيني طور ۾ ماتم ڪرڻ جي مفهوم ۾ عهدنامہ عتيق ۾ موجود ۽ محفوظ آهي. جڏهن تہ اشتطار ڪي ايسٽر Esther جو نالو ڏئي، ڪيس يهودي مذهب جي ڪنواري عورت بڻايو ويو آهي، شِوَ ديوتا لاءِ ماتم جو مفهوم آرين جي ابتدائي دور ۾ ڏنو ويو هو جتي هن لاءِ چيو ويو آهي تہ هو مساڻن ۾ رهندو آهي، جتي لاش ساڙيا ويندا آهن. ويدڪ آرين ڪنهن زماني ۾ شِوَ تي پنهنجي ديوتا ردر جي نالي سڏڻ جي بہ ڪوشش ڪئي هئي، جيڪو ويدڪ دور کان گهڻو اڳ واري زماني سان تعلق رکي ٿو. ردر ديوتا گجگوڙ ۽ خوف جو ديوتا هو جنهن کي ماڻهو پوڄيندا گهٽ هئا، پر ڪانئس ڊڄندا گهڻو هئا. شِوَ اهڙو ديوتا آهي جنهن وٽ مرد ۽ عورت هڪ جهڙو پهچي سگهندا آهن ۽ اهڙي ڳالهہ آرين کي ڪانہ وڻندي هئي.

جڏهن يهودي مذهب عيسائي مذهبي روپ اختيار ڪيو تہ اهو ٻن حصن ۾ ونڊجي ورهائجي ويو. يورپ جي لامذهب ماتا ديويءَ کي مريم Mary جو روپ ۾ خدا جي ماءُ جي شڪل ڏني وئي. اڳي جيڪي لقب القاب ماتا ديويءَ Goddess Mother کي ملندا هئا، سي هاڻي مريم Mary کي ملڻ لڳا هئا. هوءَ ڪائنات جي راڻيءَ طور پنهنجي پوڄارين کي سيني پٽن پولن، ڏکن پاپن ۽ گناهن کان ڇوٽڪارو ڏيندي آهي. رومن ڪئٿلڪ مذهبي روايت مطابق تہ جيڪڏهن اوهان مالا (تسبيح) کڻي مريم جي پوڄا ۽ پاٺ ڪندا تہ اوهان جي سڪرات سولي ٿي پوندي ۽ نهايت آرام سان وڃي ٻيءَ دنيا ۾ پهچندؤ. (پر مالا جهپڻ يا تسبيح پڙهڻ شِوَ ديوتا جي قديم پوڄا جو طريقو آهي). لامذهب فرقي جو مريم واسطي ساڳيو تصور موجود آهي، جيڪا ڪالي بہ آهي تہ شڪتي بہ آهي. ديويءَ جي مان لاءِ جيڪي جلوس نڪرندا هئا ۽ جيڪي دعوتون هن ڏانهن منسوب ڪيون وينديون، سي هاڻي مريم لاءِ ٿي رهيون آهن. اهڙيءَ ريت ديويءَ جيان جن جون علامتي نشانيون پاڻي ۽ ڌرتي آهن. هندو ڌرم جي روايتن مطابق شڪتي هر دور ۾ اوتار ٿي ايندي آهي، تنهن ڪري ان لاءِ مريم جي شڪل ۾ اوتار ٿي اچڻ کو ڏکيو ڪم نہ آهي. اهو ڏند ڪٿا جي رخ بدلائڻ جو هڪ طريقو آهي.

هن جديد دور ۾ جڏهن دقيانوسي خيالن جو زور آهي، تہ اتي سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اثر کي ڪير بہ مچتا ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ آهي. شِوَ جو ناچ هڪ پراڻو تصور آهي، جنهن کي تازو سائنس بہ تسليم ڪيو آهي، جنهن وسيلي وقتي طور تي ماڻهو دنياوي معاملن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو آهي ۽ زندگيءَ جي نئين شروعات ٿيندي آهي. جڏهن اوهان کي احساس ٿيندو آهي تہ اوهان مڪمل طور تي هن سلسلي جو هڪ حصو آهيو تہ توهان کي ڪابہ پريشاني محسوس ڪانہ ٿيندي آهي. هن مذهب ۾ نہ خوف خطرو هوندو آهي، نہ وري ڇوٽڪاري جي ڳڻتي هوندي آهي. ڇاڪاڻ تہ توهان ڪائنات ۾ حصيدار آهيو ۽ شِوُ ديوتا ۽لاين جو پير ۽ طاقت جي علامت آهي. اهو ديوتا سان ملي ان سان گڏجي هڪ ٿي وڃڻ جو هندستاني تصور آهي. يورپ جي مذهبن اهو خيال اتان ورتو آهي، پر اهڙن عقيدن کي محفوظ Saved ۽ غير محفوظ Un saved ۽ توهان ۽ اسان وارن خانن ۾ ونڊيو ورڇيو ويو آهي. خوف رڳو انهيءَ ڳالھہ جو آهي تہ هن ڪائنات جي ختم ٿي وڃڻ تائين ڪير زنده رهي سگهندو. تنهن ڪري هڪ ٻئي جي خلاف غير ضروري نفرتون ۽ ڪراهتون پيدا ٿي پيون آهن. ماڻهو حيران پريشان ٿي ويو آهي ۽ وڙهان وڙهان ڪندو ٿو وتي، جنهن جو لازمي نتيجو وڃي جنگ ٿيندو. غير ضروري ان ڪري آهي تہ هاڻي سائنس اهو ثابت ڪيو آهي تہ سيئي زنده رهندا. ڇاڪاڻ تہ مادو سگهہ آهي ۽ اها سگهہ ناس ٿي ڪانہ سگهندي آهي ۽ اها سگهہ ائين آهي جيئن شِوُ ديوتا آهي.

دراوڙي روايتن موجب پوڄا پاٺ شخصي معاملو آهي ۽ ماڻهوءَ جي پنهنجي ذميواري آهي. هيءَ ڳالھہ روحانيت جي سچائيءَ سان واسطو رکي ٿي، جيڪا اهو ڪونہ ٿي پڇي تہ توهان ڪنهن مذهبي برادري جا فرد آهيو يا نہ ۽ مذهبي عقيدو اندر جو معاملو هوندو آهي. اهڙيءَ ريت فرد لاءِ مذهبي پابندي کي سمجهڻ بہ اعليٰ خاصيت هوندي آهي. اهو ڪو وڏو ڪونہ هوندوآهي تہ انهن ساڳين مذهبي رسمن جي قانون سازي ڪيئن ٿي آهي، جيڪو معاشري ۾ مختلف گروهن ۾ رائج آهن. اهو ائين تہ ماڻهو نئين مذهبي روايتن مطابق پوڄا پاٺ ڪندا، پر چنبڙيل پراڻي مذهب جي اصولن سان آهن، پيتا طور ڏنيون ويندڙ شمعون (ميڻ بتيون) عبادت جي جڳهن تي ٻاريون وينديون آهن.

خوشبو ۾ خاص قسم جي سڳنڌ سان ڀرپور وڏين گرجا گهرن جون جڳهون دلي ڪشش جون جايون هونديون آهن. يورپ جي گرجا گهرن ۾ موجود مهاديوي جون مورتيون اهڙين ڳالهين ڪي چڱيءَ طرح ڏسنديون رهنديون آهن. Mary پنهنجي نيري ۽ سفيد لباس ۾ موجود هوندي آهي، جيڪي قانون ۽ حڪمرانيءَ جا رنگ هوندا آهن. سندس مٿو ستارن سان ڍڪيل هوندو آهي. جڏهن اها پنهنجو هڪ اگهاڙو پير سڱن واري چنڊ تي رکي ويهندي آهي ته سندس ڪڪا گهنڊيدار ڪليل وار هوا جي هير تي اچي ڪلهن تي پوندا آهن. سندس پوڄاري نانگ سندس خدمت ۾ حاضر هوندو آهي.

هڪ ديوتا جي آڏو مذهبي ملان جي شڪل مذهبي پروهت آريائي نئين سوچ جو نتيجو آهي، جنهن جي مقصد ڪي اڳيئي واڪو ڪيو ويو آهي. دنيا جو سياسي نظام جمهوريت ڏانهن وڌي رهيو آهي، جنهن ۾ نمائندن جي چونڊ ٿيندي آهي ۽ حڪمرانن جو انتخاب ٿيندو آهي، تنهن ڪري هڪ نئين مذهب جي تخليق جي ضرورت آهي. اها لامذهب جي نقطئه نظر سان لاڳاپيل سچائي آهي ۽ مناسب به آهي. ان جي نتيجي ۾ هڪ نئون ۽ سچو لامذهب فرقو جنم وٺندو جنهن ۾ فرد جي اها ذميواري هوندي ته هن لامذهب واري اصول تي پابنديءَ سان عمل تي رهيو آهي يا نه ۽ هن ڳالهه جو تعين ڪندو ته هن مذهب جون رسمون انهن سماجي اصولن مطابق ضرورتن ۾ مناسبت ڪي ڏسي ادا ڪيون پيون وڃن يا نه. جن اصولن ڪي عوامي چونڊيل نمائندن قانون سازي ڪري جوڙيو آهي. اسان ڪي حقيقتن ڪي تسليم ڪرڻو پوندو ته مٿئين درجي جو آريائي مذهب وارو دور هاڻي ختم تي چڪو آهي. هاڻي سچي ۽ خالص دراوڙ مذهب جو زمانو شروع ٿي چڪو آهي. نئون لامذهب فرقو ايترو لائق تي چڪو آهي، جيڪو ماضيءَ جي ڪٽڪ جي داڻي جي راهه ٻڌائيندو ۽ توهڻن ڪي پري اڇلائي ڇڏيندو.

لامذهب فرقي جي نئين سر ابتدا يورپ جي روايتن جي پيداور آهي، پر اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي اباڻي ورثي کان گهٽو پري رهيا آهن ۽ حقيقي طور بين ڪنڊن آمريڪا، ڪئناڊا ۽ آسٽريليا ۾ رهيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، تن جي روايتن کي يا تہ هڪ نئين دنيا جو ذائقو مليو آهي يا اهي هميشه لاءِ پنهنجي قديم روايتن کان وڇڙي ويا آهن. جيڪڏهن ڪو يورپ ويندو ۽ پنهنجي قديم ۽ اصلي روايتن کي نئين ۽ جديد روپ ۾ ڏسندو جهڙوڪ Abbots Bromley Horn Dance يا Fools parade يا Morris Dance يا لامذهب فرقي وارا ماڳ، جهڙوڪ Stonehenge يا New Grange يا Chalice Well ڏسندو تہ ڪيس اهي ساڳيا نظر ڪونہ ايندا. ڇاڪاڻ تہ اهي پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ آڏا ۽ اُسريا آهن ۽ پنهنجي پنهنجي علائقي جي تاريخ موجب اڳتي وڌيا آهن ۽ انهن اوهان جي پاروتڻ کان وٺي هن وقت تائين ائين ئي سفر ڪيو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي ماڻهو ان شين کي دنيا جي ورثي کي پنهنجي قومي سوچ کان ٻاهر محسوس ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجن کي قديم دنيا ۾ رهندو ڏسي، انهن کان ساڙ ڪري رهيا آهن.

نئون لامذهب فرقو اهڙو اصطلاح آهي، جيڪو ڪليءَ ريت انهن مذهبن تي نافذ ٿئي ٿو جيڪي فطرت جو احترام ڪندا آهن ۽ ساري انسانذات جو حصو تصور ڪندا آهن. نئين ۽ پراڻي لامذهب فرقي جا مکيہ ٽي عقيدا آهن. جهڙوڪ، مقدس وجودن جي گهڻائي ۾ ويساهہ Polytheism، مقدس وجود جو فطرت جي روپ جي اظهار جو عقيدو ۽ ٻئي ديوتا وارو عقيدو، جنهن ۾ ديوتا نر بہ هوندو آهي تہ ناري بہ. يعني ديوتا ۽ ديوي جو هڪ وجود هوندو آهي. جنهن ماڻهوءَ جو تعلق يورپ سان نہ آهي، ان کي ماضيءَ کي ڏسڻ گهرجي ۽ ان کي سمجهہ جوڳي لامذهب واري ترڪيب ڪتب آڻڻ گهرجي، جنهن ۾ مخصوص قسم جو ورثو ۽ ان علائقي جي خوشبوءِ هجڻ گهرجي.

باب چوٿون

# لامذهب فرقي جون يورپ ۾ گڏيل وچڙيل پاڙون

اسان جنهن ماٺهوءَ جي بي عزتي ڪرڻ چاهيندا آهيون تہ ان ڪي نانگ چو سڏيندا آهيون؟ ماڻهو پاڻ ڪي آزاد چو تصور ڪندا آهن؟ نانگن بابت سوچيو تہ اهي ڪهڙي شيءِ جي نمائندگي ڪندا آهن؟ نانگ قانون جو پابند ساهدار سڏيو ويندو آهي. هو ڌرتيءَ جي متاچري سان گسي هلندو آهي. اهو جبل ۾ وڻ جي چوٽيءَ تي بہ پنهنجو رستو تبديل ڪري سگهندو آهي، پاڻيءَ ۾ بہ تري سگهندو. ڏکهو ۾ سنهڙو ۾ چڙڪ جسم وارو ٿيندو آهي، پر ائين بہ ڪونہ آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هو بُراين ۾ بچڙاين سان ڀرپور آهي، پر جيئندو ڏاڍيءَ سادگيءَ سان آهي. هو ڪترڻ وارن ساهدارن جي واڌ تي ضابطو رکندو آهي. ماڻهو هن کان نفرت ڪندا آهن، پر هو شاندار ۽ خوبصورت ٿيندو آهي. اسان جي ابن ڏاڏن لامذهب ماڻهن واسطي ڪهڙيءَ شيءِ جي نمائندگي ڪندو هو؟ هو روح آهي، جنهن نئون جنم ورتو آهي. نانگ نئين جنم ۾ ڏاهپ جي علامت آهي. هو ديوتا ۽ ديويءَ جي علامتي نشاني آهي. هو سرنوموس، شِو اٿينا ۽ مِنرِيوا سان گڏ نظر ايندو آهي. هي اڳڪتين ۾ ڪرامتن ڏيکارڻ جو وسيلو سمجهيو ويندو آهي. ديوين جي سونهن ۾ مقدس وجود جو ساٿي آهي.

ان ڪانپوءِ بہ هي ساهدار بي عزتيءَ جي علامت چو سمجهيو ويندو آهي؟

*From a Meditation -*

جيڪڏهن موجوده دور جي دقيانوسي قسم جي مذهبن اندر موجود لامذهب فرقي جي روپن کي چڱيءَ ريت جاچي پرکي ڏسبو تہ اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيون ڳالهيون نڪيڙي ڏار ڪري سگهنداسون. جيڪي آرين واري لامذهب فرقي کان اڳ موجود هيون اسان اهڙي نڪيڙ هن ريت ڪري سگهنداسون، جو اسان موجوده دور جي مذهبن اندر موجود لامذهب فرقي جي شين ۾ علامتن جو پيٽوار اپياس ڪنداسون ۽ لامذهب فرقي اندر موجود آريائي شين کي الگ ڪري بيهارينداسون.

اهڙو مثي به بيان اچي چڪو آهي ته عيسائين جو رومن ڪئٿلڪ فرقو مقبول عام آهي. ان جا پوئلڳ ايترا گهڻا آهن، جو سيني پراتيسٽنٽ فرقن جي پوئلڳن کي جوڙ ڪبو ته انهن جي گڏيل تعداد کان به گهڻو وڌي ويندا. (هن تعداد ۾ مورمونس Mormopns جيڪي پنهنجي روايتن جي نقطئه نظر کان عيسائي ڪونه آهن) معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته عيسائيت ۾ سڌارن آڻڻ وقت پراتيسٽنٽ فرقو رومن ڪئٿلڪ کان بغاوت ڪري ڌار ٿي ويو هو. ان واقعي جي نتيجي ۾ هر ڪو ماڻهو پنهنجي پسند جي مذهب سان لاڳاپيل رهيو پر خدا تعاليٰ جي ماءُ Mother of God جو احترام، پاڪ ترڻ Holy Water جي عزت، عجيب غريب بُتن ۽ مورتين جو احترام، خوشبو موم بتين جو ٻرڻ، مقدس درگاهن ۽ پاڪ کوهن جي عزت ۽ لامذهب فرقي جي مقدس ڏينهن کي عيسائي بزرگ هستين جو ڏينهن ڪري ملهائڻ، عيسائي مذهبن ۾ موجود رهجي ويون. اهڙا ڪيترا ماڻهو اڄ موجود آهن، جيڪي Holy Mother Church ۾ وڃي اندر جو آٿت محسوس ڪندا آهن. ان جو ڪارڻ فقط اهو آهي ته انهن کي احساس آهي ته اهو سندن لامذهب فرقي جي ورثي جو تسليم ٿيل سماجي روپ وارو برملا اظهار آهي، پر هڪ روپ اهڙو آهي، جيڪو لڳاتار گمراهه ٿيندو رهي ٿو جيڪو عورت جي تذليل ۽ توهين جي شڪل ۾ ڏسجي رهيو آهي، پر ان ڪنواري مريم Virgin Mary جي ته وڏي عزت ۽ توقير ڪئي وڃي ٿي، جنهن کي اڳ هيچ ۽ نيچ سمجهيو ويندو هو.

اها ڪائونسل آف افيسوس Council of Ephesus هئي جنهن 431ع ۾ "مئري" کي اعليٰ حيثيت بخشي هئي ۽ اهو اعزاز ڏنو هو جيڪو اڳي ڊيانا آرٽيمس Diana Artemis کي هوندو هو. يونان جي هڪ شهر ۾ ڊائنا آرٽيمس جو قديم مندر هوندو هو. هن ديويءَ کي مها ماتا ديوي Great Mother Goddess جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هن جو مندر وڏو تيرٿ هو ۽ پري

پريءَ جا ماڻهو ڪشالا ڪاٽي هن ديويءَ جي ياترا لاءِ ايندا هئا. هن جي درگاهه تي مشرق قريب، مشرق بعيد، ميڊيٽرانين علائقن ۽ اوپر يورپ جا ماڻهو به ايندا هئا ۽ هن مها ماتا ديويءَ کي خراج عقيدت پيش ڪندا ۽ سندس ڪرامتون ڏسڻ ايندا هئا. پر هڪ وقت اهڙو به آيو جو قانون سازي ڪري، هن جي مندر کي بند ڪيو ويو هو. اهو مندر ماضيءَ ۾ هن ديويءَ جي ورثي سان لاڳاپيل شين سان سدائين سينگاريل رهندو هو جن ۾ ننڍڙيون مورتيون ۽ انهن سان لاڳاپيل ڪجهه شيون هونديون هيون. جيڪي پٽ پاراتي کي آزمائي ڏسڻ لاءِ هونديون هيون. آرٽيمس جي مورتيءَ لاءِ چيو ويندو آهي ته ان کي گهڻا ٻُبا هوندا هئا. اهي ٻُبا هن ديويءَ جي جسم جي چوڏاري لٽڪن جيان پيا لڙڪندا هئا، جيڪي اُٺَ پکيءَ جي آني جهڙا هئا. هي ڳالهيون مشرق قريب ۾ نئين جنم واري تصور سان لاڳاپيل هيون. هيءَ مورتي مندر جي کوٽائي ۽ کوجنا مان هٿ لڳي هئي، جنهن کي اهڙو قيمتي ويس وڳو پاتل هو جو جهڙواج ڪلهه رومن ڪئٿلڪ فرقي جي بيبي مريم جي مورتيءَ کي پارايو ويندو آهي، بلڪ خاص طور تي اهڙا ويس جيڪي يورپ ۾ حضرت مريم جي مورتي کي پارايا ويندا آهن.



(هن مورتيءَ ۾ آئيسس Isis اوسيرس Osiris کي نپائي رهي آهي ۽ مورتي ماءُ آئيسس جي آهي، جيڪا روم شهنشاهت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور هوندي هئي. بعد ۾ هن آئيسس ۽ اوسيئرس کي مريم ۽ عيسيٰ جو روپ ڏنو ويو. هتي ڪيس هٿٿر Hathor ديوي جي روپ ۾ ڏيکاريو ويو آهي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ڪائونسل آف ايفيسس مقدس ٽمورتي Holy Trinity کي دقيانوسي قسم جو مفهوم جو تعين ڪري رهي هئي تہ ملڪي ماڻهو سنڌن چوڌاري مڙي پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪري رهيا هئا ۽ مطالبو ڪري رهيا هئا تہ هنن جي ديويءَ کي جتي آهي اتي رکيو وڃي. ڪائونسل انهن ماڻهن جي ڳالهہ مڃي ورتي هئي ۽ ديوي جتان لڌي هئي اتي رکي وئي ۽ ان مندر کي ٻار واري ديوي آرٽيمس جي نالي ڪيو ويو هن ديويءَ آرٽيمس کي Mary theotokos يعني خدا تعاليٰ جڻڻ واري مريم بڻايو ويو.



(آرِٽيمس، مها ماتا ديويءَ جي روپ ۾ جيڪا پوءِ خدا تعاليٰ کي جنم ڏيندڙ مريم بڻجي وئي. هيءَ مورتي ايفيسس جي مندر جي کوٽائي دوران دريافت آئي هئي.)

هن ديويءَ کي سرڪاري طور بہ خدا جي ماءُ Mother of God تسليم ڪيو ويو هو. اهو ئي طريقو آهي جنهن وسيلي عيسائين هن

ديويءَ کي ڪنوارِي مريم Virgin Mary بنائي ورتو هو ۽ اهڙيون مذهبي رسمون جيڪي آرٽيمس ديويءَ لاءِ ٿينديون هيون. سي بعد ۾ هن ڪنواريءَ مريم لاءِ ٿيڻ لڳيون هيون. تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته عيسائين جي مريم اصل ۾ ماتا ديوي Mother Goddess آهي يا لامذهب فرقي وارن جي Great Goddess آهي. انهيءَ طريقي وسيلي هن ديويءَ کي لامذهب فرقي کان ڇني ڌار ڪيو ويو هو جيڪو بي قانون فرقو هو جنهن کي عيسائيت جي حوالي ڪيو ويو هو. جيڪو عيسائن جو قانوني فرقو هو ۽ عام ماڻهن واسطي هڪ گهٽ ڏکوئيندڙ فرقو هو.

ان هوندي به هن ديوي جي شريفانه روپ کي پنهنجي اهميت هئي. تنهن ڪري هنن ان کي پنهنجي خدا تعاليٰ جي ماءُ ديوي Mother of God جي شڪل ڏئي ڇڏي هئي. هن ديويءَ جي طاقتور روپن کان ڪليو انڪار ڪيو ويو هو يا انهن کي تبديل ڪيو ويو هو. اهڙو رويو عيسائين جو هو جيڪو وقت جي حڪمرانن جو به رويو هو پر عام ماڻهو ائين ڪونه سمجهندا هئا. جيڪڏهن ٻنهيءَ جنس واري ديوتا کي لامذهب فريقي جي پس منظر مطابق ڏسبو ته ان ۾ موجود ديوي جنگ ۽ تشدد ڪرڻ جي لائق ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جيڪا ڪالي ديوي يا موريگو Morrigu آهي. ڇاڪاڻ ته لامذهب فرقي جي روايت موجب پيار جي ديوي جنگ ۽ اگرائيءَ جي ديوي بڻجي ويندي آهي. اهڙيءَ ريت مقدس وجود Androgyne جهڙيون مختلف جڳهون فطرت جي جاين جي ياد تازي ڪرائي ڇڏينديون آهن. پر جڏهن ان ديويءَ کي آريائي روپ ڏنو ويو ته ان جي جڙ اڌ شخصيت وجود ۾ اچي وئي هئي. اها جڙ حوا Eve جي مذمت آهي، جيڪا ڏاهپ ۽ امرتا ماڻڻ لاءِ جاکوڙي رهي هئي، پر مريم Mary سان رعايت ڪئي وڃي ٿي، جيڪا فرمانبردار ۽ گهريلو عورت آهي. ديوي ڪنواري مريم تڪميل جي علامت بڻجي وڃي ٿي، جيڪا آرين جي قانون ڏيندڙ خدا جي شڪل Aryan Law giver god form جي مغلوب ۽ مطيع عورت بڻجي وڃي ٿي. حليميت عورت جو هڪ سياءُ آهي، پر هن جي مزاج ۾ طاقت ۽ انا ڪانه ٿي سونهين. آرين جي نقطهٔ نظر موجب ديوي نماڻي ۽ حليم سياءُ واري هجڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ مرد جي اهڙي جوڙيوال آهي، جيڪا پنهنجي گهر جي چلهه تائين محدود آهي ۽ گهر جي سار سنڀال ڏانهن لاڙو رکي ٿي. ائين بہ نہ آهي تہ هن جي گهر سان لاڳاپيل ذميوارين کي ڪجهہ بہ نہ سمجهجي. يقين سان هن جون گهريلو ذميواريون بہ آهن. عورت جي اها ڪا اڪيلي خوبي ڪانہ آهي، جنهن کي انسان ذات يا ديويءَ جي روپ ۾ ڏسي سگهجي. اما UMA پاروتي اهڙي زال آهي، جيڪا پاڻُ شِو کي ارپي ڇڏي ٿي، پر پوءِ پڻ ڪالي ديوي بہ آهي.

عيسائي مذهبي تحريرن لاءِ يونانين گهڻو ڪردار ادا ڪيو آهي، جن انهن تحريرن کي پنهنجي شڪل ڏني ۽ گهربل مواد بہ فراهم ڪيو هو. اسان جيسس Jesus اسيها Isha ۽ شِوَ جي مختلف نالن جي باري ۾ ڪجهہ جاچ پڙتال ڪئي آهي، جيڪا وڌ کان وڌ دلچسپ آهي. جيتوڻيڪ مغربي دنيا هن خيال سان سهمت ڪانہ آهي، پر رومي عيسائي گرجا گهر کان يوناني عيسائي گرجا گهر وڌيڪ قديم آهي. اسان کي اها معلومات ضرور حاصل ڪرڻي پوندي، جڏهن عهدنامہ جديد لکجي رهيو هو تہ ڪهڙيون ڳالهيون واقع ٿي رهيون هيون. ان لاءِ اسان کي يونان جي اهم ڪردار کي ڏسڻو وائسڻو پوندو. عهدنامہ عتيق جو يونانيءَ مان لاطيني ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو هو. بعد ۾ هر قوم پنهنجي ٻوليءَ ۾ ان جو ترجمو ڪيو ان جو نتيجو اهو نڪتو جو گهڻن صحيح لفظن جي غلط معنيٰ ڪئي وئي. مثال طور يوناني ٻوليءَ rejoice جو صحيح ترجمو Hello ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ زمانيءَ ۾ يهودي ماڻهو يونان اندر پنهنجا پير پختا ڪري رهيا هئا. گهڻيون مقدس خوبيون ۽ خاصيتون ۽ عهدنامہ عتيق جا قصا يونان جي لامذهب فرقي مان کنيا ويا هئا. هن مذهبي فرقي ۾ ڊايونيسس ديوتا Dionysos جو گهڻو ذڪر موجود آهي. جيڪو وري وري زنده ٿي وڃي ٿو ۽ ڊايونيسس جو مذهب عهدنامہ عتيق جي مذهب کان صديون پراڻو آهي. ٿريس Thrace جو تعلق هندستان سان آهي، جيڪو يونان جي مذهبي روايتن جي ابتدائي مرحلي ۾ ان مذهب ۾ شامل ٿي وڃي ٿو ۽ اهو مذهب پندرهين صديءَ عيسويءَ تائين وڌندو ويجهندو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



(بار بار زنده ٿي ايندڙ ڊايونيسس Dionysos ديوتا، جنهن کي بار بار قربان ڪيو وڃي ٿو ۽ فصل جي پلي ٿيڻ لاءِ وري زنده ٿي موٽي اچي ٿو ائين جيئن جيسس انسان ذات کي زنده رکڻ لاءِ مري وري زنده ٿيو هو.)

اها هڪ واضح حقيقت آهي تہ يوناني مذهب عهدنامہ عتيق ۽ عهدنامہ جديد ۾ هنڌين ماڳين نظر ايندو.

جيڪڏهن ڊايونيسس ديوتا جي قصن کي عهدنامہ عتيق ۽ عهدنامئہ جديد جي ڳالهين سان ڀيٽائي ڏسبو تہ يوناني اثر کي هنن ٻنهي مقدس ڪتابن ۾ واضح نموني سان محسوس ڪري سگهبو. ڊايونيسس لاءِ چيل آهي تہ هو پونچ سمنڊ وچان گذريو پر سندس پير خشڪ هئا. ٻرندڙ منارا هن جي فوج جي رهنمائي ڪري رهيا هئا (حضرت موسيٰ جي قصي ۾ ساڳي ڳالهہ چيل آهي) سندس نراڙ يا ٽينءَ اک مان تيز روشني تيزيءَ سان نڪري رهي هئي. (شِوَ ديوتا کي ٽين اک هئي. سڪندراعظم بہ شِوَ ۽ ڊايونيسس کي هڪ ديوتا سمجهي ٿو.) پوءِ هو قانون جو مجموعو کڻي اچي هڪ جبل تي لٿو هو

جيڪو پٿرن تي اڪريل هو. صديون پوءِ اهڙو ساڳيو احوال وري (حضرت) موسيٰ (ﷺ) لاءِ بہ تحرير ٿيل ڏسجي ٿو. جيتري قدر قانون آڻڻ جو تعلق آهي تہ اهڙيون ڏند ڪٿائون عهدنامہ عتيق واري دور کان بہ گهڻو اڳ ڏسجن ٿيون. مثال طور هڪ ڏند ڪٿا آهي تہ ڪريٽ جو بادشاهہ منوس Minos قانون جو مجموعو ڪٽي اچي لٿو هو جيڪو هن ڊڪٽا جبل Mount Dicta تان آندو هو. بابُل جي هيمورابي کي قانون جو مجموعو شمس ديوتا کان مليو هو. پرشيا (ايران) جي زوراسترا (660ـ 583 ق م) کي اهرمزد Ahura Mazda کان قانوني مجموعو پٿرن تي لکيل حالت ۾ مليو هو. کيس اهو ديوتا گجگوڙ ۽ ڪنوڻ ۾ نظر آيو هو. اهو واقعو عهدنامہ قديم جي پهرئين قصي لکڻ کان فقط چاليهہ ورهيہ اڳ ٿيو. هيءَ حقيقت بہ ياد رکڻ گهرجي تہ يروشلم وارو عبادتگاهہ بہ ايران تعمير ڪرايو هو. لاوين جي اعلان مطابق هن عبادتگاهہ جي اها بيو پيرو تعمير هئي. نہ رڳو (حضرت) موسيٰ (ﷺ) لاڳاپيل ڏند ڪٿائون ڊايونيسوس ديوتا تان ڪنيون ويون هيون، پر جيسس سان لاڳاپيل ڏند ڪٿائون بہ ڊايونيسس تان ورتيون ويون هيون. ڪانيءَ ڪرامت جهڙي جم جي علامت، بتسما، مقدس شهر ۾ گڏهہ تي چڙهي داخل ٿيڻ واري ڳالهہ، Last supper وارو قصو دردناڪ موت، مري وڃڻ کان پوءِ وري زنده ٿيڻ، اهي سڀ ڳالهيون ڊايونيسس تان ورتل آهن، پر جيڪڏهن انهن جو پيرو کڻبو تہ وڃي سنڌ نڪرنديون. ڊئنيلائو Danielou جي ڏنل معلومات موجب تہ خود ڊايونيسس جي ڏند ڪٿا بہ اتان آئي هئي. ڊايونيسس ۽ جيسس (حضرت) عيسيٰ (ﷺ) جي پهرين ڪرامت پاڻيءَ مان شراب ٿيڻ هو. مقدس ملاپ Coumunion بہ ڊايونيسس سان شامل ڪيو ويندو آهي. ڊايونيسس کي شِوَ سان ملائڻ ۽ جيسس کي ڊايونيسس سان ملائڻ ڪري جيسس کي شِوَ يا اشا سان ملائڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونہ آهي. ڪرستين ڪشمير جو سفر ڪيو هو ۽ جيسس نالي ماڻهوءَ جي قبر ڳولي لڌي هئائين، جيڪا ڪشمير جي سرينگر شهر ۾ آهي، جيڪا هڪ روايتي انداز ۾ موجود نئين ۽ هڪ وڏي پٿر تي دفن ٿيل ماڻهو جي پير جي شڪل اڪيريل هئي. نشانن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڃاڻ ملن ٿا تہ فلسطين کان آيل بنير بوز۔ آسف yuz-Asaf جي پيرن تي ڪوڪن جا نشان هئا. روايت آهي تہ جيسس جو هڪ نالو جوشوآ بہ هو. هندن جي ٻوليءَ ۾ اچار نرم ٿيندا آهن. جيڪڏهن چڱيءَ ريت پيٺائي ڌسبو تہ ٻنهي نالن ۾ واضح تعلق نظر ايندو.

ڪرسٽين جو خيال آهي تہ جيسس يا جوشوآ Joshua ڪرشن (ڀڳوان) آهي، جيڪو پوڄاري ۽ مذهبي تبليغ جو رضاڪر هو. هو يوگا وسيلي صليب واري موت کان بچي ويو هو. جڏهن هن اجاري هجڻ جو چيو تہ ڪيس هڪ دوا پياري وئي هئي، جنهن جو پڻ مٿس اثر ٿيو هو. تازي تواني ٿيڻ کانپوءِ هو مقدس سرزمين Holy Land ڪشمير موٽي آيو هو جتي هو اسيءَ واري ڌاڪي ۾ مري ويو هو. ڪرسٽين چوي ٿو تہ جيسس ڪجهہ عرصي لاءِ گم ٿي ويو هو جنهن ڪري هن ڪشمير ۽ سنڌ جو سفر ڪيو هو جتي ڪيس اهڙيون ثابتيون مليون، جن کي هو انگريزي ٻولي ۾ ڇپائي ڪٺي آيو هو. هن هندستاني ذريعن مان بہ ڪي شاهديون حاصل ڪيون هيون، جيڪي ٻہ هزار سال اڳ ڪن پڙهيل ماڻهن وٽ موجود هيون. عيسائيت جي ابتدائي دور ۾ ڪن ماڻهن جيسس جي ديوتا هجڻ جي ڳالهہ ڪئي، جنهن تي يهودي ڪاوڙجي پيا هئا. ابتدائي دور جي عيسائيت جي نقادن سمجهيو هو تہ اهو جاهلن جو مذهب آهي. جيسس جي مذهب جو پس منظر هندو ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم وارو چيو ويو آهي. گذريل صديءَ جا مورخ بہ ائين چوندا هئا تہ ويدانت ۽ عيسائيت ۾ گهٽي هڪ جهڙائي آهي.

اسان ڊايونيسس کي لامذهب فرقي جو ديوتا سمجهي رهيا آهيون. هتي اهڙا ڪيترائي مورخ موجود آهن، جيڪي سمجهندا آهن تہ ڊايونيسس ۽ شِوَ ۾ هڪ سگهارو تعلق موجود آهي. ڊايونيسس ٿريس کان يونان آيو جيڪو پهريائين سڪر سٽائي ديوي هو. بعد ۾ سگهن وارو ديوتا بڻايو ويو ۽ ڪيس آرين جي ديوتا زيوس Zeus جو پٽ ڪيو ويو هو. پرسيفون Persephone سندس ڌيءُ بڻائي وئي. هن جهڙي ساڳي هندو ڌرم جي ڏند ڪٿا آهي تہ برهما کي Dawn نالي هڪ ڌيءُ هئي.

صدين گذرڻ کانپوءِ هڪ نئين ڏند ڪٿا موجب ڊايونيسس کي خدا جو پٽ بڻايو ويو، جيڪو ساريءَ انسان ذات کي بچائڻ خاطر پاڻ

مري وڃي ٿو. پي ڏنڊ ڪٽا اها بہ هئي تہ هو پوکيءَ راهيءَ جو بہ ديوتا آهي. جيڪو اينڊڙ فصل جي پلي ٿيڻ لاءِ پنهنجي قرباني ڏئي ٿو ۽ مري وڃي ٿو. ماڻهو ان جي موت تي ماتم ڪن ٿا. ان کان پوءِ هن جي زنده ٿي اچڻ تي خوشيون ملهايون وڃن ٿيون. هي ديوتا يونان ۽ رومي شهنشاهت ۾ تمام گهڻو مشهور هو. ايسٽر Easter واري ڏينهن جي سج ايرڻ واري پوڄا کان اڳ باک ڦٽي جو وري چاول ديوتا جي آجيان لاءِ عورتون جابلو علائقي ڏانهن هليون وينديون هيون. ڊايونيسس جي مرڻ ۽ وري زنده ٿيڻ جو سارو قصو جيسس سان ملايو ويو آهي ۽ ايسٽر ڏينهن عيسائي مذهب جي گرجا گهرجن جي بلڪل هوبهو ورجايو ويندو آهي. عيسائي مذهب جا پوئلڳ سمجهندا آهن تہ جيسس جي قربانيءَ واري موت ڪري هو ڪڏهن بہ ڪونہ مرندا. ان کان پوءِ پڄنن نموني پاٺ ٿيندو آهي ۽ ايسٽر جي نقطئہ نظر موجب ڊراما ڪئي ويندي آهي. اهڙين مذهبي رسمن جو سلسلو عيسائيت جي وچين دور کان وٺي اڄ سوڌو هلندو اچي ٿو. هن مان اهو چڱيءَ ريت معلوم ٿي ويندو تہ عيسائي گرجا گهر قديم يوناني مذهب جو هوبهو نقل ڪري رهيا آهن.

شِوَ ديوتا جي پوڄا دوران پوڄاريءَ مٿان وجدان طاري ٿي ويندو هو. اهڙِي ساڳئي وجداني ڪيفيت ڊايونسس جي پوڄا دوران بہ طاري ٿي ويندي آهي. هن جا پوئلڳ بڪوهي bacchoi وجد ۾ اچي "ڪ" جو آواز اچاريندا رهندا آهن. هي اهو ساڳيو لفظ آهي، جيڪو هندستان ۾ هن مذهبي رسم ۾ شريڪ ماڻهن لاءِ چيو ويندو آهي. يعني پڪٽ Bhaktas (يعني ڀڳتَ). جڏهن ڊايونيسس کي جيسس بڻايو ويو تہ ان عمل ۾ ڪنهن بہ قسم جي تڪليف محسوس ڪانہ ڪئي وئي هئي، ڇاڪاڻ تہ اڳئين ديوتا پوئين ديوتا لاءِ ميدان صاف ڪري ڇڏيو هو. اهو ڇڻ هڪ ٻج ڦٽي زندگي حاصل ڪري ورتي هئي، جيڪا خوشين سان ڀرپور هئي. ابتدائي دور وارا عيسائي بہ جيسس کي ڊايونيسس جو اوتار سمجهندا هئا. عهدنامہ جديد يعني انجيل ۾ هن تصوراتي قسم جي نئين سر زنده ٿيڻ واري قصي کي حقيقي طور زنده ٿيڻ تي وڃڻ جو روپ ڏنو ويو آهي ۽ تصوراتي قسم جي اوتار ٿيڻ وارين ڳالهين کي جيسس جي صليب تي چڙهڻ واري واقعي کان 500 سال پوءِ انجيل مان

اقتصاديات ۾ وڏو حصو آهي. هن اهو ڪتاب 197ع ۾ لکيو هو. انهيءَ زماني ۾ هندستان ۽ روم وچ ۾ هلندڙ واپار عروج تي هو. جڏهن هندستان يورپ کي ڪپڙو ڪاٺ جو سامان، ڌاتوءَ جون شيون موڪليندو هو. ان کان سواءِ شڪار ڪرڻ لاءِ گهربل جانور روانا ڪيا ويندا هئا. تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ هندستان عيسائيت جي ابتدائي دور ۾ يورپ کان ڪٽيل هو. ساڳيءَ ريت هندستان جا يهوديت جي شروعاتي ڏينهن ۾ بہ مشرق قريب سان رابطا هوندا هئا.

عيسائت کي لامذهب فرقي جي انهن علامتن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻڻ ممڪن هو جن کي آريائي روپ ڏنو ويو هو. چاڪاڻ تہ ڪرشن وسيلي هتي هندستاني ورثو موجود هو. اهڙو ذڪر متي بہ اچي چڪو آهي تہ ڪرشن شِوَ جو پوڄاري هو. پر جهڙي ريت ڪائين ڪرامتن ۾ ڊايونيسس ۽ جيسس ۾ هڪجهڙايون آهن. تهڙيءَ ريت اسان کي ڪرشن ۽ جيسس ۾ بہ ساڳيون هڪ جهڙايون نظر اچن ٿيون. ڪنهن زماني ۾ ايشيا مائنر ۾ ڪريستن Chrestins رهندا هئا. جن کي روم جي پوپ ملحد سمجهي قتل ڪرائي ڇڏيو هو. چاڪاڻ تہ سندس نقطئہ نظر هو تہ جيسس جا سڀ پوئلڳ پاڻ کي ڪرسچن (عيسائي) سڏائن. يوناني ٻوليءَ جو هڪ لفظ Chrestos آهي، جنهن جي معنيٰ تيل سان مالش ٿيل (يا آئيڊيل). جڏهن تہ هندستان ۾ عام طور تي ڪرشن کي ڪرشنا سڏيو ويندو هو. جنهن جو مطلب آهي، هر چيز کي موهڻ وارو. اهو ڄڻ ديوتا جو شخصي وجود هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هندو ڌرم وارا ڪرشن کي وشنوءَ جو اوتار بہ سڏيندا آهن. جنهن جي نالي جي معنيٰ آهي سچ جي طاقت ۽ روشني. اهو اوتار ٽيڻ تائين ڪنهن بہ روپ ۾ ڪونہ هوندو آهي. چيو ويندو آهي تہ تاريخي شخصيت جيسس (حضرت) عيسيٰ (ﷺ) ڪرشن جو هڪ رضاڪار مبلغ هو. جيڪو پاڻ اهو ديوتا بڻجي ويو جنهن جي هو پوڄا ۽ تبليغ ڪندو هو. جيسس بابت ڏند ڪٿائون ۽ ان جون خوبيون خاصيتون ڪرشن جهڙيون آهن. جيڪو هن کان گهٽ ۾ گهٽ 500 سال اڳ تي گذريو آهي، جيڪو Wise Men واسطي مشرق جو منارو هو جنهن کي صحيح معنيٰ ۾ ڪرائيسٽ Christ چيو ويو آهي، پر ان کي جيسس سمجهڻ

غلط آهي. ڪيترن مورخن ۽ عالمن جيسس ۽ ڪرائسٽ ۾ موجود فرق کي گهٽو واضح ڪيو آهي، پر هاڻي تازو اي اين. ولسن پنهنجي ڪتاب Jesus: A Life ۾ اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو آهي، جنهن کي نيويارڪ جي نورٽن Norton اداري 1992ع ۾ ڇاپيو آهي. هن کان اڳ ارنيسٽ رينان Ernest Renan، البرٽ شويزر Albert Schweitzer، فرنيڪائر موررياڪ Francois Mauriac، گيزا ورمس Geza vermes، جوزيف ڪئيمپبيل Joseph Campbell، جان رومر John Romer، جئمس بريسٽيڊ James Breasted ۽ آرنولڊ ٽئائن بي Arnold Toynbee پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري چڪا آهن. موجوده دور جي بحثن ۽ سيمينارن ۾ مذهبي بحث تي چڪا آهن، جن ۾ جيسس ۽ عيسائي تحريرن تي ڳالهايو ويو آهي. ڪيترن مذهبي عالمن پاڻ کي سنو عيسائي سڏائيندي چيو آهي تہ انجيل هڪ استعارو ۽ ڪنايو آهي. هن کان سواءِ بيو بہ نقطئہ نظر آهي، جنهن ڏانهن پڻ ڌيان ڏنو وڃي تہ ڪرشن سان لاڳاپيل تحريرون 1000 ق.م کان 500 ق. م. سان واسطو رکن ٿيون. هندستان جي شهنشاھ اشوڪ 250 ق. م. دوران مشرق قريب ۽ ميڊيٽرانين علائقن ڏانهن ڪي رضاڪار مبلغ موڪليا هئا. هندو ڌرم جي ڪتابن ۾ موجود آهي تہ ويد 4500 ق. م. ڌاران لکيا ويا هئا. پر سنڌو ماٿري 2150 ق. م. کان اڳ ڪنهن آريي کي ڪونہ ڏٺو هو. هي آريائي شڪل ۾ تاريخ جي تصنيف آهي، جيڪا وقت کي پوئتي ڌڪڻ واري اهڙي هندستاني آريائي روايت آهي، جيڪا ڪنعاني لاوي آرين ۾ بہ نظر اچي ٿي. دور صحيح ڪونہ ٻڌايو ويو آهي، پر اهڙي ڳالھ هٿ وٺي ڪئي وئي آهي. ساڳيءَ طرح لاوين دنيا جي تاريخ ان وقت جوڙڻ شرع ڪئي هئي، جڏهن ٻيون تهذيبون اڳئي موجود هيون. هي تاريخ اعتبار نہ ڪرڻ جوڳيءَ حقيقت ويد آرين ۽ لاوي آرين وچ ۾ موجود سنڌن لاڳاپن هجڻ جي ڳالھ ڪري رهي هئي. ان هوندي بہ ڪيترائي مورخ ڏند ڪٿا ۽ تاريخ کي پاڻ ۾ ملائڻ جي غلطي ڪري رهيا آهن ۽ جڏهن ڪنهن تاريخي دور جو ذڪر ڪندا آهن تہ چوندا آهن حضرت سليمان (ؑ) واري زماني ۾ يا وري عهدنامہ عتيق جي ڪنهن ٻيءَ شخصيت جو نالو کڻي چوندا آهن تہ ڦلاڻي جي دور ۾. تنهن ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مغربي معاشري ۾ اها ڄڻ روايت ٿي وئي آهي ته عهدنامہ عتيق وارو دور بلڪل صحيح آهي. جيڪڏهن اهي ائين نہ ڪندا تہ ٿوڪن ۾ ڇٽرن جو نشانو بڻجندا.

نظر ايندڙ اثر مان تہ ائين محسوس ٿي رهيو آهي تہ عيسائين جي دقيانوسيت وارين راويتن اندر ڪيترين ڳالهيون لامذهب فرقي سان واسطو رکن ٿيون ۽ آرين جي دور کان اڳ جون آهن. اهڙيءَ ريت عيسائي مذهب بہ يهودي مذهب جي روايتن سان تمتار لڳو پيو آهي، جن مان هڪ روايت هيءَ بہ آهي تہ انسان ڄمندي ئي گنهگار آهي يا ماءُ جي پيٽان ئي پاپي ٿي ڄمندو آهي ۽ ان جي اصليت ۾ پاپ موجود آهي، پر اها ڳالهہ اتي ڪانہ ٿي ڪٽي ۽ عيسائيت ان معاملي کي قيامت واري ڏينهن ڏانهن کڻي وڃي ٿي ۽ چوي ٿي تہ ان کي دائمي عذاب کان ڪڏهن بہ ڇوٽڪارو ملي ڪونہ سگهندو ۽ انسان جي فطري جنسي ميلاپ کي قتل، زوري زنا ۽ جنگين ۾ رت جي درياهن ۾ لاشن جي ڍيرن کان وڌيڪ خطرناڪ سمجهيو وڃي ٿو ۽ اهي جنگيون لاوين جي عهدنامہ عتيق جي خدا جي حڪم سان وڙهيون ويندڀون آهن. انسان ذات جي ايڏي وڏي قتل عام ۽ توهين جو ذميوار آرين جو خدا بہ ٿي ڪونہ ٿو سگهي، جيترو انسان جو مرداڻو ۽ عورتاڻو عضوو آهي، پر پوءِ بہ چيو ويندو آهي تہ هن انسان ذات کي تخليق ڪيو ۽ مختلف جنسن جي چونڊ ڪئي.

آريا قديم مذهب جي لنگ واري روايت کان نفرت ڪندا هئا، پر هن علامت کي نون مذهب ۾ شامل ڪرڻ تي ڪڏهن بہ پابندي ڪانہ مڙهي هئي. حتي Hittite ۽ يوناني حڪمرانيءَ دوران اوسيرس ديوتا جي جنسي عضون يا علامتن جي پوڄا جو رواج هو ۽ ان لاءِ ڪيترين رسمون ادان ڪيون ويندڀون هيون ۽ ان جو ڪاٺ جو هو بهو نقل تيار ڪيو ويندو هو. اٽليءَ ۾ تہ اڄ سوڌو ڪرائيسٽ جي لنگ پوڄا ٿيندي آهي، جنهن کي ڪرائيسٽ جو فور اسڪن مقدس لنگ "Holy Fore skin" سڏيو ويندو آهي. سنڌو ماتريءَ واري مذهب ۾ لنگ جي نمائندگي ڪندڙ هڪ مخصوص قسم جي علامت هوندي آهي. هتي اهڙين شين جي بہ پوڄا ڪئي ويندي آهي، جن جي ڪا خاص شڪل شبيهہ بہ

ڪانه هوندي آهي، پر جيڪڏهن سمجهيو ويندو آهي ته ان ۾ مقدس وجود موجود آهي ته ان جي ضرور عزت ڪئي ويندي آهي، جيڪا پوڄا جي شڪل ۾ هوندي هئي ۽ ان کي لنگ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اهڙي ريت آرين کان اڳ واري سڪر سٽائي fertility واري علامت جي تسلسل کي ٽُلهن، وڻن جي ٿڙن ۽ پٿرن جي شڪل ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

جنسي عضوي کي صفا ڪيڏي ختم ڪرڻ يا طهر ڪرڻ آريائي روايت آهي ۽ دراوڙن جي شِوَ ديوتا جي رسم ڪانه آهي، پر ان رسم آهي. شِوَ کي جنس پرستيءَ کان ڪوبه شرم ڪونه ٿو erect phallus ٿئي. ڇاڪاڻ ته ساريءَ دنيا جي ساهدارن جو بچاءُ ان جنس پرستيءَ واري طاقت ۾ آهي. ان ڪري شِوَ پيار ۽ خوشيءَ جو اڻ جهل ديوتا آهي. شِوَ جي ڏند ڪٿا هن حقيقت کي چٽو ڪري ڇڏي ٿي ته جيڪي ماڻهو فطري جنس پرستيءَ خلاف وڙهندا آهن، سي ئي اهڙا ڪم ڪندا آهن. ان جو ڪارڻ اهو هوندو آهي ته انهن کي احساس هوندوآهي ته هو ڪائنات جي وسيلن آڏو اڻپورا آهن. آريائي بنياد وارن مذهبن کي مقدس قوت کي نامرد ڪرڻ جي ضرورت هوندي هئي. جڏهن ته آريائي عقيدن واري قديم مذهب ۾ مرد واري ان فطري علامت کي مستقل ۽ ماتحت حيثيت حاصل هوندي هئي، انهيءَ مقصد سان ته جيئن سياسي قسم جي نامرد ديوتائين کي پنهنجي معاشري ۾ قائم رکي سگهجي ۽ انهن کي اعليٰ ۽ اُتم حيثيت ڏئي سگهجي ۽ اهي به پنهنجي ذاتي حيثيت ۾ منفرد، اعليٰ ۽ اڪيلا هئڻ گهرجن، تنهن ڪري آرين کي جنس سان لاڳاپيل فطري ديوتا کي خَصي ڪرڻو هو. عيسائي ته هن کان به هڪ قدم اڳتي نڪري ويا هئا ۽ جيسس (عيسيٰ) هڪ نامرد شِوَ Ithyphalli Shiva هو ۽ عيسائيت ۾ هيءُ مقدس وجود ڪنهن به جنسي خواهش کان پاڪ هو. خدا تعاليٰ جي هن پٽ کي ڪو جنسي عملي تجربو ڪونه هو. نه ڪنهن سان جنسي لاڳاپو هو نه هن کي ڪا جنسي خواهش هئي، نه وري هن بابت ڪي جنسي قسم جا حوالا ملن ها. اهو ان ڪري نه هو ته هو فطري مقدس وجود هو. پر ڇاڪاڻ ته هن جو مقدس پيءُ آرين جو قانون ڏيندڙ خدا آهي، پر دراوڙن جو ڌرتيءَ ۽ آڪاس جو خالق ديوتا ڪونه آهي.

اهڙيءَ ريت انجيل مان اهو معلوم ٿي وڃي ٿو ته خدا تعاليٰ جا ٻه قسم آهن. هڪ خدا تخليق جو "پهريون سبب" ٻيو خدا وڌيڪ ظاهر ظهور ڏسجي ٿو جيڪو ڳوٺن ۽ قبيلن جو مڪاني ديوتا آهي ۽ اهو قانون ۽ مذهبي قسم جي حرام حلال کي ڏسي ڳڻتيءَ ۾ پئجي وڃي ٿو. هن مان اهو به پتو پئجي وڃي ٿو ته سنڌ جي اصلي ديوتا شِوَ ۽ آرين جي ديوتا ۾ گهڻو فرق آهي. سنڌ جو ديوتا ڌرتيءَ ۽ آڪاس جو خالق آهي. هو پارو تيءَ ديويءَ وسيلي زندگيءَ جو سبب آهي. جڏهن ته آرين جا خدا سندن ئي ايجاد آهن. جيڪي قبائلي ۽ سياسي آهن. جيڪي قانون ۽ قهر جا ديوتا به آهن. اهي ديوتائون پوئين دور جي پيداوار آهن. جن جي مذهبي رسمن بجاوري مستقل قسم جي پروهتن ۽ پنڊتن جي ضرورت آهي.

توهان کي غور ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿيندو ته آريا يهودين جي شڪل ۾ هندستان، اناطوليه، يونان، مصر ۽ مشرق قريب ۾ ڪاهي پيا هئا ۽ انهن ملڪن جا اصلي واسي هنن جي آڏو انبوهن جي شڪل ۾ هجرت ڪري رهيا هئا. هنن جو اهڙو پهريون حملو 2150 ق. م. کان شروع ٿيو هو. آرين جي اهڙن حملن ڪري اولهه ۽ اتر هندستان جا ماڻهو نقل مڪاني ڪري ڏکڻ هندستان ۾ وڃي آباد ٿيا هئا. 1600 ق. م. ڌاران انهن علائقن جي شهرن آرين جي اچڻ واري دہاءُ کي محسوس ڪري ورتو هو ۽ آرين جي گهيري ۾ رهيا هئا ۽ 1200 ق. م. تائين مڪمل طور تي فتح ٿي چڪا هئا. ان وقت دوران دراوڙن جي مها ديويءَ کي ڏانو Danu جي نالي سان سڏيو ويندو هو. جنهن کي درگا ديوي جي نالي سان سڏيو پيو وڃي. هن کي هڪ پٽ ڄائو هو جنهن جي بالغ ٿيڻ کان پوءِ دانو هن سان پرڻو ڪيو هو جنهن مان ڪيس پيٽ ٿيو. دانوءَ جي پيٽ وارو ٻار به اهو ساڳيو ديوتا هو جنهن مان ڪيس پيٽ ٿيو هو. بعد ۾ هو مري ويو ۽ ونٽر سولسٽس Winter Solstices وارن ڏينهن ۾ دانوءَ ديوي جي پيٽان وري ڄائو هو. هيءَ پوکيءَ راهيءَ واري سماج سان لاڳاپيل اچرج جهڙي مذهبي ڏند ڪٿا آهي. دانو ۽ سندس پٽ وريترا Vritra سان گڏ نانگ ۽ ڳئون ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن. چاڪاڻ ته اهي شِوَ ۽ شڪتيءَ جو تسلسل هوندا آهن.

ويدن جي ڏند ڪٿا موجب دانو ۽ ويرترا اندر ديوتا قتل ڪري

زماني ۾ مذڪوره ماهر بين رخن ۾ ڪم ڪري رهيو هو پر هن ايسٽر آئليئنڊ Easter Island ۾ موهن جي دڙي جي گلگت جي هڪ جهڙائيءَ جو پيٽوار اپياس ڪونہ ڪيو هو.

پيرو ۾ آبپاشي جو سڌريل ۾ بهترين نظام نظر اچي ٿو جيڪو انڪا Inca تهذيب کان گهٽو اڳ آهي. اهڙو سڌريل ۾ ترقي يافتہ آبپاشي نظام فقط سنڌو ماٿريءَ ۾ ڏسجي ٿو. ان کان سواءِ اتر آمريڪا جي ڪولو رئڊو Colorado جي ڏکڻ واري ائناسازي آف ميساورڊي Anasazi of Mesa Verde ۾ بہ هڪ ترقي يافتہ آبپاشي نظام موجود آهي، جيڪو ڏاڍو عجيب غريب آهي. هن آبپاشي جا خالق اصلي آمريڪي ماڻهن کان مختلف آهن. جن جو چوڻ آهي تہ اهي ماڻهو نهايت قديم آهن. جن کي هو پنهنجا ابا ڏاڏا ڪونہ ٿا سمجهن. اهڙين ڳالهين مان پتو پوي ٿو تہ انهن قديم ماڻهن جو تعلق دراوڙن سان هجي. انهن ماڻهن جي ذات جو نالو بہ اهڙو آهي، جو سنڌ جي ياد تازي ڪري ڇڏي ٿو جن کي مڪاني طور آديواسي Adivasi يا آدي واسي يعني آدجڳاد کان رهندڙ سڏيو وڃي ٿو۔ امڪان آهي تہ هي انسان ذات جو نهايت قديم نسل آهي. هي بي مثال قسم جو آبپاشي نظام انهن اٽسيجاتل ماڻهن سان لاڳاپيل آهي. جڏهن اهي گم ٿي ويا تہ اتر آمريڪا جي آبپاشيءَ جو هي عجيب طريقو بہ ختم ٿي ويو. آمريڪا جي اصلي ماڻهن جي قصن ڪهاڻين ۾ فئري Fairic نالي ماڻهن جو ذڪر ڏسجي ٿو. اهڙن ماڻهن بابت ذڪر يورپ جي قصن ڪهاڻين ۾ بہ نظر اچي ٿو. جيڪڏهن ائنا سازي ماڻهن جو تعلق سنڌو ماٿري سان آهي تہ پوءِ اهي ڪالونيون قائم ڪرڻ وارا ماڻهو هئا. جيڪي آخرڪار ختم ٿي ويا. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ڊگهن ڪنن وارن ماڻهن کي ننڍن ڪنن وارن ماڻهن ماري ڪائي ڇڏيو جيڪي ايسٽر آئليئنڊ جا اصلي رهواسي هئا. انڪا تهذيب سان لاڳاپيل پيرو جي باشندن کي آئناسازي وارن پيروءَ مان ڪڍي ڇڏيو ۾ ائناسازي قبيلي جا ماڻهو آباد ٿي ويا. اهي ماڻهو بہ ائين گم ٿي ويا هئا جيئن آئرلينڊ فئري فاڪ Fairc Folk گم ٿي ويا هئا.

دراوڙن هڪ ٻيو رستو بہ اختيار ڪيو هو جنهن کي تاريخدان بہ

تسليم ڪن ٿا ۽ اهو اناطوليہ (موجوده ترڪي) کان اولهہ طرف وارو هو جيڪو ڏئي، هو اوپر يورپ ۾ داخل ٿيا هئا ۽ ميڊيٽرانين علائقن کان ٿيندا، اولهہ يورپ ۽ برٽش آئسلس Isles پهتا هئا. هنن ماڻهن پنهنجي مذهب کي ڪونہ ڇڏيو هو ۽ جيڏانهن بہ ويندا هئا تہ پنهنجون مذهبي رسمون پابنديءَ سان ادا ڪندا هئا.

قديم دور جي هنن نقل مڪاني ڪرڻ وارن گروهن بابت ٿورو ويچاريو. سفر جو رستو پيادل طئي ڪيو ويندو هو. گاڏيون ڳائو مال ۽ گهوڙا بہ گڏ هوندا هئا. مال بہ چاريندا ويندا هئا ۽ پنهنجي پيٽ گذر بہ ڪندا هلندا هئا. ڪڏهن اهي ليڊيا Lydia ۾ آباد ٿيا تہ ڪڏهن هو ايٽروريا ۽ گاليشيا ۾ ترسيا ۽ پوءِ برٽش آئسلس ۾ وستيون ۽ وانڍيون قائم ڪيائون. اهي ڏاڍا خوش مزاج ماڻهو هئا. ڏکيءَ سکيءَ ۾ ڪِلي ڪجهي گذاريندا هئا. جهڙيءَ ريت آرين لشڪرن جي شڪل ۾ حملا ڪيا تہ هنن ماڻهن انبوهن جي شڪل ۾ لڏ پلاڻ ڪئي هئي. اهڙا حملا ۽ لڏ پلاڻ 2150 کان شروع ٿي ۽ 1250 ق. م ڌاران ختم ٿي. چارلس پڪارڊ پنهنجي ڪتاب The Pre-Hellenic Religions ۾ لکيو آهي تہ يوناني ٻوليءَ جي بنيادن ۾ ڌاريءَ ٻوليءَ جا لفظ موجود آهن، جن جي اصليت دراوڙي سنڌي ٻوليءَ سان آهي. پهرين يوناني تهذيب جي منوس Minos جي ماڻهن جو بہ چوڻ آهي تہ انهن لفظن جو تعلق يوناني ٻوليءَ سان نہ آهي.

پوئين دور جا هجرت ڪندڙ دراوڙ پاڻ سان گڏ هندو ڌرم جون ڏند ڪٿائون بہ کڻي آيا هئا، جيڪي اڳئي دراوڙي ڏند ڪٿائن سان ملي جلي ويون هيون. چاڪاڻ تہ اهي انهن علائقن مان گذريا، جيڪي آرين جي ضابطي هيٺ هئا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو دڪش Daksha واري ڏند ڪٿا هندستان ۽ يورپ ۾ ساڳي آهي. هيءَ ڏند ڪٿا آرين جي قديم Father God سان واسطو رکي ٿي، جنهن جي ڌيءَ ستيءَ Sati پيءُ جي اجازت کان سواءِ شِوَ سان شادي ڪئي هئي. اهو ڏسي ستيءَ جي پيءُ شِو ۽ ستيءَ کان سواءِ ٻين سڀني ديوين ۽ ديوتائين لاءِ قرباني ڏني. جڏهن اها خبر ستيءَ کي پئي تہ هن پنهنجي مڙس شِو ديوتا جي عزت بچائڻ خاطر باهہ ۾ ٽپ ڏئي، پنهنجو پاڻ کي قربان ڪري ڇڏيو. ان وقت شِوُ اوچتو ظاهر ٿيو جنهن آرين جي Father God کي قتل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڇڏيو. ڪن مورخن جو چوڻ آهي ته هي سنڌين ۽ آرين وچ ۾ حقيقي معنيٰ ۾ جنگ لڳي هئي، جنهن ۾ آرين شڪست کاڌي هئي، اهڙيءَ ريت سنڌين پنهنجو ملڪ واپس ورتو هو. پر اها ڏند ڪٿا اتي ختم ڪانه ٿي ٿئي، بلڪ بعد ۾ شِوَ ان کي معاف ڪري ڪيس زنده ڪري ڇڏيو ليڪن ان کي پنهنجي سر بدران ٻڪريءَ جي منڊي پيوند ڪري ڇڏيائين. ان کان پوءِ دڪش (ستيءَ جو پيءُ) شِوَ ديوتا جو پوڄاري بڻجي ويو.

تي سگهي ٿو ته هن ڏند ڪٿا جو تعلق ڪنهن هلڪيءَ سلڪيءَ سوچ سان هجي، جنهن کان پوءِ ٻنهي سلطنتن جا ماڻهو ۽ انهن جا ڏار ڏار مذهب پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويا هجن. هن مان اهو به معلوم ٿي وڃي ٿو ته دراوڙن انهيءَ مقصد سان مهاديوي شڪتيءَ جي پوڄا ڇڏي ڏني هجي ته جيئن اڪيلي سر شِوَ جي پوڄا ٿي سگهي. ان کان پوءِ شڪتيءَ جي مورتي ائين ڏسجي ٿي جڻ اها پنهنجي ساٿيءَ جي وجود کان الڳ ٿي رهي آهي ۽ پنهنجي مڙس جي قربانيءَ واري باهه ۾ پاڻ اڇلائي رهي آهي. هن مان سندس مقصد هو ته جيئن پوڄاري فقط شِوَ جي پوڄا ڪري سگهن، ڇاڪاڻ ته ان زماني تائين شِوَ ۽ شڪتي هڪ وجود هئا ۽ جڏهن پوڄاري شِوَ جي پوڄا ڪندا هئا ته اها پوڄا شڪتيءَ جي ٿي ويندي هئي.

عام طور دڪش ديوتا جي مورتيءَ جي ڌڙ سان ٻڪريءَ جي منڊي شامل هوندي آهي. هيءَ مورتي بعد ۾ باڦوميٽ Baphomet جي مورتي بڻجي وئي هئي، جيڪو بعد ۾ Kingts Templar جو ديوتا بڻجي ويو هو. هيءَ انهن سردارن جي ڪوشش هئي جيڪي ان زماني ۾ مشرق قريب ۾ رهندا هئا ۽ ماضيءَ ۾ قديم مذهب بابت معلومات حاصل ڪندا رهندا هئا. باڦوميٽ انهن جي پنهنجي آريائي ديوتا Father god دڪش جي مورتي آهي. هيءَ آريائي مذهب کي خالص بڻائڻ واسطي پهرين يا آخري ڪوشش ڪانه هئي، بعد ۾ هن باڦوميٽ يا دڪش جي مورتيءَ کي شيطان سمجهيو وڃڻ لڳو. افسوس جو هي آرين جو اهو خدا آهي، جنهن کي عهدنامه عتيق ۾ خالص Creator سڏيو ويو آهي. جڏهن ته عهدنامه جديد (انجيل) ۾ هن کي پيءُ خدا Father god جو نالو ڏنو ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. دنياوي قانون مطابق ته شيطان خدا بڻجي ويو آهي ۽ جڏهن خالص آريائي مذهب کي مٽي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته ان وقت مذهبي عالمن واسطي هڪ وڏو مسئلو پيدا ٿي رهيو آهي. تعجب جي ڳالهه اها آهي ته 447ع واري ٽوليڊو Toledo جي ڪائونسل باڦوميٽ جي هن مورتيءَ کي عهدنامه عتيق ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو ڇو ڪيو هو جيڪو شيطان جي شڪل ۾ هو. حقيقت ۾ هي لامذهب فرقي جو سڱن وارو ديوتا ۽ آرين جو دڪش ديوتا هو.



(باڦوميٽ آرين جي خدا پيءُ Father god جي مورتي آهي، جنهن کي بعد ۾ شيطان سمجهيو ويو هو. هن کان اڳ سڱن کي ڏاهپ سمجهيو ويندو هو جڏهن ته پوئين دور ۾ هن کي شيطان جي علامت تصور ڪيو پيو وڃي.) ٠

سڱن کي شيطان سمجهڻ پوئين دور جو تصور آهي. حضرت موسيٰ (ﷺ) لاءِ به چيو ويندو آهي ته ڪيس سڱ هئا. جيڪي ڏاهپ جي علامت هئا ۽ کيس خدا تعاليٰ جي دربار مان مليا هئا. پر ٻن ٽن صدين جي گذرڻ کانپوءِ انهن سڱن کي شيطان جي علامت سمجهيو ويو. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانپوءِ ٽينڊڙ انجيل جي ترجمن مان اهڙيون ڳالهيون خارج ڪيون ويون هيون تہ ان جي نرڙ مان روشني چمڪندي هئي. مائيڪل اينجلو Michelanglo اصلي ڳالهہ کي امر بڻائي ڇڏيو هو. ڇاڪاڻ تہ هن پٿر تي حضرت موسيٰ (ﷺ) جي سڱن سان تصوير اڪيري هئي جيڪا مڪمل طور تي ٻڪريءَ جي سڱن سان هئي. اسڪئنڊينيويا Scandi navia ۾ ڪنجهي دور Bronze Age سان لاڳاپيل جبل ۾ سڱن واري منڊي ۽ ٻن هٿوڙن جي ڪرچيل تصوير آهي، جنهن جو تعلق ٿور Thor واري عقيدي جي دور کان اڳ واري زماني سان آهي. امڪان آهي تہ سڱن واري ٽوپلن پائڻ جي رواج کان اڳ سڱن واري جانور جي منڊيءَ واري ڪل پاتي ويندي هئي، جنهن سان سڱ بہ گڏ هوندا هئا. ان جو مقصد اهو هوندو هو تہ سڱن واري ان جانور جي سگهہ سندس سڱن واري ڪل پائيندڙ کي ملي وڃي. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سڱ چٽسالي جي ڪلا ۽ مذهب ۾ موجود ملن ٿا ۽ انهن ساهدارن سان گڏ ڏسجن ٿا، جن کي سڱ ڪونہ هوندا آهن. اهڙا سڱ يونان، چين ۽ ميڪسيڪو جي فن ۾ نانگن سان گڏ آهن. اهڙا سڱ لنڊين بلائن کي بہ ڏنا ويا آهن، پر ائين ڪڏهن ڪڏهن ڏسڻ ۾ آيو آهي. سنڌ جو ديوتا بہ سڱن سان ڏسجي ٿو. هي ساريءَ دنيا ۾ قديم ترين ديوتا آهي، جيڪو 30000 سالن کان ان تاريخي قوم جو ديوتا آهي، جيڪا واپاري ذهن جي هئي، هي ماڻهو سمنڊ جي سفر جا ڪوڏيا هئا ۽ هنن جا ڪيترائي سامونڊي تجارتي رستا هوندا هئا.

عهدنامہ عتيق ۾ موسيٰ ۽ هارون جي وڙهي پوڻ جو قصو آهي. مورخن جو بيان آهي تہ انهيءَ زماني ۾ پوڄارين جا بہ مذهبي گروهہ هئا، جن مان هڪ ڏاند پوڄاري ۽ ٻيو نانگ پوڄاري هوندو هو. چيو ويندو آهي تہ حضرت موسيٰ ﷺ يهودين جي پوڄا لاءِ هڪ ٿلهہ تي نانگ جي مورتي رکي هئي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هڪ نانگ مورتي گهڻي عرصي تائين هڪ مندر ۾ پڻ رکي وئي هئي. اسان کي اهو بہ معلوم آهي تہ يهودين وٽ پوڄا لاءِ ڏاند جي سوني مورتي بہ موجود هوندي هئي. نانگ پوڄا لاءِ ماڻهن تي زور ان انسان جو هو جنهن کي قانون

ڏيندڙ سڏيو ويو آهي، جنهن تي دراوڙن جو تمام گهڻو اثر هو. ان جو بنياد اهڙن لاوي ماڻهن رکيو هو جن 650 ق. م دوران عهد نامہ عتيق تصنيف ڪيو هو.

پر جيئن تہ شِوَ جي 28000 ق.م ڏارا ڍڳي جي وڏن سڱن واري مورتي جوڙي وئي هئي. ڇاڪاڻ تہ ڏاند هن لاءِ مقدس جانور هو. امڪان تہ اهڙي معلومات هوريان هوريان سرڪندي وڃي يورپ پهتي هجي. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ زماني ۾ تجارتي ڏيتي ليتي جاري هئي. هندستان ۾ سڱن واري هن ديوتا جي پوڄا ڏهين صديءَ عيسويءَ تائين ڪجيو راهو Khjuraho جي مندر ۾ ٿيندي آئي آهي. دراوڙن جي هن ديوتا جي پوڄا جو رواج هن تازي دور تائين هلندو آيو هو.

اهو بہ امڪان آهي تہ اتر يورپ جي "گرين وِڪا" وارن جو سنڌو ماٿريءَ جي ماڻهن سان ڪو قديم رابطو هجي. جيستائين قديم آثارن جي ماهرن ڪي گهربل دريافتون نہ ڪيون آهن، تيستائين هي معاملو منجهيل هوندو، پر هڪجهڙايون ايتريون چٽيون پڌريون آهن، جو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ ڪنهن قديم دور جي سنڌ ۽ يورپ سان ڪو ويجهو تعلق ضرور هوندو. ٿي سگهي ٿو انهن ٻنهي وچ ۾ مذهبي ناتا قائم هجن. ريتن رسمن ۾ ڦير گهير حڪمران ۽ فوجي طبقي جي ترقيءَ ۾ ڦيري ڪري ايندو آهي، جيڪو يورپ 4000 سال اڳ آيو هو. جنهن دوران روپ ۾ مذهبي روايتن جو بنياد رکيو ويو هو. جيڪي پوءِ سنڌ جي ڌرم سان رلي ملي ويون هيون. هن ڪان سواءِ دراوڙن قديم دور ۾ يورپ پهچي، اتي رهي پوڻ جو ارادو ڪيو هو جن گرين وِڪا واري لامذهب فرقي کي نئين سر زور وٺرايو هو.

دراوڙا پنهنجي ڌرتيءَ سنڌ ڪان آرين جي ابتدائي حملن جي نتيجي ۾ نڪتا هئا. ڪيترن مورخن هنن کي ڪنجهي جي دور جي ايٽروسڪان سمجهيو آهي ۽ ڪيترن جو چوڻ آهي تہ اهي ايٽروسڪان نسل جي ماڻهن ڪان متاثر ٿيا هئا. هيروڊوٽس جو خيال هو تہ ايٽروسڪان ليڊيلا انئاطوليہ اتر ترڪي ڪان آيا هئا ۽ اٽليءَ سمنڊ رستي پهتا هئا. جيڪڏهن مختلف ڏند ڪٿائن جو ڀيٽوار اڀياس ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ ايٽروريا Etruria کي نڪل مڪاني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ وارن ماڻهن آباد ڪيو هو. ايٽروسڪان اٽليءَ ۾ 1200 ق. م ڌاران پهتا هئا. هي اهو زمانو هو جڏهن آرين ايشيا مائنر کان نڪري، مشرق قريب ڏانهن ڌوڪي رهيا هئا ۽ ايٽروريا ڪي ٻارهن شهرن جو وفاق جوڙيو هو. جيڪو ستن صدين تائين هليو هو. هنن جو تعداد حملہ آرون سان جنگيون ڪرڻ ڪري گهٽجي رهيو هو. آخر روم هن علائقي کي ٽين صدي قبل مسيح ۾ ختم ڪري ورتو هو. انهيءَ زماني آريا بہ اڳتي وڌي رهيا هئا. ايٽروريا وارن تي فئشن ۽ سونهن سينگار جي ناتي اوپر جو نمايان اثر محسوس ٿي رهيو هو. جيڪي هلڻ چلڻ ۾ چڙ ايشيائي لڳي رهيا هئا. هنن سان گڏ چيتا ۽ ٻيا جانورن بہ گڏ هئا. بعد ۾ متين يونان جو نئون فئشن ڇائنجي ويو هو.

ايٽروسڪان ناچ جا شوقن ۽ زندگيءَ مان گهڻو لطف اندوز ٿيندا هئا. راڳ ڳائڻ تہ هنن لاءِ تمام ضروري هوندو هو. جڏهن شڪار ڪرڻ جي اِرادي سان ٻاهر نڪرندا هئا تہ وڄت وارا اڳ ۾ هوندا هئا. جيڪي سرندا ۽ سارنگيون وڄائيندا هلندا هئا. جبلن جي چوٽين ۽ ٻيلن ۾ پهچي ماٿ ٿي ويندا هئا ۽ شڪار ٿيڻ وارن جانورن تي سنڌن جادو اثر ڪندو هو ۽ پنهنجي ٿمن مان نڪري ٻاهر ايندا هئا. ايٽروسڪان تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي جيڪي فيئريز Facries جي قصن ڪهاڻين وانگي سپني ڪي ياد آهن. عورتون هنن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلنديون هيون. هنن سان هر ڌنڌي ۽ سرڪاري ڪمن ۾ ٻاگي ٻائيوار هونديون هيون. اهڙيون ڪيتريون ئي چٽساليون موجود آهن، جن ۾ زال، مڙس ۽ ٻارن جون تصويرون موجود آهن. هنن سان اهڙيون مورتيون بہ هونديون هيون، جيڪي کلڻ واري انداز ۾ جوڙيون ويون هيون. اهي ماڻهو هڪ ٻئي جي ٻانهن کان جهلي يا هٿ هٿ ۾ ڏئي هلندا هئا، سنڌن هن قسم جو پيار وارو رويو يونانين ۽ رومين لاءِ نئون هو. 'ٿيوپومپس' Theopompus هنن ماڻهن کي ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو هو. هن جو تعلق چوٿين صدي ق. م. سان هو. سندس بيان آهي تہ هو ڪڏهن اگهاڙا بہ جنسي لذت بہ حاصل ڪري وٺندا هئا. هنن لاءِ ڪلئي عام جنسي لذت وٺڻ غير معمولي ڳالهہ ڪانہ هوندي هئي. عورتون پنهنجي مڙس چوندڻ ۾ گهڻو خيال ڪنديون هيون. اهي جوانيءَ ۾

مردن سان گڏجي جمناسٽڪس gymnastics ڪنديون هيون. دعوتن ۾ شريڪ ٿينديون هيون ۽ شراب بہ پيئنديون هيون ۽ ڪين اها پرواهہ ڪانہ هوندي هئي تہ سندس ٻارن جو پيءُ ڪير آهي. پر معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ قديم دور جي هن مصنف وڏاءُ کان ڪم ورتو آهي، جيڪو هن ڳالهہ ڏانهن زور ڏئي رهيو آهي تہ دعوت کان پوءِ جوڙا هڪ ٻئي سان پيار ڪرڻ لاءِ واجهائيندا هئا. ايٽروسڪان سان لاڳاپيل چٽسالِيءَ مان ائين معلوم ٿي رهيو آهي تہ هو زندگيءَ مان گهڻو لطف اندوز ٿيڻ چاهيندا هئا ۽ ڏاڍو خوش گذاريندا هئا.

هي ماڻهو دراوڙن وانگر سڱن واري ديوتا جو احترام ڪندا هئا، جنهن کي هاڻي پان pan طور سڃاتو ويو آهي، جنهن سان گڏ شرناءِ بہ آهي. ان کان سواءِ هن علائقي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لنگ جون مورتيون بہ عام جام ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ان کان سواءِ ايٽروسڪان قلعبند شهر اڏيندا هئا، جن ۾ ڪني پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ جوڳو بندوبست هوندو هو. هنن واهہ بہ کوٽيا هئا. هن چيانا Chiana واري ماٽريءَ ۾ آبپاشي جو بهترين نظام قائم ڪري ورتو هو. حقيقت ۾ اهي ايٽروسڪان ئي هئا جنهن ساري روم جي ڪني پاڻيءَ جي نيڪال جو بندوبست ڪيو هو. ان کان سواءِ انهن ۾ سنڌو سڀيتا واريون خوبيون ۽ خاصيتون بہ هيون. اهي وڱن arches ۽ پلين ناهڻ جا اٿاهہ ڪاريگر هئا. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ اهي ونگن سان رستا جوڙيندا هئا، جيڪي انسان جي منهن جهڙيون هونديون هيون. انهن مان ڪي گول گورگون ماسڪ gorgon mask جهڙيون ۽ ڪي ايپي منهن foliate face (سينڌ ونگ) وانگر هونديون هيون. جڏهن روم ايٽروسڪان کي فتح ڪيو تہ انهن مان ڪي ڀڄي وڃي جبلن ۾ لڪا ۽ ڪي وري جبل پار ڪري ڪيڏانهن هليا ويا ۽ جيڪي رهجي ويا سي رومي معاشري جو حصو بڻجي ويا هئا.

رومين ايٽروسڪان جي ثقافت کي تباهہ ڪري ڇڏيو هو. چاڪاڻ تہ اهي ايٽروسڪان جو ناهيل شيون ڪتب ئي آڻي ڪونہ سگهندا هئا، پر انهن جون ڪيتريون علامتون ۽ تصورَ ڪسي ورتا هئائون ۽ مشهور ڪيو هئائون تہ اهي سندن ئي تيار ڪيل آهن. هن مان سندن مراد اها هئي تہ ايٽروسڪان جو نالو نشان ئي متجي وڃي ۽ ڪير بہ نہ سمجهي

سگهي تہ اهي اڳئين دور جي ماڻهن جون تيار ڪيل شيون آهن. اهڙين ڪوشش ۾ هو ڪنهن حد تائين سوڀارا بہ ٿيا هئا. عام طور تي ڪلنڊڙ منهن ايٽروسڪان ڪم آڻيندا هئا. جيڪا بعد ۾ رومي فن جي شڪل اختيار ڪري ويو هو جنهن کي هو سچ جو منهن Face of Truth سڏيندا هئا. اها منهن جي هڪ مورتي آهي، جيڪو اڄ بہ روم جي چشمن وٽ تعمير ٿيل پٿين تي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ان کان سواءِ روم ۾ ان ”منهن“ جي مورتيءَ سامهون گول قسم جو تيرٿ آهي، جيڪو ايٽروسڪان جي ڪاريگريءَ جي نشاني آهي. هي منهن ڏسڻ ۾ ڏاڍو ڀيانڪ ايندو آهي، جنهن جو وڏو وات ڪليل روپ ۾ ڏسبو آهي. ان جي چوڏاري ڪليل ۽ گهنڊيدار وار هوندا آهن. اهو چڻ شينهن جو منهن ڏسڻ ۾ ايندو آهي يا اهڙو سج ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جنهن مان روشنيءَ جا تيز ڪرڻا نڪرندا نظر ايندا آهن. ”منهن“ جي هن مورتيءَ جو ڪنهن ڪلاسيڪي ڏند ڪٿا سان واسطو ڪونہ آهي. ڪن مورخن جو خيال آهي تہ هن منهن جي اصليت وقت جي ڪوهيڙي ۾ گم ٿي وئي آهي، تنهن ڪري ان بابت ڪجهہ بہ چٽي ڪونہ ٿو سگهجي، پر اهو غلط آهي. ان جي اصليت ڪيڏانهن بہ گم ڪانہ ٿي وئي آهي. جيڪڏهن اسان ٿورو وقت ڏيون، ان جي سنڌ سان تعلق بابت سوچينداسون تہ اهو منهن شِوَ بابت هڪ ڏند ڪٿا سان واسطو رکي ٿو.

شِوَ سان لاڳاپيل ڏند ڪٿا هن ريت آهي: ويدڪ دور ۾ هڪ دئت لشڪر پيدا ڪري ديوتائن تي حملو ڪرڻ پئي چاهيو جڏهن برهما ۽ وشنوءَ سمجهيو تہ هو انهيءَ لشڪر کي منهن ڏئي ڪونہ سگهندا تہ هنن وچي شو کي واهر ڪرڻ جي وينتي ڪئي هئي. دئت اها ڳالهہ ٻڌي پنهنجي لشڪر کي شِوَ مٿان حملي ڪرڻ جو حڪم ڪيو هو. دراوڙن جي ديوتا مقابلي لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو هو فقط ٽين اک کولي هئائين، جنهن مان باهہ جهڙي مخلوق نڪري دئت جي ساري لشڪر کي ڳڙڪائي ڇڏيو. دئت اهو ڏسي شو کي جئڏان لاءِ ٻاڏايو. شِوَ جيئن تہ وينتي مڃڻ کان انڪار ڪونہ ڪندو آهي، تنهن ڪري هن دِئت کي بچائي ورتو. ان کان پوءِ اهو دِئت شِوَ جو پوڄاري بڻجي ويو. بعد ۾ هن دِئت شِوَ ديوتا کي گذارش ڪئي تہ ديوتا هن کي ازلي بکيو

ڪري پيدا ڪيو آهي، تنهن ڪري هن هڪ ڪان سواءِ سڀ ڏئت ڪائي ڪپائي ڇڏيا آهن، تنهن ڪري ڪيس ڪجهه کائڻ لاءِ ڏنو وڃي. شِوَ ديوتا سندس ڳالهه ٻڌي کيس چيو ته اهو پنهنجو پاڻ کي کائي پنهنجو پيٽ ڀري. شِوَ جي ڳالهه ٻڌي ڏئت پنهنجو پاڻ کي کائڻ شروع ڪيو ۽ سارو پنهنجو پاڻ کائي ويو ۽ باقي سندس ڪليل وات وارو سر رهجي ويو. شِوَ ديوتا پنهجي پوڄاريءَ جي اهڙي فرمانبرداري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ حڪم ڪيائين ته هن ڏئت جي منڍيءَ جي مورتيءَ کي سندس هر مندر جي در وٽ هڻيو وڃي. اهو ڏيکارڻ لاءِ ته بکيو منهن "Hungry Face" ان سچ جي ثابتي آهي ته هڪ زندگي ٻيءَ زندگيءَ کي کائيندي رهندي آهي ۽ هڪ حياتيءَ جي خاتمي ڪانپوءِ نئين حياتيءَ جي ابتدا ٿيندي آهي. جيستائين ڪو ماڻهو هن حقيقت کي تسليم نه ڪندو ته اهو شِوَ کي سمجهي به ڪونه سگهندو. هن قسم جي تصور ڪان پوءِ ميڊيٽرانين جي علامت ڏسجي ٿي، جنهن کي "سچ جو منهن" يا "سچ جو شانُ شوڪت" سڏيو ويندو آهي.



(انيروسڪان سان لاڳاپيل "سچ جو منهن" اڄ به ڏاڍو مشهور آهي. جيڪو هڪ مورتيءَ جي شڪل ۾ آهي. اهڙي مورتي پٿين يا ونگن تي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. شِوَ ديوتا واري ڏند ڪٿا موجب اهو بکيو منهن آهي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرين جي وسيع علائقن ۾ پکڙجڻ واري ابتدائي دور ۾ اتر ۽ وچ روس کان نڪري ڪي قبيلا ڏکڻ ۽ اوير ڏانهن اُسهيا هئا. ان سان گڏ ڪي قبيلا اتر اولهه ڏانهن وڌي اتر يورپ ۾ پڻ داخل ٿيا هئا. انهن جي اچڻ ڪري اُتي موجود عقيدن ۾ ڦير گهير اچي وئي هئي. اهڙيءَ ريت يورپ جي لامذهب فرقي اندر گهڻ رخو مذهبي نظام داخل ٿي ويو هو جيڪو پوڄارين جي طبقي سان لاڳاپيل ٿو. وڏي پروهت (بادشاهه) ۽ فوج جو خاص ديوتا هوندو هو جنهن کي Father god سڏيو ويندو هو جيڪو قانون ڏيندڙ به هو. هن سان گڏ جنگ جو ديوتا Warrior god به هوندو هو. هنن ديوتائن جو رنگ سفيد، نيرو ۽ ڳاڙهو هوندو هو. يورپ ۾ هن ديوتائن جا نالا مختلف هوندا هئا. جن جو دارومدار پسگردائي واريءَ ماحول تي هوندو هو. پر اسان اهڙي ساڳي طرز برهما، وشنو ۽ شِوَ ۾ ڏسي چڪا آهيون. جن جي اثر کي هندستان مان شو ديوتا گهٽ ڪري ڇڏيو هو. جڏهن ته ٻيا عام ماڻهو جيڪي فوجي ديوتا ۽ پروهت ديوتا جي پوڄا نه ڪندا هئا، سي پنهنجي فرقي جي روايتن مطابق ديوتا ۽ ديويءَ جي پوڄا ڪندا هئا، جن جي نمائندگي سائو رنگ ڪندو هو. گرين وِڪا به ان ديوتا ۽ ديويءَ جي پوڄا ڪندا هئا. جيڪي پنهنجي شڪل صورت ۾ ٻئا ديوتا هوندا هئا. هنن جو جادوئي عمل سان تعلق هوندو هو. جنهن ۾ سايون ٻوٽيون، فطري شيون Shamanic Union ۽ ان سان گڏ هڪ آفاقي قوت کي به ڪم آندو ويندو هو. انهيءَ مقصد سان ته جيئن جادو اثر ڪري سگهي ۽ ڏاهپ حاصل ڪري سگهي. انهيءَ زماني ۾ دراوڙ به نقل مڪاني ڪري اچي يورپ پهتا هئا. گرين وِڪا جي وسيع بنيادن واري مذهب اندر هنن جي عقيدن واسطي گهڻي گنجائش موجود آهي. وٽن Teutonic Pyramid جهڙا ديوتائون به آهن. هن سان گڏ ٻيون گهڻيون شيون آهن، جيڪي سنڌن عقيدن جي نمائندگي ڪري سگهن ٿيون. اهڙيءَ ريت شِوَ ۽ شڪتي ۽ Frey ۽ Freya سان ويجهي هڪ جهڙائي ممڪن آهي. اهڙي ريت سنڌ مذهب ۽ يورپ جي عام ماڻهوءَ جي ڌرم جي اصولن جي ملي وڃڻ ڪري گرين سطح وارو هڪ مذهب جڙي ويو جنهن کي گرين وڪا سڏيو ويندو آهي.

۾ Tarot جي جوڙن Suits مان موجوده دور جا تاس جا پتا نڪري نروار ٿيا آهن. جنهن ۾ شڪتيءَ کي درگا جي روپ ۾ ڏسجي ٿو جنهن سان گڏ ننڍو ترشول trident (ڏنڊيون يا لٺيون)، تلوار (ڪوڏر يا تلوار)، چيچ جو پور (پيالي يا دل) پيالو (ٿالهي يا پيچ ڪنڊو تارو) ڏسبو آهي. جڏهن ته ٿئروٽ جو ميجر آرڪنا امر Arcanum شڪتيءَ ۽ شِوَ جي مختلف روپن تان ورتو ويو آهي. پر ٿئروٽ جي اصليت جي باري ۾ مختلف خيالِ آهن. ساڳيءَ ريت ڪيترن ماڻهن جو خيال آهي ته تاس جا پتا مصر سان تعلق رکن ٿا. پر اسان کي پوري معلومات آهي ته پتا سڀ کان پهريائين هندستان ۾ نظر آيا هئا. اسان کي اها به خبر آهي ته روماني جپسي Romany Gypsies اتر اٽليءَ ۾ داخل ٿيا هئا ته هنن سان گڏ پتا هئا. اهو به امڪان آهي ته جپسي مصر مان سفر ڪندا اسپين وسيلي يورپ ۾ داخل ٿيا هجن. پر هن کان وڌيڪ دلچسپ جپسي Gypsy جو لفظ آهي. جيڪو چون ٿا ته مصر Egypt تان ورتل آهي. يورپ وارن جو اهو خيال غلط آهي ته اهي ماڻهو مصر Egypt آيا هئا. پر مورخ ۽ نسل جا ماهر anthropologists هاڻي هن ڳالهه تي متفق آهن ته اهي ماڻهو هندستان (سنڌ) کان آيا هئا. حقيقت اها آهي ته اهي ماڻهو سڌو سنئون سنڌ جي دراوڙن جو اولاد آهن. جيڪي سنڌ مان هجرت ڪري ڦرندا گهرندا، پنهنجي مذهب سان گڏ وچولي دور واري يورپ ۾ پهتا هئا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هنن کي ڪٿي قيد ڪيو ويو ته ڪٿي هنن کي قتل ڪيو ويو ۽ جتي به جنهن ملڪ واسين کي موقعو مليو ته اُن انهن سنڌن جو شڪاري جانورن جيان شڪار ڪيو. جپسي هلندا رهندا هئا ۽ سنڌن حياتي خوف خطري سان ڀرپور هئي. هو برادرين جي شڪل ۾ هلندا وتندا هئا ۽ انهن ماڻهن سان رلي ملي ڪونه سگهيا هئا. جن جي ملڪن ۾ هو سفر ڪندا رهندا هئا. هنن ماڻهن کي انهن ملڪن ۾ گهمندي ڦرندي ڪيترا نسل گذري ويا آهن. پر هو چئي ڪونه سگهندا آهن ته هيءُ يا هو اسان جو ملڪ آهي. پر ايتري ڏاڍ ڏمر سهڻ کان پوءِ به هنن پنهنجو مذهب ڪونه ڇڏيو هو تنهن ڪري هنن کي ڪافر سمجهي ڪانئن نفرت ڪئي ويندي هئي. اهڙيءَ ريت وڪا وارن جو تمام گهڻو تعداد آهي، جيڪي فخر سان چوندا آهن ته اسان جو تعلق جپسين سان آهي.

جادوءَ ٽوڻي وارو ڪم به اهي ماڻهو ڪندا هئا. جيڪي شِوَ ديوتا جا پوڄاري هوندا هئا. رومي ڪئٿلڪ جي عيسائي فرقي وارا هنن جو هوبهو نقل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا آهن. جيڪي بتسما جي رسم کان پوءِ ماٿهوءَ جي مذهبي توثيق Confirmation ڪندا آهن ۽ ماٿهوءَ جو نئون نالو رکندا آهن. شِوَ جا پوڄاري نئون نالو اهڙو رکندا آهن، جيڪو اعليٰ ۽ اُتم وجود ڏانهن اشارو هوندو آهي. جڏهن تہ رومن ڪئٿلڪ وارا ڪنهن عيسائي سنت يا ڪنهن عيسائي بزرگ يا ملائڪ جو نالو رکندا آهن. وڪا ڪنهن جادو ٽوٽي واريءَ پوڄيءَ عورت ڏانهن بہ خاص اشارو هوندو آهي، پوءِ پلي جادو ٽوٽي جو فرقو کهڙو بہ چو نہ هجي ۽ ماٿهوءَ جو نالو پين پوڄين عورتن وٽ پلي پيو هجي. پوڄيءَ عورت جي جاڳر ڪرڻ وقت ماٿهوءَ جو نئون نالو ڪم آندو ويندو آهي، جنهن کي ڳجهو رکيو ويندو آهي. ماٿهوءَ تي ڪم ڪرڻ وارو نالو Working name پوڄي پاڻ رکندي آهي ۽ اهو نالو ان وقت تائين ڳجهو رهندو جيستائين مقدس وجودن لاءِ ڪا قرباني ڏني ويندي آهي ۽ ديوتائون پاڻ پوڄيءَ جي رکيل نالي کي ظاهر ڪندا آهن (ڏسو Moura green witch craft St: paul, Llewellyn 1996) اهو ماٿهوءَ جي نالي کي ڪنهن خاص جوڙجڪ ۾ رکڻ لاءِ هوندو آهي. اهڙيءَ روايت شِوَ پوڄارين ۾ توڙي رومن ڪئٿولڪ عيسائي فرقي ۾ بہ هوندي آهي ۽ توثيق کان پوءِ جادو ٽوٽي واري فن ۾ ان ماٿهوءَ جو نالو گرو يا پروهت پاڻ ڪڍندو آهي ۽ وڏي ميڙ ۾ ان نالي جو اعلان ڪيو ويندو آهي.

لامذهب فرقي ۾ زندگي جي ديڳ Caulduon نظريو آهي، جنهن وسيلي ڌرتيءَ تي موجود زندگي جو سلسلو لاڳاپيل آهي، جنهن جو اشارو ديويءَ جي ڳرڀ ڏانهن هوندو آهي. دراوڙن جي نظام ۾ هن کي يوني چيو ويندو آهي. زندگيءَ جي شڪتي هن ديڳ وسيلي شڪل اختيار ڪندي آهي. جڏهن زندگي ختم ٿيندي آهي تہ زندگيءَ جو ڏيپ energy يا آتما موٽي اچي انهيءَ ديڳ ۾ داخل ٿيندا آهن. جيڪڏهن مختلف عقيدن ۾ موجود ساڳين روايتن کي پاڻ ۾ ملائبو تہ هڪ ثقافت بڻجي پوندي، جنهن کي اسان جديد قسم جو وڪا مذهب سڏي سگهون ٿا. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ مذڪوره وڪا فرقو سنڌ جي قديم مذهب جي بلڪل ويجهو آهي. هن فرقي جي موجوده دور جي هندو روايتن سان ڪاب ويجهڙائپ ڪانہ آهي، پوءِ پلي ديوتائن جا نالا تبديل ڪري يورپي طرز جا رکيا ويا، پر اصليت جو تسلسل موجود رهندو آهي. يورپ جي ديوين جي ٽمورتي بلڪل شڪتي آهي ۽ سڳن وارو هر يورپي ديوتا شِوُ هوندو آهي، جنهن جو هندستان اندر خاص نالو شِوُ ترئمنڪ Siva Trayambaka آهي، يعني ديوين جي ٽمورتيءَ

سان پرڻجڻ Wed to the triple goddess. زنده مذهب وقت ۽ سپيتا سان گڏ ڦرندا گهرندا رهندا آهن ۽ ارتقا ڪندا رهندا آهن ۽ مذهب اهڙين تبديلين جو مرڪز هوندو آهي، تنهن ڪري سنڌ جا ديوتائون ۽ ديويون به تبديلي تي ويون آهن. مثال طور موجوده دور جي آمريڪا جي عيسائيت اها ڪانه آهي، جيڪا چوٿينءَ صديءَ عيسويءَ ۾ هئي. (اتر آفريڪا جا ڪيترائي عيسائي سالن تائين اوچن ٿُلهن تي متي وينا هوندا هئا. انهيءَ مقصد سان ته اهي مذهب جي سچائي ۾ ثابت قدم ثابت ٿين. انهن کي اڄ عيسائي بزرگ تسليم ڪيو ويندو آهي.) ساڳيءَ ريت وڪا فرقي سان موجوده دور جا پوئلڳ به ائين ڪونه آهن، جيئن وچين دور جا پوئلڳ هوندا هئا، پر گهٽيون علامتون بلڪل ساڳيون هونديون آهن.



(روم جي ڏند ڪٿا موجب هيڪيٽ Hecate ديويءَ جي تمورتي جيڪا سنڌ جي شڪتي ديويءَ جي ٽن روپن مطابق آهي.)

يورپ جي هيڪيٽ Hecate ۽ موريگو Morrigu به اڄ تائين دراوڙي روايتن مطابق ڏسبيون آهن ۽ شِوَ ديوتا کان سواءِ شڪتي موجود آهي، جنهن کان سواءِ شڪتي موجود آهي، جنهن کي ڌوما وتي Dhumavati

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏيو ويندو آهي. جيڪا ڪک ڪراڙي عورت جي روپ ۾ هوندي آهي. اها ڪارين طاقتن ۽ ڪاري جادوءَ جي نمائندگي ڪندي آهي. ان جي مورتي ڪانوَ Crow جهڙي هوندي آهي. سنڌ جي نقطءِ نظر کان شڪتيءَ کان سواءِ اڪيلو شِوُ بہ شڪتيءَ جي علامت هوندو آهي. پوءِ يلي شڪتي جي ظاهري شڪل موجود نہ بہ هجي. پر ٻنهي جي گڏ هجڻ سان صحيح نموني واريون سرگرميون جاري رهي سگهنديون آهن ۽ طاقت جي لرزش واسطي هن جوڙيءَ جو هر هڪ شڪل ۾ گڏ رهڻ نهايت ضروري هوندي آهي ۽ پوڄا لاءِ بہ هن ديوتا جو ٻنو هجڻ لازمي هوندو آهي. پر جيئن تہ شڪتي ديوي سگهہ جي علامت هوندي آهي. تنهن ڪري آئرلئنڊ ڏانهن ويندڙ مذهب ۾ سندس حيثيت متاهين ۽ غالب رهي. ان کان سواءِ ڪيلٽڪ مذهب ۾ پڻ سندس ساڳي حيثيت برقرار رهي. ڪيلٽڪ جي جنگ جي ديويءَ جو نالو موريگو يا موريگان Morrigan آهي. سريلنڪا ۾ اها ديوي موروورگان Murugan تي وڃي ٿي. جڏهن تہ دراوڙن جي اولاد تامل نسل وٽ جنگ جو ديوتا آهي. اهو نسل مورو رگان جي پوڄا رات وجداني قسم جو ناچ ڪندو آهي، جنهن جو هٿيار ڏڦو Spear آهي. دراوڙن جو تامل نسل جنگي ديوي ڪورا وائي Korra vai جي بہ پوڄا ڪندو آهي. برٽش آئسلس ۾ هن ديويءَ جو نالو منجي ڪيريڊوِن Cerridwen تي ويو آهي. دراوڙن جو تامل نسل ذڪر هندستان ۽ سريلنڪا ڏانهن هليو ويو هو. اهڙيءَ ريت سنڌ جا دراوڙا اناطوليہ ڏانهن ويا هئا. جن کي ليڊين Lydian جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. بعد ۾ هو اتر اٽليءَ ڏانهن بہ وڌيا هئا، جتي کين ايٽروسڪان Etruscan سڏيو ويو هو. پوءِ ميڊيٽرانين علائقن کان ٿيندا اسپين پهتا. جتي آئبرين Iberian واري جوءِ جي اتر اولهہ ۾ هنن کي گاليشيا Galicia جو ڪيلٽيبري Cetiberi ڪوٺيو ويو هو. اتان کان پوءِ آئرلينڊ ويا هئا. هنن نقل مڪاني ڪندڙن جي پهرينءَ نهر کي فير بولگ Fir Bolg سڏيو ويو آهي. هنن کي پنهنجي نسل جي مهاجرن 1500 ق. م. ۾ فتح ڪري ورتو هو جيڪي پاڻ ٿئوٿاڊي دانو Tuatha de Danu چوائيندا هئا. جنهن جي معنيٰ آهي دانو ديوي جا ماڻهو. ويدڪ دور سان لاڳاپيل هن ديويءَ کي وڻن جي ديوي Tree goddess سڏيو ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جيڪو شڪتي ديويءَ جو هڪ روپ آهي. سنڌ هيءَ نالو 1600 ق.م کان 1200 ق. م. تائين گهڻو مشهور هو. هن کان پوءِ ڪيلٽڪ نالي وارن دراوڙن جي ٻي لهر آئي، جن وري ٺئوٽا ڊي دانو وارن کي فتح ڪيو هو جن هنن کان اڳ سنڌ کان نقل مڪاني ڪئي هئي.

سنڌ جي قديم مذهب جي اثر کي ڪيلٽڪ جي "وڪا" روايتن ۾ واضح طور تي ڏسي سگهجي ٿو. گالڪ Gaetic ڪيلٽڪ وڃي برٽش آئسلس ۾ آباد ٿيا هئا. جن پنهنجي نسل جي ٻن گروهن کي اتان ڪڍي ڇڏيو هو. لامذهب فرقي جون ڏند ڪٿائي روايتون آهن ته آئرلينڊ جي ماڻهن جو تعلق شِوَ جي پوڄارين سان آهي. ڪشولئن Cuchulainn جي ڪهاڻي بہ مشهور آهي، جنهن پنهنجي پٽ کي گاءِ بولگ Gae Bolg جي ڏند ڪٿائي شيشن سان قتل ڪري ڇڏيو هو. هيءَ ڏند ڪٿا بہ انڌڪ Andhaka جي ڏند ڪٿا جهڙي آهي. چيو ويندو آهي تہ انڌڪ ان وقت پيدا ٿيو هو جڏهن پاروتيءَ جي پگهر جو ڦڙو شو جي ٽينءَ اک ۾ پيو هو. مذڪوره انڌڪ پنهنجي ماءُ سان عشق ڪندو آهي، جنهن کي سندس پيءُ شِوَ ترشول هٽي ائين قتل ڪري ڇڏيو هو جيئن ڪشولئن بہ پنهنجي پٽ کي ان ترشول سان قتل ڪيو جيڪو فيئري فادر Faerie Father هن کي ڏنو هو. گاءِ بولگ Gae Bolg دراوڙي ديوتا جي هڪ علامت آهي، جيڪا ٺئوٽا ڊي دانو جي پيءُ پنهنجي ڪيلٽڪ پٽ کي ڏني هئي. بعد ۾ شِوَ پنهنجي پٽ کي ٽينءَ اک سان سارڙي رک ڪري ڇڏيو تہ جيئن هو ان کي خالص ٻٽائي سگهي ۽ زنده ڪري سگهي. اڄ ڪلهہ شو جي باري ۾ هندو ڌرم ۾ ڪيئي ٽڙيل پکڙيل ڏند ڪٿائون آهن، جن جو هڪ ٻئي سان تعلق آهي. ڪن مورخن جو خيال آهي تہ ڪنهن زماني ۾ اهي سڀ ڏند ڪٿائون فقط هڪ ڏند ڪٿا هئي، جيڪا بعد ۾ ٽڪرن ٽڪرن ۾ ورهائجي وئي، جنهن کي ويدڪ دور جي ماڻهن بار بار ورجايو آهي. اهڙيون ڏند ڪٿائون يورپ ۾ بہ رلجي ملجي ويون هيون، پر اهو چٽيءَ ريت معلوم ٿي وڃي ٿو تہ انهيءَ ڏند ڪٿا جو واسطو هندو ڌرم سان نہ پر سنڌ جي قديم مذهب سان آهي.

سج، چنڊ، وڻن، ساهدارن ۽ نانگن جي پوڄا جو رواج تامل نسل جي ماڻهن ۽ ٺئوٽا ڊي دانو جي ماڻهن ۾ آهي. چيو ويندو آهي تہ ڊي دانو

فير بولگ کي شڪست ڏني هئي. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيلٽڪ نسل جا ماڻهو بہ انهن علامتن جي پوڄا ڪندا هئا. هن سيني ماڻهن جو تعلق سنڌ جي دراوڙن سان آهي جيڪي ٻن هزارن سالن تائين يورپ ڏانهن هجرت ڪندا رهيا هئا. شِوَ پنٿين ۽ ڪيلٽڪ ماڻهن جو ماتمي رنگ زعفراني ڦڪو آهي. لاش جي دفن ڪرڻ جو طريقو بہ ٻنهي جو ساڳيو آهي. ڳيرڙيءَ red ochre جي رنگ کي زندگي جي علامت سمجهيو ويندو هو تنهن ڪري لاشن کي ڳيرڙي هنئين ويندي هئي.

هن قسم جي شاهدين جي آڌار تي تعين هينءَ ڪري سگهجي ٿو تہ يورپ جي وڪا جي لامذهب فرقيوار روايتن جو وڏو حصو سنڌ جي مذهب سان ملي ويو هو. ديوين جي ٽمورتيءَ Triple goddess جهڙي طرز ڪنواري، ماءُ ۽ ڪراڙي جهور جهڙي علامت شڪتي ديويءَ جا مختلف روپ آهن. سگهن وارو ديوتا، ٻيلي جي Lady ۽ Lord، سج ۽ چنڊ جو ديوتا ۽ ديوي، اهڙيون سڀ ڳالهيون سنڌ جي شِوَ ديوتا ۽ شڪتي ديويءَ ۾ نظر اينديون آهن. وڪا ۽ هندو ڌرم ۾ فرق صرف هن ڳالهہ جو آهي تہ وڪا ڌرم ۾ ويدڪ اثر موجود نہ آهي. يورپ جي وڪا مذهب ۾ اڄ شِوَ ۽ شڪتيءَ جي پوڄا ٿيندي آهي، جيڪي يورپ جي لامذهب فرقي ۾ لارڊ ۽ ليڊي جي روپ ۾ آهن. هن مان چڱيءَ ريت اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن آريا اچي سنڌ جي مذهب جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ نہ بڻجن ها ۽ دقيانوسين ۽ ذات واري درجہ بندي رائج نہ ڪن ها تہ اهو مذهب گهڻو ترقي ڪري وڃي ها.



(مقدس نانگ جي هيءَ تصوير ايٽروسڪان جي تاثيث تي نظر اچي ٿي، جنهن مان پتو پوي ٿو تہ نانگ پوڄا جو قديم دور ڪان وٺي رواج هو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يورپ جون جادوءَ واريون گرين روايتون مسلسل وڏيون ٿي ماحول مطابق ترقي ڪنديون رهيون هيون. ان جي برخلاف مٿئين درجي جي ماڻهن ۾ آريائي مذهبي نظام موجود هو. پر سنڌ جو مذهب به گڏوگڏ ترقي ڪري رهيو هو. هڪ صدي ق. م. دوران گنڊرسٽرپ Gunderstrup جي هڪ ديگ اچي ٿي، جيڪو قديم آثارن جو جڻ هڪ املهه خزانو هو يا من موهيندڙ مقدس نشاني هئي، جنهن ۾ سرنو نوس Cernunnos جي تصوير چٽيل آهي. جيڪو سڱن وارو ديوتا آهي، جيڪو پسو پتي Lord of Animals آهي. اهو هوبهو دراوڙي مهر ۾ نظر ايندڙ پسو پتي Lord of Beasts جهڙو آهي. هتي اسان مذهبي روايتن جو هڪ سلسلو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪو شِوَ کان وٺي ڊايونيسس تائين پکڙيل آهي. هي ديوتا هڪ غار ۾ جمي ٿو. سندس پرسان مقدس ڍڳو آهي. خوشين ملهائڻ واسطي،هڪ گڏهه تي سوار ٿي اچي ٿو. هن جو موت واقع ٿئي ٿو ۽ جلد ئي وري جيئرو ٿي وڃي ٿو.



(مٿراس Mithras طرفان ڍڳي جي قرباني. هن آريائي قسم جي ڏند ڪٿا ۾ ديويءَ سان گڏ نانگ به نظر اچي رهيا آهن. هي ابتدائي عيسائيت جي نظرئي جي سخت خلاف تصور آهي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي سارو قصو سنڌ جي پوڪي راهيءَ جي موسمن سان واسطو رکي ٿو جيڪو يورپ تائين اچي پهتو آهي. اهڙيون ڳالهيون اهي هجرت ڪندڙ ماڻهو سنڌ مان کڻي اتي پهتا هئا. انهن تصوراتي ڳالهين کي سچ سمجهيو ويو ۽ عيسائيت جهڙي راسخ العقيده منصب ۾ شامل ڪيو ويو هو.

ويدڪ مذهب سنڌ جي قديم مذهب کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. مشرق قريب جي لاوي اثر بہ هن مذهب کي ختم ڪرڻ لاءِ گهڻو پاڻ پتوڙيو هو. پر يورپ ۾ مذهبي ارتقا ٻئي قسم جي هئي، جنهن ۾ عام ماڻهو عيسائيت ۾ لامذهب فرقي جي گڏيل روايتن ۾ يقين ڪري رهيا هئا. اهڙيءَ ريت عام ماڻهوءَ جو مذهبي ورثو تباهہ ٿيڻ کان بچي ويو هو ۽ هڪ نئين مذهب جي روايتن کي متاثر ڪري رهيو هو چاڪاڻ تہ پراڻي مذهب جون رسمون اختيار ڪري ورتيون هيون. اهڙيءَ وڪا جو وڏو اوستارا کي بهار جي ديوي اوئيسٽر Oestre جو ڏينهن ڪري ملهايو ويندو هو جيڪو بعد ۾ وري عيسائين جو ايسٽر Easter بڻجي ويو هو. اهو ائين هو جيئن قديم دور جا يهودي ايسٽر Esther ملهائيندا هئا، جيڪا درحقيقت Oestre هئي، جيڪا اشطار اسطاريت Astarte اشطاري ديوي ۽ شڪتي هئي. اهڙيءَ ريت يهودي مذهب جي ڪنواري ڇوڪري ۽ ايسٽر Esther ۾ ڪو تعلق ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن ايران جي بادشاهہ کي موهڻ واسطي سادگي اختيار ڪئي هئي. ساڳيو قصو سنڌ جي پاروتيءَ ديويءَ جو آهي، جنهن شِوَ جي پيار حاصل ڪرڻ واسطي قيمتي ڪپڙا پائڻ ڇڏي ڏنا هئا ۽ سنياسين وارا سادا ڪپڙا پائڻ شروع ڪيا هئا. هڪ روايت اها بہ آهي تہ پاروتيءَ ويدڪ ديوتائن کي دئت کان بچائڻ واسطي شِوَ سان عشق ڪيو هو ۽ ان مان ڪيس هڪ پٽ بہ ڄائو هو. اهڙيءَ ريت اسان کي هڪ ٽين روايت هن ريت بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي تہ ايسٽر يهودين کي هڪ تباهہ ڪن سازش کان بچائڻ واسطي ايراني بادشاهہ سان پيار ڪيو هو.

عيسائين جا بہ وڏا ڏينهن جهڙو ايسٽر (The spring equinox) ۽ ڪرسمس (the winter solstice yule) دراصل لامذهب Pagan سان واسطو رکن ٿا ۽ اهي ڏينهن هن ٻن وڏن ڏڻن کي انهيءَ ڪري پنهنجي

مذهبي روايتن ۾ شامل ڪيو ته جيئن عام ماڻهن کي متاثر ڪري، انهن کي پنهنجي مذهب ڏانهن راغب ڪن. جڏهن عيسائيت طاقت ۽ هڪ فوج جي مالڪ بڻجي وئي ته هن لامذهب حڪمرانن کي للڪاريو هو ۽ عام ماڻهن جي مذهب کي ڪفر جي فتويٰ ڏئي، انهن کي سخت سزائون ڏنيون هيون ۽ قتل ڪيو هو. جيڪو پڙهڻ جي تڪليف گواره ڪندو ان لاءِ اهڙا دستاويز موجود آهن. اهو وايو منڊل ڏاڍو وهاڻيل هو. چوطرف سازشون، مارڌاڙ ۽ قتل عام هو. هرڪو ماڻهو پوپ هجڻ جي دعويٰ ڪري رهيو هو. گڙٻڙ اهڙي هئي، جو هڪ گهوڙي ۽ هڪ عورت کي به پوپ جي عقيدي لاءِ چونڊيو ويو هو. هڪ ٻئي سان جهيڙا زهر ڏئي مارڻ جا ۽ زنا جا واقعا به عام جام هئا. ڪرجا گهر جا اڳواڻ سياسي ۽ روحاني سرواڻ بڻيا وينا هئا، جن اهڙي قسم جي ڪِيس ۾ ڦهر جا دروازا کولي ڇڏيا هئا.

ڳرجا جو سارو جوڙجڪ اهڙو هو جو سارو شان شوڪت پوپ جي چوڌاري ڦرندو هو. اهڙيءَ ريت عيسائي مُلن ۾ مرتبي مطابق درجه بندي ٿي وئي ۽ عيسائي تسلط کي قائم رکڻ لاءِ کين علائقا به ورهائي ڏنا ويا هئا ۽ ڪنسٽنٽائين Constantine کان اڳ واري شهنشاهه جا سڀ اختيار کسيا ويا هئا. ڊايو ڪيليٽن Diocletian هڪ ڪامياب ۽طاقتور حڪمران هو جنهن شهنشاهت جي هر حصي کي ملائي متحد ڪري ورتو هو. هن پنهنجي شخصي طاقت کي ڪتب آڻي ائين ڪري ورتو هو ۽ هوريان هوريان ڪري پنهنجي مختلف علائقن dioceses کي فتح ڪري ساري شهنشاهت کي پنهنجي ضابطي هيٺ آندو هو. هن پنهنجا وزير به مقرر ڪيا هئا، جيڪي ملڪ جو انتظام هلائيندا هئا. هن کان پوءِ ڊايوڪليٽينن يوگوسلوويا هليو ويو جتي هو ڏاڍي شان شوڪت سان رهڻ لڳو هو. اتي هن گوبيءَ Cabbages جو فصل اپائڻ لڳو هو. شهنشاهت جي ڪم ڪار کي ٽوڪتا ڇئي ڇڏي ڏنو هئائين. ڪنسٽنٽائين اهڙي ماحول ۾ پهتو هو. شهنشاهت جو انتظامي جوڙجڪ ڊايوڪليٽين جي تخليق هو جيڪو هن کي جڙ ورثي ۾ مليو هو. هن فقط انهن ماڻهن کي پنهنجي انتظاميه ۾ کنيو جن تي سندس اعتبار هو ۽ کيس ويساهه هو. نه تخت لاهيندا نه وري هن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قتل ڪندا. عيسائين ڏنو تہ سنڌن سياسي طاقت هن جي زنده رهڻ سان سلهاڙيل آهي.

ڪنسٽنٽائين رومي شهنشاهت جي زوال ڪي فقط پنهنجي زندگيءَ تائين مس بچائي سگهيو هو. هڪ صديءَ کان ٿورو عرصو وڌيڪ دوران شهنشاهت تي تمام گهڻا حملا ٿيا هئا. ٿوريءَ ٿوريءَ وٿيءَ کان پوءِ روم جي ڦرلٽ ٿيندي رهي. آخر ۾ عيسائين روم وارن جو وڏو قتل عام ڪري حڪومت جون واڳون پاڻ سنڀاليون. حقيقي قصوا ئين ڪونہ آهي. رومي شهنشاهن جي زوال جو ڪارڻ اهو هو تہ عيسائي سياستدانن پنهنجي سياست جو بنياد نفرت ۽ تڪرار واري سياست تي رکيو هو. هنن ڪنسٽنٽائين جي حڪمرانيءَ دوران اهڙي حيثيت حاصل ڪري ورتي هئي، جو هنن سينيٽ مان قانون سازي جو هڪڙو سلسلو جاري ڪيو هو جن مطابق رومي شهنشاهيت جا سارا اسڪول بند تي ويا هئا. اهڙيءَ ريت جاگر وجهي اڳڪتي ڪرڻ جو سلسلو بند ٿي ويو. سيني درگاهن ۽ مندرن جا دروازا بند ٿي ويا. شهنشاهت جي حدن اندر جتي بہ لائبريريون هيون ساڙي خاڪ ڪيون ويون هيون. هنن تعليمي ماهرن، عالمن ۽ فلاسافرن کي چونڊي چونڊي قتل ڪيو. شاگردن مان بہ ڪو وانگي جيئرو ڪونہ ڇڏيائون ۽ تعيلم حاصل ڪرڻ کي قانون خلاف عمل قرار ڏنو ويو هو. ان قانون مطابق تعليم فقط اهو ماڻهو حاصل ڪري پئي سگهيو جيڪو عيسائي مُلن واريءَ سنگت جو ميمبر هجي. ان کان پوءِ چونڊ محدود هئي. عام ماڻهو تہ انجيل بہ پاڻ وٽ رکي ڪونہ سگهندو هو. صدين تائين ماڻهو پاڻ وٽ انجيل رکي ڪونہ سگهندا هئا. ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ ملڪي قانون جي خلاف ورزي هئي. ائين چوڻ بہ ڪافي ڪونہ ٿيندو تہ شهنشاهيت وحشي قسم جي حملي آورن جي ور چڙهي وئي هئي. سيني کان وڌيڪ ڪٺور ۽ ظالم جرمنيءَ جا عيسائي هئا. جيڪڏهن اوهان تاريخ جو مطالعو ڪندا تہ توهان کي اهو ضرور ڏسڻ ۾ ايندو تہ جرمن عيسائين ۽ رومي عيسائين وچ ۾ ڪو نہ ڪو تڪرار هوندو هو جيڪو پراٽسٽنٽ فرقي جي پيدا ٿيڻ تائين ختم ڪونہ ٿيو هو. اهڙن سڌارن ساري يورپ کي جنگ جي اوڙاهہ ۾ ڌڪي ڇڏيو هو. اهڙو وهاٽيل وايو

منڊل رومي شهنشاهيت جي تباهہ ٿيڻ جو پيش خيمو هو. انهيءَ زماني ۾ اهڙا گروهہ بہ موجود هئا. جن جي وڌ کان وڌ اها ڪوشش هئي تہ آرين جي سياسي ورثي وارن مذهبي ديوتائين کي اڳتي آڻجي ۽ فطرت جي ديوتائن کي پوئتي ڌڪي ڇڏجي.

رومي شهنشاهن جو وڏو حصو رومي چرچ جي ضابطي هيٺ هو. ننڍا وڏا عملدار بہ هن نظام جي ماتحت هئا. ڍلن ۽ محصولن جي وصولي بہ انهن ماڻهن جي هٿ ۾ هوندي هئي. ايتري قدر جو روم جي شهنشاهت جا بادشاهہ بہ هنن جي آڏو ڪجھہ بہ ڪونہ هئا. ٻهراڙيءَ جي لامذهب فرقي وارن ماڻهن کي سترهين صدي عيسويءَ تائين برداشت ڪيو ويو هو پر مذهب ۽ ان سان لاڳاپيل رسمون زير زمين هليون ويون هيون يا گهر جي ڪنڊ ۾ لڪي ادا ڪيون وينديون هيون يا وري انداهيءَ جو فائدو ورتو ويندو هو. هن ڪيس ۾ ڦهر واري زماني تي گهڻو لکجي چڪو آهي. ان کان سواءِ وڏيو بہ تيار ڪئي وئي آهي، جنهن کي وقت بوقت براڊ ڪاسٽ بہ ڪيو ويندو آهي، پر لامذهب فرقي ۽ ان جي پوپين سان ڪيل ظلم ۾ وڏو فرق موجود هوندو هو. اهڙن ماڻهن کي چوندي قتل ڪيو ويندو هو جيڪي زمين ۽ پئسي ڏوڪڙ جا مالڪ هوندا هئا. اهڙن سرنديءَ وارن ماڻهن لاءِ پڇا ڳاڇا بہ ڪئي ويندي هئي ۽ ڪو نہ ڪو بهانو ڏئي، هنن ملحد قسم جي ماڻهن، داين، ساين ڀوتين جي سڃاڻ رکڻ وارن ماڻهن کي قتل ڪيو ويندو هو پر هڪ رن زال ۽ پاڻهرتيءَ عورت جي ملڪيت ۽ روڪ رقم ڦرڻ هنن لاءِ چڻ تہ اڪ جي ماکي لاهڻ هوندو هو. اهڙيءَ ريت زمين ۽ ڏوڪڙن جي لالچ ۾ ڳوٺن جا ڳوٺ قتل ٿي ويندا هئا. اهڙيءَ ريت سارو علائقو انتظامي هٿن مان نڪري چڪو هو.

ان کان پوءِ هڪ ڇڙواڳ قسم جي گهرو جنگ شروع ٿي وئي، جنهن کي چرچ جي قاعدي قانون جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ هئي. بعد ۾ لامذهب قسم جي اڳواڻن پنهنجي تجربيڪار فوج جي مدد سان منجهيل ماحول کي پنهنجي هٿ وس ڪرڻ جي جاکوڙ ڪئي هئي. اسان هن معاملي کي ائين ڪونہ ڏسي رهيا آهيون تہ رڳو مذهبي ماڻهن جا گروهہ انساني رتوڇاڻ ۽ وحشت جا ذميوار هئا. پر لامذهب قسم جا

حڪمران به روم جي مذهبي عيسائي چرچ کي پنهنجي اقتدار بچائڻ لاءِ مهاڏو ڏئي رهيا هئا. اها جڙ Civil قانون ۽ چرچ جي قانون، ماڻهن جي ٺاهيل قانون ۽ خدا جي قانون لامذهب حڪمرانن ۽ چرچ طرفان مقرر ڪيل حڪمرانن وچ ۾ گهرو جنگ هئي، جنهن جي شروعات عيسائي مُلن ڪئي هئي، هنن پنهي طاقتن وچ ۾ سياسي رسا ڪشي چوٽ رهي. وڙهن سانهه لتاڙجن پوڙا. ۽ غريبن جون مڏيون ملڪيتون پنهي ڌرين جي مال غنيمت تي وينديون هيون.

هن قسم جي ڪنورتا ۽ ڏمر ڏوس هاچا ڪري ڇڏيا. وسنديون ويران، ڳوٺ تباهه ۽ شهر ويران تي ويا.جيڪي وسنديون وانڊيون سڙي خاڪ ٿيڻ کان بچي ويون، سي لٽ ڦر کان پاڻ بچائي ڪونه سگهنديون. اهڙيءَ تباهي جي سيڪيل سينن جون خبرون نئين دنيا تائين به پهچي چڪيون هيون. جڏهن يو ايس اي جو دستور لکجي رهيو هو ته ان جي بنياد رکڻ وارن ماڻهن اهو پڪو پهه ڪيو هو ته هتي سندن نئينءَ حڪومت ۾ مذهبي تعصب موجود ڪونه هوندو جنهن دنيا جي مختلف قومن کي ناس ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري هنن مذهب ۽ سرڪار کي الڳ ڪري ڇڏيو. ان جو محفوظ پاسو اهو آهي ته سياسي اڳواڻن جي چونڊ مهم دوران سياسي عهدي لاءِ مذهبي ضرورتن واري ڳالهه تي زور ڪونه ڏنو ويندو آهي، پر موجوده دور ۾ اسان ڏٺو آهي ته جڏهن مذهب ۾ دلچسپي رکندڙ سياسي گروهه ڪنهن سياسي پارٽيءَ تي هن مقصد سان غلبو حاصل ڪري وٺندو آهي ته جيئن ڪنهن مذهبي ايجنڊا تي ڪم ڪري سگهجي، ته مذهب ۽ "سول لا" وچ ۾ تڪرار پيدا ٿي پوندو آهي ۽ مذهبي نقطئه نظر کي غير قانوني طور بيانن ۽ 'ماس ميڊيا' وسيلي چونڊ مهم دوران هلايو ويندو آهي.

## يورپ ۾ تڪرار جو اُڀري اچڻ

جڏهن سنڌ جي مهاجرن جو آخري گروهه يورپ ۾ پهچي رهيو هو ته ان وقت سنڌي مهاجرن جي ماتر يومي هندو ۽ مسلمانن وچ ۾ ڇڙيل جنگ جي نتيجي ۾ تباهه ٿي رهي هئي. ٻئي ڌريون مذهب جي

سمجهاڻيءَ تي هڪ ٻئي سان وڙهي رهيون هيون. سنڌ کان آيل جپسين ۾ سنڌي رنگ موجود هو جيڪو ٻنهي ڌرين لاءِ قابل قبول ڪونه هو. جڏهن اهي ڳهندا هلندا اچي يورپ پهتا تہ هنن کان اڳ آيل جپسي سنڌ-يورپي معاشري ۾ ضم ٿي چڪا هئا. تنهن ڪري نون آيلن جپسين کي ڌاريو ۽ اوپرو سمجهيو ويو هو. توڙي جو اڳ ۾ آيل جپسين جون مذهبي روايتون عيسائي مذهبي روايتن سان رلي ملي ويون هيون، پر پوءِ بہ انهن ۾ هندستاني اثر موجود هو. ڦار وجهي ڀاڳ ٻڌائڻ وارن جپسين، يورپي ذهنن کي يونان جي ديويءَ سبليس Sibyls جي ياد ڏياري ڇڏي هئي. ان کان هنن ۾ ڪي اهڙيون روايتون بہ موجود هيون، جيڪي رومي ماڻهن ۾ بہ هيون. جپسين جون رولو قسم جون عورتون سج ديوتا جي آڏار تي اڳڪٿيون ڪنديون هيون. پوءِ اهو طريقو يورپ جي اصل باشندن کي قبول هو يا نہ. جپسين پاڻ سان درياهن ۾ وهنجڻ ۽ درياهن جي پوڄا ڪرڻ جهڙيون روايتون آنديون هيون، تنهن ڪري يورپ ۾ موجود پاڻيءَ سان لاڳاپيل تيرٿن ۽ مقدس چشمن جي پوڄا ڪرڻ وارن ماڻهن کي هڪ وڏي طاقت ملي وئي هئي.

موجوده دور جو يورپي وڪا ڌرم، سنڌ جي دراوڙي مذهبي روايتن جي يورپي لامذهب فرقي جي گرين سطح تائين روايتن جي ملي وڃڻ ڪري پيدا ٿي چڪو هو. ان جو ٻيو ڪارڻ بہ هو جو سنڌي جپسي وڪا مذهب ڏانهن ويجها ٿيڻ لڳا هئا. ڇاڪاڻ تہ اهي ٻئي ڌريون عيسائين جي تعصب واري رويي خلاف ردعمل جو هڪ جهڙو اظهار ڪري رهيون هيون. ان کان پوءِ يورپين عورتن جي باري ۾ غلط فهميون پيدا ٿيڻ لڳيون هيون، جيڪي Black Mass جو ڏينهن ملهائينديون هيون ۽ ٻيون بہ ڪي اهڙيون ڳالهيون ڪنديون هيون، جن ڪري عيسائين جي مذهبي علامتن جي توهين ٿيندي هئي. اهڙيون علامتون ۽ روايتون رومن ڪئٿلڪ مذهبي فرقي ۾ موجود هيون، جن تي هي جادوگر عورتون ٽوڪ ڏنگ ڪنديون هيون. جهڙوڪ صليب تي چڙهڻ وغيره. اهي پاڻ کي هترادو قسم جي صليب تي چاڙهي، هيڏي هوڏي لڏنديون هيون. اهو ڪو جادوگريءَ جو ڏنڊو ڪونہ هوندو هو پر عيسائي مذهب کان نفرت جو اظهار ڪيو ويندو هو جيڪو عام ماڻهن جو مذهب ٿي چڪو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي ماحول ۾ عام ماڻهو به دٻاءَ جو شڪار رهيو جنهن لاءِ هي مثال پيش ڪري سگهجي ٿو ته جڏهن استاد ڪلاس روم ۾ نه هوندو هو ته ڇوڪرا چاڪ سان بورڊ تي استاد جي ڪل جهڙي تصوير ڪڍي اچي پنهنجي شاگردن سان گڏ ويهندا هئا ۽ کلندا هئا. اهو به ماڻهن جو ڪاوڙ جو اندر مان اوبر ڪڍڻ جو هڪ طريقو هوندو هو.

Black Mass ۽ جادوگر عورتن جو سبت Sabbat هڪ ڳالهه ڪانه هوندي هئي، پر مذهبن جي مکيه ڌارا main stream ٻنهي کي هڪ سمجهندي هئي. جادوگر عورتن جي Sabbat جو اهو اصول ئي ڪونه هوندو ته ڪنهن ٻئي مذهب کي گهٽ وڌ ڳالهائي، پر اهو انسان ۽ ڌرتيءَ ۽ ڪائنات جي وچ ۾ موجود تعلقاتن جي باري ۾ هوندو هو. Sabbat ۾ منتر وغيره ڪونه اچاريا ويندا هئا. پر عيسائين جو نقل ڪري ڏيکاريو ويندو هو. اهڙيءَ ريت نيچ قسم جون ڳالهيون ڪي شيطاني ڪونه هونديون هيون. آخري قسم جي ايجاد عيسائين جي مذهب تي دارومدار رکندي، جنهن کي فقط حوالي طور ڪم آندو ويندو هو. شيطان جي پوڄا ديوتا جي انا کي تبديل ڪرڻ هو. چيو ويندو آهي ته پاڻ کي ڪجهه نه سمجهڻ ۾ بيجا خوف آتما ۽ دماغ لاءِ صحتمند ڪونه هوندو آهي. شيطاني مذهب وارن تي الزام هئا ته اهي ماڻهن کي ڇيچلائيندا ۽ عذاب ڏيندا هئا. ڪين وٽندو هو ته انهن جا عضوا به ڪپي ڇڏيندا هئا. ٻار کٽي ويندا هئا ۽ انهن کي کائي ڇڏيندا هئا. جنس پرست به ڏاڍا هئا. پر مٿن اهڙا الزام ثابت ٿي ڪونه سگهيا هئا. ليڪن اهڙا ڪيترا عيسائي آهن، جن لونءَ ڪانداريندڙ واقعا ڪري دنيا کي ڇرڪائي ڇڏيو آهي. جونس ٽائون Jonestown ۽ واڪو Waco ۾ موجود Branch Davidian اهڙا مثال آهن. جو عيسائين مٿان ضابطو رکڻ ضروري ٿي پيو آهي.

پر پوءِ به عيسائي دشمن شيطاني ڪردار جي ماڻهن کي عيسائي جادوگرياڻين سان ملائڻ ۾ ڏاڍا تڪڙا هوندا آهن. پر اهي عيسائيت کان اڳ واري وڪا فرقي جي روحانيت کي سڃاڻڻ ۾ ناڪام ٿيا آهن. سڱن وارو ديوتا، عيسائن جي خيال موجب. براين ۽ ٻچڙاين جو ديوتا ڪونه آهي. وڪا فرقي وٽ ڪوبه برو ٻچڙو ديوتا ڪونه هوندو آهي. هي ته

سخي ۽ طاقتور ديوتا آهي، جنهن جي ڪڌهن ساري دنيا پوڄا ڪندي هئي. دوزخ ته موجود ئي ڪونه هوندو آهي نورني ديوي Norse goddess کي جهنم لاءِ بچائي رکيو ويو جيڪا پاتال Underworld ۾ رهندي، جتي سيئي ماڻهو مري وڃڻ کان پوءِ نئين سر جمڻ لاءِ ترسيل هوندا آهن.

بازنطيني شهنشاهه ٿيوڊوسس Theodosus پنجين صدي عيسويءَ ۾ هڪ قانون ڻاهيو هو ته فقط هڪ قسم جي عيسائيت هجڻ گهرجي. فطري طور تي ملن ۾ ملحدانه خيالن جي ختم ڪرڻ ڪري جنگين جو سلسلو شروع ٿي ويو هو جيڪو ان وقت تائين هلندو آيو جيستائين ترڪ اسلام ڪٽي اچي نه پهتا هئا. ان کان پوءِ مقدس تثليث وارو بحث ختم ٿي ويو ۽ سيئي چوڻ لڳا ته ڪير به موجود ڪونه آهي، سندن نظريو هو ته فقط هڪ الله آهي، جنهن جي معنيٰ الله آهي. عيسائيت جي ابتدائي دور ۾ يورپ، اتر آفريڪا، يونان ۽ مشرق قريب ۾ ”ڇا اصول آهي ۽ ڇا ڪندو آهي“ جا لفظ گونجڻ لڳا هئا. عيسائي ملا ۽ مذهبي فلاسافر انجيل جي جملن جون معنائون پڇڻ لڳا هئا. ان کان سواءِ لفظن ۾ زيرن، زبرن بابت به سوال ڪندا هئا. هڪ جنگ ته آءِ ”I“ جي مٿان ڏنل نقطي تي لڳي هئي، ڇاڪاڻ ته انجيل جي پهرين مترجم کان آءِ ”I“ مٿان ٽِبڪو ڏيڻ وسري ويو هو ۽ سمجهيو پئي ويو ته اهڙي غفلت ڪرڻ ڪفر آهي. پوئين دور ۾ سمجهيو ويو ته غلطيءَ جي اصلاح ڪرڻ ڪفر آهي. ”ايڊورڊ گبن“ جو بيان آهي ته ان تڪرار ۾ پورا هڪ لک ماڻهو قتل ٿي ويا هئا. آخر ڪار اها آءِ ”I“ ڪامياب ٿي، جنهن مٿان ٽِبڪو ڏيڻ وسري ويو هو. ( Decline and Fall of Roman Europe جلد II ۽ I، هينري هولٽ ائنڊ ڪمپني 1985ع).

عيسائيت جي بنياد پوڻ وارن سالن دوران روم ۾ ”سائيبل ۽ آتس“ وارو مذهب مشهور ۽ مقبول هو. جنهن جا وڏا ڏڻ وڏيءَ ڌام ڌوم سان ملهايا ويندا هئا. آتس Attis هڪ خوبصورت نوجوان ديوتا هو جنهن جي سائيبل Cybele Goddess ديويءَ سان شادي ٿي هئي. هن ديوتا لاءِ سمجهيو ويندو هو ته چنڊ جي ڏسجڻ واري ڏينهن هو زنده رهندو هو ۽ ٽن اونداهن ڏينهن ۾ هو مري ويندو هو ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ وري جيئرو ٿي پوندو هو. اهڙي واقعي جي ڏس ۾ هڪ پيرو عيد ملهائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي هئي. روم جي گهٽين وچان هڪ وڏو جلوس نڪرندو هو. ان جي مورتي هڪ تختي تي رکي ويندي هئي ۽ ان جا پوڄاري ان تختي کي ڪلهن تي کڻي هلندا هئا. ڏند ڪٿا موجب ان کي وڻ ۾ ٽنگيو ويندو هو. بعد ۾ ڪيس هڪ قبر ۾ دفن ڪيو ويندو هو. ٽئين ڏينهن هن ديوتا جا پوڄاري مشالون ٻاري هٿن ۾ کڻندا هئا ۽ روم جي گهٽين ۾ وڏي زور سان چوندا ڊوڙندا هلندا هئا: ڏسو ڏسو هو وري اُڀريو آهي. اهڙو آواز چاٽل سچاتل هوندو هو. چاڪاڻ تہ هر سال ائين ٿيندو رهندو هو. اهڙي قسم جون مذهبي رسمون جيسي ۽ عيسائيت کان گهٽو اڳ هر سال ٿينديون رهنديون هيون. اهڙو عيسائي مذهب 150ع تائين هليو. ان زماني ۾ عيسائين جو تعداد بلڪل ٿورو هوندو هو. انهن سالن جو ڪوبہ دستاويزي ثبوت موجود ڪونہ آهي، جنهن کي گذري ويل عرصو سڏيو ويندو آهي. عيسائيت جي ايري اچڻ جي زماني دوران جان ڊومينڪ ڪروسان John Dominic Crossan عيسائيت جي موضوع تي ڪيئي ڪتاب لکيا هئا، جن The Birth of Christianity بہ آهي. هي ماڻهو رومن ڪئٿلڪ فرقي جو اڳوڻو مُلو هو. جيڪو هڪ عالم ۽ دي پال Depaul يونيورسٽي جو پروفيسر هو. هن ڪتاب جو موضوع هو تہ جيسس Jesus (حضرت عيسيٰ ﷺ) جي صليب تي چاڙهڻ کان ستت ئي پوءِ ڪهڙا واقعا نمودار ٿيا هئا، (San Francisco Harpersan Francisco 1998) سندس هن ڪتاب ۾ انجيل بابت هڪ اکر بہ چيل ڪونہ آهي. نہ وري هن ڪي اهڙيون ڪي خاص هدايتون بہ ڏنيون آهن. مذڪوره ڪتاب ۾ اهڙو حال احوال قلمبند ڪيو ويو آهي، جنهن مان سولائيءَ سان پتو پئجي سگهي ٿو تہ هن نئين مذهب انهن ماڻهن ۾ ڪهڙي طريقي سان پير پختا ڪيا هئا. جيڪي يهودي ڪونہ هئا ۽ اهڙا ماڻهو لامذهب فرقي وارن جا سهيوڳي هئا. هن حقيقت کي بہ ضرور ياد ڪرڻ گهرجي تہ هن مذهب عام ماڻهن جي خواهش ترقي ڪانہ ڪئي هئي. پر هي مذهب انهن عيسائين جي پاس ڪيل قانون مطابق متي ايري آيو هو جن کي شهنشاهہ ڪنسٽنٽائين سياسي اختيار ڏنا هئا. هنن عسيائيت جا مندر ۽ درگاهون بند ڪري ڇڏيون، جن جو واسطو عيسائي مذهب سان ڪونہ هو. ان کان سواءِ هنن ٻين

مذهبن جي ملن تي پابندي هٽي چڏي هئي يا انهن کي موت جون سزائون ڏئي ماري ڇڏيو هو. تنهن ڪري انهن غير عيسائي مذهبن جا اسڪول ئي بند ٿي ويا هئا. اهو هٿ سان وٺي مغربي تهذيب جي تعليم کي تباهه ڪيو ويو هو. انهيءَ لاءِ ته جيئن عيسائي اختيارين جي ادارن ۾ تيار ٿيندڙ تاريخ کي تسليم ڪيو وڃي. جڏهن تيرهين صدي عيسويءَ ۾ عيسائي ضابطي هيٺ تعليم جي نئين شروعات ٿي هئي ته يورپ ۾ انهن ڏاهن ماڻهن هڪ تحريڪ شروع ڪئي هئي، جن کي ملحد سڏيو ويندو ۽ ان تحريڪ کي علمي نظريو (Scholasticism) سڏيو ويندو هو. ان تحريڪ جي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ اهو هو ته اها تعليم انجيل ۽ عيسائي حڪمت عملين جي تمام گهٽي مدد ڪندي هئي.

يورپ جي لامذهب فرقي ۾ ڪرشن جون منجهيل روايتون، Cybele ۽ Attis جون مذهبي ريتون رسمون رلجي ملجي ويون هيون. انهيءَ سان گڏ ٻڌڌرم ۽ شِوَ ڌرم جون رضاڪارانه مذهبي تنظيمون به پنهنجو ڪم ڪري رهيون هيون، جن جون روايتون عيسائي مذهب جي روايتن جهڙيون هيون. ان کان ڪيئي صديون پوءِ ايران 1843ع ۾ مرزا حسين عليءَ اهڙين روايتن کي ڏسي پاڻ کي نبي سڏرايو هو. هن جي اولاد به پاڻ کي نبي ڪوٺايو هو. انهيءَ لاءِ ته جيئن پنهنجي پوئلڳن کي سنئين راهه واقف ڪندا رهن. هيءَ ته بهائي Bahai مذهب جو خالق هو جيڪو دراصل باب Bab فرقي جي پيداوار هو جنهن ۾ سيني مذهبن جا اصول اچي پاڻ ۾ ملندا هئا. هن مذهب جا ٻين کان سواءِ هي اصول شراب پيئڻ، پنڻ، غلامي ۽ گهڻين زالن سان شاديءَ جي سخت منع هئي. هي Panithcism جو قائل هو. عيسائي هن مذهب کي قديم ۽ غير اهم تصور ڪندا هئا. پر انجيل ۾ اهڙيون ڳالهيون موجود آهن ته الله تعاليٰ سيني شين ۾ موجود آهي، انجيل ۾ اهو اصول به موجود آهي ته الله تعاليٰ هر انسان جي دل اندر موجود آهي. اهڙيون حقيقتون شِوَ ۽ شڪتيءَ واري مذهب ۾ به موجود آهن.

عيسائيت جي ساري تاريخ اهڙين ڪوشش سان ڀري پئي آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته عيسائيت کي وڌ کان وڌ بهترين مذهب بنايو وڃي. اهڙي قسم جي ڪوشش جو نتيجو اهو نڪتو هو جو مختلف

عيسائي ڌريون ترارون کڻي اچي پڙ تي پهتيون هيون ته ڪير سچو ۽ ڪير ڪوڙو آهي. پوءِ ته وڏي ويڙهه ۾ جهونجهارڪو جهيڙو لڳي ويو جنهن جو ڪارڻ اهو هو ته هر ڌر پاڻ کي سچو عيسائي سمجهي رهي هئي ۽ جيسس جو حقيقي پوئلڳ تصور ڪري رهي هئي. ننڍڙن عيسائي گروهن جي هن ڪري همت افزائي ٿي رهي هئي، جو آرماگيڊن Armageddon جي آخري ڏينهن ۾ لکيل Book of Revelation ۾ تحرير ٿيل هو ته سچا ماڻهو ٿورا هوندا.

عام ماڻهو وِڪا مذهب واري فرقي جي آڌار تي مذهب اندر نئين تبديليءَ جي ڪليءَ دل سان آجيان ڪري سگهي ٿو ۽ هر قسم جي نواڻ جي توقع به ڪري سگهي ٿو جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته وڪا مذهب به ٻين مذهبن وانگر هڪ رسمي مذهب بڻجي ويندو ۽ ان جو جديد دنيا اندر ڪو ملهه به ڪونه رهندو. پوکين راهن جي ڀلي ٿيڻ لاءِ همدرديءَ واريءَ جادوئي رسم جي ضرورت ڪانه هوندي هئي. ايٽروسڪان جي مذهب مطابق ٻج ڇٽڻ تازي کيڙيل زمين ۾ مرد ۽ عورتون جنسي رسم ادا ڪنديون هيون. انهيءَ لاءِ ته جيئن پوک ڀلي ٿئي. اهڙيءَ ريت ديوتائن ڏانهن قتل ڪيل قاصدن جي لاشن کي موڪلڻ جي ضرورت ڪانه هوندي هئي، ابتدائي دور جي عيسائين ۾ به وڪا واري رسم هوندي هئي، جيڪي ديوتا ۽ ديويءَ جي رسم ادا ڪندا هئا. ساريءَ تاريخ ۾ نظر ائين اچي رهيو آهي ته طاقت جي وهڪري جي تسلسل کي قائم رکيو ويندو هو. ڇاڪاڻ ته اهڙي فطري وهڪري کي وقت جي تقاضائن موجب جديد هجڻ گهرجي انهيءَ لاءِ ته جيئن ماڻهوءَ جو نسل هڪ جڳهه تي ٽڪي ويهي نه وڃي.

هن لامذهب فرقي کي زنده ۽ طاقتور هجڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته هن مذهب ۽ رسمن کي سزائن ڏاڍو ڊانواڊول ڪري ڇڏيو آهي. ان کان سواءِ اسان کي اهو به صحيح اندازو ڪرڻ گهرجي ته هيُ مذهب ڪهڙي طريقي سان اڳتي وڌيو آهي. ان کان پوءِ اسان کي سوچڻو پوندو ته موجوده دور جي گهرجن موجب اسان کي ڇا ڪرڻو آهي. اهڙيءَ ريت هن مذهب ۾ ان جي رسمن وسيلي ماڻهو پنهنجي اصلي جڳهه کي سڃاڻي سگهندو ۽ انهن دنياوي ۽ فطري قوتن کي به ڄاڻي وٺندو جيڪي هن جي چوڌاري موجود آهن. اهڙيءَ ريت انسان کي اندر جو آٿت ۽ ٻاهر جو سڪون ملي ويندو. انهيءَ طريقي سان سنڌن پنهنجو پاڻ ۽ دنيا سان سٺا لاڳاپا قائم رهي سگهندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجون

# يورپ جي لامذهب فرقي جون علامتون: فيئري ۽ آسترو لوڪ

اسان ڪوجنا ۽ لوچنا ڪري اهو معلوم ڪري ورتو آهي تہ لامذهب فرقي جون پاڙون سنڌ جي مقدس ڌرتيءَ ۾ ڪتل آهن. اهو مذهب پهريائين مشرق قريب پهتو بعد ۾ يونان، ليديا، ايٽروريرا Etruria ۽ آخر ۾ اچي روم بہ پهتو هو. پر يورپ جي لامذهب فرقي ۾ گڏيل قسم جون مخصوص خوبيون هيون. اهڙيون ڪيتريون وڪا ڌرم جون روايتون آهن. جيڪي قديم دور جي ديوتائن جي پوڄا پاٺ جي بنيادن تي ٻيٺل آهن. جهڙوڪ Diane (Diana, Artemis) آراديا Aradia ۽ ڊايونيسس، پان Pan ۽ سرنونوس Cernunnos، فري Frey ۽ فريئا Freya، آئبس ۽ اوسيرس، شِوَ ۽ پاروتي ئي آهن. ساڳيءَ ريت ديوين جون ٺمورتيون، جهڙوڪ هيڪيٽ Hecate ۽ برجيٽ Bridget يا اناج جي ديوين جون ٺمورتيون، جهڙوڪ قديم دور جي Kore-Persephone-Demeter جي ٺمورتي وغيره. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ انهن ديوتائن ۽ ديوين جا نالا يورپي ماڻهن جي دلين تان ميسارجي ويا آهن. انهن کي نہ اهڙيون رسمون ياد آهن، نہ وري انهن رسمن ۾ موجود روحانيت ئي ياد آهي. پر هڪ اهڙي روايت موجود آهي، جيڪا مختلف مذهبن کي پاڻ ۾ ملڻ کان روڪي رهي آهي، جيڪا يونان، روم، ٿرليس ۽ ڪيلٽڪ جي ديوتائن جي ورثي سان تعلق رکي ٿي. پر منهنجو خيال آهي تہ يورپ جا ماڻهو انهن کي روم سان لاڳاپيل روايتون سمجهندو آهي، جيڪا غلط قسم جي سوچ آهي. گهڻيون پوپيون وڪا ڌرم ۾ موجود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوتائين ۽ ديوين کي فقط Lady ۽ لارڊ Lord جي نالن سان سڏينديون آهن. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ طريقي سان طالب جو قديم ۽ اڻ پورين ڏند ڪٿائن جي پيٺ ۾ مقدس وجودن سان جلد رابطو ٿي وڃي ٿو. گهڻا نالا انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪونہ هوندا آهن. پر انهن ۾ خاص خوبيون ضرور هونديون آهن. مثال طور فري Frey ديوتا ۽ فريئا Freya ديويءَ جي نالي ڪٽڻ بدران فقط Lord ۽ ليڊي جا لفظ اچاريا ويندا آهن ۽ جاڳر ڪرڻ وارو ڪم تہ اڳ ئي تيار هوندو آهي ۽ جڏهن ديوتائن کي مدد لاءِ سڏيو ويندو آهي تہ انهن نالن بدران لقب وارا نالا وٺي پڪاريو ويندو آهي.



(پيلاسجين ڊميٽر Pelasigian Demeter اناج جي ماتا ديوي Mother goddess)

مان محسوس ڪيو آهي تہ ديوتائن کي ڪنهن ڌاريءَ ٻوليءَ ۾ سڏڻ ڏاڍو من موهيندڙ لڳندو آهي، تنهن ڪري يوناني گائلڪ gaelic، مصري، هندي، سنسڪرت ۽ رومي ٻوليون ضرور سکڻ گهرجن. پنهنجي علم وڌائڻ لاءِ اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ چڱيون بہ آهن.

ڪيلٽڪ نسل جي ماڻهن جو فن ۽ روايتون اهڙيون آهن، ان ڪري نہ رڳو هنن ۽ دراوڙن ۾ هڪ جهڙائي موجود آهي، پر انهن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايٽروسڪن لوڪن وچ ۾ بہ ساڳيائپ موجود آهي. ڪيلٽڪ لوڪن جو ديوتا سڱن وارو ۽ نانگ ديوي Snake goddess آهي. اهڙا ديوتائون سنڌ ماٿريءَ، مشرق قريب ۽ ميڊيٽرانين علائقن ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ديوتائن مان هڪ ديوتا جي اهڙي بہ مورتي آهي، جيڪا يوگا جي طرز ۾ وينل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پر هن مورتيءَ واري ديوتا کي ڪير بہ سڃاڻي ڪونہ سگهيو آهي. ڪيلٽڪ لوڪ اوير ۽ اولهہ يورپ ۾ آباد هئا. اهي لوڪ موهن جي دڙي ۽ ميسينيا Mycenea جي شهنشاهت جي زوال کان پوءِ 1200 کان 700 ق. م تائين اناطوليہ، ٿريسيا، رومانيا، آئبيريا ۽ گال gaul تائين هلندا ۽ آباد ٿيندا رهيا هئا. سمجهيو ويندو هو تہ اهي Black Sea کان پار وارن علائقن جا رهاڪو هئا. هي ماڻهو سڄيءَ مورتيءَ جي نہ پر سِرن جي پوڄا ڪندا هئا. اهڙيءَ پوڄا ڪري گهڻو مشهور بہ هئا ۽ اهي سِرَ شو ديوتا ۽ درگا ديويءَ جا هوندا هئا. انهيءَ دور ۾ شِوَ کي تباهہ ڪندڙ ديوتا ۽ درگا کي مها ديوي Great goddess سڏيو ويندو هو. اهڙيءَ ريت ٽانون تي بہ انهن جي سرن جي مورتي موجود هوندي هئي. هيءَ دراوڙن ۽ ڪيلٽڪ لوڪن وچ ۾ هڪ اضافي ساڳيائپ آهي. انهيءَ زماني ۾ دراوڙن جي ديوتا کي ردر ديوتا بہ سڏيو ويندو هو.

ڪيلٽڪ لوڪن جي رهڻ وارن علائقن مان چرندڙ برندڙ روشنيءَ جا شعلا ڏسڻ ۾ ايندا هئا، جن لاءِ چيو ويندو هو تہ مري ويل جنگي جوڌن ۽ معصوم ٻارڙن جا روح آهن، ليڪن روشنيءَ جي انهن شعلن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اهي ماحولياتي قسم جون حالتون آهن. امڪان آهي تہ اهي ميٿين methane گئس جا شعلا هجن، جيڪي پاڻيءَ جي تلاون ۾ ڳرندڙ ٻوٽن ۽ ساهدارن جي ڪري پيدا ٿيندا هجن. پر صدين کان وٺي اهو سمجهيو پيو وڃي تہ اهي پريون آهن. پر اهڙين ڳالهين تي بحث ڪرڻ ڪو سولو ڪم ڪونہ آهي. ڊبيلو واءِ ايوانس وينٽز W. Y. Evans Wentz جي رسالي ۾ ڪي لوڪ ڪهاڻيون نظر اچن ٿيون. سندس اهڙين تحريرن ۾ ڪي اهڙيون شاهديون ۽ حقيقتون آهن، جن کي ٻئي جهان جون ڳالهيون Other Worldly encounters سڏيو ويندو آهي. انهن تحريرن ۾ هڪ ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ پريون Fairies يا پريون لوڪ Fairie Folk فيئري Fairie نالي هڪ علائقي ۾ رهنديون هيون. هي

انسان عيسائين کان اڳ واري دور جي ديوتائن، مري ويل ماڻهن جي روحن ۽ مخصوص قسم جي نسل جي ماڻهن تي مشمل هو. اسان جو دنيا بابت نقطئہ نظر ايترو وسيع هجڻ گهرجي، جو اهڙين اچرج جهڙين ڳالهيون عام قسم جون معمولي ڳالهيون سمجهڻ گهرجن، پر ماڻهو هن قسم جي وسيع پس منظر واسطي نهايت محدود ذهن رکندا آهن ۽ سندن ڪوشش هوندي آهي تہ اهڙين ڳالهين کي ڏٺل وائٺل واقعن مطابق سمجهائن.

جيڪڏهن اوهان ايوانس وينتز جي ڪتاب جو مطالعو ڪندا تہ اوهان نئين مذهب جي اهڙين حقيقتن کي ڏر ڪري سگهندا. جيڪي قديم قسم جي ڏند ڪٿائن کي ڪمزور ڪري رهيون آهن. اهو عيسائي ۽ لامذهب فرقي جي وچ ۾ تضاد جو نڪتو آهي، جنهن ۾ لامذهب فرقي جي اهميت گهٽ ٿيندي محسوس ٿي رهي آهي، پر اهڙا ڪيترا چٽا پڌرا تجربا هوندا آهن. جيڪي اڄ سڏيءَ ريت ڪيترن نسلن جا ماڻهو ڪتب آڻيندا آهن يا انهن تجربن کي ڪجهہ اهڙا ماڻهو ضرور ڪم آڻيندا آهن. جن کي عام طور موجوده دور جا ماڻهو ڪم ڪونہ آڻيندا آهن. سنڌو ماتريءَ جا ماڻهو ديوتائن جي علامتي نشانين کي ديوتا سمجهي ڪتب آڻيندا آهن. اهڙين علامتن کي نہ فائديمند تصور ڪيو ويندو آهي، نہ وري ڇيهو پهچائيندڙ سمجهيو ويندو آهي، ليڪن انهن کي ننڍا ديوتائون يا روح تصور ڪيو ويندو آهي. پارسين جي زوراسٽر Zoroaster مذهب ۾ بڇڙائين جو ۽ چڱاين جو خدا الڳ الڳ هوندو آهي. ديوتائون هڪ مذهب ۾ تہ ديوتائون ۽ مخالفن وٽ وري دئت يا شيطان هوندا.

دراوڙي نقطئہ نظر آئرليند ۽ ڪيلٽڪ نسل جي ماڻهن کي گهٽ متاثر ڪيو هو. سندن روايتن مان معلوم ٿيندو آهي تہ انهن جي اصليت سِڌِي Sidhi سان واسطو رکي ٿي. اهو ساڳيو اثر قديم طور جي گالس galls نسل تي غالب هوندو هو. قديم دور جا ماڻهو تمام گهڻا متحرڪ هوندا هئا ۽ موجوده دور جي ماڻهن جي تصور کان بہ وڌيڪ گهمندا ڦرندا هئا. اهي ساموندي سفر ڪندا هئا ۽ وڏن قافلن جي شڪل ۾ دنيا جي ڏورانهن ملڪن تائين پهچي سگهندا هئا. اها بہ

حقيقت آهي تہ پٿر جي دور جي يورپ جا ماڻهو پنهنجن مئن مائٽن جي لاشن کي ڳيرڙيءَ جو رنگ لائي دفن ڪندا هئا. تاريخ کان اڳ واري قديم دور جي آمريڪي ماڻهن ۾ لاشن کي دفن ڪرڻ جي ساڳي روايت موجود آهي. اهڙي ساڳيائپ ڪري معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ انهن ماڻهن ۾ ڪي ناتا واسطا ضرور هئا. اهڙيءَ ريت ايشيا ۽ يورپ جا ماڻهو بہ هڪ جڳهہ تي ٽڪي وهڻ وارا ڪونہ هئا. آريا اتر روس ۽ يوڪرائين کان هلي هندستان پهتا هئا تہ سنڌو ماتريءَ جا ماڻهو لڏي پلاڻي اوير يورپ ڏانهن وڃي رهيا هئا ۽ اناطوليہ تائين پهچي چڪا هئا. ان کان پوءِ اولهہ يورپ ۾ بہ وڃي آباد ٿيا هئا.

رومي شهنشاهيت واري دور ۾ هندستان ۽ روم جي وچ ۾ تجارتي لاڳاپا موجود هوندا هئا. روم جا ماڻهو علم حاصل ڪرڻ لاءِ هندستان ويندا رهندا هئا. ساڳيءَ ريت هندستان جا ماڻهو پنهنجي مذهب کي پکيڙڻ لاءِ رضاڪارانہ طور روم ۽ رومي شهنشاهيت جي حدن اندر واقع مختلف ملڪن جهڙوڪ مشرق قريب ۽ اتر آفريڪا ڏانهن بہ ويندا رهندا هئا. عيسائيت جي ابتدائي دور ۾ عيسائي رومي شهنشاهيت ۾ رهندڙ هندن کان تمام گهڻي نفرت ڪندا هئا. ٻي صدي عيسوي ڌارا عيسائي روم ۾ رهندڙ هندن کان مذهبي معاملن ۾ وڌيڪ تبليغ ڪندا هئا. پر صديون اڳ اڪئتانيا Aquitania جي عروج دوران عيسائي هندن جي دقيانيت ۽ روحانيت جو نقل ڪندا هئا.

عيسائين جي ابتدائي دور ۾ "سِڌِي" Sidhi لوڪن لاءِ چيو ويندو هو تہ اهي پنهنجي اصلي حيثيت تان ڪري پيل ملائڪ آهن، جيڪي جهنم ۾ جلڻ جهڙا آهن. اهي ايترا سنا ڪونہ آهن، جو بهشت ۾ رهي سگهن. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ هنن ماڻهن خدا تعاليٰ ۽ شيطان Lucifer وچ لڳندڙ جنگ ۾ ڪنهن کي ساٿ ڪونہ ڏنو هو. رومي شهنشاهيت واري زماني ۾ صبح واري ستاري Venus کي Lucifer (شيطان) سڌيو ويندو هو جيڪو ٻٽو ديوتا Androgyne چيو ويندو آهي تہ انسان ذات جي تخليق کان گهڻو اڳ ديوتائن طور "سِڌِي". لوڪن کي ڌرتيءَ تي موڪليو ويو هو. هن حقيقت ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي گنجائش ڪانہ آهي تہ اهي پهريان سڌي Sidhi شِوُ ديوتا ۽ شڪتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوي هئا. انهن سونهن پرين لوڪن Fair Folk سان بعد ۾ ڇا وهيو واپريو تنهن بابت روايت هن ريت آهي تہ دانو Danu ۽ ان جو جوڙيوال يا وڻ ديوي Tree goddess ۽ سنڌ ڌرتيءَ جو ديوتا Earth god of Sind پاڻ ۾ گڏجي رلجي ملجي ويا هئا. دراوڙا آئرليند ۾ 1200 ق. م. ڌران پهتا هئا. اهو آرين جو سنڌوءَ ماٿريءَ تي آخري حملن وارو زمانو هو. نقل مڪاني ڪندڙ دراوڙا سنڌ مان نڪري آيل اڳين دراوڙن کي اڳتي ڌڪڻ ۽ انهن جاين تي پاڻ آباد ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا هئا. اهي "سڌي" لوڪ اڄ پنهنجي اصليت ۾ اصلي مذهبي روشن مناري جي حيثيت رکن ٿا. اهي ڏند ڪٿائن ۽ تاريخ وسيلي اهڙيون پڪيون شاهديون ڏئي رهيا آهن، تنهن ڪري اهي قابل عزت آهن. ڇاڪاڻ تہ هنن سڌي ماڻهن الهنديءَ دنيا ڏانهن سفر ڪيو هو. اهي اڄ بہ اسان سان گڏ يورپ ۾ موجود آهن ۽ اهي ماڻهو جيڪي اڄ بہ ۽ ڪٿي بہ جادوگريءَ ۽ جاڳر وجهڻ واري ڏنڌي سان لاڳاپيل آهي، سي ساڻن رت جي رشتي جي دعوي ڪري سگهن ٿا.

بنيادي لفظ سِڌي ۽ انهن ماڻهن جو بنيادي نقطئہ نظر روشنيءَ سان واسطو رکي ٿو. ان ڪري ڇئي سگهجي ٿو تہ انهن ماڻهن جو تعلق شِوَ ديوتا سان هو. هي سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ سڌا Siddha آهي، جنهن جي معنيٰ طاقت سان ڀرپور هجڻ آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ديوتا ۽ ديوي جو منتر پڙهندو تہ اهو بہ "سڌو" يا طاقت ۾ ڀرپور ٿي ويندو. هندستان ۾ انهن سنتن جي نالن جو بہ منتر پڙهيو ويندو آهي، جيڪي يوگا، علم نفسيات ۽ عزت نفس جا مالڪ هوندا هئا ۽ مقدس وجودن جو درجو رکندا هئا. ان سان گڏ آتما گيان کان واقف ٿئٿا ڊي دانو Tuatha de Danu ڌرم جي اصول مطابق، ديويءَ جي شڪتي وسيلي جيئڻ جو هڪ اتساهہ حاصل ٿي ويندو هو جيڪا مذهبي علم جي لاءِ مهديءَ جو هڪ روپ هوندي آهي. گرين وڪا جي ڌرم جو بہ مکيہ اصول اهو آهي تہ پنهنجي زندگي فطرت جي قاعدن قانونن مطابق گذاريندا سون، تہ اسان طاقت واريءَ زندگيءَ سان ڳنڍيل هونداسون ۽ اسان جو وجود مقدس وجود سان ملي هڪ ٿي ويندو دراوڙا بہ ٿئاٿا ڊي دانو هئا، جيڪي دانو جي روپ ۾ شڪتيءَ جي پوڄا ڪندا هئا. اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوي نانگن ۽ وڻن سان گڏ ڏسبي ھئي. اھڙيءَ طرح اھي مذھبي منتر پڙھي سڌا Siddha تي ويندا ھئا. پريِ نالي وارن لوڪن Fairy peoples جو اھو اصولي طريقو ھو.

جڏھن ڪيلٽڪ لوڪن اڳتي وڌي ٽناٽا دي دانو جي پوڄارين کي شڪست ڏني ھئي، تہ انھن سندن عزت خاطر انھن جون مذھبي روايتون اختيار ڪري ورتيون ھيون. اھو ئي ڪارڻ آھي جو ڪيلٽڪ لوڪن ۾ سنڌ جي مذھب جون روايتون موجود نظر اينديون آھن. اھي ماڻھو جبلن جي چوٽين تي نھيل مندرن ۾ وچي ديوي ۽ ديوتائن کي گلن، اناج ۽ ماکيءَ جون باسون ڏيندا آھن. گلن ۽ کير جي باس ڏيڻ سان گڏ شِوَ ديوتا جي پوڄا ڪئي ويندي آھي. ڪيلٽڪ لوڪ Fair Folk جي پوڄا واسطي کير جي باس بہ ڏيندا ھئا. اھي ماڻھو elves کي پڏائيندا ھئا تہ اھي Fair folk جا عقيدتمند آھن ۽ عقيدت وچان پنھنجي گھرن جي درن وٽ Rose mary جا ٻوٽا پوکيندا آھن. ان سان گڏ انھيءَ مقصد سان ڏوپ جو واس ڪندا ھئا تہ جيئن ٻين ماڻھن جون آسون حاصل ڪري سگھن. اھڙيءَ ريت Faeries ماڻھن سان گڏ سائو رنگ بہ ھوندو ھو. وچين دور جا ماڻھو ھن رنگ جي ويس کي پنھنجي قصن ۽ ڪھاڻين ۾ ورجائيندا رھندا ھئا. اھڙو بيان ڪڏھن شاعريءَ جي روپ ۾ بہ ڪيو ويندو ھو جنن ٻوتن elves سان ويجھڙائي رکڻ وارا ماڻھو ھميشه سائي رنگ جا ڪپڙا پائيندا ھئا. جڏھن تہ عام ماڻھو ھن رنگ کي نياڳو سمجھندا ھئا. ڪيلٽڪ دنيا اندر سائي رنگ جي ڪپڙن پائڻ تي سخت پابندي ھوندي ھئي.

ٽيوٽونڪ Teutonic مذھبي نظام ۾ سائي رنگ جي ڪپڙن جو رواج ھوندو ھو جيڪو وڪا وارن جو بہ مذھب ھو پر جيتري قدر عمل ڪرڻ جو تعلق آھي تہ ان جو فطرت جي ديوتا ۽ ديوي ۽ انھن جي علامتن سان واسطو آھي.

چيو ويندو آھي تہ سئنٽ پيٽرڪ Saint Patrick ڪيلٽڪ لوڪن جي قيد خاني مان ڀڄي نڪتو ھو ۽ آئرلينڊ پھچي ھن پنھنجي قيدين جو مذھب مٽايو ھو. ھڪ ڏند ڪٿا موجب ھن بنديخاني ۾ موجود نانگن کي آجو ڪري ڇڏيو ھو انھيءَ مقصد سان نہ تہ اھي پنھجي

مرضيءَ موجب ڌرتيءَ تي وچي آزاديءَ سان گهمن ڦرن، پر هو ائين ڪري ”سڌي“ Sidhe لوڪن کي نڪري وڃڻ لاءِ مجبور ڪري رهيو هو. سندس مرضي هئي تہ سڌي لوڪ وٽن ۽ نانگن جي مذهب سان گڏ ڪيڏانهن نڪري هليا وڃن يا ڪيڏانهن گم ٿي وڃن. اڄ بہ گهڻيون يوپيون هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏي چونديون آهن تہ ”اهو اتي موجود هو“ يا ”اهو ڪم ٿي چڪو آهي“. آئرلئنڊ جي ابتدائي دور جي عيسائي ڏندڪٿا آهي تہ عيسائيت جي مبلغن جي سڌي لوڪن وڏي آجيان ڪئي هئي. دوستيءَ جو مظاهرو ڪندي شراب جي پيالي جي آڇ ڪئي هئي. سندن اهڙو مظاهرو ان مقصد سان هو تہ جيئن نون آيل ماڻهن سان پيار ۽ پاڀوهہ سان گڏ رهي سگهجي، پر سئنٽ پئٽرڪ اهڙين روايتن ڏانهن اک کڻي بہ ڪونہ ڏٺو هو. شراب جي پيالي کي هڪ پاسي اڇلائي، ڪين چيو هئائين تہ اسان ٻنهي ڌرين ۾ ناهہ فقط هن ريت ممڪن آهي تہ يا توهان عيسائي ٿي وڃو يا ڪيڏانهن هليا وڃو. تنهن تي سِڌي بادشاهہ ڪيس وراڻيو هو تہ، عيسائي ٿيڻ کان بهتر آهي تہ هي ملڪ ڇڏي ۽ پنهنجي ماڻهن کي ساڻ ڪري، سمنڊ پار هليو وڃان، پر منهنجي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ هي ملڪ جهيڙي جنگ جي جڙ، فتني ۽ فساد جو ميدان بڻجي ويندو ۽ ان وقت تائين ڏوس، ڏمر، ڏک ۽ ڏچا هن ملڪ تان ڪونہ لهندا. جيستائين عيسائي ماڻُ مرجاتا ۽ فضيلتون نہ سکندا. چيو ويندو آهي تہ سڌي Faeri Folk ٻيڙين ۾ چڙهي ڪنهن نئين دنيا ڏانهن هليا ويا. انهن مان ڪي اسڪاٽ لئنڊ ۽ اسڪاٽ لئنڊ جي ٻيٽن ڏانهن هليا ويا هئا. برطانيہ جي ٻيٽن جي رهاڪن جي پيٽ ۾ اسڪاٽ لئنڊ جا ماڻهو پنهنجي لامذهب فرقي کي وڏيڪ چنبڙيا رهيا هئا. موجوده دور جو ”پنڪا وڪا“ جو لامذهب فرقو اسڪاٽ لئنڊ جي لامذهب فرقي جي مذهبي روايتن تان ورتو ويو آهي. اتر آمريڪا جي اصلي ماڻهن وٽ بہ اهڙيون لوڪ ڪهاڻيون آهن، جن ۾ Faeri Folk جو ذڪر هوندو آهي. هنن ۽ يورپ جي Fairi Folk بابت لوڪ ڪهاڻيون بہ بلڪل ساڳيون آهن.

اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ Faeri Folk لوڪن کي Other People جي نالي سان سڏيو ويندو هو. جيڪڏهن هن نالي جا پويان پيرا کڻبا تہ

اچي شِوَ ديوتا وٽ بيهبو. ڇاڪاڻ تہ هن ديوتا کي بہ Another جي نالي سان سڏيو ويندوهو. ڪڏهن ڪيس Other جي نالي سان بہ ڪوٺيو ويندو هو. اهو سندس شخصي خدا وارو نالو هو. اهڙيءَ ريت هن جي پوڄارين کي ”سندس ماڻهو“ چيو ويندو هو. گهڻو ڪري ائين بہ ٿيندو آهي، جو ماڻهو ان ديوتا جي نالي سان سڏيا ويندا آهن، جنهن جي اهي پوڄا ڪندا آهن. انهيءَ تي وقت جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيندو آهي، نہ هن کي دائم هجڻ واري ڳالهہ متاثر ڪري سگهندي آهي ۽ نہ وري هن کي تخليق ڪرڻ وارو سلسلو متاثر ڪري سگهندو آهي، جنهن جو خالق هو پاڻ هوندو آهي. ويد جي ابتدائي دور وارن آرين شِوَ کي فطرت طرفان تير انداز ڪري ڏيکاريو آهي. هن بابت اهڙو تصور هرني Herne شڪاري جي ياد ڏياري ٿو. اهو وچين دور جو تصور آهي، جنهن ۾ موت کي تير انداز ڪري ڏيکاريو ويو آهي. شِوَ لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهو ماڻهن کي انڌا ڌنڌ تير هڻندو آهي، جنهن ڪري اهي مري پوندا آهن يا بيمار ٿي پوندا آهن. اهو تصور Faery Folk جي جنن طرفان تير elf shot واري نقطئہ نظر سان هڪجهڙائي رکي ٿو. اهڙيءَ ريت elf جو نالو بہ ميسوپوٽاميا سان واسطو رکي ٿو. جنهن جي معنيٰ ايل EL ديوتا آهي. سفيد ڍڳو شو جي سواري هوندو آهي. جيڪو مقدس ڍڳي جي شڪل ۾ مشرق قريب جي تهذيب جي ابتدائي حصي ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ساڳيءَ ريت ميڊيٽرانين علائقن ۾ مقدس ڍڳي جي شڪل ۾ موجود آهي. اهڙو ساڳيو ڍڳو ڪيلٽڪ ڏند ڪٿا ۾ بہ موجود آهي، جيڪو مخالف ديوتائين جي ورثي ٽئوٽا ڊي دانو ۾ نظر اچي ٿو. هن خاص قصي جو واسطو ڪشولئن Cuchulainn جنگ سان آهي، جيڪا پوري رنگ جي ڍڳي تان چڙهي پئي هئي.

هن حقيقت تي ضرور ڌيان ڏيڻ گهرجي تہ دانو جي ماڻهن جو نالو سنسڪرت ۾ موجود ڏسجي ٿو. دانو Fairie Folk جي ديوي پڻ آهي. دراوڙي روايتن ۾ بہ هن کي سڪر سٽائي جي ديوي ۽ ماڻهن کي کائڻ واري ديوي بہ چيو ويندو آهي. هنن ٻنهي مان هڪ روپ پاروتي جو ۽ ٻيو روپ ڪالي ديويءَ جو آهي ۽ هي ٻئي روپ شڪتي ديويءَ جا آهن. بريجٽ Bridget علم جي ديوي آهي، جيڪو دانو جو هڪ روپ آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جي اڄ بہ ڪيٽلڪ سئنٽ جي روپ ۾ پوڄا ڪئي ويندي آهي. سويڊن ۽ ناروي ۾ ڪن مقدس ماڳن جو نالو نائسا Nysa آهي. Faery Folk کي بہ انهيءَ نالي ايلوز Elves يا نائسا Nysa جي نالي سان سڏيندا آهن. يوناني ڏند ڪٿا ۾ نائسا جبل اهو ماڳ آهي، شِوَ ديوتا جي روپ ڊايونيسس Dionysus، بئڪانٽس Bacchantes جا وڏا ڏڻ تخليق ڪيا هئا. هنن نالن جو ذريعو هندستاني لفظ نسا Nisah آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سڀ کان اعليٰ. هي لفظ شِوَ ديوتا جو لقب بہ آهي. هڪ روايت اها بہ آهي فيئري فاڪ بدلجي لوهہ ٻڌجي ويا هئا. هن ڌاتوءَ کي پهريائين آرين لوڪن دريافت ڪيو هو. هي قصو ڪنجهي جي دور جي ماڻهن سان واسطو رکي ٿو جن کي طاقتور دشمن پنهنجي ڌرتيءَ کان ڀوڙائي ڪڍي ڇڏيو هو جن وٽ لوهہ جا ٺهيل بهترين هٿيار هئا. فيئري ۽ فاڪ سان لاڳاپيل جادوءَ کي ڪڏهن شان ۽ وقار glamour بہ سڏيو ويندو هو تہ چالاڪي يا حرفت بہ سڏيو ويندو هو. اهڙيون حرفت ۽ چالاڪيءَ سان لاڳاپيل خوبيون ۽ خاصيتون شو ديوتا ۾ بہ موجود هيون. هي ديوتا پنهنجي اتڪل ۽ حرفت سان هٺ ۽ وڏائيءَ وارن جو تڪبر ڀڃي ڇڏيندو هو. ڪيس لتا ڪپڙا نهايت سادا پاتل آهن ۽ پاڻ بہ ڏسڻ ۾ سادو اچي ٿو. جڏهن ٻين سان حرفت ۽ چالاڪي ڪندو آهي تہ هن کي اٿين ڪندي فقط پاروتي ڏسي سگهندي آهي. سندس سچا عقيدت مند ڏسي سگهندا آهن تہ هو سيني کان اعليٰ ۽ اوچو ديوتا آهي ۽ ويدن جي قانون ۽ مذهب کان متاهون آهي. هو اڳ ئي ڏسي چڪو هوندو آهي تہ جاچ پڙتال ڪهڙي طرف کان شروع ٿي رهي آهي. جڏهن اهڙيون شاهديون مڪمل ٿي وينديون آهن تہ گهربل تصوير ايري ايندي آهي ۽ دائرو مڪمل ٿي ويندو آهي.

”سِڌي“ مذهب جو تعلق ڪيلٽ لوڪن ۽ يورپ جي لامذهب فرقي سان آهي ۽ اهو ورثو ڪين سنڌ کان ورثي ۾ مليو آهي. سنڌو يورپي Indo European ماڻهو جڏهن مغربي مذهب سان لاڳاپيل آهن. چاڪاڻ تہ سنڌ جي ماڻهن پنهنجي مذهب سان گڏ سفر ڪيو هو. ڪيترا هزار سال ٿيا جو سنڌ جو مذهبي تصور مشرق قريب ۽ يورپ ۾ پهتو هو. انهن ڏار ڏار علائقن ۾ هڪ جهڙو وڌيو ۽ ويجهيو آهي. بعد ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن علائقن جي ضرورتن ۾ ماحول مطابق ترقي ڪندو رهيو آهي. اهي ساڳيا عقيدا آرين وسيلي موٽي اچي سنڌ پهتا هئا. آرين جو مذهب پهريائين "گرين وڪا" جي صورت ۾ يورپ پهتو هو. ان کان پوءِ آريائي ۽ سنڌي مذهب جو گڏيل روپ وٺي عيسائيت جي شڪل ۾ آيو هو.

اهڙيءَ ريت لامذهب فرقي جي ديوي حضرت مريم Marry جي شڪل ۾ نظر اچي ٿي، جيڪا خدا جي ماءُ بہ آهي. ڪيترا مقدس ڪوهہ ۽ ٻيا ماڳ عيسائي بزرگن جي نالي ڪيا ويا آهن، جهڙوڪ لوسيا lucia ۽ برجٽ وغيره. هن ديويءَ کي ڪئٿلڪ، انگليڪن Anglican ۽ ايپسيڪوپل Epsicopal مذهب وارن مڪمل طور پنهنجو ڪري ورتو آهي. پر پوئين دور جي پراٽيسٽنٽ فرقي اهڙين ڳالهين کي رد ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ۾ پيوريٽنس Puritans ميٿڊسٽ Methodists ۽ بئپسٽسٽ Baptists بہ اچي وڃن ٿا. پوئين دور جي مذهبن ۾ هن جو ڪردار نماڻائيءَ ۽ نهٺائيءَ واري علامت هوندو آهي، انهيءَ لاءِ تہ جيئن اها بچائيندڙ Savior (حضرت عيسيٰ) جي جمڻ جو وسيلو بڻجي سگهي. قديم مذهبن ۾ هن جي مقدس چشمن، کوهن، جڙين ٻوٽين، صحت بخش پاڻيءَ کي اجا عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏنو ويندو آهي. جڏهن تہ قديم درگاهون ۽ مندر، گرجا گهرن ۾ Cathedrals ۾ مختلف مذهبن جي سهائتا ڪندا آهن. پر پوءِ بہ جاگير ڪرڻ واري پوڄيءَ کي چنڊ جي ديوي ۽ روحاني رمزن جي استاد سمجهيو ويندو آهي.

يورپ جي لامذهب فرقي جو سڱن وارو ديوتا ۽ جديد دور جي جادوگرياڻيءَ جو شِوَ ديوتا کان شروع ٿئي ٿو جيڪو پسو پتي آهي ۽ جهنگلي ساهدارن ۽ ٻيلن جو محافظ آهي.

هن جي رهڻ جا مقدس ماڳ فطرت، غار، چشما، جبل ۽ اڪيلائيءَ واريون جڳهون آهن، جتي ماٿ چانيل هوندي آهي. موجوده دور جي اصطلاح موجب اهو هرني Herne يا شڪاري آهي، پاڇن Shadows جو ديوتا، سرنونس Cernunnos ۽ Faire بادشاهہ اوبيرون Oberon آهي. هو پسو پتيءَ جي حيثيت ۾ هو ماڻهن کي ياد ڏياريندو آهي تہ اهي ساهدارن جي فطرت کي سهڻ جي ڪوشش ڪن ۽ جهنگلي جانورن جا دوست بڻجن. جيڪڏهن سندس پوئلڳ

هن جو چوڻ مڃيندا تہ سنڌس ڏڻ ٻڌجي ويندا. هندو ڌرم ۾ شِوَ جو ڪردار بهترين ريڊار هجڻ جو آهي.

ٽيوٽونڪ مذهبي فرقي جا مکيہ ديوتائون آسير Aesir، وانير Vanir آهن. آسير انهن ديوتائن جي نمائندگي ڪري ٿو جيڪي سماجي شعور، قانون ۽ سماجي نظام جي نمائندگي ڪندا آهن. هي مڪاني قسم جو گهرو ديوتا اوڊين Odien آهي، جيڪو ٽيوٽونڪ مذهب جي ديوتائن ۽ ديوين ۾ اهم حيثيت رکندو آهي. سندس زال جو نالو فريگا Frigga آهي، جيڪا رڌ پچاءَ جي ديوي آهي ۽ هن جو تعلق گهرو معاملن سان هوندو آهي. هيءَ مردن جي غلبي واري سماج ۾ عورت ديوي آهي. پر هيءَ مڪمل تصوير ڪانہ آهي ۽ طاقتور ديوتائون آسير Aesir ۽ وانير Vanir آهن. هنن ۾ مکيہ ديوتائون فري ۽ فريئا آهن. هنن جو دور آرين ۽ تاريخ کان اڳ واري زماني سان آهي، هنن ۾ هي مان ديوي وڏيڪ طاقتور آهي، جيڪا پنهنجي مرضيءَ سان آسير واري علائقي ڏانهن هلي ويندي آهي.

هن ديويءَ جو فطرت واري ڦيري تي مڪمل ضابطو هوندو آهي. هو جادوئي طاقت جي مالڪ بہ هوندي آهي، جنهن کي سيڌ Seidh يا سيٿ Seith سڏيو ويندو آهي. هن جو تعلق دراوڙن سان ائين آهي، جيئن هنن جو Fairies سان لاڳاپو آهي، فريئا پنهنجي جادوءَ ۾ فطري شيون ڪم آڻيندي آهي، جنهن ۾ جنسي عمل بہ شامل هوندو آهي. اهڙو جنسي عمل اوپير جي تنترڪ فرقي ۾ بہ موجود ڏسجي ٿو جن جي مذهب جو بنياد باهہ ۽ برف هوندو آهي. ان تصور جو واسطو ۾ هي جهانن سان هوندو آهي، جيڪو آرين کان اڳ واري زماني سان تعلق رکندڙ آهي. ليڪن هن درجہ بنديءَ ۾ هڪ وڏيڪ عنصر بہ شامل آهي، جنهن جي نمائندگي ٿور Thor يا گجگوڙ ڪندي آهي، جيڪو فوجي طبقي جو ديوتا هوندو آهي. هندو ڌرم ۾ اهڙو ديوتا اِندر آهي، جيڪو ويدڪ دور جو جنگجو ديوتا هوندو آهي.

ابتدائي مرحلي دوران اتر واري روايت ذڪڻ واريءَ روايت سان ساڳيائپ رکندي هئي، پر پوءِ ڪو اهڙو واقعو پيش آيو جو ۾ هي روايتن ۾ فرق اچي ويو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ 30000 ق. م. دوران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو ماٿريءَ ۾ تجارتي قسم جي سڀيتا پيدا ٿي چڪي هئي. جنهن ۾ نہ مندر هئا, نہ منظم قسم جي مذهبي شڪل موجود هئي, نہ وري ڪو مرڪزي اختياري ڍَسڻ ۾ اچي ٿي. مذهبي قسم جي پوڄا ۽ پاٺ شخصي معاملو هوندو هو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ ميڙاڪن جي شڪل ۾ سڪر سٽائي ۽ Solstice جو وڏو ڏڻ ڪونہ ملهايو ويندو هو. نہ وري هڪ جيترن ڏينهن, نہ چنڊ جي مختلف مرحلن. نہ وري پوک جي مختلف مرحلن جا ڏينهن ملهايا ويندا هئا. اتر ۾ ساڳيءَ روايت جي ابتدا ٿي هئي. ان طرف واري آبهوا ۽ زمين اهڙي ڪانہ هئي, جو اتي تجارت جي ابتدا ٿي سگهي. ان ڪري سنڌو ماٿري جي ان حصي جي طرز زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي اچي ڪانہ سگهي هئي. سماجي ترقيءَ ڪري ٻِگوٺن ۾ بہ ترقي اچي رهي هئي ۽ آدمشماري وڌي رهي هئي. انهن ماڻهن ۾ ڪي اڳواڻ بہ پيدا ٿي رهيا هئا. جيڪي عام ماڻهن جي رهبري ڪري رهيا هئا.



(تباهہ ڪندڙ شِوَ جنهن اندر روشني جو هڪ دائرو موجود آهي. شِوَ هتي چمڪندڙ محسوس ٿي رهيو آهي. روشنيءَ جا اهڙا دائرا عيسائيت جي پوئين دور جي فن ۾ نظر اچن ٿا.)

انهن اڳواڻن کي معاشري کي بچائڻ جي ضرورت هئي, تنهن ڪري انهن کي ٻين ماڻهن جي سهائتا جي لوڙ هئي, انهيءَ لاءِ تہ جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي حڪمراني جو بچاءُ ڪري سگهن. ان ڪري فوجي طبقو پيدا ٿي پيو هو. عام ماڻهو ديوتا ۽ ديويءَ جي پوڄا ڪندو هو تنهن ڪري هو مذهبي رسمون ادا ڪندو ۽ فطرت سان لاڳاپيل جادو منتر به پڙهندو هو. اهڙين رسمن ادا ڪرڻ وارين کي سايون پوپيون Green Witches سڏيو ويندو هو. جيڪڏهن حڪمران ساڳين ديوتائن ۽ ديوين جي پوڄا ڪن ها ته انهن جي اختيارن ۾ ڪا طاقت ڪانه هجي ها. تنهن ڪري انهن جي مرضي هئي ته اهي پنهنجي رعيت کان منفرد ڏسڻ ۾ اچن. ان ڪري حڪمرانن لاءِ فوج جوڙڻ للڪار بڻجي پوي ها. جڏهن اعليٰ قسم جا هٿيار اچي ويا ۽ جنگي فن جو ڏاڻ اچي ويو ته آريا قبيلا پيدا ٿي پيا هئا. فريئا Freya به سڪر سٽائي جي ديوي هئي، جيڪا جنگي طاقت جي نمائندگي ڪانه ڪري رهي هئي. ساڳي ريت فري (Frey) جيمز جي محبت نيڪ ۽ شريف ڪردار جي نمائندگيءَ لاءِ مناسب معلوم ٿي رهيو هو. جڏهن ته فريئا خدا جي ماتا Mother god جي نمائندگيءَ لاءِ مناسب نظر اچي رهي هئي. هي ٻئي ان خدا جي آڏو نماڻا ۽ نهنا وجود هئا، جيڪو تمام طاقتور هو.

ابتدائي دور ۾ سردار عيسائي يورپ جي تاريخ وارن بادشاهن وانگر ڪونه هئا. انهن جي فوج به هارين ۽ ڌنارن مان چونڊي وئي هئي، جن معاشري ۾ پنهنجي سردارن جي بچاءَ لاءِ هٿيار هٿن ۾ کنيا هئا. هنن فوجين کي سرحدن جي وسعت واسطي به ڪتب آندو ويندو هو. وِلڊيو رانٽ جو بيان آهي ته آرين جي ٻوليءَ ۾ جنگ جي لفظ جي معنيٰ هوندي هئي، وڌ کان وڌ چوپايو مال هٿ ڪرڻ. آرين لوڪن جون صحتمند عورتون به فوج جو حصو هونديون هيون. پر پرڻجڻ کان پوءِ پنهنجي خاندان ۽ رڌ پچاءَ لاءِ مخصوص ٿي وينديون هيون. هن دور کان صديون پوءِ بادشاهت جي خدا طرفان مليل حق جو اصول پيدا ٿيو هو ۽ بادشاهه پنهنجي فوج جي آڌار تي انهن غلامن مٿان راڄ ڪندا هئا، جيڪي هڪ جاءِ تي ويهي حڪمرانن لاءِ ان اپائيندا هئا. تنهن ڪري حڪمران لاءِ نئين ديوتا پيدا ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي هئي. ان مقصد لاءِ موزون ديوتا اوڊين Odin هو جيڪو سماجي نظام ۾ نئين جادوءَ Runes جو به ديوتا هو. هن ديوتا جي پوڄا معاشري جو چونڊ گروهه ڪندو هو جنهن ۾ حڪمران ۽ فوجي طبقو شامل هو.

فوجين کي هڪ جدا ديوتا جي ضرورت هئي، جيڪو کين جنگ ۾ فتح لاءِ دعائون ڪري سهائتا ڏي ۽ هارين نارين کان جدا ڪري بيهاري، جيڪي گرين وڪا هوندا هئا ۽ اهي وانير Vanir جي پوڄا ڪندا هئا. اهڙيءَ ريت فوجي جنگ جي ديوتا "ٿور" جي پوڄا ڪندا هئا.

هي اهو دور هو جڏهن پنهي جنس ۾ مذهبي طور فرق اچڻ شروع ٿي ويو هو ۽ مرداڻي سماج عورت مٿان غالب ٿيڻ شروع ڪيو هو. اهڙو ڪم مذهبي ملي جي هٿ ۾ ڏنو ويو هو جيڪو فوجين جو ويجهو مائٽ هو. ديوتا آڏو قرباني ڏيڻ وارن اصولن جي رکوا نهن مذهبي ملن کي چاڙهڻ هوندي هئي، جيڪي فوجي طبقي جا مقرر ڪيل هئا ۽ معاشري مٿان راڄ ڪندا هئا.

اهڙي ماحول مان محسوس ائين ٿي رهيو آهي ته آرين واسطي وانير ديوتا جي پوڄا ڪرڻ ڪنهن صدمي کان گهٽ ڪونه هو. جڏهن اهي ڏکڻ طرف فتحن جي مقصد سان پيش قدمي ڪري رهيا هئا ته ان ديوتا جي پوڄا پاڻ هنن لاءِ ڏچو بڻجي ويو هو. اهو طريقو ڏکڻ وارن ماڻهن ۽ هارين نارين لاءِ عزت ۽ احترام وارو ۽ فوجي طبقي جي طاقت ۽ نون پيدا ڪيل ديوتائن لاءِ خطرو هو. آرين ۽ سنڌو ماتريءَ جي ماڻهن ۾ بنيادي فرق هٿيارن جو هو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته آريا پهريائين ڪنجهي bronze ۽ پوءِ لوهه جا هٿيار ڪم آڻيندا هئا. ان کان سواءِ آريا لوڪن سفر دوران رٿن کي ڪتب آندو هو جيڪي گهوڙا ڇڪيندا هئا. تنهن ڪري هنن جي جنگي طاقت ۾ گهڻو اضافو اچي ويو هو ۽ سنڌن چرپر جي رفتار به وڌي وئي هئي، جنهن جو ڏکڻ وارا ماڻهو مقابلو ڪري ڪونه ٿي سگهيا.

آرين صدين تائين لوهه واري راز کي لڪائي رکيو هو جيڪو سنڌن طاقت جو هڪ اهم وسيلو هو. ولڊيورانٽ ٻڌائي ٿو ته حتي Hittite آرين، دجله ۽ فرات وارن علائقن کي 1925 ق.م کان 1800 ق. م. تائين فتح ڪري ورتو هو. پورين ڇئن صدين تائين آرين جي سهيوڳين کي لوهه جي راز جي خبر ڪانه هئي، ڇاڪاڻ ته اهڙي ڄاڻ پٽ ۽ پوٽي کي ورثي ۾ ملندي هئي. ان کان ٿورو پوءِ حتي لوڪ تاريخ مان غائب ٿي وڃن ٿا. اهو به ڪو اتفاقي واقعو ڪونه هو جو Fairies

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

folk کي لوڪ جي چاڻ ملي وئي هئي، جنهن سنڌن تصوراتي دنيا کي تباھہ ڪري ڇڏيو هو.

اهو بہ غلط تصور آهي تہ تهذيب جي ابتدا آرين کان شروع ٿي آهي. اهڙي تصور موجوده دور جي تحقيق کي منجهائي رکيو آهي. فنلئنڊ، هنگري، ترڪمانستان، ايسڪيموز ۽ منگوليا جي ٻولين جو واسطو دراوڙي ٻوليءَ سان آهي. اهڙي وايومنڊل مان پتو پوي ٿو تہ سنڌ جا دراوڙا وسيع علائقن تائين وچي پهتا هئا. عالمن ۽ محققن جي راءِ آهي تہ دراوڙن آرين جي حملن کان ڪافي اڳ پنهنجي تهذيب کي گهڻو پکيڙيو هو. امڪاني طور تي اهو پٿر جو پراڻو دور Palcolithic Agc هوندو جيڪو 20000 ق. م تي سگهي ٿو. هي اهو زمانو آهي، جڏهن يورپ ۾ غار جي پهرين چٽسالي نظر اچي ٿي. ٻوليءَ ثقافت جي ساڳيائپ کان سواءِ ڪا قديم آثارن سان لاڳاپيل سگهاري ثابتي ڪانہ ملي آهي، جو مٿين لاڳاپن کي تاريخي حقيقت سڏي سگهجي. اجا تائين اهو هڪ نظريو آهي، پر ان نظريي کي عام قسم جي ميجتا حاصل آهي.

سنڌو ماٿري تي آرين جي حملا 2150 ق. م ۾ شروع ٿيا هئا. جيڪي مرحليوار هليا ۽ موهن جي دڙي جي فتح 1200 ق. م. تائين جاري رهيا هئا. ان کان پوءِ هن انهن علائقن تي بہ حملا ڪيا، جن کي هاڻي افغانستان، ايران، عراق، سعودي عرب، فلسطين، ترڪي سڏيو ويندو آهي. اتان کان اوير يورپ وسيلي اولهہ يورپ ۾ داخل ٿيا هئا. نقل مڪاني ڪرڻ وارا دراوڙا انڊونيشيا کان واقف هئا. امڪان آهي تہ انهن پهريائين جپان ۽ پولينشيا polynsia ڏانهن هجرت ڪئي هوندي، بعد ۾ ذڪڻ ۽ اتر آمريڪا ڏانهن آيا هوندا. هي لوڪ ماهر بيڙائت هئا. تجارت ۾ نهايت سرگرم ۽ سچيت ساموندي هئا. جيڪي آرين جي حملن ڪري هجرت ڪري رهيا هئا. هو جيڏانهن بہ ويندا هئا، تہ سنڌن مذهب هنن سان گڏ هوندو هو. اهي جڏهن يورپ پهتا هئا تہ هنن جو مذهب مڪاني ماڻهن جي مذهب سان رلي ملي هڪ ٿي ويو هو. جتي ديوتا ۽ ديويءَ جي پوڄا، سال جي موسمن، سڪر سٽائيءَ جا وڏا ڏڻ ۽ اڪيلائي جي پوڄا پاٺ جي اڳئي روايت قائم هئي، جيڪا لامذهب فرقي وارا ماڻهو ادا ڪندا هئا. سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ سان گڏ يورپ جي ماڻهن سان رلي ملي هڪ ٿي ويا هئا. جيئن حملہ آور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لهرين جي روپ ۾ اڳتي وڌي رهيا هئا. تيئن سنڌو ماتريءَ جا ماڻهو به لهرين جي شڪل ۾ نقل مڪاني ڪري رهيا هئا. تنهن ڪري سنڌي ماڻهو انهن سنڌ يوربي Indo European ماڻهن سان جنگيون به ڪندا هئا. جيڪي هنن کان اڳ هجرت ڪري اچي يورپ پهتا هئا. اهي جڻ ساڳئي ورثي وارن ماڻهن سان وڙهندا هئا. هنن جا اهڙا جهيڙا آئرليند ۾ آباد ٿيڻ لاءِ هوندا هئا. ٿوري وقت کان پوءِ پنيان ايندڙ سنڌين جي ٻي لهر انهن کي ٻاهر نڪرڻ لاءِ مجبور ڪندي هئي. هي فيربولگس Fir Bolgs. ٽئاٽا ڊي دانو ۽ ڪيلٽڪ لوڪن جي تاريخ آهي، جيڪي آئرليند، ويلس ۽ اسڪاٽ ليند ۾ اچي آباد ٿيا هئا. جن کي پڪٽس Picts ۽ فيئري فاڪ Fairy Folk نالي سان به سڏيو ويندو آهي. اهي ماڻهو نقل مڪاني ڪري آيل (سنڌي) دراوڙن يورپ جي اصلي واسين جو هڪ گڏيل روپ آهن.

جيڪڏهن ڪريٽ Crete کي اصلي يوربي ورثي جي نقطئه نظر کان ڏسبو ته انهن تي دراوڙن جو اثر نمايان نظر ايندو. عالم ۽ مورخن جي متفق راءِ آهي ته ڪريٽ جي ماڻهن ۾ گهٽيون ڳالهيون دراوڙن جهڙيون آهن. انهن ڏاهن ماڻهن هن حقيقت تي گهڻو ڌيان ڏنو آهي، ته ڪريٽ جي ماڻهن ۾ پانڊين Pandion جو لفظ موجود آهي، تنهن جو تعلق سج ۽ چنڊ جي ڏينهن ملهائڻ سان آهي. اٿينس جي اٽيڪا Attica نالي علائقي پانڊيونيز Pandionis نالي ذات جا ماڻهو رهندا آهن، جن جو دراوڙن جي هڪ قبيلي پانڊيا (پانڊوءَ) سان واسطو آهي. هنن گم ٿي ويل ماڻهن جو هندستان جي رزميه شاعريءَ ۾ ذڪر عام ملي ٿو جن لاءِ شبلپاڊيڪرم Shilppadikaram جو لفظ ڏسجي ٿو. هنن ماڻهن مهاڀارت 1400 ق. م. واري جنگ ۾ ويدڪ آرين سان ويڙهه ڪئي هئي. دراوڙي پانڊئن جي هڪ ڏند ڪٿائي دعوي آهي ته اهي چنڊ مان هيٺ لهي آيا هئا. تنهن ڪري سنڌن نالو پانڊو آهي. هنن جي اولاد ويدڪ آرين کي مهاڏو ڏنو هو.

اولهه ڏاهن وڏڻ وارا ماڻهو ڪيلٽڪ لوڪ هئا. هنن ماڻهن جي اصليت بابت ماهرن ۽ عالمن جي متفق راءِ آهي ته سنڌن تعلق سنڌو ماتريءَ سان هو. اهي آئبيرين Iberian واري اپيبيٽ (اسپين) کان اتر طرف وڌيا هئا. هنن لوڪن جو سويڊن ۾ ithyphallic ديوتا نظر اچي ٿو جنهن جي 700 ق. م. دوران جبل تي مورتي جوڙي وئي هئي. ڊينمارڪ ۾ به هن ديوتا جي ڪاٺ جي مورتي ناهي وئي هئي. سنڌو ماتريءَ مان لڏي آيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نون ماڻهن هٿي پهچي، گرين روايتن سان نيون تبديليون آنديون هيون ۽ آرين لوڪن جي نظام سان هڪ نئون متوازن نظام تخليق ڪري، قديم مذهب کي محفوظ ڪري ورتو هو. ان جي حيثيت ماتحت فرقي واري هئي، جنهن کي بعد ۾ ٽيوٽونڪ لامذهب فرقو سڏيو ويندو هو. اتر واريءَ قديم مذهب واريءَ روايت، مرد جي غلبي واري ان سماج متان ڇانيل ڏسجي ٿي، جنهن جو ديوتا اوڊين ۽ ٿور آهي. هتي فريئا هيڪيٽ ديويءَ جي روپ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا فطري جادوءَ جي ديوي آهي ۽ اها فطرت جي ڇئن موسمن واري دائري تي ضابطو رکندي آهي.



شِوُ ديوتا – مها يوگي ۽ مهان گرو

هن ديويءَ اوڊين کي جادو سيکاريو هو جيڪو ريونڪ Runic جادوءَ کان سواءِ هو. ان کان پوءِ به هيءَ ديوي اهو ۽ ريونڪ جادو ڄاڻندي هئي، جيڪو اڄ تائين وڪا ڪتب آڻيندا رهندا آهن. فريئا ديوي جو جوڙيوال سندس جاڙو ڀاءُ فري آهي. هنن ٻنهي مان سج ديوتا ۽ چنڊ ديويءَ جنم ورتو هو. هن قسم جو جوڙجڪ ٻين لامذهب فرقن ۾ به ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جهڙوڪ اپولو ۽ ڊائنا به جاڙا ڀاءُ ڀيڻ آهن. اهڙيون ڳالهيون

لڏي آيل دراوڙن سولائيءَ سان مڃي ورتيون هيون. ڇاڪاڻ ته شِوَ ۽ شڪتي به ٻئا ديوتا آهن ۽ شِوُ ديوتا سڀني سان ڏسجي ٿو. اتر جي روايتن موجب اُتان جو ديوتا به سڀني سان ڏسجي ٿو جيڪو صحتمند ۽ فطرت مطابق آهي.

وڪا ۽ لامذهب فرقي جون پاڙون ديوتا ۽ ديوي جي مختلف روپن جي تبديلي ۾ مٿا سٽا آهي. اهڙيون ڳالهيون سنڌ ۽ يورپ جي روايتن جي گڏجڻ ڪري نظر اچن ٿيون ۽ مرد/ عورت Androgyne جي شڪل ۾ ۽ ديوتائي روپ ۾ نظر اچن ٿيون. جنهن جو مثال ڌرتيءَ جو ديوتا Earth god ڌرتيءَ جي ديوي Earth goddess، آڪاس ديوتا Sky god ۽ آڪاس جي ديوي Sky goddess، سمنڊ جو ديوتا Sea god ۽ سمنڊ جي ديوي Sea goddess، پسوپتي Lord of Beasts ۽ پسو ديوي Lady of Beasts، ساوڪ ۽ سڪر سٽائي جو ديوتا god of Fertility آهن. اهڙن ديوتائن جي سڃاڻپ سنڌ ۽ يورپ جي گڏيل عرفيت آهي جيڪا 2150 ق.م کان 1200 ق. م. تائين ڌرتيءَ ۾ اچي رهي آهي. هِنَ قديم ۽ مشهور روايت تي عمل هيٺئين طبقي جو عام ماڻهو ڪندو هو جنهن جو حڪمران طبقي سان ڪو واسطو ڪونه هوندو هو جنهن کي پئگانس Paganus يا هاري سڏيو ويندو هو. ان کان پوءِ حڪمران طبقي پيءُ ديوتا کي اڳتي آندو هو. اها هڪ سياسي پيداوار هئي. انهيءَ مقصد سان ته جيئن بنيادي حقيقتن کي تقدس جو لباس ڍڪائي سگهجي. اهڙيءَ ريت وانير ديوتائون اتر واري روايت جو بنياد آهن. جيڪا آرين جي حملن ۽ فتحن کان اڳ آسير Aesir جي روپ ۾ موجود هئي. اها روايت وانير کان هلي، آسير تائين پهچي، اعليٰ حيثيت حاصل ڪري وٺي ٿي. هيءَ پوئين دور جي تنگ قسم جي روايت آهي. جيڪا قديم روايت جي بنيادن تي بيٺل آهي، پر اها روايت ان ڪري اوچي ۽ اعليٰ آهي، جو ان جو لاڙو ان نڪتي ڏانهن آهي. جيڪو تاريخي اوسر واري اهميت ڏانهن اشارو ڪري ٿو ۽ اها اهميت ڪن ٿورن طاقتور حڪمرانن لاءِ هئي. جيڪي وڏيءَ آدمشماريءَ تي ضابطو رکندا هئا.

هاڻي اتر وارو لامذهب فرقو عقيدن جي نظام جو هڪ گڏيل روپ آهي. ڪڏهن هن مٿان نازين وارن سان گڏ هجڻ ۽ فرقي پرستيءَ جو الزام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به مڙهيو ويندو آهي، پر هن لامذهب فرقي جو ڪنهن سان به واسطو ڪونه آهي، پر هٽلر نسلي گروهه واري سوچ ۾ نازي سوچ ملائي ڇڏي هئي. سندس مقصد هو ته لامذهب فرقي واريءَ فلاسافيءَ کي هيٺ جهڪائي، پنهنجي نصب العين کي حاصل ڪري سگهي. هن ماڻهوءَ قديم آثارن جي ناتي ۾ ڪوششون ڪيون هيون، پر ڪيس اهڙي سهائتا ملي ڪانه سگهي هئي ته تهذيب يافته آريا هئا. هن جي جاچ پڙتال جو طريقو نه رڳو سندس دعويٰ کي سهائتا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو هو پر پاتال پئجي ويو هو ڇاڪاڻ ته اهو ثابت ڪيو ويو هو ته آرين دنيا جي وڏين تهذيبن کي تباهه ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ زماني ۾ هٽلر ڏسي رهيو هو ته ڪيس جنگ ۾ شڪست اچي رهي هئي، ان ڪان پوءِ ڪيس پنهنجي جنگي ڪردار ناتي آرين جي تباهه ڪاريءَ واري عمل جو احساس ٿيو هو.

موجوده دور جي اتر واري روايت هن ڳالهه جي دعويٰ ڪري رهي آهي ته ڪيس پنهنجي ورثي جو احساس آهي، جيڪو هن سان هميشه گڏ رهيو آهي. خاص ڪري آمريڪا ۾ عام احساس اهو آهي ته جيڪو ماڻهو انگريزي بولي ڳالهائي ٿو سو اتر واريءَ روايت سان لاڳاپيل آهي ۽ اهو ائنگلو سئڪسن Anglo saxon نَڪَ سان واسطو رکي ٿو تنهن ڪري سمجهڻ کپي ته اهو ماڻهو اٽلي، جرمني، پولينڊ، اسڪئنڊنيوين Scandanavian ملڪن، مشرق يا آفريڪي ورثي سان تعلق رکي ٿو. اهي نسلي گروهه ٻئي يا ٽئين نسل ۾ انگريزي بولي ضروري ڳالهائيندا. جيڪڏهن ان اصول کي قبول ڪيو ويو ته آمريڪا ۾ گڏجڻ واري قوت ٽئين قسم جو لامذهب فرقو هوندو يا اتر واري روايت به جنم وٺي سگهي ٿي، جيڪا نسل پرستيءَ ڪان آجي هوندي، ڇاڪاڻ ته ان کي نازي جرمنيءَ جون غلط ڳالهيون ياد هونديون.

وِڪا ۽ ٽيوٽونڪ پئگنزم Teutonic Paganism هڪ مذهبي نظام جا به روپ آهن. هنن ۾ اهم فرق ديوي ۽ ديوتا جي نالن ريونڪ Runic جادوءَ جو آهي. ان هوندي به هنن ٻنهي مذهبي فرقن ۾ ديوتا جا نالا ساڳيا به آهن، جن کي وڪا lady ۽ Lord سڏيندا آهن. اهڙيءَ ريت وڪا Runes جادوءَ کي مقدس وجود واسطي مراقبي ڪرڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن، پر گهٽو ڪري لکڻ ۽ پڙهڻ واسطي به ڪم آڻيندا آهن.



ساڄي پاسي هيلوس Helios سج ديوتا. هي ٻئي روم جي چنڊ ديوي ۽ سج ديوتا آهن)
(کاٻي پاسي- آرٽيمس Artemis چنڊ ديوي

قديم دور جي فطري مذهبي ۽ ديوتائن هڪ ٻئي کي سگهه بخشي آهي، ان کان ڌوراهين آرين جي مذهبي روايتن هنن سان مليا، پنهنجو اثر ڏيکاريو آهي، تنهن ڪري ٽيوٽونڪ لامذهب فرقي جيان ڊي جاوو dejavu جو احساس پيدا ٿي پيو آهي. اهڙيون سڀ ڳالهيون مغرب جي مکيه مذهبي ڌارا ۾ موجود آهن، جيڪي مشرق قريب کان اتي پهتيون آهن. مثال طور عدن جي باغ جو وڻ، آدم ۽ حوا جو جنسي طور عمل، پٽ جي شڪل ۾ خدا جو صليب تي چڙهڻ، پيءُ جي صورت ۾ پنهنجي پٽ جي قرباني ڏيڻ، اهڙيون سڀ علامتون اتر جي روايت Northern Tradition آهي، جيڪا بعد ۾ مشرق قريب پهتي آهي ۽ رلي ملي هڪ ٿي وڃڻ کان پوءِ هڪ نئين مذهب جي روپ ۾ يورپ پهتيون آهن. اهو ڪهڙو سبب هو جو جرمن قبيلن هن نئين مذهب کي جلديءَ ۾ قبول ڪري ورتو هو. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ انهيءَ مذهب ۾ ڪين لامذهب فرقي واريون گهڻيون خوبيون ڏسڻ ۾ آيون هيون. حقيقت بہ اها هئي تہ اهو نئون مذهب دراصل سنڌن ئي مذهب هو. عهدنامہ عتيق ۾ خدائي وجود تبديل ٿي وڃي ٿو ۽ خدا کي مناسب طريقي سان سمجهي بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهجي ٿو. جيڪڏهن اوهان ويچار ڪندا تہ اڪيلو خدا جيڪو جيهووا Jehovah يا ييهہ ويهہ Yehweh جي روپ ۾ آهي، سو حقيقت ۾ ٽن طاقتن جو ميلاپ آهي، جيڪو اسان کي ٽيوٽونڪ نظام ۾ بہ ڏسجي ٿو. يعني، پيءُ، حڪمران ۽ قانون ڏيندڙ Father/ Rules and lawginer، اڳرائي ڪرڻ وارو جنهن کي رحم نہ آهي، نہ وري هن وٽ معافيءَ جي گنجائش آهي ۽ اهو جنگي جوڌو بہ آهي. عيسائيت ۾ ماءُ سان پٽ ۽ روح القدس Holy Spirit جو اضافو ڪيو ويو آهي.

هن ۾ Father god اوڊين ديوتا، ٽاير ديوتا Tyre قانون ڏيندڙ جنگي ديوتا Warrior god ٿور شامل ڪيو ويو آهي. اهڙي وايو منڊل مان معلوم ٿي وڃي ٿو تہ حڪمراني قائم ٿي چڪي آهي، ملڪي قانون ۽ مذهبي قانون وجود ۾ اچي چڪو آهي ۽ سماج ۾ درجہ بندي جو قيام عمل ۾ اچي چڪو آهي. اهو جنگجو معاشري جو ابتدائي دور هو، جيڪو ڪنجهي جو دور هو، جنهن ۾ هي ويڙهاڪ سماج چوڌاري پکڙجي رهيو هو. موجوده دور جا معاشرا قانون ۽ حڪمرانيءَ تي ويساهہ رکندا آهن، پوءِ اهي حڪمران چونڊيل هجن يا اقتدار ۾ ڪنهن طريقي سان آيا هجن. اهڙا حڪمران ماڻهن تي حڪومت ڪندا آهن ۽ دنيا جي قومن لاءِ هدايتون جاري ڪندا آهن. اساترو Asatru راويت بہ هن ناتي مناسب معلوم ٿئي ٿي. هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو چاهيندا آهن تہ مذهب کي ملڪي معاملن کان الڳ رکيو وڃي. هن جو مطلب اهو آهي تہ حڪمران لاءِ اتر واري روايت قابل عزت ڪانہ رهي آهي ۽ ان کي اڳتي لاءِ حڪمرانيءَ جي وسيلي طور ڪم آڻي ڪونہ ٿو سگهجي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ وڪا وارن لاءِ Father god ۽ Warrior god متاڇري حيثيت رکندا آهن. چاڪاڻ تہ اهي فطرت جي سائي رستي green path of Nature جي پوئواري ڪندا آهن. ان هوندي بہ انهن کي دنياوي ديوتائين طور قبول ڪندا آهن، چاڪاڻ تہ اهي ملڪي نظريي ۽ شهريت کي پاڻ ۾ ملائيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڇهون

# ويهين صديءَ ۾ نئين لامذهب فرقي ۽ وڪا لاءِ موجود للڪارون

اي پاڇولن جي ديوي ۽ رات جا ديوتا! منهنجي نور بصيرت ۽ اندر جي روشنيءَ کي وڌاءِ، وقت وسيع ۽ رستو ڏکيو آهي. مان توکي ٻاڏايان ٿو منهنجي رهبري ڪري

(Crystal meditation جي دعا)

هن ڳالهہ جو تہ گهڻو ذڪر ٿي چڪو آهي تہ ٻي مهاڀاريءَ لڙائيءَ دوران ست لک يهودين کي قتل ڪيو ويو هو جنهن کي هولو ڪاسٽ Holocaust جو نالو ڏنو ويندو آهي، پر ٻين ست لک ماڻهن کي تہ ڪير بہ ڪونہ ٿو سڃاڻي، جن کي ختم ويو هو؟ اهڙي قسم جي قتل عام ۾ ٻين ماڻهن سان ڏاڍ ڏمر ڪرڻ جو هٽلر وٽ ڪهڙو جواز هو؟ توڙي جو ماڻهن کي اها بہ ڄاڻ آهي تہ هٽلر ڪيتري عرصي کان وٽي آزاد قسم جي مذهبي روايتن ۾ دلچسپي وٺندو هو. سندس مرضي هئي تہ جرمن جي لامذهب فرقي کي نئين سر زنده ڪري، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هن جي سياسي واهر ٿي سگهي، پر هن جي چريائپ جي ڳالهين کي ڏسي، مٿي بيان ڪيل حقيقت کي غلط سمجهيو ويو آهي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو مذهب جو مطالعو ڪندو تہ کيس اها ڄاڻ ضرور ملندي تہ اهو ڪيڏانهن بہ پکڙجي ڪونہ ويو هو. اهو بہ پتو پوي ٿو تہ آرين جو تصور بہ گندو ٿي ويو هو. اهڙي معلومات هٽلر جي چريائي وارن طريقن مان بہ ملي سگهي ٿي.

ويهينءَ صديءَ جي ابتدائي دور ۾ نئون لامذهب فرقو بہ نازين جي ڪيس ۾ ڦهر جو نشانو بڻيو هو. اهڙيءَ ريت لامذهب فرقي جي ناليرن ماڻهن کي اذيت گاهن Concentration Camps ۾ بند رکيو ويو هو. اسان لاءِ هن حقيقت کي ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي تہ اٺويهين صديءَ کان وٺي يورپ اندر لامذهب فرقي جون ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڪيترين برادريون قائم هيون ۽ اهڙن اصولن تي عمل ڪيو ويندو جن تي ڪيلٽڪ روايتن جو گهڻو اثر هوندو هو جيڪو دراصل سنڌ جو ورثو هو. ان کان سواءِ جرمني ۾ يهودي طرز جي جادوءَ جو بہ اثر موجود هو جيڪو پندرهين صديءَ عيسويءَ کان وٺي قائم هو. لامذهب فرقي سان تعلقات اهڙا سوال پڇڻ تي مجبور ڪن ٿا تہ هولو ڪاسٽ جو واقعو ڇو پيش آيو؟ ۽ ايڪهين صديءَ کان ٽيهين صديءَ جي وچ واري هزار سال ۾ ڇا گذري، ڇڪو هوندو؟

هين سٽ لک ماڻهن جو مارٽن گلبرٽ Martin Gilbert پنهنجي ڪتاب The Holocaust ۾ مختصر ذڪر ڪيو آهي. هيءَ ٻي مهاياري لڙائيءَ دوران يورپ جي يهودين جي هڪ تاريخ آهي، جنهن کي نيويارڪ جي هولٽ Holt ائينڊ ڪمپني 1985ع ۾ شايع ڪيو آهي. اهو هولو ڪاسٽ جي مقصد خاطر حقيقي اهڃاڻ آهي. يهودي کي پهريان ماڻهو ڪونہ هئا. جن کي نازي حڪومت پنهنجي ظلم جو شڪار بڻايو هو. انهن ماڻهن کي هن مقصد سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي تہ جيئن جرمني آريائي لامذهب فرقي واري سوچ ڏانهن واپس اچي سگهي. هٽلر پهريائين ڇرين، سلاون Slavs، جپسي لوڪن ۽ هم جنس پرستن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اهڙيون ڳالهيون تاريخ ۽ مذهبي نقطهٔ نظر کان ڪيون ويون هيون. ابتدائي دور جا ڪيلٽڪ لوڪ رومانيہ ۽ هنگريءَ وسيلي اوير يورپ ۾ داخل ٿيا هئا. بعد ۾ اهي آسٽريا، فرانس ۽ سوئيٽزرلينڊ ۾ پکڙجي ويا هئا.

سلاوَ ۽ جپسي ساري يورپ ۾ ڦري گهري رهيا هئا. جيڪي قديم مذهبن جا پوئلڳ هئا ۽ پنهنجي قديم مذهب سان گڏ گهمندا رهندا هئا. اهي ماڻهو آرين جي اوچي نسل هئڻ واري تصور واسطي خطرو

هئا. اهڙو تصور هٽلر پيش ڪيو هو. جيڪڏهن اڻ ڌريو ٽي مذهب، ٻوليءَ ۽ تهذيب جا پيرا کڻبا ته سچي جاڻ ملي ويندي ته مشرق قريب ڪا اهڙي جڳهه ڪانه آهي، جتي انسان ذات بابت وڏا تصور پيدا ٿيا هجن. يهودين جو لکيل احوال ۽ ڏند ڪٿائون Pentateuch ۾ موجود آهن، جيڪي عقيدن جي قديم نظام جي انڪار جي چوڏاري ڦرن ٿيون ۽ انهن ماڻهن خلاف به ڪم ڪري رهيون آهن، جيڪي انهن قديم عقيدن جا پوئلڳ آهن. چاڪاڻ ته پڙهڻ وارن لاءِ اهڙو سارو رڪارڊ موجود آهي. يهودين کي به ائين جلاوطن ڪيو ويو هو جيئن ڪڏهن عيسائين کي به ڪيو ويو هو پر انهن جي جلاوطني سندن قتل عام کان پوءِ به جاري رهي هئي. ڪڏهن ڪئٿلڪ فرقي، ڪڏهن پراٽيسٽنٽ فرقي جو به قتل عام ٿيو هو. ڪامياب قسم جو هولو ڪاسٽ مٿئين درجي جي آريائي لامذهب فرقي هٿان ٿيو هو. ان لاءِ هيٺئين درجي وارو لامذهب گرين فرقو ذميوار ڪونه آهي، جنهن مانَ مٿئين درجي وارو لامذهب فرقو پيدا ٿيو هو. جنهن ۾ پندرهين ۽ سورهينءَ صديءَ واريون Ceremonial magic واريون روايتون موجود ڪونه هيون. آريائي لامذهب فرقي جو ذريعو سنڌو ماتري هئي جنهن ۾ يهوديت ۽ ان جون ڪيئي شاخون اچي وڃن ٿيون. ان ۾ سنڌو ماتريءَ جي ديوتا ۽ ديوي شِوَ ۽ شڪتي آهن، جن کي تباهه ڪري ڪونه ٿو سگهجي، جيڪي اوم ۽ اُما به آهن. يهودين کي ان ڪري قتل ڪيو ويو هو ته جيئن انهيءَ رڪارڊ کي ناس ڪري سگهجي، جيڪو هو دل جي سچائيءَ سان پاڻ سان گڏ کڻي هلي رهيا هئا، ڪين اها جاڻ ڪانه هئي ته اهو ڪيترو اهم آهي. جيپسي ماڻهن کي ان مقصد خاطر قتل ڪيو ويو هو ته سندن تعلق سنڌ سان هو بلڪ اهي قديم لوڪ هئا ۽ هنن سان به پنهنجو اصلي مذهب گڏ هو. سلاوَ لوڪن جي قتل عام جو ڪارڻ اهو هو ته سندن به انهن قديم ماڻهن سان تعلق هو جيڪي سنڌ مان لڏي هتي پهتا هئا، جن سان سنڌو ماتريءَ جون گهٽيون روايتون گڏ هيون. هم جنس پرست ان ڪري قتل ڪيا ويا هئا، چاڪاڻ ته اهي ٻنهي ديوتا Androgyne جي موجودگيءَ جا شاهد هئا. قديم تهذيبن ۾ هنن جي تمام گهڻي عزت ڪئي ويندي هئي، چرين ماڻهن کي ان ڪري ماريو ويو هو.

ڇاڪاڻ تہ ڇيو ويندو آهي تہ اهو ماڻهو ڇريائيپ ان جو شڪار ٿيندو آهي، جنهن کي ديوتا ڇهندو آهي. اهو تصور اڄ بہ قائم آهي تہ شِوَ ديوتا جو سچو پوڄاري ڇرين وانگي معلوم ٿيندو آهي. ان جي ڇڻ ديوتا سان ويجهڙائيپ هوندي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اهو احساس پيدا ٿيندو آهي تہ هيءَ حياتي ڪجھ بہ ڪانہ آهي.

آرين جي مذهبي نظام ۾ ساوڪ يا سائي رنگ جي ڪابہ اهميت ڪانہ هوندي آهي، جيڪو جبل جي چوٽيءَ تي رهندڙ god of fire کي اربيل هوندو آهي. اهو پٽيتو Patriachal سماجي نظام هو جنهن ۾ مرد باھہ جي پوڄا وسيلي اوچي ۽ اعليٰ ديوتا سان رابطي ۾ رهندو هو. ان نظام جي ورثي جو مالڪ بہ پٽ هوندو هو. بعد ۾ مرد عورت مٿان غلبو حاصل ڪري ورتو. پتو نہ آهي تہ ان نظام اندر ڪيتري روشن ضميري ۽ انصاف هوندو هو. شايد ان نظام اندر هڪ عورت سان شادي ڪرڻ جو رواج هجي، پر عورت کي باھہ واري قرباني ڪرڻ کان منع ٿيل هئي.

هٽلر وٽ تاريخ کي پوئين پير هلائڻ جو هڪ منصوبو هو ۽ سوچي رهيو هو تہ هو پنهنجي نسل کي ڪهڙي طريقي سان خالص بڻائي سگهي ٿو. هن هيءَ حقيقت بہ قبول ڪري ورتي هئي تہ عام ماڻهو ڪنهن خاص مذهب جي اصولن مطابق زندگي گذاري ۽ مذهبي جنگين ۾ حصو وٺي. اهو سمجهي رهيا آهن تہ سندن دين سچو آهي، جيڪو دراصل ناپاڪ مذهب آهي. هن کي اهڙن قديم آثارن ۽ پراسرار ڳالهين جو گهڻو موھہ هو تہ جيئن ڪيس ڪٿان اهڙي معلومات ملي وڃي تہ خالص آريائي نسل سيني نسلن کان اوچو ۽ اعليٰ آهي، پر سيني ماهرن اهو معلوم ڪري ورتو هو تہ آريائي مذهب انهن ماڻهن جو دين آهي، جيڪي توسيع جي مقصد خاطر منظم ٿي وڙهندا رهندا آهن. تنهن ڪري هٽلر پنهنجي طاقت جي نشي ۾ اهو اعلان ڪيو هو تہ هو دنيا کي جنگ جي وڏي آڙاھہ ۾ ڌڪي ڇڏيندو ۽ ڪيس ڪنهن بہ نسلي گروھہ ۽ خود پنهنجي تباھہ ٿيڻ جي پرواھہ ڪانہ آهي.

هٽلر جي آرين جي خالص نسل بڻائڻ واري ڪوشش جي ڪنهن بہ مزاحمت ڪانہ ڪئي هئي. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ هن صفائي بابت جاکوڙ کي ڏاڍي سچيتائيءَ سان اڳتي وڌائي رهيو هو. جڏهن هن ڇرين

ماڻھن کي قتل ڪرايو هو تہ گھڻ ماڻھن اهڙي شڪايت ڪئي هئي. جڏهن هنن مٿان چريائي چوٽ چڙهي ويندي هئي تہ مٿن سرڪار جو گھڻو خرچ ايندو هو. ان ڪري ڪين اسپتالن ۾ رکڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي ويو هو. جڏهن هن هم جنس پرستن خلاف بندوقون سڌيون ڪيون هيون تہ ڪنهن وانگيءَ بہ ٻڙڪ ڪانہ ٻولي هئي. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ مذهب جي مکي ڌارائن اهڙي عمل کي گھڻو نِنديو هو تنهن ڪري اهڙن ماڻھن جو قتل عام ڏاڍو سولو ٿي پيو هو. جڏهن جپسي لوڪن لاءِ ڪات ڪھاڙا ڪنيا ويا هئا تہ ڪنهن بہ زبان ڪانہ کولي هئي، ڇاڪاڻ تہ اهي ڌاريا هئا. سندن زندگي پراسرار طريقي سان گذرندي هئي. ان ڪان سواءِ عام طور تي اهو بہ سمجھيو ويندو هو تہ اهي ڏُتا چور هئا. ان کان پوءِ يهودين جو وارو آيو هو جيڪو هن لاءِ نفرت جوڳو مذهبي گروهہ هو. هن ماڻھن کي فردن جي حيثيت ۾ ڪير بہ ڪونہ سڃاڻيندو هو تنهن ڪري نازين لاءِ انهن کي معاشري کان ڌار ڪرڻ ڏاڍو سولو هو. اهڙيءَ طرح هنن کي مرحليوار وڏي تعداد ۾ قتل ڪيو ويندو هو. هٽلر جي اهڙي ڪم کان عام ماڻھو ڏاڍو خوش هئا. يهودي هن نڪتي ڏانهن اشارو ڏيندا آهن تہ انجيل ۾ هٽلر جي اهڙن ظلمن جو ذڪر موجود آهي، پر اهڙيون ڳالهيون حقيقي ڪونہ آهن. انجيل جي لکڻ جو مقصد هو تہ جيئن يهودي پنهنجو پاڻ کي بچائي سگھن. انهن کي انجيل جي آيتن خلاف بغاوت ڪرڻ جو اونو ضرور هو ڇاڪاڻ تہ انجيل جي تحرير ٿيڻ وقت انهن کي خوف هو تہ ضرور ڪي ماڻھو بغاوت ڪري سنڌ جي مذهب ڏانهن موٽندا. جيڪو اصلي ۽ حقيقي مذهب هو. اهو جڻ ان دور جي مذهبي وايو منڊل خلاف سهيوڳي قانون هو تنهن ڪري اڳواٽ ئي اهڙي مذهب جي نندا ڪئي وئي هئي. انهن جي خواهش هئي تہ آرين جي ناپاڪ مذهب جا پوئلڳ پنهنجي مذهب جي بچاءَ لاءِ جنگ ڪن. پر هنن يهودين کي اهو يقين ڪونہ هو تہ اهڙي بغاوت آريا ڪندا. جيڪي خالص نسل لاءِ ڪوشش ڪري رهيا هئا. اهڙين ڳالهين مان ثابت ٿئي ٿو تہ انجيل ڪا اڳڪٿي ڪئي آهي.

موجوده دور جي مذهبي ڌارائن لاءِ اهم مسئلو اهو آهي تہ اهي مذهب قديم مذهب جو غلط روپ آهن ۽ مختلف مذهبن جو هڪ گڏيل روپ آهي. آرنولڊ ٽئائن بي Arnold Toynbee جو بہ ساڳيو خيال

آهي. اهڙيءَ ريت اصلي فطري مذهب ڏانهن موٽي وڃڻ مکيه مذهبي ڌارائن لاءِ خطرو آهي. تنهن ڪري موٽي اصلي فطري مذهب ڏانهن وڃڻ واري کي مرتد سڏيو ويندو آهي. پر سچ اهو آهي ته مکيه مذهبي ڌارائون اصلي قديم مذهب کي ڇڏي مرتد ٿي ويون آهن ۽ سوچي رهيون آهن. جيڪڏهن اصلي مذهب زنده ٿي ويو ته هنن لاءِ وڏو خطرو آهي. تنهن ڪري اصلي مذهب جي پوئلڳن کي ساڙي مارڻ جون سزائون ڏنيون ويون هيون. ان کان سواءِ موجوده دور جي مذهبن جي ترقيءَ ۽ چوڌاري پکڙجڻ لاءِ بنا محصول جي ذريعا ڏنا ويا آهن. هن سان گڏ هنن کي ميڊيا جي وڏي واهر حاصل آهي. انهيءَ لاءِ ته جيئن نئين لامذهب فرقي جي اثر کي ختم ڪري سگهجي ۽ ماڻهن جي دلين ۾ هن مذهب لاءِ نفرت پيدا ڪجي. هائيسٽريا Hysteria لاءِ ڪن نالن کي ڏاڍيان پڪاريو ويندو هو. ان کان سواءِ اصولي فرق جي ڪوڙيءَ دعويٰ لاءِ به ساڳئي عمل کي دهرايو ويندو هو. اهڙي قسم جون علامتون قديم عقيدن ڪري پيدا ٿي پونديون هيون. ڪي اهڙا ماڻهو به موجود آهن. جن جا مذهب جي مکيه ڌارائن جي اصليت کان اڻ واقف هجڻ ۾ مستقل مفاد هوندا آهن.

بنياد پرست ڌريون ڪن هٿرادو تيار ڪيل مخصوص سببن خاطر لامذهب فرقي ۽ وڪان جي پوئلڳن کي قربانيءَ جو بڪرو بڻائينديون آهن. اهڙيون ڳالهيون پيدا ٿيندڙ نئين سجاڳيءَ ۽ تعليم جي خلاف هونديون آهن. معاشري ۾ ڪاوڙ ۽ نفرت پيدا ڪرڻ واسطي لامذهب اصول جو سولو ۽ سادو نالو کنيو ويندو هو ۽ چيو ويندو هو ته سماج اندر جيڪي به بديون ۽ بڇڙايون آهن. سي سڀ انهن ماڻهن جون پيدا ڪيل آهن. جن جو ڪنهن دين ڌرم ۾ ويساهه ڪونه آهي. پر اهڙيون گنديون ڳالهيون مذهب جي مکيه ڌارائن کي مڃيندڙ ماڻهن وٽان شروع ڪونه ٿينديون آهن. اهڙا افواهه ڪي مخصوص فرد يا اهڙن فردن جو پيدا ڪيل سماجي جوڙجڪ ڪندو آهي. اهڙي ريت ڪي ڀار به خطرناڪ جرم ڪري وجهندا آهن. جنهن جو مثال ڪولورڊيو Colorado جو ڪولمبائين Columbine هاءِ اسڪول آهي، جنهن ۾ 1999ع ۾ هڪ افسوسناڪ واقعو رونما ٿيو هو. اهو هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انفرادي قسم جو واقعو جنهن ۾ اوڪاٽ Occult نظريي وارين ڌريون ملوث هيون. پر جيڪڏهن اهڙا افسوسناڪ واقعا عيسائيت ۾ ٿيندا ته انهن ڏانهن ڪير به ڌيان ڪونه ڏيندو آهي. ٽيليويزن جي هڪ مشهور مبصر ان جرم ۾ ملوث ٻن ڇوڪرن کي پاڻ وٽ گهرايو هو. سندس مقصد اهو ڏيکارڻ هو ته ماڻهو ڄاڻي ڄم کان مجرم هوندو آهي، پر اهي ته وڏي وڏا به گرجا گهر ۾ ٿيا هئا. پر اهڙن افسوسناڪ موتن نئين لامذهب فرقي ۽ وڪا وارن تي الزام مڙهڻ جو هڪ موقعو پيدا ڪري ورتو هو ۽ سيئي جرم ميڙي چونڊي Occult اوڪلٽ فرقي تي هنيا ويا هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو هو جو ساري ملڪ جي شاگردن کي ٿوري وقت لاءِ ڪاري رنگ جي ڪپڙن پائڻ کان روڪيو ويو هو ڇاڪاڻ ته اهڙا ڪپڙا اهي يوپا پائيندا هئا. جن جو واسطو لامذهب فرقي سان هو جيڪي ناڪاري قوتن کي روڪڻ جا جُتن ڪندا هئا. انهيءَ واقعي کان ڪجهه مهينا پوءِ ۽ اخبارن وسيلي خبرن پکڙجڻ ۽ متاثر ٿيڻ کان سواءِ ڪن اعليٰ عملدارن هن ڳالهه کي تسليم ڪيو هو ته انهن ٻنهي ٻي پهچ ڇوڪرن جا ڪاوڙ ۽ نفرت سان لاڳاپيل جذبا لامذهب فرقي کان متاثر ٿي متحرڪ ڪونه ٿيا هئا. پر اسڪول جي راندين ۾ مليل سهوليتن ۽ نوازشن ڪري سندس دل اٿي پئي هئي. ڪڏهن انهن جي هَٺَ، ڏِنائي ۽ تشدد وارين ڳالهين کان ڪن لاتار به ڪئي ويندي هئي. هنن جي ڪاميابين ڪري ڪين ملندڙ ترافين کي ٻين هوشيار شاگردن جي علمي ڏاهپ ۽ فن کان وڌيڪ اهميت ڏني ويندي هئي. اهڙن سوداگرن کي قيمتي گاڏين کي استعمال ڪرڻ جي به اجازت هئي ۽ اهي اداري جي قاعدي قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي به دير ڪونه ڪندا هئا. پر ٻين شاگردن مان انهن قاعدن قانون جي فرمانبرداريءَ جي توقع ڪئي ويندي هئي.

مذهب جي مکيه ڌارائن جو وڪان ۽ نئين لامذهب فرقي تي الزام هوندو هو ته اهي شيطان نازين جا پوئلڳ، بد ۽ بڇڙا ۽ شيطاني سوچ جا مالڪ آهن. جڏهن ته اهي ساري انسان ذات کي هڪ ڪري سمجهندا هئا. ڌرتيءَ ڪائنات سان گڏ ياڳي پائيوار هوندا هئا. مقدس وجود کي ٻڌو ديوتا تصور ڪندا هئا. اهو به سمجهندا هئا ته مرد ۽ عورت جا هڪ

جيترا حق آهن ۽ سيئي نسلي گروهه هڪ جهڙا آهن. ڪوبه نسل ڪنهن کان اعليٰ ۽ اوچو ڪونه آهي. اهي ڏسندا آهن ته ماڻهو جينياتي طريقي سان پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. ڌرتي به هڪ جيئري جاڳندي شيءِ آهي. انسان اندر اوسر (ارتقا) ايندي رهندي Living organism آهي ۽ منجهس جسماني، ذهني ۽ روحاني تبديلي ايندي رهندي آهي.

لامذهب فرقي وارا انسان جي تبديليءَ واري اظهار کي پاڻ لاءِ ڪڏهن به خطرو ڪونه سمجهندا آهن. مذهبي مکيه ڌارائن وانگي هن مذهبي اصول کي قبول ڪرڻ لاءِ مذهبي سچائي Conformity ضرور شرط ڪونه هوندو آهي. زندگي جا ائين مختلف روپ هوندا آهن، جيئن جينيات جي لحاظ سان هم آهنگي جي اجازت ڏيندي آهي ۽ جيتري قدر انساني جنسي جذبن تخليق، عقل ۽ جسم کي مختلف طريقن سان اظهار ڪرڻ جي زبان ملندي آهي. انساني موافقت ۽ تبديليءَ واسطي هزارين امڪان موجود هوندا آهن. جيڪي نئين لامذهب فرقي ۽ وڪان لاءِ خطري جو ڪارڻ ڪونه هوندا آهن. ان جو سبب اهو آهي ته اهي فرقا فطرت سان نوازش رکندا آهن. پر اهي مذهب جي مکيه ڌارائن لاءِ وڏو خطرو هوندا آهن. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته سندن طاقت جي دعوي جو بنياد انهن ماڻهن جي گهٽي تعداد تي هوندو آهي. جيڪي سندن مذهبن کي مڃيندا آهن. تنهن ڪري ڪنهن بني بشر، لامذهب فرقي جي پوئلڳ جي زبان کان اهو ڪونه ٻڌو هوندو ته هي يا هو ماڻهو دوزخ جو ٻارڻ ٿيندو. ڇاڪاڻ ته لامذهب فرقي وارن کي ڄاڻ هوندي آهي ته هر ماڻهو بهشت يا دوزخ پاڻ جوڙيندو آهي. مذهبي مکيه ڌارا وارا ماڻهو دوزخ جا ڊڄڪا انهيءَ ڪري ڏيندا آهن ته متان ماڻهو ڪائنن ڇڄي ڌار ٿي وڃن.

اوڪلٽ (مخفي طريقي)، لامذهب فرقي ۽ نازي تصور ۾ اهڙو ڪو تعلق موجود ڪونه آهي، جنهن بابت هروڀرو واويلا ڪئي ويندي آهي. هي معاملو ڏاڍو پيچيده آهي. جپسي روايتون، جاڳر ڪرڻ وارو فن Ceremonial magic ۽ اهي مذهب جن جو سنڌو ماترڪيءَ سان تعلق هو سي هٽلر جون دشمن هيون. موجوده دور جا مذهبي ماهر هٽلر سان منهن ڏئي ڪونه سگهندا هئا. ان جو ڪارڻ اهو هو ته انهن کي به هن جپسي

لامذهب لوڪن ۾ وڪان وانگي سوڙهو ڪري ڇڏيو هو. هي اهي ماڻهو هئا، جن کي يهودين ۾ عيسائين به ڏڪاري ڇڏيو هو ۽ کين هيچ ۾ نيچ ڪري سمجهندا هئا. اهي مذهبي ماهر هن حقيقت کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هوندا هئا تہ خود اهي پاڻ بہ ان رد ڪيل مذهبي نظام جو حصو آهن. امڪان آهي تہ هٽلر اهڙن تعلقاتن کي محسوس ڪيو بہ هجي ۽ آرين جي ڪيل غلطيءَ جي اصلاح ڪرڻ بہ چاهيندو هجي، ڇاڪاڻ تہ آريا مهذب ماڻهن کي فتح ڪيو هو. وٽن پنهنجو جنگي فن ۽ اوچي قسم جا هٿيار هئا. اهي ڪڏهن سياسي طور طاقتور نہ هئا، پر اهو وقت بہ آيو جو سنڌن دشمن هنن کي ڇوڏاري وڪوڙي ويا هئا. ليڪن هنن پنهنجي قوت کي بحال رکڻ لاءِ انهن ماڻهن کي بہ پاڻ سان ملايو هو جن کي هنن فتح ڪري ورتو هو ۽ کين پنهنجي اقتدار جي جوڙجڪ ۾ شريڪ ڪري ورتو هو. پر مذهب هن کان وڌيڪ هڪ مڪمل هٿيار هو. جيڪو آرين ڪتب آندو هو. اهڙو اتحاد ۽ امتزاج بہ طرفو ڪم ڪري هو جيڪا هنن جي ناڪامي هئي. ان کان سواءِ ڏيهي مذهب جون روايتون هنن جي مذهب ۾ شامل ٿي رهيون هيون.

يهودين آرين جي مذهب ۾ داخل آرين کان اڳ واري قديم مذهب جي روايتن کي ختم ڪرڻ جون ڪامياب ڪوششون ڪيون هيون، جن کي وانير جا عقيدا سڏيو ويندو هو. اهڙيون ڪوششون ان وقت تائين ڪامياب ثابت ٿي ڪونہ سگهيون، جيستائين عيسائين ۽ يهودين ۾ موافقت پيدا ٿي ڪانہ سگهي هئي. ائين ڪري عيسائين جڻ يهودين جي مذهب سان لاڳاپيل فرقي جي پوئلڳن کي قتل ڪري، يهودين لاءِ ميدان صاف ڪري ڇڏيو هو. عيسائين اهڙيون ڳالهيون ڪري يهودين جي عهدنامہ عتيق کي جڻ تہ بنا ڪنهن شرط جي قبول ڪري ورتو هو. ان کان پوءِ يهوديت کي هڪ نئين طاقت حاصل ٿي وئي هئي. نہ رڳو اهو پر يهودين کي پنهنجي وطن لاءِ فلسطين جي ڌرتي بہ حوالي ڪئي وئي هئي، جنهن کي اسرائيل سڏيو ويندو آهي. ان نئين ملڪ کي آمريڪا ٿي بلين ڊالر ساليانو امداد ڏيندي آهي، ٽيڪنيڪل امداد انهيءَ کان سواءِ آهي. اها يو. ايس. اي، سرڪار طرفان امداد آهي، پر اتان جا ڪيترائي خانگي ادارا بہ هن ملڪ جي مالي مدد ڪندا رهندا آهن.

عيسائي بنياد پرست انهيءَ لاءِ اسرائيل جي امداد لاءِ جنوني طور سرگرم آهن، ڇاڪاڻ تہ عهدنامہ عتيق ۾ بيان ڪيل اڳڪٿي پوري ٿي رهي آهي. عيسائين جو تصور آهي تہ عهدنامہ عتيق جي اڳڪٿي پوري ٿيڻ سان ساري دنيا تي سنڌن غلبو قائم ٿي ويندو. اهو فقط تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن عيسائيت جا مخالف ڪافر ماڻهو قتل ڪيا ويندا. جڏهن تہ هر قسم جي خوف خطرن کان عيسائين جو Rapture عقيدو ٻڌائي ٿو تہ آرماگيڊن Armageddon جي جنگين کان اڳ سچي عيسائي مومنن کي جسماني بهشت ڏانهن روانو ڪيو ويندو. سنڌن عقيدو آهي تہ اهي پنهنجي تشدد ۽ دهشتگرديءَ جي سرگرمين جي نتيجن جا ذميوار ڪونہ آهن. تنهن ڪري بنياد پرستن جي اهڙي تصور واري تحريڪ ڏاڍي خطرناڪ هوندي آهي. اهي سمجهندا آهن تہ انهن کي اهڙين تحريڪن مان ڪنهن بہ قسم جو نقصان ڪونہ آهي ۽ پنهنجي خطرناڪ سرگرمين جي نتيجن جا اهي ڪڏهن بہ ذميوار نہ آهن.

جڏهن هيءَ حقيقت سامهون آئي تہ سڀ يهودي اسرائيل ڏانهن موٽي ڪونہ سگهندا يا موٽي سگهندا يا اهي پنهنجي اختيار ڪيل نئين ملڪ ۾ خوش آهن يا نہ آهن، پر اهي مشرق قريب ۾ رهڻ پسند ڪونہ ڪندا. هيو واقعو يهودين واسطي انهيءَ ڪري سزا هوندو تہ انهيءَ تاريخ کي زوريءَ عهدنامہ جديد جي ڪيل اڳڪٿيءَ موجب موڙيندا، جنهن کي سمجهيو ئي ڪونہ ويو آهي. اها ڇڻ دنياوي معاملن کان اڻ ڄاڻائي آهي، جو پورن ٻن هزارن سالن کان وٺي تاريخ کي غلط طريقي سان موڙڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هٽلر جي نقطئہ نظر موجب تہ عيسائي مذهب بہ يهودين جي مذهب وانگي آرين جي غلط مذهب جي پيداوار آهي.

آرين ابتدائي دور ۾ پنهنجي مذهب کي خالص بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جيڪا ناڪام ثابت ٿي هئي. جيسي لوڪن جو لاڳاپو بہ انهيءَ ڌرتي سان هو. هنن ماڻهن سلاوَ لوڪن تي ديرپا اثر ڇڏيو هو. حقيقتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جڏهن آرين هندستان پهچي شو کي ٻي دخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، تڏهن هنن کي اهو ڏسي ضرور اچرج ٿيو هوندو تہ هن ديوتا جو ڏيهي ماڻهن جي دلين تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمام گهڻو اثر هو. ويدڪ ڏند ڪٿائن ۾ هن ديوتا کي گهڻو لوڀيو ۽ ڏويو ويو هو ۽ سندس مانُ مرجاتا کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي ته شِوَ ديوتا اهڙيون سڀ ڳالهيون سهي ويو هو ۽ سندس گيرب گاءُ ۽ ڏيرج ۾ ڪوڏيءَ جيتري ڪمي ڪانه آئي هئي. ان ڪري هن آرين کي اڪن چڪن ڪري وڌو هو. ٿوري وقت اندر جبل جو ديوتا اِندر پنهنجي حيثيت وڃائي وينو هو جيڪو آرين تثليث جو هڪ حصو هو. بعد ۾ شو جي عزت ۽ احترام ويدن جي ڏند ڪٿائن جي سلسلن مطابق هوريان هوريان وڌندو رهيو هو. اڄ اهي ڏند ڪٿائون هڪ ٻئي کان وڌيڪ اچرج جهڙيون آهن، جيڪي شِوَ جي طاقت جو هاڪاري قسم جو روپ آهن. مذڪوره ڏند ڪٿائن ۾ چيو ويو آهي ته، "ڪير به ناس ڪرڻ واري کي ناس ڪري ڪونه ٿو سگهي." "اهو وقت به ايندو جڏهن تسليم ڪيو ويندو ته اهو خالق آهي، جيڪو زندگي ۽ موت ۽ وري زندگي جو امر ناچ ڪري ٿو."

جيڪڏهن ويدڪ آريا اچڻ سان ئي شو بابت سيني عقيدن کي ختم ڪري ڇڏين ها ته پوءِ اهي هندستان ۽ دنيا جي تاريخ تبديل ڪرڻ ۾ سوڀارا ثابت ٿين ها. جيڪڏهن ائين ممڪن ٿي وڃي ها ته يهوديت ۽ عيسائيت ۽ اسلام جي اچڻ جو ڪوبه امڪان ڪونه هو. امڪان اهو به آهي ته اهڙو احساس هٽلر کي به ٿيو هوندو. اهڙيءَ ريت هن مذهبي سڌارن واسطي انهن تنهي مذهبن کي آڏو رکيو هو. هي مذهب تاريخي طور تي پوئين دور سان واسطو رکن ٿا. انهن جي رونما ٿيڻ جو ڪارڻ اهو هو ته هٽلر کي سنڌ جي مذهب مان گهڻي خطري جو احساس هو جيڪو شِوَ ۽ شڪتيءَ جو مذهب هو. ساڳيءَ ريت آرين جي پنڊتن کي ڏپ هو. ڇاڪاڻ ته اهي آرين جي مذهب کي گهڻو متاثر ڪري رهيا هئا.

هٽلر ٽيوٽونڪ لامذهب فرقي کي نئين سر جياريو هو جيڪو هوريان هوريان ايريو هو پر ان لاءِ هٿ وٺي جاکوڙ به ڪئي وئي هئي. هن جي نسل کي خالص بڻائڻ واري ڪوشش ٽيوٽونڪ لامذهب فرقي جي اصول مطابق هئي، پر ان کي تمام گهڻو اڳتي وڌايو ويو هو جنهن موجب روح خاندان جي شجري ۾ اڳتي وڌندو رهي ٿو. تنهن ڪري

اوتار وارو نظريو نہ رڳو وري ڄمڻ آهي، پر اهو ڄمر خاص خاندان، قبيلي ۽ نسل ۾ واقع ٿيندو آهي. هتي ڪوبہ ماڻهو بحث ڪري سگهي ٿو جنگين Jungian جي مخصوص قسم جي نظريي ۾ بہ جينيٽڪ جي ورثي موجب وري ڄمڻ جو تصور موجود آهي، ليڪن اهو رڳو ثقافتي ورثي موجب ڪونہ هوندو آهي.



(شو ديوتا نٽ راج، Lord of Dance جيڪو تباهہ ڪندڙ ۽ خالق جي حيثيت ۾ امر ناچ ڪري رهيو آهي يا جيڪو زندگيءَ، موت ۽ وري زندگي جو ناچ ڪري رهيو آهي)

موجوده دور جي لامذهب فرقي ۾ ورثي جي هڪ علامت موجود آهي، جيڪا اوڊنيسٽ Odinist لامذهب فرقي ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. اهي پاڻ کي عام طور تي نئين لامذهب Neo-Paganism جي تحريڪ جو حصو ڪونہ سمجهندا آهن. هن فرقي کي آساتر Asatru بہ سڏيو ويندو آهي. هنن جو مشرقي عقيدن يا يورپن واري علم ۽ عقل سان ڪو واسطو ڪونہ هوندو آهي. ان کان سواءِ پنهنجي مذهبي نظام ۾ نسلي امتزاج ڪونہ ڳوليندا آهن. انهن مان گهڻا Odinist فرقي سان واڳيل آهن، جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو مطلب هوندو آهي تہ اوتار جينيٽيڪلي هڪ خاندان ۾ پيدا ٿيندو آهي، تنهن ڪري اهي ڪنهن اوپري رت کي پنهنجي رت سان ڪونہ ملائيندا آهن ۽ خالص واري طريقي سان وڌندا ويجهندا آهن. پٽن تي فرض هوندو آهي تہ اهو پنهنجي نالي سان پنهنجي خاندان جو نالو بہ رکندو اچي ۽ مذهب جيڪڏهن Odinist نظريي وارن ديوتائن سان تعلق رکندو آهي تہ ان کي عزت وارو مذهب ڪونہ سمجهيو ويندو آهي، ان ڪري اهي علم نجوم، ڪيلاش، ٽئروٽ tarot ۽ چڪرن chakars وارين ڳالهين تي عمل ڪونہ ڪندا آهن. ان بدران اوڊنيسٽ فرقي وارا، اسڪئنڊنيوين Scandinavian، جرمنيءَ ۽ نورس Norse جي ديوتائين جي پوڄا ڪندا آهن، جن ۾ اوڊين کي وڏيڪ اهم ديوتا سمجهيو ويندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو موجوده دور جا لامذهب فرقي وارا پاڻ کي نازيءَ وارن سان مشابهت ڏيندا آهن ۽ انهن ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندا آهن، جن جو نازي نظريي ڏانهن لاڙو هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي پنهنجي ابن ڏاڏن واريءَ اصلي نِجّ کي گهٽي اهميت ڏيندا آهن، پر ٽيوٽونڪ لامذهب فرقي جو ڪنهن بہ طريقي سان نازيءَ وارن سان لاڳاپو ڪونہ هوندو آهي. ان کان سواءِ انهن جو عيسائين کان وڌيڪ ”Inquisition“ وارن سان لاڳاپو هوندو آهي. ماڻهو طاقت ۾ اچي مذهب جي بهاني سان ظلم ڪندا آهن.

موجوده دور جي اوڊنيسٽ جو فڪري لاڙو ”جيو ۽ ٻين کي جيڻ ڏيو“ هوندو آهي. ان کان اهي ڪيترن سالن کان وٺي وڪا فرقي جي انهن اصولن تي عمل ڪندا آهن، جيڪي نورس ۽ جرمن طريقي وارا هوندا آهن، ليڪن انهن ۾ ڪي مخصوص قسم جون ڳالهيون بہ هونديون آهن. اوڊنيسٽ هن ڳالهہ تي اچرج ڪندا آهن تہ جن جو نورس، جرمن ۽ اسڪئنڊنيوين ديوتائن سان تعلق تہ هوندو آهي، سي پنهنجو اصلي پاڙو ڳولي چو نہ ٿا لهن يا آساترو طريقي بابت چو نہ ٿا سوچن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڏارين مان پرٽبو آهي يا انهن سان سڱ ڏيندو وٺندو آهي يا گذريل وڏي عرصي کان سڱ اوتي ڪندا آيا آهن. اهڙيءَ ريت تازو آمريڪا ۾ بہ اهڙيون مٿيون مائٽيون ٿيون آهن، ليڪن پوءِ بہ نسلي سجاڳي ماڻهوءَ کي ضرور چنبڙي پوندي آهي. اهو ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارڻ آهي جو هٽلر نج آريائي نسل پيدا ڪرڻ لاءِ انساني فارم human stock قائم ڪري ورتا هئا. ڪڪن وارن ۽ نيرين اکين وارا ٻار هن جو تصوراتي نسل هو جيڪو جينيٽيڪلي چونڊيل جوڙي مان جنم وٺندو هو. اهڙن ٻارن کي جينيٽيڪ جا ماهر به صحيح نسل سمجهندا هئا. هنن جو خيال هو ته خالص نسل فقط انهيءَ طريقي سان پيدا ٿي سگهي ٿو.

موجوده دور نئين لامذهب فرقي لاءِ فخر سان پنهنجي ورثي ڏانهن اشارو ڪرڻ ڪري ڏاڍو خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. ائين ڪري هو پنهنجي مذهبي طريقي واري رستي سان بلڪل الڳ ٿلڳ ٿي رهجي ويندا. ڇاڪاڻ ته اهي جڏهن پري ماضيءَ ۾ ڏسندا ته سنڌن اولاد جينيٽيڪ امتزاج کان بيوفائي ڪري ويو آهي ته پوءِ انهن جو ڪنهن ٻيءَ ڳالهه تي به يقين ڪونه ٿيندو يا وري فطري جينيٽيڪ واريءَ تبديليءَ وسيلي هو ڪي نيون نڪوريون خوبيون ۽ خصلتون حاصل ڪن. جيڪي اصلي معيار مطابق نه هجن. لامذهب آرين جو نسل جي خالص هجڻ وارو تصور ته آرين جي اصلي مذهب ۾ به موجود ڪونه هو. هنن اندر اهڙِي ڳالهه فقط تڏهن ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جڏهن جنگ خاطر نقل مڪاني ڪري ڪيترن ٻين نسلن سان لهه وچڙ ۾ اچن ٿا ۽ مختلف قسم جي مذهبن سان سنڌن ميل جول ٿئي ٿو تنهن ڪري کين اهڙي خالص رت جي شجري جي ضرورت جو احساس ٿئي ٿو. جيڪو سنڌن جنگي مهم کان اڳ جو هو. انهن کي ڊپ هو ته متان ڪو ٻيو رت هنن جي سان ملي وڃي.

هتي پنهنجي دور ماضيءَ جي اصلي ڏاڏنگ کي ڏسڻ واسطي ڪاريءَ درسني Black mirror اندر جوهَ وجهي مراقبي meditation ڪرڻ جو هڪ طريقو آهي. (مراقبي ۾ ويهي اهڙي ڪاري آئيني ۾ ڏسڻ جو رواج سنڌ ۾ به هو. مون کي ياد آهي ته اج کان 67_ 68 سال اڳ خيرپور ضلعي جي مشهور ڳوٺ گڏيجيءَ جو سانول شاهه. ڇاچي مير خان جي اوطاق ۾ اهڙو ڪارو آئينو ڪڍي آيو هو. پتو نه آهي ته ڪنهن جي چوري ٿي هئي ۽ شاهه کي ان آئيني وسيلي چور کي ڳولي لهڻ جي گذارش ڪئي وئي هئي. انهن ڏينهن ۾ مان استاد عيدل وٽ مسجد ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرآن شريف پڙهندو هوس. سانول شاهہ استاد عيدل کي هڪ ڀار ڏيڻ جو چيو جيڪو مراقبي ۾ ويهي ڪاريءَ درسنيءَ وسيلي چور کي سڃاڻي سگهي. استاد منهنجو نالو کنيو ۽ مان وضو ساري شاهہ صاحب جي پيرن پاسي کٽ تي ويهي، شاهہ جي آنڊل چادر جو مراقبو ڪري، آئينو هٿ ۾ جهلي ويهي رهيس. شاهہ مون کي چيو تہ ان آئيني ۾ مان چتائي ڏسندو رهان. شاهہ جي وڃڻ واڪن کان پوءِ بہ آئيني اندر نہ چٽڪار ٿيو هو نہ قاضي اچي وينو هو نہ وري چور کي پيش ڪيو ويو هو. شايد منهنجو تصور شاهہ صاحب جي چوڻ موجب عمل نہ ڪري رهيو هو. هن پڌائڻ مان منهنجو مطلب آهي تہ ڪاريءَ درسنيءَ جو سنڌ ۾ رواج هو: مترجم) ڏگهي عرصي کان وٺي اصلي ورثي لاءِ ماءُ تسليم ڪيو ويندو هو. اهو ئي ڪارڻ هو جو ماڻو matriachy سماج جو رواج هو. آرين جي مالڪيءَ وارو تصور گهر وارين ۾ ٻارن سان لاڳاپيل هوندو هو. ان کان پوءِ اهڙي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن مطابق ملڪيت جي وارثي پيءُ کان پٽ ڏانهن منتقل ٿيڻ لڳي هئي، پر اهڙي قسم جي ورثي ۾ ڪجهہ شڪ شبها پيدا ٿيڻ لڳا هئا. ڇاڪاڻ تہ ٻار جي جمر جي ناتي فقط عورت کي ڄاڻ هوندي آهي تہ اهو ڪنهن جو ٻار آهي. يهودين جو پيئيتو Patriachal سماج آهي ۽ انهيءَ سماج جي ٻار کي فقط تڏهن يهودي سمجهيو ويندو آهي، جڏهن ان جي ماءُ يهودي هوندي آهي. هيءُ اسان جي ابن ڏاڏن جو مائيتي ورثي جو پير آهي، جن کي اها چڱيءَ ريت ڄاڻ هئي تہ ماءُ ۽ ٻار جو پاڻ ۾ تمام گهڻو تعلق هوندو آهي. ايٽروسڪان کي اها پرواهہ ڪانہ هوندي هئي تہ ان ٻار جو پيءُ ڪير آهي. يورپ جي لامذهب فرقي جي روايتن ۾ May Day جو هڪ ڏينهن هوندو هو جنهن دوران عورت جي حامل ٿيڻ کي وڏي عزت ۽ نعمت سمجهيو ويندو هو. ان ڪري انهيءَ ڏينهن تي ڪنهن عورت کي جهل پل ڪانہ هوندي هئي ۽ هوءَ پنهنجي مرضيءَ موجب ڪنهن بہ مرد سان ملي سگهي پئي. موجوده دور جي لامذهب فرقي اندر بيلٽين Beltane جي رسم ملهائڻ دوران سخت قسم جي پابنديءَ کان ڪم ورتو ويندو آهي ۽ ڏنو ويندو آهي تہ موسم بهار جو انساني جنسي طاقت جو وهڪرو پرٽيل جوڙن ۾ هجي يا انهن جوڙن وچ ۾ هجي جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ ۾ پرٽجڻ جا پڪا وچن ڪيا هوندا آهن. ان ڪان پوءِ مراقبو ڪري ڪاريءَ درسنيءَ ۾ پنهنجي اصلي ابن ڏاڏن ڪي ڏٺو ويندو آهي. ماڻ سمهيان Samhain جي مذهبي رسمن دوران پنهنجي وڏڙن ڪي ڏسڻ جو اعزاز حاصل ڪري وٺندي آهيان.

## خالص نسل جو مقصد

هي مخصوص قسم جو عنصر آهي، جيڪو هٽلر جي ٽيوٽونڪ لا مذهب فرقي ۽ آريائي مذهب ڪي الڳ ڪري بيهاري ٿو جن هندستان ۾ مشرق قريب تي حملا ڪيا هئا. هنن مذهب جو اهڙو تصور مفتوح ماڻهن وٽان ڪنيو هو. هي مخصوص قسم جو نظريو جنهن وچان هندو ڌرم جو برهمڻ طبقو پيدا ٿي پيو هو. ساڳيءَ ريت يهودين اندر هڪ لاوي فرقو پيدا ٿي پيو هو. اهڙي ڳالهه اسلام ۾ به ڏسجي ٿي، ڇاڪاڻ ته شيعن جو نظريو آهي ته خليفو (حضرت) محمد (ﷺ) جي رت جي رشتي مان هجڻ گهرجي ۽ اهو آريائي مذهب جو نمايان اثر آهي. جڏهن ته سني فرقي جو نظريو آهي ته خليفو اهو ٿي سگهي ٿو جيڪو اسلام ڪان وڌيڪ واقف آهي ۽ ڪيس خبر هجي ته عام مسلمان جي ڀلائي ڪهڙيءَ ڳالهه ۾ آهي. سنڌ اندر عورت مٿان مرد جو تسلط سنڌي نه پر آريائي اثر آهي. هنن ٻنهي آريائي مذهبي اصولن ڪري سنين ۽ شيعن جي روپ ۾ عراق ۽ ايران جي وچ ۾ جنگيون لڳي رهيون آهن. اسلامي دنيا جا ملڪ به ان اصول تي ورهايل آهن ۽ جن ملڪن جي ماڻهن جي گهڻائي سني آهي ته اهي سني گهڻائيءَ وارن ملڪن سان گڏيل آهن، جيڪڏهن گهڻي آبادي شيعا آهي ته اهي شيعا گهڻائيءَ وارن ملڪن جي پاسي آهن. اهڙيءَ ڳالهه ڪري افغانستان، پاڪستان ۽ ترڪي ياد اچي وڃن ٿا.

معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته يهودي مخصوص نسل واري اصول جي پوئلڳي ڪندا آهن، جيڪو آريائي مذهبي اصول آهي. هنن (يهودين) جو نظريو آهي ته حڪومت جو حق فقط لاوين کي آهي. جڏهن ته عيسائين جو تصور بلڪل مختلف آهي، اهي جڻ ته سنڌ جا رهاڪو آهن. اهي چاهيندا آهن ته مذهبي معاملن ۾ سندن وڏو اهو

هجي، جيڪو مذهبي چاڙهه رکندو هجي. عيسائيت جي پوئلڳن جي سنياڻ جو وتس ڏانءُ هجي ۽ عزت احترام جي لائق هجي، پر عيسائين ۾ آرين واري مخصوص نسل جهڙيون ڪي ڳالهيون آهن. جيڪي عيسائين جي مختلف نالن وارن فرقن ۾ موجود آهن. انهن فرقن مان هر هڪ جو چوڻ آهي تہ چوتڪارو فقط انهن ماڻهن کي ملندو جيڪي ان فرقي جي مذهبي اصولن کي مڃيندا. رومن ڪئٿلڪ فرقي جو اصول بہ آرين جي مخصوص ورثي جهڙو ڏسجي ٿو ڇاڪاڻ تہ سنڌن تصور آهي تہ هن فرقي جو پوپ گناهن کان پاڪ آهي. پر ان پوپ جي چونڊ رت جي رشتي مان ڪانہ ٿيندي آهي، پر مور مونس Mormons عيسائي فرقي ۾ مخصوص نسل جي آريائي علامت کي وري زنده ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي پنهنجا پارنهن مذهبي سردار انهن عيسائين مان چونڊيندا آهن. جن جو واسطو جوزيف سمٿ Joseph smith واري فرقي سان هوندو آهي ۽ ان کي پنهنجو مذهبي اڳواڻ تسليم ڪندا آهن. جڏهن ڪو عيسائي ان فرقي جو ميمبر ٿيندو آهي تہ ان جي خاندان جو شجرو معلوم ڪيو ويندو آهي، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن ان جي مئل ۽ جيئرن ماڻهن کي ان فرقي ۾ داخل ڪري سگهي ۽ انهن مئن جيئرن ماڻهن جي بتسما واري مذهبي رسم ادا ڪري سگهجي، جيڪا پئسن ڏيڻ کان سواءِ ادا ٿي ڪانہ سگهندي آهي.

هن مذهبي فرقي جي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ رومن ڪئٿلڪ فرقي تي اٽليءَ جي مذهبي اڳواڻن جو غلبو هو. جنهن اندر مختلف ديوين جون علامتي نشانيون موجود هيون. هٽلر جو منصوبو هو تہ انهن جي اڳواڻيءَ کي ختم ڪجي ۽ انهن جي جاءِ تي پرٽيسٽنٽ فرقي کي آڻجي ۽ انهن جي سهائتا سان رومن ڪئٿلڪ وارن کي سزائون ڏجن. هنن کان پوءِ پراٽيسٽنٽ فرقي جي جرمنيءَ مان نيڪاليءَ جو وارو اچڻو هو. اهڙن قدمن کڻڻ کان پوءِ هٽلر جو دلپسند آرين جي خالص نسل پيدا ٿي سگهڻ جو امڪان هو.

آريائي مخصوص نسل بابت عيسائي نقطئہ نظر اهڙو هو جنهن ڪري جرمن ۽ يورپ جي ٻين ماڻهن اڻ سڌيءَ ريت هولو ڪاسٽ کي قبول ڪري ورتو هو. ڇاڪاڻ تہ عيسائين جا مختلف فرقا فقط پاڻ کي

صحيح ۽ سچو سمجهي رهيا هئا. حقيقت اها هئي تہ جن ماڻهن کي سزائون ملي رهيون هيون، سي پڻ مخصوص نسل جا هئا. جن تي آريائي اثر هو. اهڙيءَ ريت اڻ آريا جيپسي هڪ مستقل آزار ۾ هئا. موجوده دور ۾ آريائي ۽ اڻ آريائي لامذهب فرقن وچ ۾ جنگ هڪ تمثيلي نڪتو هو. اهڙيءَ ريت 2000 کان 1250 ق. م واريون جنگيون جڻ ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ نئين سر زنده ٿي پيون هيون. انهيءَ زماني ۾ هٽلر ڏور ماضيءَ ۾ پوئتي وڃي، ان دور جي آرين جي ڪيل غلطين جي اصلاح ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. چاڪاڻ تہ انهيءَ زماني ۾ اڻ آريائي عقيدا ٽيوٽونڪ نظام وارن عقيدن سان رلي ملي ويا هئا. انهن عقيدن جو گڏيل روپ هٽلر کي ورثي ۾ مليو هو جنهن کيس لوڏي رکيو هو. تصور ڪريو تہ هڪ اهڙو مذهبي نظام آهي، جيڪو سياسي نظام سان ڳنڍيل آهي، جيڪو ٻن بنيادي محاذن تي موجود آهي، اهو خالص آريائي سياسي مذهب آهي، جنهن جو واسطو جابلو ديوتا Father god سان آهي، جيڪو اڻ آريائي فطري مذهب سان جنگ ۾ رڌل آهي، جنهن جو واسطو ڌرتي جي ساوڪ ۽ سونهن ۽ ماتا ديوي Mother goddess سان آهي. هن ديويءَ جو جوڙيوال آهي نيڪ. پيار ڪندڙ سڱن وارو ديوتا. هي اهڙو پس منظر آهي، جنهن جي عهدنامہ عتيق ۾ اڳڪٿي ڪئي وئي هئي، پر 621 ق. م. سان تعلق رکندڙ لاوي يهودين جي امڪاني طاقت کي تسليم ڪرڻ آهي، جيڪي آريائي ظلمن جو شڪار ٿيا هئا. توهان کي هيءَ حقيقت ضرور ياد رکڻ گهرجي تہ بائيبل جو هڪ آريائي هٿيار آهي، جنهن کي رابعن Rabbis تخليق ڪري ورتو هو ۽ لاوين جي صلاح مشوري کان پوءِ مرتد قسم جي ماڻهن ۽ غير پابند يهودين کي سزا ڏيڻ جي مقصد سان اڳتي آندو ويو هو. هن ساري قصي جو اصلي مقصد هن مادي دنيا اندر روحاني غلطيءَ کي قانوني حيثيت ڏيڻ هو.

يهودي، عيسائي نقطئہ نظر کان هٽلر آريائي تصور جو جڻ جهونجهار (هيرو) بڻجي ويو هو. تنهن ڪري يهودي لاوي بہ هن کي جهونجهار ڪري تصور ڪندا آهن، چاڪاڻ تہ هو Father god واري نظريي ۽ عهدنامہ عتيق جي نقطئہ نظر موجب پيئتي سماج جو حامي

هو. اهڙيءَ ريت هو Mother goddess جي پڻ سخت خلاف هو جيڪا Mary جي روپ ۾ Mother of god هئي، تنهن ڪري عيسائي هن جو پاسو ٿي بيهي رهيا هئا. چاڪاڻ تہ اهو رومن ڪيٿلڪ عيسائي فرقي وارن جو عقيدو هو. هن ائين ڪري آرين جي خالص نسل کي محفوظ ڪري ڇڏيو هو جنهن کي عبراني نسل جي يهودين صفا ڍڪي ڇڏيو هو. هي يهودي فرقو پاڻ چوندبيل طبقو سڏيو ويندو هو. ائين ڪري هو جرمنيءَ جي آرين کي اهڙي معزز رتبي کان خارج ڪري ڇڏيندا هئا. اهو معاملو مفهوم کي سمجهائڻ سان تعلق رکندو هو. هٽلر هي طريقو ڪم آڻي، قتل عام ڪري، خوف واري فضا پيدا ڪري ورتي هئي.

گهڻا ماڻهو اهڙا بہ هئا جن بي گناهہ ماڻهن جي قتل عام کان پنهنجيون اکيون بوتي ڇڏيون هيون، چاڪاڻ تہ اهي سمجهندا هئا تہ هٽلر اهو ڪم نيڪ مقصد واسطي سرانجام ڪري رهيو آهي ۽ اهو سڀ خدا تعاليٰ جي مقدس ارادن سان ٿي رهيو آهي ۽ ائين ٺيڪ مقدر هو. اهڙيون ڇسيون ۽ پُڏيون ڳالهيون اڄ سوڌو ٿي رهيون آهن. جڏهن عراق ۽ ڪويت وچ ۾ جنگ لڳي هئي تہ آمريڪا جا ماڻهو ڏاڍا خوش هئا ۽ چئي رهيا هئا تہ خدا جو شڪر آهي جو قيامت اچي رهي آهي ۽ دنيا ختم ٿي رهي آهي. اهي هن ڳالهہ ۾ راضي هئا تہ ڀلي لکين ڪروڙين ماڻهو مري وڃن تہ جيئن سندن عزت بچي وڃي. پر افسوس جو سندن توقع مطابق Armageddon واقع ڪونہ ٿيو هو. پر ڪجهہ حياتيون زيان ٿيون ۽ ڪجهہ وقت لاءِ ساموندي رستا بند ٿي ويا. اهڙِن ماڻهن جون خوشيون تہ ختم ٿي ويون هيون. پر هن پس منظر جو ڌڪوئيندڙ پاسو هي آهي تہ اهي گروهہ بين ماڻهن لاءِ ظلم، تشدد، موت ۽ ملڪ جو نقصان چاهيندا آهن. چاڪاڻ تہ کين پڪ آهي تہ ائين ٺيڪ سان Armageddon واري وڏي جنگ لڳي پوندي ۽ انهن ماڻهن کي فرشتا کڻي وڃي بهشت پيڙو ڪندا.

رڻ پٽ واري طوفان Desert Storm جي پڪڙجي وڃڻ کان پوءِ سربيا Serbia جي عيسائين البانيا جي مسلمانن مٿان چٽي بمباري شروع ڪري ڇڏي هئي. اهو ڏسي سربيا جي عيسائين واسطي ٽيليويزن جي سهائتا شروع ٿي وئي هئي. اهڙي مقصد واسطي ڪيترن عيسائي ڏرين

ٽيليويزن جو پنهنجو نيٽ ورڪ شروع ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ دوران عيسائين ۽ مسلمانن وچ ۾ پراڻين جنگين جو ذڪر ڪونہ ٿي ڪيو ويو. نہ وري ترڪن جي عثماني سلطنت طرفان اوير يورپ تي حملن جو ڪٿي بحث ڇڙيل هو انهيءَ لاءِ تہ جيئن اهڙين پراڻين ڳالهين کي هن وقت تي سمجهائي سگهجي. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ مسلمانن جا حملا اوير يورپ تي هئا ۽ اولهہ يورپ مسلماني شهنشاهت جي حڪمرانيءَ کان بچي ويو هو ۽ مغربي يورپ جي ثقافت کي ڪنهن بہ قسم جو ڇيهو ڪونہ رسيو هو. جيڪو پنهنجي رفتار سان اڳتي وڌي رهيو هو. مسلمان حملہ آورن اسابيليا Isabella ۽ فرڊيننڊ Ferdinand جي زماني ۾ اسپين وسيلي يورپ ۾ پير پختا ڪيا هيا.

مغربي يورپ تہ جيئن جو تيئن رهيو هو پر اوير يورپ ڪجهہ عرصي تائين ڪميونزم جي اثر هيٺ رهيو هو. جڏهن انهن علائقن مان ڪميونسٽ حڪمراني ختم ٿي تہ مذڪوره علائقا ويهين صديءَ جهڙا ترقي يافتہ نہ. پر پندرهين يا اٺوهين صديءَ جهڙا غير ترقي يافتہ ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. برطانيہ ۽ روس عثماني شهنشاهت سان اڳيئي جنگيون ڪري چڪا هئا. اهڙيءَ ريت اولهہ يورپ سان بہ هنن جي ويڙهہ ٿي چڪي هئي. هاڻي اهڙيون جنگيون ختم ٿي چڪيون هيون. جڏهن تہ مسلمان اوير يورپ جي عيسائي علائقن ۾ صدين تائين رهيا. هيءَ ڏاري حڪمراني تمام وڏو عرصو رهي هئي، جنهن ڏانهن باقي يورپ ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو هو.

هيءَ ڏاڍي خطرناڪ قسم جي مايوسي هئي، جنهن عيسائين ڊگهيءَ جنگ جي توقع ۾ پيدا ڪري ڇڏي هئي. اها ڊگهي جنگ ڇڙڻ تہ هنن لاءِ ضرورت بڻجي وئي هئي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هٽلر اهڙي وڏي جنگ شروع ڪري پنهنجو مقصد حاصل ڪري ورتو هو. اهڙو احساس جنگين ختم ٿي وڃڻ ۽ نقصان جي ڪاٽي ڪرڻ ڪان پوءِ ٿيو هو تہ هنن اهڙي ڪن لاٿار ڪئي. هن پڇڙي ۽ جڏي ڪم ۾ رڳو جرمن قوم هٽلر سان ٻٽ ڪانہ بيني هئي، پر دنيا جا تمام گهڻا ماڻهو هٽلر جي اهڙي ڪِيس ڦهر جي سهائتا ڪري رهيا هئا ۽ هٽلر سان همدرديءَ جو اظهار بہ ڪري رهيا هئا. ان جو اڪيلو ڪارڻ اهو هو تہ اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳڪتي انجيل ۾ موجود هئي ۽ سمجهيو پئي ويو تہ اها اڳڪتي هٽلر جي هٿان پوري ٿي رهي آهي. عام ماڻهو استعمال انهيءَ ڪري ٿي رهيا هئا. جو ڪين اڳواٽ ئي اهڙين ڳالهين لاءِ تيار ڪيو ويو هو ۽ اهڙيءَ اڳڪتيءَ کي مذهبي طور صحيح سمجهيو پئي ويو. جيڪا ڍڪيل ڇپيل قسم جي انجيل جي سمجهاڻي هئي. پر جڏهن اگري سچائي سنڌن سامهون اچي بيٺي هئي تہ سنڌن پير ئي نڪري ويا هئا. پوءِ شرم کان هو اهڙين ڳالهين کان پنيرا بہ ٿي ويا هئا. موجوده دور ۾ اهڙو ڪو جرمن ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو. جيڪو هٽلر جي اهڙن ڪڌن ڪرتوتن جي سهائتا ڪري، پر پوءِ بہ هزارن ۾ لکن جي تعداد ۾ هٽلر جا اهڙا پوئلڳ ضرور ملندا. جيڪي اڄ بہ سندس هر قدم جي پنيرائي ڪندا ڏسڻ ۾ ايندا. هٽلر انجيل جي اڳڪتيءَ ناتي عيسائين جو املهہ جونجهار هو. تنهن ڪري ساري الهندي دنيا هن جي پرستار هئي، پر جيڪڏهن ان ڏند ڪٿا کي تاريخ سمجهيو ويندو ۽ خدا تعاليٰ جي ڪتاب ۾ مقدس اڳڪتي طور تصور ڪيو ويندو تہ پوءِ سبب ختم ٿي وڃن ٿا. دنيا جي ٻي مهاڀاري لڙائي دوران انجيل جي اڳڪتيءَ کي عبرانيت دشمن طور مشهور ڪيو پئي ويو. پر موجود دور ۾ ان کي عورت جنس جي خلاف اڳتي آندو پيو وڃي. اهو لامذهب فرقي جي خلاف جڻ ڪنهن جنون جو شڪار آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ جڻ ڪيس homophobia جو مرض لڳي ويو آهي. جيڪڏهن ڪو وڪان ٽيليويزن ڪئميرا جي سامهون بيهي چوندو: اي عيسائيو! زنده رهڻ لاءِ پاڻُ ڏچن ۾ نہ وجهو!! تہ چوڌاري مختلف آوازن جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ ايندا. پر جيڪڏهن ٽيليويزن جو مبصر چوندو: اي وڪان! پنهنجي زنده رهڻ لاءِ پاڻ کي ڏچن ۾ نہ وجهو!! تہ احتجاج طور ڪير بہ ٻڙڪ ڪونہ ٻوليندو. ان کان سواءِ هن ڳالهہ ڏانهن بہ ڪير ڌيان ڪونہ ڏيندو تہ جادوگر Witch جو لفظ انجيل جو نہ آهي، پر انهن عيسائين جي ايجاد آهي، جن جئمس James بادشاهہ جي دور ۾ انجيل جي اصلاح ڪئي هئي ۽ جن خدا تعاليٰ طرفان هڪ پابندي مڙهڻ پئي چاهي. انهيءَ اصلاح ڪرڻ وارن ماڻهن جو تعداد Spanish Inquisition ڪرڻ وارن ماهرن کان بہ گهڻو هو. ان کان سواءِ هي لفظ عبراني ٻوليءَ جو نہ. پر ائنگلو- سئڪسن زبان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان واسطو رکي ٿو جيڪو انجيل جي اصلي ۽ پراڻي نسخي ۾ موجود ئي ڪونہ آهي. پر 1999 ۾ ڪانگريس جي هڪ نمائندي ڪنهن فوجي اڏي جي هڪ ڪمانڊنگ آفيسر ڏانهن هن قسم جي تحرير موڪلڻ جي تڪليف ڪئي هئي: "هن گنديءَ شيءِ کي هاڻي هڪدم بند ڪري ڇڏيو." هي حڪم انهن ماڻهن لاءِ هو جيڪي لامذهب فرقي "وڪان" جا پوئلڳ هئا، جيڪي پنهنجي مذهبي اصول مطابق پوڄا پاٺ ڪندا هئا." (ان نمائندي جو نالو Robert Barr هو سندس تعلق جارجيا سان هو) هن اهو بہ چتاءُ ڏنو هو تہ وڪان کي ڪورٽ ۾ سڏائيندو ۽ انهن خلاف قانون سازي ڪرائيندو. هن کي هي جملو بہ چوندي ٻڌو ويو: "هاڻي اڳنا واسطي پوڄا پاٺ لاءِ ٻاهر ٻارڻ واري عمل کي نہ ورجايو وڃي." هن قسم جي للڪار واري سمي ۾ ڪو پنهنجي مذهبي آزاديءَ کي برقرار رکي ڪونہ ٿو سگهي، پر اهو ڏسي اندر کي ٿورو آٿت ضرور ملندو آهي تہ وڪان وارن جا ڪجهہ ٽيليويزن چئنل بہ آهن ۽ وڪان جي آبادين پرسان انهن جا مندر بہ موجود آهن.

نئين لامذهب فرقي اندر سنڌ جي قديم مذهب جي روايتن ۾ آرين جي مذهبي اصولن جو هڪ قسم جو مانيٽو امتزاج موجود آهي. هنن ٻنهي مان هڪ ڌرم اهڙو آهي، جيڪو ڪليل ۽ وسيع آهي، جيڪو انسانذات جو اتحاد چاهي ٿو. جڏهن تہ ٻيو مذهب انسان ذات کان الڳ رهڻ گهري ٿو ۽ مخصوص قسم جي نسل جي واڌ ويجهہ چاهي ٿو. اهڙيءَ اوسر جا اهڃاڻ جاگرافيائي علائقن ۾ موجود ڏسڻ ۾ اچن ٿا. تنهن ڪري ان کي سج جي ۽ برف جي ماڻهن ورثو سڏي سگهجي ٿو. جنهن کي هاڻي تازو يونيورسٽي جي ڪلاسن ۾ پڻ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڪهڙو ماڻهو ڪهڙي قسم جو رستو اختيار ڪري ٿو. سو ماڻهوءَ جي مرضيءَ تي ڇڏيو ويو آهي تہ هو ڪهڙي قسم جي ورثي جي چونڊ ڪري ٿو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ اتر يورپ، اسڪئنڊنياوين ملڪن ۽ جرمني جي رهاڪن جو مزاج ڪيلٽڪ روايتن جو حامي آهي، ليڪن اهي وائڪنگ Viking جي ديوتا ۽ ديويءَ جي وڌيڪ ويجهو آهن، جيڪي وري آسترو Asatru ڏانهن لڙيل آهن. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ يورپ جا ماڻهو ڪيلٽڪ لوڪن ۽ سنڌو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماتريءَ سان لاڳاپيل مسافرن يا مهاجرن ڏانهن وڏيڪ لاڙو رکن ٿا ۽ انهن کان گھڻو متاثر بہ آهن. انهن کي سنڌوءَ ماتريءَ جي ماڻھن جي وڏڙن جي ماتا ديويءَ ۽ سڳن واري ديوتا جي گهڻي کان گهڻي ڪشش آهي. اهو بہ معلوم ٿي رهيو آهي تہ آفريڪا جي صفا ڏکڻ وارن علائقن جي ماڻھن جا پنهنجي ابن ڏانهن جا ديوتا آهن. پر انهن مان ڪيترن تي سنڌو ماتريءَ جي ديوتائين جو نمايان اثر معلوم ٿئي ٿو جيڪو قديم لاڳاپن وسيلي ممڪن لڳي ٿو جيڪو ڏکڻ وارن معاشرن جي اتحاد ڪري ٿيو آهي. مشرق بعيد ڏور اوير وارن ماڻھن وٽ پنهنجو الڳ ۽ آجو مذهبي ورثو آهي، جيڪو سنڌو ماتريءَ جي قديم مذهب کان تمام گھڻو متاثر ڏسجي ٿو جيڪو ين yin ۽ ينگ yang جي روپ ۾ نمايان آهي. هن سان گڏ ڪي ڏيهي قسم جا عقيدا بہ موجود ڏسجن ٿا. جيڪي آرين جي ابن ڏاڏن جي مذهبي پوڄا پاٺ سان تعلق رکن ٿا. پر اهڙين ڳالهين نئين لامذهب فرقي جي غير منظم هجڻ ڪري مونجهارا پيدا ڪري ورتا آهن. موجوده دور ۾ اسان Paganwiccan گھرن اندر مندر موجود آهن، جن ۾ چين جي ديوي ڪوان ين Kwan yin ۽ سنترين Santerian ديوتا جنگو Chango موجود ڏسجي ٿو تنهن ڪري اتي بلئڪ اوڊنيسٽ Black Odinist فرقي پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي.

جيستائين لامذهب فرقي Paganism اندر نسلي پوت پير پختا نہ ٿو ڪري، تيستائين نئون لامذهب فرقو Neo paganism ۽ ٻيا سڀ لامذهب نظام گڏ رهي سگهن ٿا پوءِ اهو آريائي هجي، Shamantic هجي، ڪئبالڪ هجي يا وڪان هجي. لامذهب فرقي جي نئين سر زنده ٿيڻ جو هڪ اهم رستو هي آهي تہ هن اصول کي مستحڪم ڪجي تہ هر هڪ ماڻهو پنهنجي مذهبي عقيدن رکڻ ۾ بلڪل آزاد آهي ۽ هر ماڻهوءَ جو عقيدو صحيح ۽ سچو آهي. اوچي نسل هئڻ واري نظريي جي ضرورت سياسي اڳواڻن جي هن مقصد خاطر ٿي هئي تہ جيئن تاريخ کي پنهنجي مرضيءَ موجب تبديلي ڪري سگهن. نسلي ۽ گروهي برتري آمريت کي پيدا ڪرڻ جا ذريعا آهن. اڳتي هلي اهڙا آمر انهن ماڻهن کي تباهہ ڪري ڇڏيندا، جيڪي ان آمر جي عظمت جي تعريف ڪندا رهندا آهن. سندن جاين تي اهي ٻار آباد ڪيا ويندا آهن، جيڪي برتر نسل جي پيداوار هوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽلر پنهنجي مقصد ۾ ابتدائي دور ۾ ئي سوپارو ڪونہ ٿيو هو. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ هو وقت سر اهڙو گهربل نسل پيدا ڪري ڪونہ سگهيو هو نہ وري اهڙي الڳ قسم جي نظام کي برقرار رکي سگهيو هو. اهڙيءَ ريت هو يو ايس اي جيان گڏيل نسلن وارين قومن کي شڪست بہ ڏئي ڪونہ سگهيو هو. آمريڪا ۾ اتر ۾ ذڪر ڪرڻ واريون قديم تهذيبون سگهاريءَ ريت پاڻ ۾ متحد هيون. جيڪي آريائي نسلي برتريءَ واري مقصد لاءِ ڏاڍيون اٽانگيون ثابت ٿيون هيون. هتي آمريڪا ۾ گهڻا نسل جهڙوڪ، اٽلي، جرمن، آئرلينڊ، هندستان، اسپيني، فرانسيسي ۽ اصلي ڏيهي آمريڪي موجود آهن. اهڙيءَ ريت هٿياربند فوج ۾ پڻ مختلف ثقافتي ورثي جا ماڻهو شامل هئا. تنهن ڪري آمريڪا کي آرين ۽ اڻ آرين علائقي ۾ ورهائڻ ڪا اڪ جي ماکي ڪانہ هئي.

اهو بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اوير جي ماڻهن ۾ ڪاري نسل کي هڪجهڙائي جي اصول مطابق حق ڪونہ هئا. جنگي محاذن کي بہ يورپ جي مذهب تضادن جي ورهاست مطابق تقسيم ڪيو ويو هو. هٽلر اهڙن ماڻهن کي اهميت ڪانہ ڏني هئي ۽ پاڻ کي وچي جپاني شهنشاهت سان ڳنڍيو هو. هٽلر جي زماني ۾ آمريڪا (يو ايس اي) جي هٿياربند فوج بہ پاڻ ۾ ايڏي ڳنڍيل ڳتيل ڪانہ هئي. انهن ڏينهن ۾ آمريڪا جي روزاني زندگيءَ ۾ آفريڪي ۽ اصل آمريڪيءَ وارو ويڇو موجود هو. ان مان ئي سمجهہ ۾ اچي ٿو نئين نازي تصور وارا ماڻهو سفيد پرستن لاءِ جدا علائقي واسطي ڇو جاکوڙي رهيا هئا. اهي آرين جي ماضيءَ ۽ ان آريائي نظام کي برقرار رکڻ چاهن ٿا. جنهن وسيلي اوتار پيدا ٿيندو آهي ۽ پيئيتي سماج کي بہ قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ورثي جو حقدار پٽ هوندو آهي. پر موجوده دور ۾ آفريڪي آمريڪي ۽ عورت کي اڳتي آڻڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. ان کان سواءِ مختلف نسلن جا اتحاد نهيل آهن. ذات بہ عورت جي نالي سان ظاهر ڪرڻ جو لاڙو موجود آهي. اهڙيءَ ريت بي نڪاح جي اولاد لاءِ ولديت بہ عورت ڏانهن منسوب ڪئي وئي آهي. ان کان سواءِ مختلف ثقافتن جي مطالعي واسطي تعليمي ادارن ۾ نصابي سبق موجود آهن. ڇاڪاڻ تہ معلوماتي ادارن جي قيام ڪري هيءَ

وسيع دنيا سُسي سوڙهي ٿي رهي آهي، تنهن ڪري اهو آريائي اصول هاڻي ڪاڇي ڪيپي چڪو آهي، جيڪو هن نسل کي برتر سمجهندو هو ۽ پيئيتي سماج جو قائل هو جنهن ۾ ورثي جو مالڪ فقط پٽ هوندو آهي ۽ هاڻ اهو تصور بہ ناس ٿي چڪو آهي. نسل کي خالص رکڻ لاءِ ان کي ٻين نسلن کان ڌار رکيو ويجي. ان ساڳئي اصول جا حامي بنياد پرست عيسائي ۽ يهودي بہ آهن. سنڌن مقصد آهي تہ ائين ٿيڻ سان مرتد قسم جا ماڻهو جدا ڪري سگهجن ٿا. هن اصول ڪري جديد سماجي تبديلين کي صدقي جو ٻڪرو بڻائڻ سولو ٿي پوندو جيڪا هنن جي طاقت جي مرڪز لاءِ وڏو خطرو آهن. ان کان سواءِ ٻارن لاءِ اهو خطرو بہ ٽري ويندو جن کي ڄائي ڄم کان گنهگار سمجهيو ويندو آهي ۽ اسڪولن ۾ جدا پڙهايو ويندو آهي.

نئين لامذهب فرقي ۽ وڪان جو گڏيل نسلن واري تصور ڏانهن لاڙو آهي، جنهن موجب مختلف نسلي گروهہ هڪ ٻئي وٽان شاديون ڪري سگهن ۽ پاڻ ۾ رابطو پيدا ڪري سگهن ٿا. گهڻا آمريڪي مختلف ثقافتن جو گڏيل روپ آهن. پر مخصوص جرمني، اطالوي ۽ آئرش نسل جا ڪونہ آهن. انهن جون ديويون ۽ ديوتائون بہ مختلف هوندا. پر هن نسلن جي گڏجي وڃڻ ڪري مختلف ديوتائن وارو تصور بہ ملي هڪ گڏيل رستو اختيار ڪري سگهي ٿو. يورپ ۾ گڏيل روايتن جو هڪ لاڙو موجود آهي. جيڪو مختلف ثقافتن جي گڏيل سرگرمين ڪري پيدا ٿيو آهي. اهڙيون امتزاجي ۽ گڏيل قسم جون ڳالهيون عوامي اطلاعاتي ادارن طرفان بہ ٿيون آهن. ان کان سواءِ يوربي ملڪن ۾ اڳين بينڪي راڄن Colonics مان ڪيترائي ماڻهو نقل مڪاني ڪري اچي آباد ٿيا آهن. تنهن ڪري هڪ قسم جي گڏيل سماج پنهنجو هڪ الڳ روپ ڌاري رهيو آهي.

نئين لامذهب وڪان فرقو بہ تازو گهڻو متحرڪ ۽ مشهور ٿي چڪو آهي، چاڪاڻ تہ موجوده دور جي تعليم گڏيل آهي، جنهن مختلف مذهبن ۽ نسلن جا ٻار هڪ هنڌ ويهي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. هن قسم جي ڳالهين مذهبن جي مکيہ ڌارائن کي ٻي اثر

ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪان سواءِ تاريخ ۽ قديم آثارن سان لاڳاپيل ڪيئي دريافتون ٿيون آهن. ان ڪان سواءِ ماڻهن ۾ گڏيل قسم جي تصورن کي پکيڙڻ جي صلاحيت پيدا ٿي پئي آهي. جيڪي اهڙي مواد کي مووِيز ٽيليويزن، اخبارن ۽ انٽرنيٽ سان ڳنڍيل ڪمپيوٽرن وسيلي ساريءَ دنيا ۾ پکيڙي رهيا آهن. جيڪڏهن عام ماڻهن ڪاليج جي سطح واري اهڙي تعليم هڪ پيرو هلي وئي ته مذهبي مکيه ڌارائون ماڻهن جي ذهنن کي گهڻي سوڙهو ڪري ڪونه سگهنديون. ان ڪان سواءِ لامذهب فرقي ۾ نئين دور سان لاڳاپيل ڪتاب گهٽي وقت تائين ڪتاب گهرن ڪان ٻاهر رکي ڪونه سگهبا. اهڙيءَ ريت اخبارن ۽ ٽيليويزن کي مذڪوره معلومات فراهم ڪرڻ ڪان گهٽو وقت روڪي ڪونه سگهبو. عام ماڻهو Shirley Melaine's film, Out on A limb ۽ اهڙا پروگرام ڏسي سگهندا. جيڪي نئين لامذهب فرقي ۾ وڪا بابت، بنيادي معلومات فراهم ڪندا آهن. اهڙيءَ ريت Broad casting system ۽ ڪيبل جو نيٽ ورڪ جهڙوڪ Discovery channel ۽ Learning Channel به موجود آهن. جيڪي معياري قسم جي تعليم ڏئي رهيا آهن. جنهن جو مثال جوزيف ڪئمپبيل جو لکيل "Testament and myth" پروگرام آهي.

جي. آر. آر. ٽوليڪن J.R.R.Tolkien ۽ ٻيا عالم آهن. جيڪي متبادل حقيقتون پيش ڪري رهيا آهن. جيڪي پنهنجي مقرر ڪيل دائري اندر ڪم ڪري رهيا آهن ۽ تاريخ جي مضبوط ڌاڳن سان پراڻن خيالن کي پروڙ ڪري رهيا آهن. ان وسيلي اهڙي سچي سوڏي ڄاڻ ملي وڃي ٿي ته ڪيئن هڪ ماڻهو ڏند ڪٿا گهڙي ڪروڙن ماڻهن کي متاثر ڪري سگهي ٿو. جوزيف ڪئمپبيل ڪتابن جي هڪ سلسلي ۾ ليڪچرن وسيلي ماڻهن جي جوڙيل ڏند ڪٿائن تي روشني وڌي آهي ۽ ماڻهن کي هن سوچڻ لاءِ مجبور ڪري وڌو آهي ته يهوديت ۽ عيسائيت جون ڳالهيون مخصوص نوعيت جون ڪونه آهن ۽ سچائي کان ڪوهين ڏور آهن. اهڙيون ڳالهيون ڪنهن هڪ ديوتا جا چيل لفظ ڪونه آهن. پر اهي سيني ماڻهن جا ڏند ڪٿا سان لاڳاپيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تجربا آهن. جيڪي مختلف طريقن سان ڪيترن ئي ديوتائين جي پوڄا ڪندا آهن. ڪئپبيل ڏنو هو تہ سائنس، فڪشن ۾ سائنسي تصوراتي ڏند ڪٿائون ڪهڙي طريقي سان پيدا ٿي، پراڻن ڏند ڪٿائن جي جاءِ والارين ٿيون. سر جئمس جارج فرازيئر James George Frazier جادوءَ جي گم ٿيل تاريخ ۾ مذهب جا تفصيل ٻڌايا آهن. جيڪي هن پنهنجي ڪتاب (1890) The Golden Bough ۾ ڏنا آهن. هن اهڙو اشارو ڏنو آهي تہ قديم مذهب جي روپ کي تبديل ڪري موجده دور جي مذهب جي شڪل ڏني وئي. هاڻي اهڙيون ڪوششون ٿي رهيون آهن تہ موجوده دور جي مذهب کي ڪهڙي طريقي سان مستقبل جي مذهب جو روپ ڏئي سگهجي ٿو. مغربي دنيا جي مذهبن جي هڪ هٽي عيسائين جي حوالي آهي، جيڪا هاڻي پڇي پور تي رهي آهي ۽ مستقبل ۾ مذهب جي مکيہ ڌارائن مان ڪيترا ئي مذهب نڪري نروار ٿي پوندا.

عيسائي پنهنجي طاقت ۾ ضابطي کي گهٽ ٿيندو ڏسي، لامذهب فرقي جا ڪجهہ اصول عيسائيت ۾ شامل ڪري رهيا آهن يا وري پنهنجن خيالن تان هٿ کڻڻ لاءِ ڌهڪاءَ پيدا ڪري رهيا آهن. انهيءَ لاءِ جيئن اهي پنهنجي علم ۾ ماڻهن کي ملندڙ تعليم تان هٿ کڻي وڃن. مغرب جي گرجا گهرن ۾ ان قسم جا ٻئي حربا ڪم ڪري رهيا آهن، جن تي مرحليوار ڪم ٿي رهيو آهي. ان کان پوءِ ٻيو رستو انهن مرتدن خلاف جنگ آهي، جيڪا وقفي وقفي کان پوءِ جاري رکي سگهبي. عورتن جي اسپتال Women Clinics تي ٻار ڪيرائڻ جو الزام مڙهي بم اڇلائڻ ۾ عورتن کي قتل ڪرڻ جون شاهديون موجود آهن. اهڙا ڪيس ۾ قهر عيسائي ملان ڪري رهيا آهن. ماڻهن کي ڊيڄاريو ۾ ڌمڪايو پيو وڃي. انهن جي گهرن ڏانهن گندي قسم جو ادب روانو ڪيو ويندو آهي، چاڪاڻ تہ توڙي جو عورتاڻيون اسپتالون Women Clinics عورتن جي بيمارين سان لاڳاپيل اهم ڪم ڪنديون آهن ۽ اهڙن خاص مسئلن سان منهن ڏينديون آهن. جيڪي فقط عورتن کي پيش ايندا آهن. پر اهي اسپتالون ٻارن ڪيرائڻ جو بہ ڪم ڪنديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. هڪ عورت بم اڇلائي ماري وئي هئي. جيڪا ڊاڪ وٺ ڪيل سرجري جي واسطي دوا وٺڻ آئي هئي، اهڙي هڪ بم واقعي ۾ هڪ مرد بہ مارجي ويو جيڪو پنهنجي ڳورهاريءَ زال جي انتظار ۾ ويٺو هو جيڪا ٻار ڄڻڻ کان اڳ ڊاڪٽر عورتن سان ويم بابت مشورو ڪرڻ آئي هئي. هن قسم جي جنگ جون ڪوششون ۽ ان خلاف صحيح قسم جون بغاوتون خطرناڪ قسم جي دهشتگرديءَ ڪري سامهون آيون آهن. معلوم ائين ٿي رهيو آهي، تہ ڪن ڌرين کي گمراهہ ڪري، انهن کان ڪڏا ڪم ڪرايا پيا وڃن ۽ عيسائي ڌريون اهڙيءَ بمباريءَ واسطي هوائي جهازن جو استعمال ڪري رهيون آهن. هٽلر بہ انسان ذات خلاف ساڳيا بڇڙا ڪم ڪري رهيو هو. ڪنهن بہ مذهب ۾ دهشتگردي روحانيت سان واسطو ڪانہ ٿي رکي.

فرانس، انگلينڊ ۽ نيڌرلينڊ ۾ تمام گهڻا ٻاهريان ماڻهو اچي آباد ٿيا آهن، جيڪي نسلي طور هڪ ٻئي کان ڌار آهن. يو. ايس. اي ۾ ڌاري آبادڪاريءَ جو ساڳيو حال آهي، پر هتي غير عيسائين خلاف جڙڻ تہ جنگ ڇڙيل آهي، جيڪا ديده دليريءَ سان ڪئي پئي وڃي. امڪان اهڙن معاملن تي ساري دنيا اندر مذهبي گهرو جنگ تي پورڻ جو آهي، جيڪڏهن هن مقصد لاءِ ڪوشش ڪجي، تہ دنيا اندر ڪهڙن ملڪن ۾ ڌاري آبادي گهٽ آهي ۽ چين ۽ جپان اهڙا ملڪ نظر ايندا جن ۾ ڌاريا نسلي گروهہ ڪونہ آهن. تنهن ڪري اتي ڪنهن مذهبي ۽ نسلي گروهہ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشش جي ڪاميابيءَ جي ضرورت ڪانہ آهي. ڪنهن قدامت پرست جي ڪاميابيءَ کي هار سمجهڻ کپي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ جنگ ۾ ڪم ايندڙ هٿيار ڏاڍا مهانگا آهن. انهيءَ جنگ ۾ هر هڪ ماڻهو متاثر ٿيندو ۽ سمجهندو تہ اها دهشتگردي اڻ سهپ ڪري ٿي رهي آهي. اهڙيون ٻٽيون ڳالهيون اولهہ جي جمهوري ۽ آئيني اصولن جي خلاف آهن. اسان کي انجيل ۾ موجود حضرت عيسيٰ (ﷺ) جي هن قول تي سخت پابنديءَ سان عمل ڪرڻ گهرجي تہ، "پاڙيسريءَ سان پيار ڪريو."



(فيديا Phidia جي اٿينا يا پالاس جي مورتي، هڪ ييري هن اٿينس جي ائڪروپولس Acropolis وٽ پارينان کي نوازيو هو. 1994ع ۾ هن مورتيءَ جو هڪ نقل ناشولي Nashville جي ٽيننسي Tennessie ۾ پارٿينا Parthenon جي نقل سان گڏ رکيو ويو هو.)

موجوده دور ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مذهبي جنگيون موجود آهن. آئرلينڊ جا رومن ڪئٿلڪ پراٽيسٽنٽ فرقي خلاف ڪات ڪهاڙا کنيون بيٺا آهن. مسلمان هندن خلاف، هندو ٻڌن خلاف، سني مسلمان شيعن مسلمانن خلاف ۽ شيعا مسلمان شيعن کان سواءِ ٻي هر ڌر سان برسر جنگ آهن. اهڙيءَ ريت مسلمان يهودين ۽ يهودي مسلمانن جي سرن جا ويري بڻيا بيٺا آهن. اوير يورپ ۾ وري عيسائي مسلمانن خلاف بندوقون کنيون بيٺا آهن. دنيا پنهنجي راءِ جي اظهار ۾ هن چريائيءَ واري انساني قتل عام خلاف دانهون ڪري رهي آهي. هي معصوم ماڻهو آهن. جن کي سياسي اڳواڻ پنهنجي مهرن وانگر ڪم آڻي رهيا آهن، جيڪي ٻين کي ڏچن ۾ ڏسڻ جا هيراڪ آهن يا هن خيال کان ڪانئن پري ڀڄي رهيا آهن تہ هنن ماڻهن ڏانهن ڏيان ئي نہ ڏنو وڃي.



(هي هندو ڌرم جي نانگ ديويءَ snake goddess جي مورتي آهي، جنهن سان مٽي ڌنل اٿينا ديوي جي مورتي هڪ هڪجهڙائي رکي ٿي. نانگ ديوي جي مورتي هن ڪتاب جي مصنف جي گهر ۾ موجود آهي.)

موجوده دور ۾ تعليم عام ٿي چڪي آهي ۽ هنن تڪرارن بابت ڄاڻ به هر هڪ ماڻهوءَ کي آهي ۽ ڪين پورو احساس آهي ته انهن جنگين جو ڪارڻ فقط مذهب آهي، اهڙيون جنگيون سياسي ۽ اقتصادي مستقل مفادن سان لاڳاپيل آهي جنهن جو واسطو والار ۽ ضابطي رکڻ وارن ارادن سان آهي، جيڪو غير روحاني قسم جو چوٽڪارو آهي، جيڪڏهن اهڙين سچاين جو پيٽوار اپياس ڪبو ته ماڻهن کي چڱيءَ ريت ڄاڻ ملي ويندي، ته جنگيون هميشه حرص ۽ لالچ ڪري لڳنديون آهن ۽ ڪنهن مقدس وجود جي نالي کي استعمال ڪري، ماڻهن جي ڪوس ڪرڻ لاءِ بهانو نه بڻايو وڃي، ڇاڪاڻ ته انسان کان وڏيڪ ڪوبه مقدس نه آهي. امڪان آهي ته ماڻهو هن قسم جي تعصب کان متاثر ڪونه ٿيندا. جنهن کي حق جو پوش پهرايو ويو آهي. ان جو نتيجو اهو نڪرندو ته ماڻهن جو اهڙي مذهب مان ويساهه کڄي ويندو، جيڪو هٺ وني تباهي جو مطالبو ڪري رهيو آهي، انهيءَ ڪري سهپ ۽ رواداريءَ جو جذبو به پيدا ٿي سگهي ٿو. اهو ٻئي ديوتا جو رستو آهي جنهن جو مرڪز ڌرتي آهي. انهيءَ طريقي وسيلي قديم لامذهب فرقي کي ساريءَ دنيا اندر نئين زندگي ملي سگهي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي تہ تعليم وڏي پيماني تي پکڙجي چڪي آهي، جيڪا مذهبي قسم جي گهرو جنگ ختم ڪرڻ ۾ گهڻي واهر ڪري سگهي ٿي ۽ دنيا جي قومن کي انهن جهيڙن جي اصلي تڪرارن جي ڪارٽن جو پتو پئجي ويندو، جنهن جون پاڙون نسلي فرض ۾ کتل آهن. اهڙا جهيڙا ۽ جنگيون ان ڪري ٿينديون آهن، جو انسان ذات کي هڪ سمجهڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي ويندي آهي. اهڙن جهيڙن جو امڪان انهن علائقن ۾ هوندو آهي، جتي تعليم ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏيندو ويندو آهي، يا وري اتي شرارت پسند ڏاها ماڻهو هوندا آهن، جيڪي وقت جي سرڪار کي مثبت مشهورن ڏيڻ ۾ ناڪام ويندا آهن يا وري انهن کي سرڪار طرفان تبديلين کي ميڙ لاءِ مجبور بہ ڪيو ويندو آهي. جپان هڪ ثقافتي طور الڳ ٿلڳ هڪ ملڪ آهي، جيڪو اهڙي معلومات تي ضابطو رکندو آهي، جيڪا سندس طاقت کي ڪمزور ڪندي آهي. اهڙيءَ ريت جپاني تعليم ۾ فقط هاءِ اسڪولن جي سطح تي تاريخ پڙهائڻ جو اصول آهي، جنهن جو تعلق فقط اٺويهينءَ صديءَ تائين هوندو آهي، پر ٻي مهاڀاري لڙائي بابت ڪا ڄاڻ ڪانہ ڏني ويندي آهي.

اهڙي قسم جي وايو منڊل موجب دنيا اندر مذهب جو مستقبل ڇا ٿي سگهي ٿو؟ ڇا ان جو جواب شخصي طور گهڙيل ڏند ڪٿائون آهن؟ پر ان جي واسطي عام قسم جي اصول کي ضرور ميڙو پوندو تہ هڪ مذهب ٻئي کان برتر ڪونہ آهي. امڪان اهو آهي تہ نيئن لامذهب فرقي ۽ وڪان تصور جا پوئلڳ تہ هن اصول کي اڳئي تسليم ڪري چڪا آهن. اهڙي اصول کي قبول ڪرڻ سان ڪٽر قسم جو مذهبي فرقو ڪڏهن بہ پيدا ٿي ڪونہ سگهندو ۽ هر فرد انفرادي طور مقدس وجود کي ڳولي لهي سگهندو. جڏهن نيئن لامذهب فرقي هڪ پيرو تحرڪ حاصل ڪري ورتو تہ ان جون مخالف قوتون بہ اڳتي وڌنديون، ليڪن آمريڪا ۾ چرچ جا اختيار گهٽجي چڪا آهن، ڇاڪاڻ تہ هن ملڪ کي مذهب کي سياست کان الڳ رکڻ جو عوامي مئنڊيٽ مليل چڪو آهي. ائين ٿيڻ سان آمريڪا کي روحانيت جي ميدان واسطي نئين کوجنا ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. The Founding Fathers کي

اها چٽيءَ ريت ڄاڻ هئي ته اهي ڇا ڪري رهيا آهن. ڪين اها خبر هئي ته اهي پراڻيءَ ڌرتيءَ تي قانونسازي ڪري رهيا آهن. اهو به نظر اچي رهيو آهي ته نئون لامذهب فرقو پنهنجي تحريڪ ۾ ضرور سرسي ماڻيندو ڇاڪاڻ ته اهي ماڻهن اندر ڪم ڪندا ۽ ماڻهن کي قائل ڪندا ته اهي هڪ ٻئي کي قبول ڪن ۽ هڪ ٻئي سان پيار ڪن. ماڻهو انهيءَ اصول خلاف ان وقت تائين ڪم ڪونه ڪندا، جيستائين انهن کي پنهنجي نفرت جي اظهار واسطي ڪو مددگار نه مليو آهي ۽ ڪين ٻين کان ڪنهن خوف جو احساس نه ٿيو آهي. نئين لامذهب فرقي لاءِ اهو بهترين متبادل آهي.

اسان کي انصاف جي توقع ۽ مستقل جي سٺن نتيجن جو انتظار ڪرڻ گهرجي ۽ ان انصاف جي آس ڪرڻ گهرجي، جنهن tarot جو جي پتن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جتي هڪ تارو The Star ۾ فتويٰ موجود آهي.

باب ستون

# مستقبل کي معلوم ڪرڻ لاءِ ماضيءَ کي ڏسڻو پوندو

هيئينءَ دنيا جي اوندهہ جي ديوي بتي هٿ ۾ ڪري امڪان آهي تہ تنهنجي روشني، تنهنجي علائقي ڏانهن ويندڙ رستي جي رهبري ڪندي

*(Samhain black mirror invocation)*

ماضيءَ بابت هڪ مورخ واري پس منظر جيان سوچيندي تہ ڌرتيءَ تي موجود ڪروڙن سالن واري حياتي کي، مذهب اصلي وقت کي مسائي سوڙهو ڪندا آهن. ڏسڻ ۾ اهو آيو آهي تہ ٻيءَ زندگيءَ جي پيٽ ۾ انساني زندگي گهڻو دير سان شروع ٿي آهي. اهو عرصو ٿورو نظر اچي ٿو جنهن مجموعي طور مون کي متاثر ڪونہ ڪيو آهي. ساڳيءَ ريت مغرب جي مذهبي مکيہ ڌارائن جو الهامي مذهب، منهنجي متوازن سوچ کي بہ مطمئن ڪونہ ڪيو آهي! مان قديم آثارن جي انساني زندگيءَ بابت شاهديءَ کي ڪڏهن بہ غير اهم ڪونہ سمجهيو آهي، جنهن مطابق انساني زندگي 400,000 سال آهي، اهڙيءَ ريت ڪيترائي برفاني دور بہ گذريا آهن. مان اهڙين غير حقيقي قسم جي بيانن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيان تہ اڄ کان بہ هزار سال اڳ ساري دنيا براين ۾ بچڙاين سان پريل ۾ ٻاٽ اونداهيءَ ۾ ٻڏل هئي. مان قديم آثارن مان دريافت ٿيل قديم ثقافتي شين وسيلي ماضي جي سونهن ۾ سوپيا کي ڏسي ورتو آهي. اهڙيون شيون يورپ جي سفر دوران مون کي نظر آيون هيون. انهن شاهدين ذريعي مون کي معلوم ٿيو آهي تہ ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قديم ثقافتي دور ۾ ڏاڍا مگن رهندا هئا ۽ موسيقي ۽ فن ڏينهون ڏينهن اسري اڳتي وڌي رهيو هو. جڏهن مان پنهنجي ورثي جي ياد ڏيارينڊڙ شين کي ڏسندي آهيان ۽ جڏهن مان پنهنجي خانداني روايتن جي چٽنگ کي پنهنجي هنيانءَ ۾ چمڪندي محسوس ڪندي آهيان تہ مون کي اهڙين شين سان گهرو لاڳاپو ڏسي تمام گهڻو احساس ٿيندو آهي. مان چاهيندي آهيان تہ مان پنهنجي انهيءَ اونهي احساس کي اوهان سان بہ ونڊيان ورڇيان. هن حقيقت جي تعين ڪرڻ لاءِ تہ اسان ڪير آهيون ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون. اسان کي ماضيءَ لاءِ کوجنا ۽ لوچنا ڪرڻي پوندي ۽ ڏسڻو پوندو تہ اسان گذريل وقت ۾ ڪٿي هئاسون.

تاريخ ۾ اهڙا سوين سبق موجود آهن. جن جو قديم مذهب Old Religion ۽ نئين لامذهب فرقي Neo Paganism جي نئين سر زنده ٿيڻ تي وڌو اثر موجود آهي. ماٺهو پنهنجي نئين روحانيت واسطي پنهنجي روايتن جي قديم پاڙن ڏانهن ڇو واجهائيندو آهي؟ ماضيءَ ۾ اهي ڪهڙا سبق آهن. جيڪي هن قديم روحانيت نئون رخ ڏين ٿا؟ اهو بہ ڏسڻو پوندو تہ مذهب جو سياسي رخ انسان جي انفرادي روحانيت ۾ ڪهڙيءَ ريت دخل اندازي ڪندو آهي. عيسائين کان اڳ وارو تباهہ ٿيل ورثو اسان کي ڏيکاري ٿو تہ ميڊيٽرائين پار ۽ يورپ ۾ فن ۽ سونهن سوڀيا واري انساني سماج موجود هو. انسان جي سونهن سينگار جون شيون، ويس وڳا، پرت واري نفاست نزاڪت، ٺانون ٺپڻ جي خوبصورت ۽ گهرن جي اڏاوتن ۾ فن ۽ ڪاريگري جي موجودگي مان ڄاڻ ملي ٿي. هر قسم جي فن ۽ ڪلا جو پاڻ ۾ امتزاج هو ۽ زندگيءَ جي هر رخ ۾ خوبصورتي ۽ نفاست موجود هئي. انهيءَ زماني ۾ حملا بہ ٿيندا هئا ۽ جنگيون بہ لڳنديون هيون. جن جو ڪارڻ آدمشماري جو وڌڻ حرص ۽ لالچ هو. اهڙيون جنگيون تہ اڄ سوڌو اسان سان گڏ رهنديون آيون آهن. پر موجوده دور جي ثقافتن اندر روشن ضميري، عقل ۽ تخليق جي سگهہ موجود آهي. تنهن ڪري اسان جي سهيوڳي ڏرين اهڙين جنگين کي تہ تسليم ئي ڪونہ ڪيو آهي. ان بدران سماج اسان ۾ اها آس لڳائي ويني آهي. تہ اسان ٽيڪنالاجي جي

عظمت کي تسليم ڪريون. جيڪا اسان کي پنهنجي وڏڙن کان اوچي ۽ اعليٰ حيثيت ڏئي رهي آهي، پر عام طور تي اسان پنهنجي وڏڙن سان گڏ هوندا آهيون. انهن وٽ به ٽيڪنالاجي هئي، جنهن کي ڏسي اسان وائڙا ٿي ويندا آهيون. جڏهن اسان پٿر تي ٽيل انهن جي فنڪاري، پٿراميڊ جي تعمير ۽ ڪنوسس Knossos ۽ پارٿنان Parthenon جي مورتين جي خوبصورتي ڏسندا آهيون ته دنگ رهجي ويندا آهيون. پوءِ اهڙي روحاني تبديلي ڇو آهي، جو خوشين ڀري زندگيءَ سان اڻ مٽي پيار بدران خود غرضي ۽ فطرت کان ڌڪار ڇو پيدا ٿئي؟ ساري دنيا واريون خوشيون عام ماڻهن جي هٿن مان نڪري مذهبي ملن ۽ سماج جي اوچي طبقي جي ور ڇو چڙهي ويون؟ مذهبي ملو به هن اوچي طبقي جي گهر جو ڀاتي هو. عام ماڻهو مذهبي ملي طرفان بڇيل ڏکن ڏاکڙن کي ڇو مڃي رهيا آهن.

هي معاشري جي تباهيءَ کي ڪليءَ دل سان قبول ڪري رهيا آهن ۽ ٻئي طرف حڪمرانن جي ڇو مذمت ڪري رهيا آهن؟ معاشري جي اڌ کان وڌيڪ حصي جي توهين ڇو ڪئي ويندي آهي ۽ عورت جنس جي بلاجواز مذمت ڪئي ويندي آهي، جنهن کي نيچ، برين ۽ بڇڙائن جي پاڙ به سمجهيو ويندو آهي؟ انسان جي هڪ ٻئي سان پيار ڪرڻ کان انهن کي ڊپ ڇو ٿيندو آهي؟ ڌرتيءَ جي ذات ۽ ڏاتار هجڻ واري ڳڻ کان انڪار ڇو ڪيو ويندو آهي؟ ماڻهو پنهنجي دنيا، پنهنجي ڪلا، پنهنجي چاهڻ ۽ زندگيءَ جي حقيقي لطف کان ويڳاڻا ڇو ٿي ويندا آهن؟ اسان روحاني طور تي ڪير آهيون؟ اسان ڪٿان آيا آهيون؟ اسان ديوي هيل Hel جي سياهه ۾ ڏک ڏاکڙا ڇو ڳوليندا آهيون ۽ دنيا جي مختلف جنگين ۾ ماڻهو هڪ ٻئي جو ڪوس ڇو ڪندا آهن؟ اهڙا عقيدا ته مذهبي ملن جي ساراهه ڪرڻ لاءِ گهڙيا ويا آهن. جيڪي ماڻهن ۾ هوريان هوريان جهالت پيدا ڪندا رهندا آهن.

موجوده دور جي اوگهام واري علامت مختلف وهڪرن جي سنگم جو نشان آهي، جڏهن ته ڪارو ڪنڊيو black thorn نفرت ۽ ڌڪار جي علامت آهي، جيڪو جادوگريءَ جي لامذهب فرقي جي نمائندگي ڪري ٿو. جاڪوڙ اهڙي ڪئي ويندي آهي ته جيئن ڪاريٰ ڪنڊي کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي ڪنڊي White thorn جي شڪل ۾ تبديل ڪيو ويجي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن ڏيهاءَ جي مزاحمت ڪجي ۽ ان کي مغلوب ڪري ڇڏجي. موجوده دور ۾ سياسي قوتون قديم مذهب جي پوئلڳن کي قانون مدد ڪرڻ لاءِ تيار تي ڇڪيون آهن. ان کان سواءِ لامذهبي فرقي وارن وٽ هڪ وسيع قسم جو نيٽ ورڪ موجود آهي، ان ڪري هن مذهب کي هر طرف کان سهائتا ملي رهي آهي.

## مذهب ۽ پوڄا

يورپ اندر جاڳر ڪرڻ جو هڪ مخصوص قسم جو طريقو آهي، جيڪو ماضيءَ جي ان پوڄا جو روپ ٻڌائي ٿو جنهن جو واسطو 30000 سال اڳ وارن سنڌو ماتريءَ جي ماڻهن سان آهي. جڏهن تہ ٽيوٽونڪ مذهب وارو طريقو ٻئي ديوتا جي ديويءَ واري روپ کي گهٽ ڪري ڇڏي ٿو. هن مذهب جي قدامت 4000 سال آهي. ان کان اهڙن مختلف مذهبن جي پوڄائن جي ارتقا جي نمائندگي ڪري ٿو جنهن اندر مذهب جي سياسي روپ ۽ قديم مذهب جون ڪجهہ روايتون گڏيل سڏيل آهن. اهڙيءَ ريت توسيعي قسم جي جنگ ۽ مطلق العنانيت واري درجہ بندي، جيڪا سماجي ضابطي ۽ جنگي جنون جي وڌائڻ لاءِ وجود ۾ آئي هئي، تنهن خاص قسم جو ٽيوٽونڪ مُلو پيدا ڪري ورتو هو. هن مذهبي ملي هن نظام کي قانوني شڪل ڏني هئي ۽ هو مفتوح عوام ۽ ديوتائين جي وچ وارو منصبي فرض ادا ڪرڻ لڳو هو. اتر وارن علائقن جو ماڻهو محدود هو جنهن کي برفاني دور جي آخر ۾ عورتن ۽ نوجوانن خلاف پنهنجي طاقت ۽ تشدد جي استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي، ان ڪري مرداڻي غلبي وارو سماج پيدا ٿي چڪو هو جنهن اشارو ڏنو هو تہ اهو فطرت ۽ ماحول کي ڪجهہ بہ سمجهڻ وارو ڪونہ آهي.

مذهب جا بنياد دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ فطرت ۽ وجدان تي بيٺل هئا. پر نئون مذهب ڌرمي رسمن بجا آڻڻ ۽ نئين قائم ڪيل اخلاقيات جي بنيادن تي بيهاريو ويو هو. ان جو خاص مقصد ماڻهن مٿان ضابطو رکڻ هو. هن کان پوءِ انسان فطرت جي ديوتائن جو حصو ڪونہ رهيو هو ۽ ان کان الڳ ٿي چڪو هو. مستقبل جي ڪنهن خيال ڪرڻ کان

سواءِ هن مٿان غلبي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. ان معاشري ۾ فقط قيامت ۽ دائمي نعمتن جي وچي ڳالهہ رهي هئي يا دائمي قسم جي ذلت وچي باقي بچي هئي، ڇاڪاڻ تہ گهرو جنگ جي ڪري رويا تبديل ٿي ويا هئا تہ اصولن انساني عزت نفس کي ڊانوانڊول ڪري ڇڏيو هو. سنڌن اندر واري خوشي تباهہ ٿي وئي هئي ۽ اهي فطرت ۽ ديوتا جو حصو ڪونہ رهيا هئا. پر هڪ قسم جي مخلوق ٿي رهجي ويا هئا، بنا ڪنهن سِکيا ۽ تربيت ڏيڻ کان سواءِ جنس پرستي تي حملا ڪيا ويا هئا ۽ عام ماڻهن کي صدقي جي ٻڪرو سمجهيو ويو هو. جنهن کي قانون ۽ مذهبي مُلي پنهنجي ديوتا سان سڌي ملڻ کان منع ڪري ڇڏي هئي. هي ماڻهو قديم دور جو جاڳر ڪندا هئا، جيڪو اڪيلائي ۾ ڪيو ويندو هو پر مذهبي ملن هنن کي ميڙاڪن جي صورت ۾ مذهبي رسمن ادا ڪرڻ لاءِ زور رکيو هو.

موجوده دور جو يورپي مهذب آريائي مذهبي روايتن ۽ سنڌ جي قديم مذهب جي اصولن جو هڪ گڏيل روپ آهي. آريائي مذهبي روپ کي پوئتي وچي (حضرت) عيسيٰ، گوتم ٻڌ، ڪرشن، اندر، ٿور ۽ اوڊين جي شڪل ۾ ڏسي سگهجي ٿو. ان کان پوءِ باقي بچيل روايتون سنڌ جون آهن. جيڪڏهن اهي روايتون ناڪاري آهن تہ سمجهڻ کپي تہ اهو آرين جي دٻاءَ ڪري ائين ٿيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي سنڌ جي مذهبي روايتن کي گهٽيءَ ڌڪار سان ڏسندا هئا. جيڪڏهن سنڌي مذهب جي روايتن کي مجموعي طور آريائي مذهب سان شامل ڏسجي ٿو تہ سمجهڻ کپي تہ آرين سهپ ۽ رواداري کان وٺي ائين ڪيو هوندو. جڏهن تہ آرين اهو ڪڏهن بہ ڪونہ ٿي چاهيو تہ سنڌ جي مذهبي روايتن کي ملائي موجوده دور جو هڪ گڏيل مذهب پيدا ڪجي، تنهن ڪري يورپ جي موجوده دور جي مذهب ۾ ٽي اهم عنصر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هڪ آريائي مذهب، ٻيو سنڌ جي قديم مذهب جون روايتون، ٽيون آرين جا سنڌ جي مذهب کان انڪار ڪرڻ وارا اصول، پر جيئن تہ سنڌ جي قديم مذهب جي روايتن کي قبول ڪيو ويو پر اهڙيون سنڌي روايتون آرين جي مذهبي روايتن سان گڏجي آريائي مذهبي روايتون معلوم ٿيڻ لڳيون هيون. اهڙيءَ ريت جن سنڌ "Sind" جي روايتن کي رد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو ويو تن کي اڄ Sin (گناهہ) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

وهنجڻ يا سنان ڪرڻ ۽ پاڻيءَ وسيلي بتسما baptism جون روايتون سنڌ جي قديم مذهب جو رهيون آهن. جن کي قبول ڪيو ويو هو. هن قسم جون مذهبي رسمون مغربي مذهب ۾ اڄ بہ طاقتور روايتون آهن. ان مذهب ۾ هڪ شخصي خدا بہ موجود آهي، جنهن سان گڏ ٻار کي نپائڻ واري ماءُ بہ ڏسجي ٿي. ساڳي ريت روح القدس Holy spirit نظر اچي ٿو. ان مذهب جا پوئلڳ عبادت ڪري ۽ سوڪڙيون ڏئي، اهو قبول ڪندا آهن تہ شخصي خدا تعاليٰ جي ماءُ بہ موجود آهي. سوکڙيون ڏيڻ کان سواءِ ميڻ بتيون ٻاريون وينديون آهن. گل رکيا ويندا آهن ۽ اگربتيون ۽ ٻيون خوشبودار شيون ٻاريون وينديون آهن. اهڙي قسم جي نظريي مان معلوم ائين ٿيندو آهي تہ خدا تعاليٰ انسان جي وجود اندر موجود آهي ۽ روح القدس جي ميلاپ سان ان جو نئون جنم واقع ٿي سگهي ٿو ۽ خدا تعاليٰ مان بہ وصل ٿي سَگهي ٿو. اهڙيون ڳالهيون خالص آريائي مذهب ۾ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿيون اچن.

خالص آريائي مذهب ۾ قربانگاهہ ۽ باهہ وسيلي پسوءَ يا ماڻهوءَ جي قرباني ادا ڪئي ويندي هئي ۽ ديوتا کي خوش ڪيو ويندو هو جيڪو غضب، قهر ۽ انتقام وٺڻ وارو خدا هو. ان قهار ۽ ظالم خدا جي ويجهو ڪي چونڊيل مهذبي ملا وڃي سگهندا هئا. اهي ملا مذهبي رسمن سان لاڳاپيل ڪي منتر پڙهندا هئا ۽ خاص قسم جي چرپر ڪندا هئا. مندرن کي سينگاريندا هئا ۽ انهن ۾ خوبصورت شيون رکندا هئا. ملا هجڻ واري عبادت ڪندا هئا. اهڙِين شين جو نذر نياز ڏيندا هئا. جن کي مقدس قانون ۾ بيان ڪيو ويو هو انهن شين جو تعلق هن مادي دنيا سان هو. خدا جي نافرمانيءَ جي سزا بہ مذهبي ملا جي هٿ ۾ هوندي هئي. هر ماڻهو ڄائي ڄم کان گنهگار سمجهيو ويندو هو. اڳئين جهان ۾ بهشت بہ هوندو هو جنهن ۾ اهي ماڻهو داخل ٿيندا. جن خدا جي حڪمن جي تابعداري ڪئي هوندي ۽ اهي محفوظ هوندا ۽ جيڪي بخشيل، بچايل ۽ محفوظ نہ هوندا. انهن کي جهنم ڏانهن موڪليو ويندو جن لاءِ اتي دائمي عذاب هوندو. عورتون ڪيڏيون بہ صالح هونديون. انهن ڪيڏا بہ گهڻا نيڪ ڪم ڪيا هوندا، پر انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي اڳئين جهان ۾ ڪابہ نعمت ۽ انعام نصيب ڪونہ ٿيندو. الٽو انهن کي تنبيهہ ڪئي وئي آهي تہ مردن جون هر حال ۾ فرمانبردار رهن.

آرين سنڌ "Sind" جي جن روايتن هجڻ کان انڪار ڪيو هو تن کي Sin جي نالي سان سڏيندا هئا. جنهن جي معنيٰ گناهہ هو جنهن ۾ ديويءَ جي طاقت کي ذميوار تصور ڪيو ويندو هو جنهن کي دئت يا شيطان بہ سمجهيو ويندو هو. سنڌ جي قديم مذهب ۾ نانگن کي ڏاهپ ۽ امرتا جي علامت سمجهيو ويندو هو جنهن کي عهدنامہ عتيق جي پيدائش genesis واري باب ۾ بدي ۽ بچڙائي سڏيو ويو آهي. ان کان پوءِ هڪ وڻ جي ٿهيل ٺڪيل روايت نظر اچي ٿي، جيڪو ابدي زندگيءَ جي علامت هو جنهن جي ويجهي وڃڻ کان آدم ۽ حوا کي روڪيو ويو هو. اهڙيون قوتون پيدا ٿي چڪيون هيون، جيڪي ڪن ٻوٽن ۽ پسن کان ويجهي اچڻ کان روڪي رهيون هيون. اهڙيءَ ريت ڪيترا ديوتا دئت ۽ شيطان بڻجي ويا. آزاد مزاج عورتن کي نفرت جوڳو سمجهيو ويو هو جنهن جو جيزيبل "Jezebel" هڪ مثال آهي، جنهن کي شيطان صفت عورت قرار ڏنو ويو هو. هڪ ماڻهوءَ جو ڏهاڙي ديوتا جي ويجهو وڃڻ يا بنا ڪنهن وڏي ڏڻ جي ان وٽ هفتيوار وڃي سندس پوڄا ڪرڻ فقط مذهبي ملا جو ڪم هوندو هو. جيڪو صفا جڳادري قسم جو ملو هوندو هو. جيڪڏهن عام قسم جو ماڻهو اهڙي اڻ سوهندي غلط حرڪت ڪري وجهندو هو تنهن کي ڪافر ۽ مرتد قسم جي لقب ڏيڻ جي مهرباني ڪئي ويندي هئي. اهڙن قسمن جي مرتدن کي جنگ وسيلي ۽ عذاب ڏئي قتل ڪري ختم ڪيو ويندو هو. ماڻهن کي قدرتي طور مليل شرافت کي ڪجهہ بہ ڪونہ سمجهيو ويندو هو ۽ جنس پرستي کي مذمت جوڳو عمل تصور ڪيو ويندو هو. هي اهڙيون خاص ڳالهيون هونديون هيون، جن کي مذهبي گناهہ سمجهيو ويندو هو جن کي ختم ڪرڻ ملڪي قانون کي اڳتي آندو ويندو هو. جهنم ۾ جلڻ واري ڏج کان آجو ٿي زندگيءَ مان لطف اندوز ٿيڻ ٻڌ ڌرم جي مذهبي روايتن ۾ موجود آهي، جتي فقط ڪرما Karma جي ڦل ملڻ وارو اصول ڪم ايندو آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو سٺا ڪم ڪندو تہ ان مطابق ڦل ملندو ۽ جيڪڏهن گندا ڪم ڪندو تہ ان کي ڦل بہ اهڙو ملندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيون ڳالهيون يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام ۾ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿيون اچن، پر هندو ڌرم ۾ نمايان طور موجود آهن.

هندو ڌرم سنڌ جي قديم مذهب ۽ آرين جي مذهبي روايتن جو سنگم آهي. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ آريا سنڌ جي روايتن کان چڙيل هئا. ويدن جي ابتدائي ڏند ڪٿائن ۾ آرين جي نسلي برتريءَ تي تمام گھڻو زور ڏنل آهي. رامائڻ ۾ تہ هن ڳالھہ کي گھڻي اهميت ڏني وئي آهي ۽ چوي ٿو تہ هتان جا اصلي رهاڪو جيڪي شِوَ ۽ شڪتيءَ جا پوڄاري آهي، سي دئت آهن. هنن لاءِ اهو بہ چيو ويو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن اهي آرين جي ديوتائن کي بہ شڪست ڏئي ڇڏيندا هئا. انهن ڏند ڪٿائن جو هڪ مقصد اهو بہ هوندو هو تہ شِوَ ويدڪ ۽ دراوڙن کي پاڻ ۾ ملائي دراوڙن ۽ انهن ديوتائن کي شڪست ڏني هئي، جن کي پوءِ اڄ سڏيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪڏهن شِوَ کي دئتن جو ديوتا بہ سڏيو ويو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ اهو ڏيهي ماڻهن جو ديوتا هو. اهڙيءَ ريت فاتح آريا دراوڙن جي علائقن کي دئتن جا علائقا سڏيندا هئا.

سنڌ Sind جي قديم مذهب جي پوئلڳيءَ واري عمل کي گناھہ Sin چيو ويندو هو. جيڪو شِوَ ۽ شڪتيءَ جو ڌرم هو. ٻيو تہ ٺهيو پر بابل جي ڏند ڪٿا ۾ اشتطار ديوي جي پي کي بہ sin جي نالي سان سڏيو ويو آهي. قديم آثارن جي کوٽاين ۽ کوجنائن مان معلومات ملي آهي تہ سنڌو ماٿريءَ جي ترقي يافتہ علائقي ۽ سمير، ايران ۽ عرب جي گھٽ ترقي يافتہ علائقي وچ ۾ 2900 ق. م. ۾ تمام گھڻو واپار هلندو هو. ان کان سواءِ 3600 ق. م. سان تعلق رکندڙ سميري نسل بہ سنڌ مان نقل مڪاني ڪري سمير ۾ وڃي آباد ٿيو هو. تنهن ڪري انهن علائقن جي مذهب تي سنڌ جي مذهب جو اثر هجڻ عين فطري حقيقت هئي.

شِوُ تمام آڳاٽو ديوتا هو. جنهن جي لڳاتار پوڄا ٿيندي رهندي هئي جنهن کان انسان ذات جو معاشرو چڱيءَ ريت واقف هو جيڪو چوڏس پکڙيل فطرت جي مذهبي عقيدن جو بنياد هو. اهڙن عقيدن ڪري قديم دور کان وٺي لنگ، يوني، سڱن، ڍڳن، نانگن، وڻن، ڪٺڪ، سڱن وارن جهنگلي پسن جي پراڻي پٿر دور کان وٺي پوڄا ٿيندي رهندي هئي، ۽ اڄ کان 4000 سالن تائين چوٽ چڙهيل هئي. ان کانپوءِ سياسي مذهبي نظام جو وجود نظر اچي ٿو.

ويدن کان اڳ واري هندو ڌرم ۾ شِوُ مرد عورت جي گڏيل Androgyne روپ وارو هڪ ديوتا هو. ان کان پوءِ مرد ديوتا شو ۽ عورت ديوي شڪتيءَ جي ٻن روپن ۾ ورهائجي الڳ ٿي ويو هو. ان ديوتا جو روايتي نالو اوم AUM يا UMA آهي. ان نالي جو انهيءَ ڳالهه تي مدار آهي تہ ڪيس ڪهڙي نانءُ سان سڏيو وڃي ٿو. پوئين دور جي عبراني ڪابالاش روايتن مطابق ان نالي جي هر هڪ اکر کي پنهنجي معنيٰ آهي. تنتر هندو فرقي موجب A جي معنيٰ grace (مرد)، U جي معنيٰ شڪتي (عورت) ۽ M جي معنيٰ ڪل (يعني عورت/ مرد Androgyne). اوم AUM جو مطلب شِوَ ديوتا (مرد) آهي. موجوده دور جي هندو ڌرم ۾ هن لفظ جي هجي (اوم) OM آهي، جنهن کي طاقتور منتر طور چيو ويندو آهي، جنهن جي اچار ۾ سڀ حرف علت هوندا آهن.

جڏهن تہ UMA ديويءَ جو روپ آهي، جيڪو قديم سنڌ، موجوده دور جي هندستان، قديم دور جي سمير ۽ بابل ۾ بہ هڪ ديوي جي روپ ۾ ڏسجي ٿو جيڪو شڪتيءَ جي نمائندگي ڪري ٿو پر حقيقت اها آهي تہ شِوَ شڪتي آهي ۽ شڪتي شوآهي. ٻئي نالا هڪ ئي ٻٽي ديوتا جا آهن. ڪين ڪل (Arndrogyne) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جيڪو شِوَ ۽ شڪتي جي گڏيل روپ ۾ ڏسبو آهي. ان جو منتر بہ هڪ گڏيل صورت ۾ چيو ويندو آهي. جنهن ۾ ديوتا ۽ ديوي جو نالو گڏيل صورت ۾ اچاريو ويندو آهي، جهڙوڪ "اوم اُما اوم اُما اوما اُما. . ." ۽ ڪير بہ ان جو ڪاٽو ڪري ڪونہ سگهندو آهي تہ ڪٿي اوم جو نالو ختم ٿئي ۽ اُما جو نالو شروع ٿئي ٿو. شايد قديم ثقافتون ٻليءَ جي ان ڪري عزت ڪنديون هيون، جو هي پسو (ٻلي) اوم اما جو نالو ڏاڍيءَ خوبصورتيءَ سان اچاري سگهنديٰ آهي.

دراوڙا نالو سنڌو ماتريءَ جي قديم ماڻهن لاءِ هوندو هو جيڪي آرين کان اڳ سنڌ جي سرحدن اندر رهندا هئا. هاڻي ذڪرڻ هندستان جو هڪ علائقو جن جي رهاڪن کي دراوڙن جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هنن ماڻهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهي انهن ماڻهن جو اولاد آهن، جيڪي آرين جي حملن ڪري سنڌ ڇڏي هيڏانهن هليا آيا هئا. ماڻهن جو هي نسل اڄا تائين شڪتيءَ جي پوڄا ڪندو آهي، جيڪا

شِوَ سان گڏ هوندي آهي، پر اهميت ديوتا بدران ديويءَ کي ڏيندا آهن، جيڪو طاقت ۾ ديويءَ کان ٻئي نمبر تي هوندو آهي. سنڌو ماٿري جي دراوڙن جي شِوَ ۽ موجوده درو جي هندو ڌرم جي شِوَ جي مورتي hermaphrodits اڌ ديوتا ۽ اڌ ديوي هوندي آهي. جڏهن دراوڙ 6000 ق. م. ڌاران نقل مڪاني ڪري يورپ جي مختلف علائقن ڏانهن آيا هئا تہ هنن ساڻ گڏ انهيءَ قسم جي مورتي هئي. اهڙيون حقيقتون پٿر جي پوئين neolithic دور جي اوير يورپ ۽ ميڊيٽرانين يورپ جي علائقن جي کوٽائين ۾ کوجنا وسيلي هٿ آيل ثقافتي شين جي شاهدين وسيلي معلوم ٿيون آهن. انهن جي لاشن کي دفنائڻ وقت واريون رسمون بہ ٻڌائي رهيون آهن تہ سنڌن لاڳاپو سنڌ جي دراوڙن مان هو.

قديم ۽ تازي دور جي هندستاني فن مان معلوم ٿئي ٿو تہ شو جي مورتيءَ کي ڪڏهن شڪتيءَ کان الڳ ٿيندي بہ ڏيکاريو ويو آهي ۽ مورتي مٿي کان وٺي پيرن تائين پوري وچ تان ڌار ٿيندي معلوم ٿيندي آهي، جنهن جي ساڄي پاسي وارو اڌ شِوَ جو ۽ کاٻي پاسي وارو اڌ شڪتيءَ جو هوندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو وڪان جي قربانگاهن ۾ ديوتا جي ڏسڻ جي ساڄي پاسي ۽ ديويءَ جي مورتي کاٻي طرف ڏسبي آهي. مورتيءَ واري جڳهہ بہ ڏسڻ وارن جي نقطئہ نظر کان مقرر ڪئي وئي آهي. وڪان ۽ ٽيوٽونڪ لامذهب فرقي وچ ۾ ٻين کان سواءِ هن ٻنهيءَ مورتيءَ جو بہ بنيادي فرق هوندو آهي.

دراوڙن کان پوءِ واريءَ هندو ڌرم جي روايت ۾ روپ ۽ آواز مطابق اوم OM اعليٰ ۽ اتم مقدس وجود هوندو آهي، جيڪو سيني يڳنن جي ابتدا ۾ هوندو آهي تہ انتها ۾ هوندو آهي. اهڙيءَ ريت عملي سرگرمين ۾ مقدس تجربن جي پاٺ جي آخر ۾ آمين Amen جهڙا لفظ بہ چيا ويندا آهن. اهڙا منتر ٻين سيني منترن کان وڌيڪ طاقتور هوندا آهن. تنتري هندو فرقي ۾ اهو لفظ اوم AUM هوندو آهي. چيو ويندو آهي تہ اها هجي قديم سنڌ جي هجي وانگر آهي. عيسائي مذهبي ڌارا جو بہ اهو ساڳيو تصور آهي تہ خدا تعاليٰ جي لفظ ۾ وڏي طاقت آهي. يهودي مذهب ۾ بہ اها روايت آهي تہ خدا تعاليٰ جي نالي سان گڏ ڪنهن ٻئي جو نالو نہ لکيو وڃي. اهڙيءَ ريت قديم دور جي لامذهب فرقي ۾ نئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لامذهب فرقي ۾ طاقت وارن لفظن جي ڪتب آڻڻ جي روايت موجود آهي. ڪابالاش ۾ هڪ ٻئي قسم جي Ceremonial magic ۾ منتر ضرور جپيا ويندا آهن. ڇاڪاڻ تہ عام ماڻهو بہ قديم دور سان لاڳاپيل منتر پڙهندا هئا. ان جو مقصد هوندو هو تہ جيئن ديوتائون منتر جپڻ وارن جي خواهشن کي پورو ڪن.

آرين جي ڪوشش هئي تہ جيئن دراوڙن جي روايتن کي مغلوب ڪري ڇڏجي، تنهن ڪري هنن اوم AUM جي لفظ ۾ موجود اکرن جي معنيٰ کي تبديل ڪرڻ جي جاکوڙ ڪئي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ انهن جو مفهوم جاڳرتا بڻجي ويو هو. اهڙيءَ ريت سمجهاڻي ڏني ويندي هئي تہ انهن اکرن جو اصلي مقصد گهري ننڊ ۾ سندر سپنا ڏسڻ آهي، پر حقيقت اها آهي تہ پراڻين روايتن ۾ هن قديم مذهب جي اصليت موجود هئي. هي مرد ۽ عورت جي سڀنڌ جو هڪ سگهارو نظريو هو جنهن کي شِوَ ۽ شڪتيءَ جي روپ ۾ پنهنجو نمايان اثر هو. پر هن ٻئي ديوتا جي مورتيءَ بدران آرين برهما، وشنو ۽ اندر ديوتا جي تمورتي کي اهميت ڏني هئي، بعد ۾ اندر جي حيثيت کي گهٽائي، ان جي جاءِ تي تمورتي ۾ شِوَ کي جڳهہ ڏني وئي،هئي، هن مرد غلبي واري مذهب ۾ شڪتي موجود ڪونہ آهي، جنهن پنهنجي خاص حيثيت پنهنجي جوڙيوال جي حوالي ڪري ڇڏي آهي.

سنڌ ۾ بہ آرين ويهن ئي ننهن جا زور لاتا هئا. تہ جيئن ان سڱن واري ديوتا جي پوڄا پاٺ واريون روايتون ڊڪجي، پنهنجي اصلي حيثيت وڃائي ويهن. جيڪو پسو پتي، سڪر سٽائي Fertilily ۽ نٽ راج هو جنهن کي پنهنجي گهٽ درجي واري قبائلي ديوتا ردر Rudar سڏڻ لڳا هئا. هنن پنهنجي ڏند ڪٿائن ۾ بہ شِوَ کي رت پياڪ بلائن، دهشت ۽ تباهہ ڪاري جي ديوتا جو روپ ڏنو هو. پر شِوَ کي تباهہ ڪاريءَ جو روپ هن ڪائنات جي وهڪري ۾ ڪُنن ebb جي ناتي ڏنو ويندو رهيو آهي. صدين کان وٺي ڏند ڪٿائن ناهڻ جو سلسلو جاري هو جن وسيلي شِوَ جي اصلي حيثيت کي تسليم ڪيو وڃڻ لڳو هو. ان ديوتا جي ڏيرج ۽ ڪميا ڪري هن ديوتا جي اهم حيثيت انهن ماڻهن جي مذهب اندر بہ پنهنجي جاءِ جوڙي ورتي، جن دراوڙن کي فتح ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. شِوَ جا پوڄاري اڄ ڪيس پيار ۽ محبت جو ديوتا سمجهندا آهن. موجوده دور ۾ هي استعارو "شِوَ ديوتا عشق آهي"، جو هندو ڌرم جي پوئلڳن جو بيان آهي. شِوَ ديوتا لاءِ چيل اهي لفظ بہ صديون اڳ واري زماني سان تعلق رکن ٿا. جنهن مان يقين ٿي وڃي ٿو تہ برهما ۽ وشنو ديوتا، شوَ جا مختلف روپ آهن ۽ پاڻ ڪل All جي حيثيت رکي ٿو. تنترڪ هندو فرقي وارا هن ديوتا جي سگهہ واري روپ ڏانهن وڌيڪ زور ڏيندا آهن ۽ ان کي سندس grace واري روپ کان اهم سمجهندا آهن. تنهن ڪري شڪتيءَ کي وڌيڪ مقدس وجود تصور ڪندا آهن ۽ ڪيس ديوي، ماتا ديوي، مها ديوي ۽ هندستان ۾ ٻين گهڻن روپن وارن نالن سان سڏيندا آهن.

ميسوپوٽاميا (موجوده عراق) جي اصلي مذهبي روايتن جا پيرا سنڌو ماٿريءَ جي مذهبي روايتن وٽ پهچي دنگ ڪن ٿا. جتي پڻ شِوَ ۽ ديويءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ پوڄا ڪئي ويندي هئي. حقيقتن مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ يهودين بہ پنهنجي مذهبي دور جي ابتدا ۾ شِوَ ۽ شڪتي کي پنهنجو ديوتا ۽ ديوي سمجهندا هئا، پر بعد ۾ هنن ماڻهن مذڪوره ديوتا ۽ ديويءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. خود god جو لفظ جرمن ٻولي جي لفظ gott تان ورتل آهي، جيڪو دراصل سنسڪرت جو لفظ گاڍِ آهي. ساڳيءَ ريت فرينچ ۽ لاطيني ٻولي جو لفظ ڊيئو Dieu، ڊِيو Div تان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٻرندڙ. اهو لفظ ديوا Deva جهڙو آهي. جنهن جو مطلب چمڪندڙ آهي. اهو لفظ ائين آهي جيئن Fairy folk لاءِ سڌي Sidhe جو لفظ آهي يا سڌا Siddha آهي، يعني طاقتور يا طاقت سان ڀرپور. انهن طريقن وسيلي اهو ظاهر ٿي وڃي ٿو تہ قديم مذهب جا ديوتائون، جديد دور جي مذهبن ڌارائن جي ڊڪشنرين ۾ اڄ تائين موجود آهن. اهڙيءَ ريت ديول يا شيطان، ديوي واري نقطئہ نظر جي متضاد آهي، جيڪو دراوڙن جو مذهب آهي. ڊئوڊ يا دائود جو نالو بہ خدا واري گهراڻي سان تعلق رکي ٿو جيڪو پڻ قديم دراوڙي نسل جي ماڻهن جو ۽ سنڌن مذهب جو نالو آهي. ڇاڪاڻ تہ ميسوپوٽاميا بہ سنڌن مذهب جو بنياد قديم دور کان موجود هو ۽ اتان جي دراوڙن کي خدا جو گهراڻو House of god سڏيو ويندو هو. هي اهي

ماٺهو هئا جن ٻنهي ديوتا شو/ شڪتيءَ جي مذهب جا عقيدا ڏنا هئا. اٽڪل 2000 ق. م. دراوڙا شو جي ٻيلن جي ديوتا جي روپ ۾ پوڄيندا هئا. اهڙيءَ ريت شڪتير کي وٽن جي ديوي طور پوڄيو ويندو هو. ان جو ڪارڻ اهو هو ته انهيءَ زماني ۾ سنڌوءَ ماتريءَ ۾ گجگاه ٻيلا هوندا هئا ۽ اتان جا ماٺهو ڪاٺ جي ٽُڪُ واري ڪم ۾ مها ڪلاڪار هئا. ديويءَ کي نانگ جي ديوي به سڏيو ويندو هو. ممڪن آهي ته ٻانيڻ ۽ ٻاوا نانگن جي وهه کي ڪانين ڪرامتن ۽ اڳڪتين ڪرڻ واسطي ڪم آڻيندا هجن. اسرائيل جي پهرئين بادشاهه جو نالو سائول Saul هو. جيڪو هندستان جي هڪ مضبوط ۽ پائدار ڪاٺ جو نالو آهي. اهو وڻ (ديويءَ جي شڪل ۾) ۽ شو جي روپ ۾ دائو کي ورثي ۾ مليو هو. چاڪاڻ ته مرد ديوتا کي آريائي نقطئه نظر واري طاقت هوندي آهي.

انجيل جا مصنف ديوين کي ديوتائن جو روپ ڏئي چڏيندا هئا. مثال طور هنن اشطو ريث Ashtoreth اشطاروث Astaroth ديوتا بڻائي چڏيو هو. ان ڪان سواءِ هو هٿ وٺي ديوتائن جي نالن کي غلط هجي سان لکندا هئا. انهيءَ مقصد سان ته جيئن آرين جي ديوتا ياوهه Yahweh کي ديويءَ جو روپ ڏئي نه سگهجي. حقيقت ۾ سائول به وڻ جي ديوي جي نالي جي نمائندي ڪري ٿو. جڏهن ته اها نر ديوتا يعني شيطان بڻجي ويو هو. اهو هڪ استعارو آهي، جيڪو عبراني مذهب کي يهودي مذهب تيڻ جو هڪ اشارو آهي. دائود Bathshebd (شِوَ جي ڌيءَ) سان شادي ڪري ٿو جيڪو شِوَ جو گهٽ ۾ گهٽ عورتاڻو روپ آهي. هنن ٻنهي جو پٽ (حضرت) سليمان (ﷺ) آهي، جيڪو حقيقي نه پر ڏند ڪٿائي آهي، جيڪو يهودين جو ٻهروپ آريائي حڪمران آهي، جنهن کي پرامن ۽ ڏاهو سڏيو ويندو هو. دائود Arc of Covenant جي آڌو يروشلم ۾ چو نچيو هو؟ هن قصي کي انجيل ۾ غلط سڏيو ويو آهي، چاڪاڻ ته لاوي آرين جي ڪنهن ديوتا جي پيرن پختن تيڻ کان اڳ نٽ راج شِوَ جي مورتي آندي وئي هئي.

راڻي شيبا Queen of Shaeba (Queen of Shiva) (حضرت) سليمان (ﷺ) وٽ ڇو آئي هئي؟ هن جو مقصد هو ته جيئن آرين جو بادشاهه اهو ڏيکاري سگهي ته يهوديت اعليٰ ۽ اوچي آهي ۽ هو ايترو

طاقتور آهي، جو شِوَ جي راڻيءَ سان پرڻجي سگهي ٿو. ڪيس اهو بہ ڏيکارڻ هو تہ ظاهري طور ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ حقيقي حڪمران بہ سندس ماتحت ٿي چڪو آهي. اهڙيءَ ريت شِوَ ديوتا ساري ڏاهپ (حضرت) سليمان يا آريائي مذهب کي ڏني وئي آهي، جڏهن تہ شڪتيءَ کي اخلاقي طور پيش ڪيو ويو آهي، جيڪا آريائي مذهب جي برتريءَ واري روشني ۾ گم ٿي وئي آهي. اهي ڪي تاريخي واقعا ڪونہ هئا. قديم آثارن جا ماهر ۽ مورخ اهڙين حقيقتن کي معلوم ڪري وٺندا آهن، جن کي مخصوص قسم جي رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڏنو بہ ويندو آهي. اهڙيءَ ريت هن قسم جي حقيقتن کي ڪئبلس ۽ ٽيليوزن پروگرامن ۾ بہ نشر ڪيو ويندو آهي، پر هن حقيقتن کي نصابي ڪتابن ۾ ڏسڻ کان هٽرايو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اسان جا اهڙا ڪتاب آرين جي بنيادن تي بيٺل مذهبن لاءِ وڏو خطرو آهن. جيڪو بين مذهبن جي ڏند ڪٿائن جيان هڪ ڏند ڪٿا آهي. هندستان جي مذهب سان لاڳاپيل اسڪول جي ڪتابن کي بہ چڱيءَ نظر سان ڪونہ ڏٺو ويندو آهي، جنهن جو پيٽوار اپياس مٿئين دل سان ڪندا آهن. ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان سندن ڪتابن ۾ بيان ٿيل ڪوڙي روحانيت جي پت وائکي ٿي پوي ٿي، پر پنهنجي بحث ۾ قديم يهودي ۽ عيسائي مذهب جو پيٽوار اپياس ضرور ڪندا آهن. جن جو واسطو يورپ جي لامذهب فرقي کان اڳ واري دور سان واسطو هوندو آهي.

عهدنامہ عتيق ۾ بيان ڪيل قصا ڪهاڻيون ڏند ڪٿائن کان سواءِ بيو ڪجهہ بہ ڪونہ آهي، جن کي عبراني يهودين جي نئين مذهب ۾ وڏي اهميت سان بيان ڪيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي ماڻهو حقيقتن ۾ پنهنجي مذهبن جي باري ۾ وڌيڪ جذباتي هوندا آهن. عهدنامہ عتيق جو اهو اُپار لاوي يهودين جي ملن لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪندو آهي، ڇاڪاڻ تہ سندن اهڙيون روايتون لاوي يهودين جي روايتن کان اڳ وارين رسمن کي گهٽي عزت ڏينديون آهن. هيءَ حقيقت بہ ضرور ياد رکڻ گهرجي تہ عهدنامہ عتيق 621 ق. م. کان اڳ تہ موجود ئي ڪونہ هو. اهڙي ريت عهدنامہ جديد جي مختلف حصن 400ع تائين ميڙي چونڊي هڪ جاءِ گڏ ڪونہ ڪيو ويو هو. ان کان سواءِ عيسائيت جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دقيانوسي قسم جا اصول به ڪنسٽنٽينوپول Constantinople واري گڏ ٿيل هي ڪائونسل (553ع) کان پوءِ ميڙي چونڊي گڏ ڪيا ويا هئا. اهو ڪو اتفاقي واقعو ڪونه آهي، جو بچڙاپڻ ڪي دولت، ملڪيت ۽ سماجي حيثيت سان توريو ويو. اهڙين ڳالهين تي عهدنامه جديد ۾ گهڻو زور ڏنو ويو آهي. هي انهن ماڻهن جو مذهب تي ويو آهي، جن وٽ ڪجهه به ڪونه آهي، جڏهن قديم مذهب جي پوئلڳن وٽ تمام گهڻي دولت هئي. ان ڪري غريب ماڻهو دولتمندن کان گهڻي اهميت حاصل ڪري ويا آهن. ڪارل مارڪس به هنن کي غير برابريءَ واري وايو منڊل ۾ ڏٺو هو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته سڄاڻ ڪميونسٽ ۽ ابتدائي دور جي عيسائي ڪميونٽيءَ جا ماڻهو به ڪيمونسٽ اصولن جي ڪڏ لڳي پيا هئا.

وقت بوقت پيدا ٿيندڙ نون عيسائي مذهبي فرقن ۾ نظر ايندڙ ماحول اهڙو آهي، جو مطالبا ٿي رهيا آهن ته عيسائي پوئلڳن وٽ موجود زمين، انهن مذهبي اڳواڻن کي ملڻ گهرجي. پنهنجي ساري مڏي ملڪيت گرجا گهر يا عيسائي ملان جي حوالي ڪرڻ واري تصور کي صدين کان وٺي لويو ڊويو آهي ۽ قديم ورثي جي عيسائي پوئلڳن اهڙي تصور کي گهڻو بدنام ڪري ڇڏيو هو. اهڙن ماڻهن پنهنجي مڏي ملڪيت گرجا گهر يا مذهبي ملي کي ڏيڻ بدران اهو مذهبي فرقو ڇڏي وڃي ٻيو مذهبي فرقو اختيار ڪيو هو. عيسائي ملو ماڻهن کي سمجهائيندو هو ته جيڪڏهن ڪو عيسائي مومن پنهنجي ساري ملڪيت گرجا گهر يا عيسائي مُلي کي ڏيندو ته سندس صغيرا ڪبيرا گناهه ڌوپي ويندا ۽ هو هڪ نئين قانون جي ماتحت ٿي ويندو. يهودين جو آخري تڪرار به هن معاملي تان اٿي کڙو ٿيو هو جو ساري دولت جو ضابطو يهودي اتحاد جي ميمبرن جي حوالي ڪيو ويو هو. ان ڪري لاوي ايترو دولتمند ڪونه رهيا هئا، جيترو هو اڳ ۾ هئا. اهڙيون ڳالهيون جيڪڏهن ڪو ماڻهو دقيانوسي قسم جي يهوديت ڏانهن وڃڻ چاهيندو هو ته سمجهيو ويندو هو ته اهو رابين واري ملائپ ڏانهن رجوع ٿيڻ چاهي ٿو ۽ انهن کي وڏيڪ طاقتور ڏسڻ چاهي ٿو.

ڪڏهن اهو زمانو هو جو عيسائيت کي ملڪي قانون جي آڌار تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طاقتور بڻايو ويو هو. اهڙي شروعات ڪنسٽنٽائين جي حڪمرانيءَ دوران ٿي هئي تہ مرندڙ ماڻهو پنهنجي وصيت ۾ مڙني ملڪيت پنهنجي وارثن بدران گرجا گهر کي ڏيندو هو. اهڙي قانون کان پوءِ عيسائي گرجا گهر چڙهي تہ خزانو بڻجي ويو. هن کان اڳ عيسائي ملا دولت کي حرام سمجهندا هئا. انهيءَ زماني ۾ لامذهب فرقي جي روايتن کي چڱيءَ ريت ملهايو ويندو هو ۽ قديم مذهب جي وڏن ڏڻن کي بہ وڏيءَ ڌام ڌوم سان ملهايو ويندو هو. اهڙيءَ ريت ماڻهن جو وڏو تعداد لامذهب فرقي جي ديوتائين جي پوڄا ڪندو هو.

عيسائي مذهب وارا ڇو چوندا آهن تہ خدا تعاليٰ تثليث جي شڪل ۾ موجود آهي؟ شايد ان جو امڪان اهو آهي تہ سنڌ جو شِوُ ديوتا ٽمورتيءَ واريءَ شڪل ۾ هوندو آهي. اهو ڇو چيو ويندو آهي تہ شيطان وٽ ترشول Pitchfork هوندو آهي؟ ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ شِوَ ديوتا جي پوڄاريءَ جي نرڙ تي ترشول trident جو نشان هوندو آهي. اهڙو نشان ٽمورتي جي علامتي نشاني ڏانهن اشارو ڪندو آهي. ٽمورتيءَ ۾ ٽي نڪتا هڪ جڳهہ وٽ ملندا ڏسبا آهن. اهڙيءَ ريت انهن ٽن نڪتن جو ميلاپ هڪ هٿيار بڻجي پوندوآهي. گاءِ بلگا Gae Bulga فرقي وارا بہ هن ترشول کي گهڻي اهميت ڏيندا آهن. هن فيئري هٿيار آئرلينڊ جي جهونجهار السٽر Ulster جي ڪوچوليان Cuchulainn کي ڏنو هو جنهن جي پيءُ لاءِ چيو ويندو آهي تہ سندس واسطو فيئري فوڪ سان هو. هي اهو هٿيار آهي، جيڪو هڪ دراوڙي پيءُ پنهنجي ”ڪيلٽ“ پٽ کي ڏنو هو. اهو هٿيار دراوڙن جي ديوتا شِوُ جي ”ترشول هٿيار“ جي علامتي شڪل هو.

ڪو زمانو هو جو يهودي مذهب ۾ ڳئون پوڄا جي رسم هوندي هئي. اهڙيءَ ريت جو مصر مان خروج وقت بہ هنن سان سون جو ٺهيل گابو گڏ هو جنهن جي هو پوڄا ڪندا رهندا هئا. اهو ڪهڙو سبب هو جو لاوي يهودين جي مُلن هن قسم جي مذهبي رسم کان منع ڪئي هئي؟ ان جو ڪارڻ اهو هو تہ شڪتي ديوي دانو Danu جي روپ ۾ ڳئونءَ کي تمام گهڻو مقدس سمجهندي هئي. مصر ۾ دانو جو روپ هٿئور Hathor ۾ هڪ ڏڳو آهي ۽ ڏڳو ان ڪري مقدس سمجهيو ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو جو اهو پسو شِوَ ديوتا جي سواريءَ جو جانور هو. هندستان ۾ دانو نندي Nandi جي روپ ۾ موجود آهي.



(ايليفنتا Elephanta جي مندر ۾ موجود شِوَ ديوتا جي ٽمورتي)

هن جي هندستان ۾ گهڻي پوڄا ٿيندي آهي. هن حقيقت ڏانهن ڌيان ڏيڻ ضروري آهي، تہ جنسي تعلقات کي Sin گناهہ جو تصور ڪيو ويو هو؟ جاڪاڻ تہ شِوَ ديوتا جو لُنگ Linga ۽ شڪتيءَ جي يوني Yoni واڌ ويجهہ ۽ سڪر سٺائيءَ جي علامت آهي، تخليق جي خوشي ۽ زندگيءَ جي لطف جو روپ آهي ۽ ان جو تعلق "Sind" سان آهي. اهو بہ سوچڻ جو نڪتو آهي تہ شيطان کي سِڱ جو ڏيکاريا ويندا آهن؟ ۽ چو اهو سڱن وارو ديوتا اولهہ يورپ جي لامذهب ۽ وڪان فرقي جي تاريخ تي ڇانيو پيو آهي؟ ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ شِوَ ديوتا جي اها مورتي پسو پتي Lord of Beasts جي روپ ۾ موجود آهي، جنهن کي 30000 سالن کان وٺي جاتو سڃاتو وڃي ٿو جيڪو "God of Animals and Nature" جي روپ ۾ مشرق قريب ۽ يورپ پهتو هو.

انجيل جي مورخن جو چوڻ آهي تہ بني اسرائيل 1500 ق. م. واري ڏڪار کان بچڻ لاءِ پڇي وڃي مصر ۾ آباد ٿيا هئا. پر حقيقت اها آهي تہ 1500 ق. م. دوران بني اسرائيل جو دنيا ۾ ڪو وجود ئي ڪونہ هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڪاڻ تہ حضرت ابراهيم ڄائو ئي 1600 ق. م. ۾ هو. حقيقت ۾ هي اهو زمانو آهي، جڏهن آريا سنڌو ماٿريءَ جي ذڪر واري حصي کي تباھہ ڪري رهيا هئا. آخر ۾ هنن 1200 ق. م. ڌاران موهن جي دڙي کي ناس ڪري ڇڏيو هو. اهڙيءَ ريت ميسينيا جي تهذيب ۾ ساڳئي دور ۾ تباھہ ٿي وئي هئي ۽ ڪنعاني مٽي جبلن تي وڃي آباد ٿيا هئا ۽ سنڌن شهر ويران ٿي چڪا هئا. انهيءَ زماني ۾ سنڌو ماٿريءَ کي ڇڏي ٻاهر نڪري وڃڻ وارا دراوڙا ڪنعان وڃي پهتا هئا. هي اهو دور هو جڏهن يهودين جا لاوي ملا هڪ دين جي عام ماڻهن تي ضابطي رکڻ واري ڏڇي ۾ قاتل هئا، چاڪاڻ تہ يهودين دراوڙي مذهب جون رسمون اختيار ڪري ورتيون هيون. ان ڪري يهودين کي بابل ۽ آريائي قانون کي آڏو رکي پنهنجي قانون ۾ ڪجهہ تبديليون ڪرڻيون پئجي ويون هيون، جن کي 621 ق. م. ۾ Pentateuch جي نالي سان مرتب ڪيو ويو هو.

سنڌو ماٿريءَ جي پراڻن ماڳن جي کوٽاين ۽ کوجائن وسيلي ڪيئي حيرت انگيز دريافتون ٿيون هيون. انهيءَ زماني ۾ برطانيہ شهنشاهت انهيءَ تصور جو شڪار هئي تہ سفيد عيسائي ماڻهو نسلي طور برتر ٿيندو آهي. هي اهو زمانو هو جڏهن رڊيارڊ ڪپلنگ Rudyard Kipling وائيٽ مئن برڊن White man's burden نالي ڪتاب لکي رهيو هو. هن ڪتاب ۾ انهن ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏنو ويو جيڪي غير يورپي ۽ سفيد رنگ جا ماڻهو ڪونہ هئا. هنن ماڻهن ۾ جپاني، چيني، پولينشيا Polynesia، آفريڪا ۽ هندستان جا ماڻهو شمار ڪيا ويا هئا. پوئين نسل جي ماڻهن کي ڪارو سڏيو ويو هو. اڻوهينءَ صديءَ ۾ Social Darwinism جو نظريو آيو هو جنهن ۾ چيو ويو هو تہ سماجي طور ارتقا يا اوسر ڪندڙ يورپي ماڻهن انهن ماڻهن کان برتر آهي جيڪو سماجي طور گهٽ سڌريل آهي، تنهن ڪري يورپي سفيد ۽ سماجي طور ترقي يافتہ ماڻهوءَ کي پنهنجي مفادن خاطر گهٽ ترقي يافتہ نسل مٿان غلبي رکڻ فرض آهي. اهڙي نظرئي ڪري يورپي ماڻهن کي اڳرائي ۽ توسيع ڪرڻ واسطي هٿي ملي وئي هئي. اهڙي شيءِ جيڪا يورپ جي عظمت جي خلاف هئي، تنهن کي گهٽ ڪري سمجهيو ويندو هو ۽ ان کي وڏيڪ مشهور ٿيڻ کان روڪيو ويندو هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو

سنڌوءَ ماتريءَ جي قديم ماڳن جي کوٽاين ۽ کوجنائن وسيلي ٿيل دريافتن کي يورپ جي عام ماڻهن کان ڳجهو رکيو ويو هو. ان ڪري يورپ جو فقط پڙهيل طبقو اهڙين سچاين کان واقف هو. جڏهن تہ اولهہ جي تهذيب هندستان جي مندرن ۽ اتان جي فن ۽ ڪلا کي جهنگلي قسم جو فن تصور ڪيو هو.

انگريز سرڪار هندستان ڇڏڻ کان اڳ هندستان پاڪستان جو ورهاڱو ڪيو هو ۽ سنڌ جهڙي ملڪ کي مسلمان بنياد پرستن جي حوالي شايد ان ڪري ڪيو ويو هجي تہ جيئن ان ڌرتيءَ مان ٿيل دريافتن کان ٻي دنيا واقف ٿي نہ سگهي. اچرج جهڙي ڳالهہ اها بہ آهي تہ دور جي لحاظ کان موهن جي دڙي جي قدامت کي 2500 ق. م. تائين محدود رکيو ويو آهي ۽ آرين جا حملا 2150 ق. م. دوران شروع ٿيا هئا. پر ماڻهن کي اهو ٻڌايو ڪونہ ٿو وڃي تہ هن علائقي ۾ انساني آبادي ڪڏهن کان وٺي شروع ٿي ۽ اهو ڪهڙو دور جڏهن شِو ديوتا جي پوڄا ڪانہ ٿيندي هئي، پر هتي جرئتمند مورخن جي ضرورت آهي، جيڪي بنا ڏڪ جي چئي سگهن تہ سنڌو ماتريءَ جي تهذيب 5000 سالن کان بہ گهڻو قديم آهي. هي اهو قديم دور هو جڏهن دراوڙن جي ڏند ڪٿا جوڙي وئي هئي تہ هي تخليق ستن ڏينهن ۾ جڙي راس ٿي هئي، پر انهن مورخن کي اها پوري خبر آهي تہ هيءَ ڌرتي 470000 سالن کان وٺي ڪنهن انساني نسل سان آباد هئي. هن کان سواءِ اهڙيون شاهديون بہ موجود آهن تہ هن ڌرتيءَ جا ماڻهو گذريل 28000 ق. م. سالن کان شِوَ ديوتا جُي پوڄا ڪندا آيا آهن. شايد هڪ ڏينهن اهو بہ اچڻو آهي جو هڪ تاريخي حقيقت سامهون اچي ويندي ۽ سرڪاري تعليمي ادارن جي نصاب ۾ اصلي حقيقتون داخل ڪيون وينديون.

شِوَ ديوتا جي اصلي حيثيت کي گهٽائڻ لاءِ آرين وڏا وس ڪيا هئا، پر اهو ديوتا اڄ بہ هندستان ۾ سخاوت، سونهن، عشق ۽ محبت جو ديوتا آهي. اهو بہ تسليم ڪيو ويندو آهي تہ هي ديوتا سادگيءَ ۽ ڌيرج جو ديوتا بہ آهي. ڪين مذهبي رسمن ۽ قربانين ڪرڻ جي ڪا پرواهہ ڪانہ آهي. هو ڏاڍو سادو آهي. هو ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان ڪا تقاضا بہ ڪونہ ڪندو آهي. نہ وري ڪيس ڪنهن ملان موراڻي ٻائي ٻانيڻ جي ضرورت

آهي. هو نٽ راج آهي جيڪو دنياوي طاقت کي دنياوي وقت دوران سرانجام ڪندو آهي. ديوي، شڪتي يا پاروتي، يا اُما يا ماتا ديوي جيڪا مها ديوي آهي. هن کي ڌرتي ماتا به سڏيو ويندو آهي. هيءَ ڪائنات جي راڻي پڻ آهي. Lord ۽ Lady هڪ آهن ۽ ٻنهيءَ صورت ۾ موجود آهي. هن ديوتا ۽ ديويءَ کي پوڄڻ وارو مذهب ان وقت تائين سنڌ، ميسوپوٽاميا ۽ يورپي ڪنڌ ۾ قائم رهيو جيستائين آرين جو مرد ديوتا اهم حيثيت نه ماڻي ورتي هئي. هن قسم جو ديوتا آريائي حڪمران، فوج ۽ انهن جي پنڊت کي سهائتا ڪرڻ لاءِ ايجاد ڪيو ويو هو.

آرين جي توسيع پسندي واري دور جي ديوي ۽ ديوتا کي سياسي ديوتائن جي اضافي ضرورت ڪانه هئي، ان ڪري نون علائقن جي فاتحن لاءِ خطرو هو. ان جي نتيجي ۾ هڪ نئون مذهب اسريو. جنهن عام قسم جي ماڻهوءَ جي مذهب کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ مٿين طبقي جو ديوتا آندو جيڪو يهوديت ۽ مرد غلبي واري سماج جو سبب بڻيو هو. ان جي نتيجي ۾ طاقتور ديوي ۽ نيڪ سياءَ واري ديوتا وارو فطري مذهب کي ختم ڪيو ويو هو.

جڏهن ويدڪ آرين سنڌو ماترِيءَ تي حملو ڪيو هو ته هنن سان مرد غلبي وارو مذهب گڏ هو تنهن ڪري سنڌو سيپتا جي سياءَ ۾ قيد گهير اچي وئي هئي. هن ڪان اڳ واري سماج ۾ عورت جو غلبو هو ۽ پوءِ مرد غلبي وارو سماج اچي ويو هو. دراوڙن سان ڪار وهنوار دوران هيءَ تبديلي اچي چڪي هئي ته رنڙ عورت پنهنجي مري ويل مڙس جي ساڙڻ واسطي ٻاريل ڏاگهه ۾ سڙي مري ويندي هئي. مورخ هن ڳالهه تي اختلاف راءِ رکن ٿا ته سنڌو ماترِيءَ جا ماڻهو لاش نيهر ڪندا هئا ۽ ساڙيندا به هئا، پر اهڙيون تحريرون ۽ قديم آثارن جون دريافتون آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌو سيپتا جا ماڻهو لاش کي نيهر (دفن) ڪندا هئا ۽ ساڙيندا ڪونه هئا. ان ڪان پوءِ لاشن ساڙڻ جو رواج آيو. ان ڪري دفن ڪرڻ واريون روايتون ختم ٿي ويون، پر هندستان جي شِوَ پوڄا وارن علائقن ۾ اڄ به لوڙهه لٿيا ويندا آهن. شِوَ لاءِ چيو ويندو هو ته اهو مساڻن ۾ رهندو آهي، پر اهو ڪائنس نفرت ۽ ڌڪار ڪري چيو ويندو هو. جڏهن عيسايت واسطي هي شيطان جي جڳهه آهي ۽ جهنم

آهي، پر ويدن جي ڏند ڪٿا موجب پاروتي يا ڌرتي ديوي ساڻس پوءِ ب اڻ ميو پيار ڪندي آهي.

آرين پاڻ سان ديوتا آندو هو جيڪو جبل جي چوٽين تي رهندو هو ۽ ڪيس ٻرندڙ جبلن جو ديوتا پڻ ڪوٺيو ويندو هو. يهودي مذهب ۾ خدا تعاليٰ کي ياهويه Yahweh سڏيو ويندو هو. هي سنسڪرت جو لفظ جنهن جي معنيٰ سدا واهه Ever flowing آهي، جنهن جو اشارو ٻرندڙ جبل جي لاوا ڏانهن آهي. يهودي روايتن موجب انهن جو خدا تعاليٰ جبل جي چوٽيءَ تي رهندو آهي. اتر يورپ جي آرين جي ب روايت ساڳي آهي. لاوين کي تنبيهه ڪنهن وئي هئي ت عام يهودين مان ڪنهن عورت سان پرڻو ن ڪن، پر جيڪڏهن يهودي قبيلو ڪين ڪا سٺي شيءِ ڏئي ت اها صرف قبول ڪئي وڃي. اهي ماڻهو يهويه Yahweh خدا جا پروهت هوندا هئا. ان سان گڏ هو آريا ب هوندا هئا، جن ذات واري طبقاتي نظام جي ابتدا ڪئي هئي. اهڙو طريقو هندستان ۾ برهمڻن رائج ڪيو هو. جهڙيءَ ريت مذهبي اصول برهمڻن کي مفتوح ماڻهن مان پرڻجڻ جي منع ڪئي هئي، تهڙيءَ ريت لاوي ب ائين ڪري ڪون سگهندا هئا. نظام اهڙو مرتب ڪيو ويو هو جو ملڪ جا ماڻهو ۽ ڌرتيءَ جي دولت ڦري گهري لاوين ڏانهن وڃي رهي هئي. برهمڻن جو ب دولت هٿ ڪرڻ جو ساڳيو طريقو هوندو هو. جيڪي لاوي برهمڻ يا ابراهم يا ابراهام جي اولاد مان هئا.

آرين جو حڪم هو ت اهڙي قسم جي پوڄا ڪئي وڃي جو شِوَ ديوتا ۽ شڪتي ديويءَ جو هندستان ۾ نالو غائب ٿي وڃي، پر اهڙيون شاهديون موجود آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو ت آريا ائين ڪرڻ ۾ سوڀارا ڪون ٿيا هئا. دراوڙا نقل مڪاني ڪري ڏکڻ هندستان ۽ سريلنڪا ۾ وڃي آباد ٿيا هئا. هنن ۽ تاملي علائقن ۾ شو ديوتا جي تمام گهٽي پوڄا ٿيندي آهي. موجوده دور ۾ تامل نسل ۽ سريلنڪا جي سنهالي نسل ۾ جنگ هلي رهي آهي، جيڪا شو کيٰ مڃيندڙ هندن ۽ ٻڌ ڌرم جي پوئلڳن ۾ وڙهجي رهي آهي. هندستان جي ورهاڱي کان اڳ شِوَ پوڄا سنڌ کان اوير طرف هندستان ڏانهن پکڙيو هو جيڪو مڪمل طور تي ميسارجي ڪون سگهيو هو پر ڪانئس ديوي يا عورت وارو روپ الڳ ڪيو ويو هو.

موجود دور جي هندو ڌرم ۾ گهڻا فرقا موجود آهن. جيڪي ويدڪ آرين جي ديوتائن (اندر، وشنو ۽ ان جي اوتار ڪرشن) ۽ شو ۽ شڪتيءَ جي مختلف روپن جي پوڄا ڪندا آهن. هندستان ۾ سڀ ديوتائون ۽ ديويون رلي ملي هڪ ڌرم جي شڪل اختيار ڪري ويون هون، پر مشرق قريب ۾ ائين ٿيڻ ممڪن ڪونه هو ۽ جڏهن گڏجي هڪ ٿيڻ جو موقعو پيدا ٿي رهيو هو ته ڪو نه ڪو اڻ سونهندڙ واقعو پيش اچي ٿي ويو. اڄ به يهودين ۾ ائين ٿيڻ ممڪن نٿي ڪونه آهي، ڇاڪاڻ ته جڏهن عورت هڪ انسان هئڻ ناتي پنهنجي ساٿي مرد سان هڪجهڙن حقن جي تقاضا ڪندي آهي ته اهڙي ڳالهه هن مذهب لاءِ هڪ للڪار بنجي ويندي آهي. جڏهن ته عيسائي ملا مرد غلبي واسطي آريائي انجيل ۾ بچاءُ ڳوليندا آهن. هن مذهب جي اصولن مطابق عورت کي سيڪاريو ويندو آهي ته هوءَ هر حال ۾ مرد جي مطيع ۽ فرمانبردار ٿي گذاري ۽ مرد جي حڪمرانيءَ کي اکيون ٻوٽي قبول ڪري، پوءِ اهو مرد پيءُ، ڀاءُ يا مڙس جي شڪل ۾ ڇو نه هجي. اهڙو غير برابريءَ وارو مذهبي اصول وڪٽوريا واري دور ۾ به موجود هو. اهو ترقي يافته جديد يهودي مذهب جي پيٽ ۾ دقيانوسي طرز واري يهوديت آهي، جنهن ۾ قدامت پرست عنصر جو غلبو موجود هوندو آهي. عيسائيت کان اڳ عورت جي حيثيت ۾ ڪنهن به قسم جي عزت ۽ وقار جي ڳالهه ڪانه هوندي هئي. جڏهن سارو يورپ عيسائي بڻجي ويو ته ٻين مذهبن جي پوئلڳن تي لامذهب جاگر وجهڻ وارن پوپن هئڻ جو الزام هنيو ويو هو. اتر يورپ جي لامذهب فرقي وٽ ديويون هونديون هيون. جن جي هو پراڻي طريقي موجب پوڄا ڪندا هئا. جنهن ۾ سڪر سٽائي واري ديوي ۽ چنڊ جي مختلف مرحلن واري پوڄا جو رواج هوندو هو پر مٿئين طبقي جي مرد ديوتائين جو مٿن غلبو هوندو هو.

موجوده دور جون وڪان روايتون گرين وچ ڪرافٽ Green wich craft جي روايتن تان ورتيون ويون هيون، جيڪي مهاجر دراوڙن جي مذهب کان گهڻيون متاثر هيون. هي ماڻهو سنڌ کي ڇڏي اچي يورپ پهتا هئا. جن سان پنهنجو ديوتا ۽ ديوي ساڻ هئا. آريائي ۽ دراوڙي مذهب جي ملي هڪ ٿيڻ واري ابتدائي دور ۾ هن ديويءَ کي دانو Danu جي نالي

سان سڏيو ويندو هو پر آرين جي حملن جي وڏي وچڻ کان پوءِ نانگن کي شيطان سمجهيو وڃڻ لڳو هو. انهيءَ زماني ۾ هن ديويءَ جي سنڌس پٽ سان گڏ پوڄا ٿيندي هئي. جيڪو سنڌس جوڙيوال به هو. هي اهو دور هو جڏهن شِوَ جي روپ مٿان شڪتيءَ جو روپ غلبو حاصل ڪري چڪو هو. Earth goddess سڪر سٽائي جي ديوتا Fertility god سان جنسي عمل ڪري ڳورهاري ٿي پئي هئي ۽ سندس پيٽ وارو ٻار خود Fertility god پاڻ هو. جيڪو ڪيس پٽ جي حيثيت ۾ ڄائو هو. اهو اشارو Solstice ۽ equinoxes جي ناتي سال جي مختلف موسمن ڏانهن هو. هنن مان هڪ موسم ٻج ڇٽي پوکي ڪرڻ ۽ ٻي وري لاباري ڪرڻ جي هئي. جڏهن هيءَ روايت يهودين جي مذهبي ادب ۾ داخل ٿي ته نئين زندگيءَ جي پيشن گوئي ڪئي وئي. جنهن جي نتيجي ۾ هن عيسائي راويت جنم ورتو ته خدا تعاليٰ پنهنجي اڪيلي پٽ کي جنم ڏنو جيڪو ڪنواريءَ مريم جي پيٽ اندر هو ۽ جيڪو خود هو پاڻ هو. اهڙيءَ ريت مڏرگاڏ Mother goddess فادر گاڏ Father god جي مطيع ۽ ماتحت بڻجي وئي. ائين ڪري خدا تعاليٰ جڻ پنهنجي قرباني پيش ڪئي هئي. (اوڊينسٽ لامذهب فرقي جو به هي اصول آهي.)

شِوَ ديوتا مورتيءَ جي ڪلا ۾ هميشه نانگن سان ڏسبو آهي. لامذهب فرقي تي اصول مطابق نانگ ڏاهپ ۽ وري جنم وٺندڙ واري علامت سمجهيو ويندو آهي. اهڙا نانگ شو ديوتا جي وارن، ڳچيءَ، ٻانهن ۽ چيلهه سان چنبڙيل ڏسڻ ۾ ايندا آهن. آرين جي پوين حملن واري دور (1500 — 1200 ق. م.) ۾ مقدس نانگ ۽ مقدس ڳئون دانو ديوي جي علامت رهيا آهن. هي اهو زمانو هو جڏهن دراوڙن جو مذهب سخت دٻاءَ هيٺ هو. يهودي ڏند ڪٿا مطابق شيطان هڪ خوبصورت نانگ جي شڪل ۾ هوندو آهي. جيڪو بيبي حوا معرفت انسان ذات کي علم ۽ ڏاهپ جا گر ۽ ڳجهه ٻڌائيندو آهي. جڏهن حوا علم جو ميوو وٺي آدم جي حوالي ڪيو ته جڻ آرين جو مرد ديوتا شڪست کائي چڪو هو. اهو ڏسي انهيءَ مذهب جا ملا عام ماڻهوءَ کي امر زندگي واري تصور کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ڇاڪاڻ ته ان نظريي وسيلي زندگي کي امرتا ملي رهي هئي. اهو به هڪ اصول آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ سگهہ ڪڍهن بہ ناس ڪانہ ٿيندي آهي. سندن ائين ڪرڻ جو سبب اهو هو تہ خدا تعاليٰ ۾ انسان ذات ۾ وچ ۾ موجود اهو راز سندن اصلي طاقت هو. اهي پنهنجي هڪ ڏند ڪٿا ۾ آدم ۽ حوا جي زندگي جي وڻ جي ميوي ۽ علم جي وڻ کان انڪار ڪن ٿا. جيڪو ماتا ديوي Mother goddess جي مذهب جو اصلي جوهر هو. انسان ذات کي عدن واري بهشت کان نيڪالي ڏني وئي هئي. جيڪو اوپر پاسي سنڌ ۾ سنڌو ماٿري ۾ واقع هو. اهڙيءَ ريت شِوَ جي سواريءَ ڍڳي کي آرين جي ديوتا آڏو قربان ڪيو ويو هو. زندگيءَ جو ديوتا ۽ علم جي ديوي پنهنجي امرتا واري نانگ ۽ باغ واري ڏند ڪٿا سان گڏ ڍڪجي ويا هئا. هن ڏند ڪٿا ۾ ٻن وڻن کي هڪ وڻ جي شڪل ۾ پيش ڪيو ويو هو جنهن جي پرسان وڃڻ جي منع ٿيل هئي. پر انهن ٻنهي مان هر هڪ ڏانهن مبهم اشارو ضرور موجود آهي.

سنڌو ماٿريءَ جو دانو جو پوڄاري نقل مڪاني ڪري وڃي يورپ پهتو هو. جيڪو هلندو وڃي نيٺ آئرلينڊ پهتو هو جن کي اتي ٽٺاٽاڊِ دانو ڪري سڏيو ويندو هو. هنن ماڻهن موجوده دور جي وڪان مذهب ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو هو. وڪان ورثو ڪيلٽڪ لامذهب فرقي، گالڪ لامذهب فرقي ۽ ميڊيٽرانين لامذهب فرقي جو هڪ گڏيل روپ آهي، جنهن سان دراوڙن جو شِوَ ۽ شڪتيءَ وارو مذهب بہ شامل آهي، ديوتا ۽ ديوي جي ٻنهي هجڻ واري حقيقت کي وڪان واري قربان گاهہ ۾ نمايان ڪري ڏيکاريو آهي، جنهن کي ٽن حصن ۾ ونڊيو ويو آهي، جن مان هڪ حصو ديوي کي، ٻيو حصو ٻنهي کي، ٽيون حصو ديوتا کي ارپيو ويو آهي. تنهن ڪري وڪان کي ديويءَ جو مذهب سڏيو ويندو آهي. سنڌ جا ماڻهو دراوڙي ۽ پروٽو آسٽرالائيڊ Proto-australloid نسل سان واسطو رکن ٿا. جيڪي هجرت ڪري ٻين طرفن ڏانهن بہ هليا ويا هئا. هنن مان ڪي گروهہ جپان ۾ بہ وڃي آباد ٿيا هئا. هن نسل جي ماڻهن بعد ۾ آيل چيني ماڻهن کي اتان ڪڍي ڇڏيو هو. جيڪي اتان جا اصلي رهواسي هئا. جيڪي پاڻ کي هيئري آئنو Hairy Ainu يعني غير مشرقي ۽ سفيد نسل جا ماڻهو سڏائيندا هئا. ائين چئي هو ڄڻ ويدڪ آرين کي ڪاوڙ ڏياريندا هئا. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ دانو

ديوي جي هنن ماڻهن (سنڌي دراوڙن) اڳتي نقل مڪاني ڪري پئسفڪ سمنڊ جي ذڪڻ وارن ٻيٽن، ڏکڻ آمريڪا جي وچ وارن علائقن ۾ بہ پنهنجا نشان ڇڏيا هوندا ۽ انهن علائقن مان بہ اڳتي وڌي اتر آمريڪا ۾ بہ آباد ٿيا هوندا. هنن ماڻهن کي اتي انا سازي ڪلف ڊويلرز "Anasazi cliff Dwellers" جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

موجوده دور جي وڪان جي اوسر سنڌ يورپي Indo European نسل مان ٿي آهي. هنن جي مذهبي عقيدن ۾ هندو ڌرم واريون روايتون بہ موجود هونديون هيون، يعني انهن ۾ European Green craft ۽ هندو تنترڪ روايتن جو ميلاپ موجود هوندو هو ۽ مهاديوي جي پوڄا ڪندا هئا. جڏهن تہ ڪيلٽڪ بہ سنڌي نسل جا ماڻهو هئا. جيڪي يورپ جي ڪريٽ واري علائقي ۾ اچي آباد ٿيا هئا. جن کي بہ سنڌي يوربي Indo European ڪوٺيو ويندو هو. هي گروهہ بہ دراوڙي نسل سان واسطو رکندو هو جيڪو اڳتي وڌي وڃي دانو ديوي جي ماڻهن سان مليو هو. سندن روايتون ملي هڪ شڪل اختيار ڪري ويون هيون. جن جو وڏيڪ زور ديوتا ڏانهن نہ پر شڪتي سان لاڳاپيل ديويءَ ڏانهن هو. پر ديوتا کي صفا وساريو ڪونہ ويو هو ۽ سندس پان Pan جي حيثيت ۾ پوڄا ڪئي ويندي هئي. ان کان سواءِ هن جي Herne، Lord of green wood, Hunter ۽ Green han طور بہ احترام ڪيو ويندو هو جنهن کي وڻ ديوتا سمجهيو ويندو هو. رڳو اهو نہ پر سرنو نوس Cernunnos (سڱن وارو ديوتا) پسو پتي، آبادي جو يا سڪر سٽائي واري ديوتا Fertility god طور بہ هن جي پوڄا جو رواج هو. اهڙيءَ ريت هو يورپ جي آباديءَ ۾ سڪر سٽائي وارن مذهبن اندر پير پختا ڪري چڪو هو.

جيئن هنن سنڌ- يوربي ماڻهن جا يورپ ۾ پير پختا ٿيندا ويا، تيئن هنن جي ديوتائن جي طاقت کي بہ وڏي محيتا ملڻ لڳي هئي. هن شو ديوتا کي ٽين اک Third Eye بہ هوندي آهي، جيڪا خطري مهل کلي پوندي هئي. جنهن مان روشنيءَ جو اهڙو طاقتور ۽ تباهڪار شعلو نڪرندو هو جيڪو دشمن کي ناس ڪري رکندو هو ۽ ويري سڙي رک ٿي ويندو هو تنهن ڪري هن ديوتا کي سج سان ڳنڍيو ويو هو ۽ اوير يورپ جو Sun god

ٻڌجي ويو هو. اهڙيءَ ريت طاقت ۽ شرافت جا ديوتا ۽ ديوي ٿي ويا هئا ۽ دراوڙن جي روايتن موجب اوم ۽ اُما ٻڌجي ويا هئا. هنن ٻنهي جي پنهنجي مختلف روپن اندر مت ست بہ ٿي ويندي هئي. ان ڪري انهن ماڻهن لاءِ مونجهارو پيدا ٿي ويندو هو جيڪي وڪان مذهب ۾ نوان نوان ايندا هئا. ڪي ماڻهو ضرورت وقت ديويءَ کي ٻاڏائڻ پسند ڪندا هئا. ڪي وري ديوتا کي گذارش ڪندا هئا. ائين ڪونہ هوندو هو تہ رڳو عورتون ديويءَ کي ۽ فقط مرد ديوتا کي پڪاريندا هئا. چاڪاڻ تہ اهو ٻئو ديوتا هو ۽ ٻئي ديوتائون مرد ۽ عورت جي دلين ۾ جاءِ جوڙيو وٺندا هئا. مصر جو آتم Atum بہ Great He/She هو. هن شِوَ Shu هوا پيدا ڪئي ۽ ان کان پوءِ تيف نٽ Tefnut گهر کي پيدا ڪيو. بعد ۾ هن نٽ Nut يعني (goddess of sky) آڪاش کي جوڙيو ۽ جيب geb (god of earth) ڌرتي تي کي پيدا ڪيو. هي دراصل هندو ڌرم جو آتمان Atman آهي. جيڪو مصر ۾ آتم Atum ۽ انجيل جو آدم آهي. ديوتا ۽ ديوي جو هڪ ٻئي کان الڳ ٿي وڃڻ جو تصور دراوڙن وٽان شروع ٿيو هو. انهن مورتين جو وجود ۾ اچڻ ماڻهن جو اهو تسليم ڪرڻ هو تہ هر شيءِ مرد ۽ عورت. روح ۽ مادي ۽ خاموشيءَ ۽ سرگرميءَ واري عمل وسيلي پيدا ٿئي ٿي. ڪردار جي تبديلي ڪوبہ مسئلو پيدا ڪانہ ڪندي آهي. پر مختلف امتزاجن Combination جو وسيلو هوندو آهي. اهڙيءَ ريت ڌرتي جو ديوتا Earth god ڌرتيءَ جي ديويءَ Earth goddess سان سرگرم هوندو آهي. ساڳيءَ ريت آڪاس جو ديوتا آڪاس جي ديويءَ سان ۽ ڌرتي ديوي آڪاس جي ديوتا سان متحرڪ ڏسبا آهن. اهڙين سرگرمين مرڪز ڪڏهن ديوتا ۽ ڪڏهن وري ديوي هوندي آهي. اهڙو مثال بهشتن جي ديوي اشتطار ۽ تاموز Tammuz جو آهي. جيڪو ڌرتيءَ جو ديوتا هوندو آهي. ٻيو مثال آڪاس جي ديوتا شو ۽ پاروتي جو آهي. جيڪا ڌرتي جي ديوي هوندي آهي.

اهڙيءَ ريت ٽيوٽونڪ لامذهب فرقي ۽ وڪان ۾ بہ فرق موجود ڏسجي ٿو. اتر جي روايتن جو زور نر ۽ ذڪر وارين روايتن جو زور ناري جنسن جي ديوتا ڏانهن هوندو آهي. جنهن اندر طاقت جي ديويءَ ڏانهن ڪنهن بہ قسم جو ڪو اشارو بہ ڪونہ هوندو آهي. هتي مقدس وجود نر آهي. جيڪو جبل جو ديوتا آهي. هن ديوتا جي پوڃا ان ڪري اسري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي تہ جيئن سردارن ۽ فوجي طبقي جي سهائتا تي سگهي. يورپي وڪان جون روايتون، ڏکڻ سنڌ جي روايتن تان ورتيون ويون آهن جيڪي آباديءَ جي ديوي ۽ شڪتي ديويءَ سان گڏ نيڪيءَ ۽ آباديءَ جي ديوتا کي بہ اهميت ڏينديون آهن. پر هئي هڪ ٻئي کان سواءِ اڻپورا هوندا آهن. ٻنهي لامذهب فرقن جون روايتون ان وقت تائين گڏو گڏ اُسري ۽ اُپري رهيون هيون، جيستائين رومي شهنشاهہ ڪنسٽنٽائين پنهنجي اقتدار تي ضابطي رکڻ لاءِ عيسائين کي استعمال نہ ڪيو هو. ٽيوٽونڪ فرقي جي هيٺيئن طبقي مذهبي جوڙجڪ واريءَ پوڄا ۾ ڪن ديوتائن جا نالا ڪنيا ويندا آهن، جيڪي هر علائقي موجب بدلبا رهندا آهن، پر علامتون اهي ساڳيون هونديون آهن، جيڪي سنڌ جون هونديون آهن، جيڪي پوئتي وڃي سنڌو- ماتريءَ جي قديم روايتن وٽ پهچنديون آهن. مذهبي معلومات سان لاڳاپيل هي نشانيون هزارن سالن کان پوءِ يورپ تائين پهتيون هيون، جيڪي ابتدا ۾ هن ماتريءَ ۾ وجود ۾ آيون هيون.

موجوده دور جي آفريڪا جي معاملن جو ڄاڻو پروفيسر جڏهن اتر جي ويڙهاڪ ماڻهن ۽ ڏکڻ جي سچ وارن پرامن شريف انسانن جو ذڪر ڪندو آهي تہ عام قسم جا بياني لفظ ڪم آڻيندو آهي، پر ماڻهن جا نالا غلط وٺندو آهي. اها آفريڪا ڪانہ هئي، جنهن جو واسطو سچ وارن ماڻهن سان هو. پر اهو ملڪ هندستان هو جنهن جو سچ وارن ماڻهن لڳ لاڳاپو هو. برف ۽ سچ سان تعلق رکندڙ ذڪر آرين ۽ دراوڙن سان لاڳاپيل آهي، جن جي تڪرار ۽ تصادم ڪري مشرق قريب ۽ يورپ جون تهذيبون ڦٽي نڪتيون هيون. اهو تهذيبن جو هڪ گڏيل روپ هو جنهن کي مختلف جاگرافيائي ماڳن سان شامل ڪيو ويو، جنهن ڪري موجوده يورپ ۽ مشرق قريب جون رياستون وجود ۾ آيون آهن.

سنڌو سيپتا وقت جي نهايت ترقي يافت ۽ انسان ذات جي هڪ قديم تهذيب هئي، هنن ماڻهن جو شِوُ بہ تڏو تانهريو ۽ ڏيرج مان ديوتا هو تنهن ڪري سنڌ جو ماڻهو سهپ ۽ رواداري جو زنده مجسمو هو. مختلف مذهب هوندي ڪڏهن هندن ۾ ڏرمي ڪروڌ جو ممڻ ڪونہ متو هو تنهن ڪري هتي ڪڏهن بہ منظم قسم جي مذهبي ملائپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجود وٺي ڪانهہ سگهي هئي، نہ وري ملن جي ڪامورا شاهي پنهنجي سگهہ جو اظهار ڪري سگهي هئي. مصر جي احرامن Pyramids جي تعمير ٿيڻ کان گهڻو اڳ هي ماڻهو نسلي طور پاڻ ۾ ڳتيل ۽ ڳنڍيل هئا. ڏاڍا شريف، انفرادي نہ پر برادري سوچ وارا رڄ چڱا مڙس هئا.. پوکي راهيءَ ۾ مهارت جا مالڪ، مها ڄاڻو مالوند، ڪلينگڊر ڪلاونت ۽ جڳهن ٺاهڻ ۾ مهان ڪاريگر هئا. هي دنيا جا پهريان ماڻهو هئا، جن شهر ٺاهي، شهري زندگيءَ جي ابتدا ڪئي هئي، جن شهرن ۾ تازي پاڻيءَ جو انتظام ۽ گندي پاڻي جي نيڪالي جو بندوبست هو. گهرن اندر سنان خانا، گهر اندر آرام ڪرڻ لاءِ جدا ڪمرا هوندا هئا. آڏو اڱڻ، بازارن ۾ هٽ، اناج کي سانڍڻ لاءِ گدام ۽ ڪاڏي خوراڪ جو بندوبست موجود هو. پوڄا پاٺ لاءِ مندر ڪونہ هئا. هر ڪو ماڻهو گهر ۾ مذهبي رسمون ادا ڪندو هو ۽ اڪيلائيءَ ۾ ڪندو هو. هي ڏاڍا دولتمند هئا. آرين اچي ڪنجهي جي دور وارن ماڻهن کي پنهنجي مضبوط هٿيارن جي آڌار تي ڦريو لٽيو هو جيڪي رٿن تي چڙهي هتي پهتا هئا. آرين پهريائين سنڌ جي اوسي پاسي کي لٽي ڦري ٻينگ ڪيو. پوءِ ننڍا وڏا ڳوٺ ڦري پالها ڪيا ۽ آخر ۾ شهرن تي حملا ڪري ڏرتي ڌڻين جو الهہ تلهہ ڦري ملڪ جا مالڪ ٿي ويا هئا.

اهڙيءَ ريت سنڌو ماتريءَ کي آڻ مڃائڻ ۾ آرين کي پورا 950 ورهيہ لڳي ويا هئا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اسان کي سڌي Sidhe يا فيئري لوڪن بابت تمام گهڻيون ڏند ڪٿائي ڪهاڻيون ملن ٿيون، جن گهڻو پوڳيو هو. ٺاٺا ڏي دانو ۽ سڌي Sidhe لوڪ بنا ڪنهن شڪ شبهي جي دراوڙ آهن. هيءَ حقيقت بہ يقين سان چئي سگهجي ٿي تہ فيئر لوڪن جي شهرن جي تباهي سان لاڳاپيل لوڪ ڪهاڻيون فقط لوڪ ڪهاڻيون ڪونہ آهن. سڌي لوڪن جو پنهنجي ڌرتيءَ مان نڪرڻ، سڌي لوڪن جو لوهہ جي جاڻ ڏانهن رخ ۽ انهن جي عورتن جي طاقت ۽ سڌي ديوي Queen of Faerie جهڙيون سڀ ڳالهيون انهن پلوڙ ماڻهن جون آهن، جيڪي ڪڏهن سنڌ ڌرتي جا ڌڻي هئا ۽ انهن آرين جي حملن ڪري ڌرتي ڌڪاڻا ٿيجي وڃي يورپ جا وڻ واچيا هئا. هن وقت هن مهان سڀيتا جا ڦقرا ئي وڏا مشهور دريافت ٿيا آهن.

ويدن جو ذڪر آهي سنڌو ماٿري ڏاڍي دولتمند هئي. اهڙيون حقيقتون پڌي جيڪڏهن پيٽوار اپياس ڪبو تہ مصر جي شاهوڪاري هن آڏو ڦڪي ڦڪي ڏسڻ ۾ ايندي

جڏهن ڪيترين صدين پوءِ مسلمان هن ماٿريءَ ۾ پهتا هئا تہ هتان جي برهمڻن جي دولت ڏسي واٽڙا ٿي ويا هئا. انهيءَ زماني ۾ ذات جو هڪ ڪٽو نظام موجود هو ۽ مذهب بہ حد کان وڌيڪ قدامت پسند هو پر پوءِ بہ ماٺهو پلا ۽ سدا ملوڪ ۽ قوم سدائين سائي ڍائي ۽ ڏاتار سياءَ جي مالڪ هئي. هن ڌرتيءَ جا اصلي واسي دراوڙا هئا, جيڪي ان شان شوڪت جا وارث ڪونہ هئا, پر برهمڻ هئا, جن جو تعلق آرين فاتحن سان هو. مسلمانن اهو سڀ ڏٺو هو تہ هندو ڌرم الله Al-Lah جو انڪاري آهي. يعني خدا تعاليٰ لات AL-Lat جي عبادت يا پوڄا کان منع ڪري ڇڏي هئي, جيڪا مسلمانن جي ابتدائي تاريخ ۾ هڪ ديويءَ جي حيثيت رکندي هئي. اهو اِئين ٿيو هو جيئن عيسائين رومي شهنشاهت واري زماني ۾ لامذهب فرقي جي ديوتائن جي مورتين کي ختم ڪري ڇڏيو هو. عيسائين ۽ مسلمانن پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ هڪجهڙيون ڪارروايون ڪيون هيون ۽ لاتعداد مندر بتخانا ۽ فن جون بيشمار ديويون ناس ڪري ڇڏيون هيون. مسلمانن هزارن بلڪ لکن جي تعداد ۾ هندستان ڪهي اچي, سنڌن مندرن جي جڳهن تي ائين مسجدون جوڙيون هيون, جيئن عيسائين يورپ جي لامذهب فرقي جي بي حساب مندرن کي ڊاهي پٽ ڪري, گرجا گهر تعمير ڪيا هئا. پر مسلمانن ايتري ڳالهہ ضرور ڪئي هئي تہ هنن هندو ڌرم کي ختم ڪونہ ڪيو هو. جڏهن تہ عيسائي ڪتا ڪُريا ڪٽي قديم مذهب جي ڪڍ لڳي پيا هئا. هنن جي اهڙين سرگرمين ڪري شِوَ پوڄا جي سرگرمين جي همت افزائي ٿي وئي هئي, جنهن ڪري ٻارهينءَ صدي کان پندرهينءَ عيسوي صديءَ وارو دور شِوَ پوڄا جو سونهري دور ڪري سڏي سگهجي ٿو.

مسلمان حڪمرانن هندن جون زمينون ضبط ۽ دولت ڦري لٽي کين پالهو ڪري ڇڏيو هو. انهن سونن بتن کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري رجائي ڇڏيو هو. اهڙيءَ ريت سنڌن معاشي حالتون تباهہ ٿي

ويون هيون. اهڙو ڳنڀير وايو منڊل ان وقت تائين ڳنڍيو هليو جيستائين انگريزن هندستان فتح نہ ڪيو هو. هي هڪ ڏاڍيل عنصر هو جيڪو ٿهر ۽ ڪِيس ۾ آرين کان بہ گهڻو اڳتي هو. ان کان سواءِ هن عنصر هندن خلاف نفرت کي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکيڙي ڇڏيو هو. ايتري قدر جو اڄا تائين هندن ۽ مسلمان معاشرن وچ ۾ امن امان ۽ ڀائپي وارو وايو منڊول پيدا ٿي ڪونہ سگهيو آهي. جڏهن انگريز سورهين صديءَ عيسويءَ ۾ هتي پهتا هئا، تڏهن بہ هن ملڪ جي دوت کي پراسرار قسم جي ڪشش هئي. آرين مسلمانن ۽ عيسائين هندستان تي حملو ڪيو هو جن هن ملڪ جي مذهب جون پاڙون لوڏي ڇڏيون هيون، بلڪ ميسارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اهڙيءَ ريت ان مذهب جا ڪي ٿورا اهڃاڻ باقي رهيا هئا، جن مان هيءَ معلومات حاصل ڪرڻ ۾ آساني هئي تہ ڪڏهن هتي ڪو مذهب موجود هو. يورپي ماڻهو هن حقيقت کي ميڃڻ کان نفرت ڪندا هئا ۽ چوندا هئا تہ سنڌو سڀيتا جو مشرق قريب جي تهذيب تي غلبو ڪونہ هو جيڪو يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام جو ابتدائي نڪتو هو. اهي فقط هن کي ميڃڻ لاءِ تيار هئا تہ هيءَ سڀيتا فقط سنڌوءَ جي ڪنارن جي اوسي پاسي واري علائقي تائين محدود هئي ۽ اها شِوَ ۽ شڪتي جي پوڄارين جي دلين ۾ موجود هئي.

انگريز هندستان جي تاريخ کان بہ نفرت ڪندا هئا ۽ هتان جي ديوتائن جي حيثيت هيچ ۽ نيچ ڪري پيش ڪندا هئا تہ جيئن انهن جو وڪٽوريا واري احساس تي اثر قائم ٿي نہ وڃي. سندن دلين تي اهو اثر بہ ويٺل هو تہ ڪٿي متان هيءَ حقيقت ۽ راز ظاهر ٿي پوي تہ هندو ڌرم جي ديوتائن جو يورپ جي لامذهب فرقي ۾ اثر رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ انگريزن جي ماضيءَ جو واسطو لامذهب فرقي سان هو. انهن کي اها بہ پڪ هئي تہ يونان ۽ روم جي ديوتائين جو لاڳاپو قديم هندستان جي ديوتائن سان هو. هن سان گڏ هنن متان اهو ڊپ بہ ڇانيل هو تہ متان هندستان وارن کي اهڙي معلومات ملي وڃي تہ هنن جي تهذيب انگريزن واري تهذيب کان گهڻي اوچي ۽ اعليٰ هئي. توهان جيڪڏهن اڄ بہ وقت جو وچور ڏيندڙ نقشن کي هٿ ۾ کڻندا ۽ ڏسندا تہ انهن ۾ 1500ع تائين هندستان جو نالو ئي موجود ڪونہ آهي. معلوم ائين ٿي

رهيو آهي تہ جڏهن مغرب جي اعليٰ تهذيب ترقي ڪري رهي هئي، تڏهن هندستان اجا وجود ۾ ئي ڪونہ آيو هو. موجوده دور ۾ بہ اهڙا نقشا آهن، جي ڪن اسڪولي ڪمرن ۾ ٽنگيل نظر ايندا. ڪيترن نقشن ۾ اهڙا حوالا بہ موجود آهن تہ انساني تاريخ 4000 ق. م. کان ۽ آدم ۽ حوا کان شروع ٿي آهي.

ويهين صديءَ جي پوئين حصي ۾ آريائي قوم جي نالي ۾ White Supremicists وارو نظريو نئين سر جاڳي پيو آهي، جنهن Ku klux Klan سڏيو وڃي ٿو. هي نئون نازي نظريو آهي. هنن ماڻهن تحريڪ شروع ڪئي آهي تہ واشنگٽن جي اتر اولهہ واريون رياستون، جهڙوڪ اداهو Idaho، اوريگون Oregon، مونٽانا Montana کي الڳ ڪري سفيد چمڙيءَ وارن ماڻهن لاءِ مخصوص ڪيون وڃن ۽ انهن کي White Homeland سڏيو وڃي. هن تحريڪ ۾ خاص ڪري اهي گروهہ سرگرم آهن، جن جو عيسائيت جي قدامت پرست مذهبي فرقي سان واسطو آهي، جن جو عقيدو آهي تہ عورت کي اجا بہ وڌيڪ مطيع ۽ ماتحت رکيو وڃي، هم جنس پرستي کي ختم ڪيو وڃي، آزاديءَ سان رهندڙ عورتن مٿان سخت پابندي مڙهي وڃي، آرين جي دولت جي ديوتا جي عظيم حيثيت کي تسليم ڪيو وڃي ۽ مختلف نسلن کي علحده رکيو وڃي. هنن انتها پسند گروهن جو واسطو اعليٰ طبقي وارن عيسائي ملن سان آهي، جيڪي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ واسطي هنن گروهن جي همت افزائي ڪري رهيا آهن.

جيڪي ماڻهن هن قسم جي حسد ۽ تعصب واري نقطئہ نظر جي حمايت ڪري رهيا آهن، اهي ڇڻ 1930ع واري نئين نازي تصور ۽ آريائيءَ برتريءَ واري جرمنيءَ جي همت افزائي ڪري رهيا آهن. هن قسم جي تحريڪ جو پهريون شڪار اهو نسل هوندو آهي، جن جي ماڻهن جي اڪثريت نصرت ڪندي آهي، جهڙوڪ چريا، بي گهر، هم جنس پرست ۽ ڪاريءَ چمڙيءَ وارا ماڻهو وغيره. ان ڪري هنن ماڻهن جو امڪاني شڪار آمريڪا جا اصلي واسي، ويٽنامي، هندستاني، پاڪستاني، ڪارا ۽ ميڪسيڪو سان واسطو رکندڙ ماڻهو هوندا آهن. هنن ماڻهن کان پوءِ يهودين ۽ ان بعد ڪن ٻين ماڻهن جو وارو ايندو. ان

تحريڪ جو مقصد غليظ رت کي صاف ۽ خالص رکڻ جو آهي. اهڙو مقصد فقط ناپسند انساني گروهن کي ٻاهر ڪڍي حاصل ڪري سگهجي ٿو. ان کان سواءِ اهڙو مقصد مخصوص قسم جي قانون سازي ڪري به حاصل ڪري سگهجي ٿو. يو. ايس. اي جي ڪن رياستن ۾ اهڙو قانون به موجود آهي، جيڪو سفيد چمڙيءَ واري ماڻهوءَ کي آمريڪا جي اصلي واسين مان شاديءَ ڪرڻ کي روڪيندو آهي، خلاف قانون عمل سمجهندو آهي جيڪڏهن ڪنهن رياست ۾ مخصوص گروهه جو غلبو هوندو آهي ته آمريڪا ۾ ڪليسا ۽ ملڪ کي ڏار رکڻ وارو آئيني اصول ختم ٿي ويندو آهي. ان ڪانپوءِ تاريخ کي مسخ ڪرڻ وارو عمل ائين شروع ٿي ويندو آهي. اڄ اسڪولن ۾ تاريخ کي ان ساڳئي طريقي سان پڙهايو ويندو آهي، جيڪو عيسائيت جي ابتدائي دور وارو هو جنهن ۾ عيسائي يورپ جي غير عيسائي ماڻهن کي عذاب ڏئي چيچلائي ماري ڇڏيندا هئا.

مذهب جو ضابطو ۽ مخصوص گروهن جو غلبو ننڍين شين کان شروع ٿيندو آهي ته يو. ايس. اي جون خشڪ مزاج رياستون شراب ۽ ڪئبل جي مدد سان هلندڙ ٽيليويزن تي پابندي مڙهينديون آهن. اهڙيءَ پابنديءَ جو مثال MTV آهي، جنهن جو واسطو موسيقي (music) سان آهي. ان جو ٻيو مثال هئلو وين پيٽرِئڊ Halloween Parade آهي، جنهن ۾ Penguin قسم جي ٽي شرٽ پاتي ويندي آهي. ٻارن جا والدين اهڙي ٽي شرٽ پسند ڪونه ڪندا آهن ۽ پنهنجن ٻارن کي اسڪولن مان ڪڍي هليا ويندا آهن. اهڙيون تجارتي شيون "Batman Relusms" مووي فراهم ڪندي آهي، پر اها ڪا هڪ ڳالهه ڪانه آهي، ليڪن اڳينءَ بڇڙائيءَ جي جڳهه کي پرڻ لاءِ وري ٻي نئين بڇڙائي اڳيان ايندي آهي. هڪ هفتي Penguin ٽي شرٽ هوندي آهي ته وري ٻئي هفتي، "Marilyn Manson" شرٽ هوندي آهي. ڪارا ڪپڙا ۽ ڪارو trench coat ٽئروٽ tarot جي پتي لاءِ اهم هوندا آهن، پر طاقتور اقليت ان کي شيطاني شيون سمجهندي آهي ۽ اهو طاقتور اقليتي گروهه مخالفن کي چوندو آهي ته سندن ڳالهين کي ضرور تسليم ڪيو وڃي، نه ته هو اڻ وڻندڙ نتيجن لاءِ تيار رهن ۽ اهڙين ڳالهين ڪري ڪين

بداخلاق بہ سڏي سگهجي ٿو. ماڻهن کي اهڙن هارن پائڻ جي موڪل هوندي آهي، جن ۾ دائود جو ٽنٽارو يا صليب جو نشان ڳنڍيل هوندو آهي، پر جن ماڻهن کي هار ۾ پنج ڪنڊي ستاري جهڙو نشان پاتل هوندو آهي، انهن لاءِ تہ مصيبت اچي ويندي آهي. مٿن حملي جو بہ خدشو هوندو آهي. اهڙيءَ ريت غير عيسائين لاءِ ڊپ ۽ ڳڻتيءَ جهڙو وِهاڻيل وايو منڊل هوندو آهي، تنهن ڪري وڪان فرقي وارا ڇڻ هڪ جاءِ تي ڪلي سان ٻڌل رهندا آهن. معلوم تہ ائين ٿي رهيو آهي تہ جاڳر ڪرڻ وارا پوپا يا پوپيون عوام جي امن سلامتيءَ لاءِ خطرو ڪونہ هوندا آهن، پر جنوني عيسائين جو نئون فرقو ئي مذهبي آزاديءَ واري آئيني حق واسطي خطرو هوندو آهي.

هتي هڪ قسم جو تڪبر ۽ گهمنڊ وارو احساس موجود آهي، جيڪو برطانيہ يا يورپ جي سامراجي دور جي سوچ جي پيداوار آهي، جنهن ۾ آمريڪي سامراج وارو نظريو بہ شامل آهي، جيڪو موجوده دور جي روحانيت يا مذهب جي معيار جي تعمير ڪري ٿو. ڪي رياستون يا ملڪ ٿئروٽ جي پتن سان راند کي قانون جي خلاف سمجهندا آهن ۽ ان قسم جي وندر تي لائسنس جو شرط رکندا آهن، پر وٽن اهڙي معلومات ڪانہ هوندي آهي، عام ماڻهو ٿئروٽ جي پتن جي علم ڄاڻڻ وارن کان مشورا وٺندا آهن. پر دل ڪانہ وندرائيندا آهن. پر انهن بنياد پرست عيسائي ملن کان لائسنس طلب ڪونہ ڪيو ويندو آهي، جيڪي "آمين" جي بلند ۽ گڏيل وڏي آواز واسطي ماڻهن جي وڏن ميڙن لاءِ هلندا ۽ پگهر ڳاڙيندا وتندا آهن.

تعليم جي ضلعي اختيارن، منظور ٿيل تعليمي فنڊ ذري گهٽ رد ڪري ڇڏيا هئا. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ هڪ بنياد پرست عيسائي ملن جي ٽولي ۾ غلط قسم جي پروپئگنڊا ڪري، ماڻهن کي گمراهہ ڪري ڇڏيو هو تہ ايليمينٽري اسڪول ۾ شيطاني ڳالهيون سيکاريون وڃن ٿيون. ان ڪري شيطانيت ۽ گمراهيءَ ڦهلجڻ جو گهڻو امڪان آهي. اسڪول کي هلائيندڙ انتظاميہ ڏيوالپڻي جو شڪار ٿي وئي هئي. جنهن ٻارن جي والدين کي چيو هو تہ هو اچي اسڪول جي نصابي ڪتابن کي پاڻ پڙهي ڏسن تہ انهن ۾ ڪي اهڙا سبق تہ شامل نہ آهن.

جيڪي ٻارن کي گمراهه ڪندا هجن. عيسائي ملن غلط قسم جا الزام هڻي ۽ عبادت لاءِ گڏ ٿيل مذهبي اجتماعن ۾ مذمتي ٺهراءُ پاس ڪري، اسڪول کي بدنام ڪرڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جا زور لاتا هئا. تنهن ڪري ٻارن جي ڪن والدين پاڻ اچي درسي ڪتاب پڙهيا هئا. پر انهن کي ڪتابن ۾ ڪٿي به شيطان ڏسڻ ۾ ڪونه آيو ۽ نه وري ڪين ڪا گمراهي ڏسڻ ۾ آئي هئي. ليڪن انهن بدران ڪل يوڳ جهڙا سبق شامل هئا ۽ ٻار انهن کي پڙهڻ ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺي رهيا هئا. پر اهو معاملو مڪاني چونڊڻ جي بحث جو هڪ موضوع بڻايو ويو. چونڊيل ميمبرن اسڪول انتظاميه جي ڳالهين کي تسليم ته ڪري ورتو هو، پر ڪن ٿورن هفتن تائين. ماڻهو عيسائي ملن جي تبليغ کان متاثر ٿي چڪا هئا ۽ سمجهي رهيا هئا ته اسڪول ۾ شيطانيت سيکاري پئي وڃي. بنياد پرستن کي گهڻي شهرت ملي وئي هئي. عام ماڻهو به ان ڪري شڪايت ڪرڻ لڳا هئا ته ڪتابن ۾ گمراهه ڪرڻ واريون ڳالهيون شامل آهن. ڪين اها به خبر ڪانه هئي ته هو ڇا ڳالهائي رهيا آهن. اهو هڪ قسم جو جنون هو ۽ ماڻهن جي خواهش هئي ته هن ڏوهه ۾ وڪان کي سزا ملڻ گهرجي. جيڪي پاڻ ئي سمجهي رهيا هئا ته ان ڳالهه اندر ڪهڙو ڳجهه رکيل آهي. هڪ جو نشانو شيطان آهي ته ٻئي جو نشانو اهو ماڻهو آهي، جنهن کي ڪارا ڪپڙا پاتل آهن. ان کان پوءِ ٻئي ڪتاب لاءِ الزامن جي هڪ ڊگهي فهرست تيار هوندي، ليڪن هتي هڪ اهڙو پيغام آهي، جنهن وسيلي سمجهي سگهجي ٿو ته اهڙيون ڪِريلَ ڳالهيون ساريءَ قوم کي ڇچڙ جيان چنبڙي پيون آهن.

اهڙا واقعا ڪل جهڙا هوندا آهن. پر انهن ماڻهن کي ضرور متاثر ڪندا جن جو هن معاملي ۾ ڪو واسطو ڪونه هوندو آهي ۽ انهن ماڻهن لاءِ ڪورٽ ۾ قانوني جنگ کان سواءِ ڪو ٻيو چارو به ڪونه هوندو آهي. سرڪاري اسڪولن ۾ نه پنج ڪنڊو ستارو پاتو ويندو آهي، نه ڪنهن ڳچ ڳٽني پائڻ جي موڪل آهي. ٽي شرٽ پاتي وڃي ٿي، پر ڪلاس روم اندر عيسائي طريقي واري عبادت ضرورت هلندي آهي. ان کان سواءِ ڏهن خداوندي احڪامن Ten Commandments جو به ڪلاس روم ۾ ذڪر هلندو آهي. عوامي اجتماعن ۾ اهڙين مذهبي رسمن جو عمل ٿيندو آهي ۽ خدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعاليٰ جي حڪم مجڻ جو واعدو ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت عيسائي مذهبي فرقي جون دعائون اسڪولن جي آڏو لڳل حسد جي چوڏاري گهريون وينديون آهن. اهي ذهن کي متاثر ڪندڙ فخريہ قسم جون ڳالهيون هونديون آهن تہ "جيڪڏهن اهي دعائون عيسائي مذهب جون نہ آهن، تہ آمريڪا جون بہ ڪونہ آهن." Founding Fathers بہ ڪي بنياد پرست عيسائي ملا ڪونہ هئا، پر ديوتائن جا پوڄاري هئا. باب بر Bob Barr آمريڪن ڪانگريس جو ميمبر هو. سندس واسطو جارجيا ۾ ريپبلڪن پارٽيءَ سان هو. جنهن مطالبو ڪيو هو تہ مذهبي آزاديءَ واري اصول کي هڪدم ڇڏيو وڃي ۽ فوجي اڏن ۾ وڪان مذهبي فرقي واري عبادت کي ممنوع قرار ڏنو وڃي. چيو ويندو آهي تہ هن فوجي اڏي جي ڪمانڊر ڏانهن لکيو هو تہ بيوقوفيءَ جي هن ڪم کي هڪدم بند ڪيو وڃي. هن مان چڱيءَ ريت معلوم ٿي سگهي ٿو تہ وڪان واري مذهب کي بيوقوفي nonsense سڏيو ويو آهي ۽ سڏي بہ اهو ماڻهو ٿو جيڪو سياسي طاقت جو مالڪ آهي، پر عيسائيت جي ماضيءَ جو ڪردار صاف ڪونہ رهيو آهي. ڇا ان کي عقلمند sensible سڏي سگهجي ٿو؟ اهڙيون ڳالهيون وڪان لاءِ اگرائي ڪرڻ جهڙيون آهن، جنهن ڪري سيني کي ڌڪ پهچي ٿو.

تاريخدان چوندا آهن تہ مغربي ورثي سان لاڳاپيل يوناني، عورت جي مفادن خلاف هوندا آهن، پر هنن جو تصور يونانين جي عورت پسند رويي سان ساڳيائپ ڪونہ ٿو رکي. ڇاڪاڻ تہ اهي عورت جي مقدس وجود جي تمام گهڻي پوڄا ڪندا هئا. جنهن جو مثال اٿينا ديوي آهي. اٿينس جو هيڏو سارو وڏو شهر هن ديويءَ جي نالي ڪيو ويو هو. هن کان سواءِ آرٽيمس ديوي بہ گهڻي مشهور هئي، جنهن جي شهرت کي ختم ڪرڻ واسطي عيسائي ملن کي قانون سازيءَ کان مدد وٺڻي پئجي وئي هئي. ڏند ڪٿائن موجب هيرا Hera وڏي طاقتور ديوي هئي. Demeter ديويءَ جي لابارن وقت پوڄا ٿيندي هئي. Persephone ديويءَ جو واسطو پاتال Hades سان هو ۽ ماڻهو پري پري کان هلي، هن ديويءَ جي ياترا ڪندا هئا. هڪ غار وسيلي ان جي مندر تائين وڃي سگهبو هو ليڪن غار جو اهو لنگهہ هاڻي بند آهي، پر ان بند ٿيل لنگهہ جي زيارت لاءِ بہ تمام گهڻا ماڻهو ايندا آهن.

ڇا اهو ٽي نہ ٿو سگهي تہ جيڪي عورتن خلاف تحريرون آهن، جن مان اسان واقف بہ آيون، سي حقيقت ۾ عيسائي ملا اقليت جو نظريو هجن؟ اهي تحريرون ٻين کان منفرد هجن، پر قانوني اصول نہ هجن؟ عورتن جي خلاف هن نظريي سان لاڳاپيل متضاد تحريرون شال روم جي وٽيڪان آرڪائيوز Vatican Archives وٽ ڳجهيون رکيون وينديون هجن؟ (جتي ارسطوءَ جو لکيل مقالو پيو هو جيڪو هاڻي لڌو ويو آهي) يا انهن کي ضايع ڪيو ويو هجي؟ هڪ مورخ فقط اهو ڪونہ ڏسندو آهي تہ سندس هٿ ۾ ڇا آهي، پر هو ڏسندو آهي تہ ان ۾ ڪهڙي شيءِ هجڻ گهرجي، جيڪا ان ۾ ڪانہ آهي ۽ ڪهڙي شيءِ ان تحرير جي خلاف آهي.

جيستائين ڪو مذهبي گروهہ ٻين مذهبي گروهن تي غلبي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي مذهبي عقيدن جي قانون سازي ڪري، ان کي ملڪ جي قانون جي حيثيت نہ ٿو ڏئي، تيستائين انسان ذات جهالت جي ڪاري دور ۽ وهمن وسوسن واريءَ دنيا ۾ رهندي آهي.

اڄ بہ ماضيءَ وانگر جڏهن بہ تاريخ تي بحث ٿيندو آهي تہ نسلي تعصب ۽ قومي وقار کي ضرور آڏو رکيو ويندو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ تاريخ هڪ سماجي مادو آهي، جنهن جو تعلق ماڻهن ۽ ثقافتن ۾ موجود فرق ۽ هڪجهڙاين سان هوندو آهي. انهن ماڻهن لاءِ جنگ جو ميدان موجود هوندو آهي، جيڪي پنهنجي تعصب کي جائز سمجهندا آهن يا پنهنجي نظريي کي ٻين جي مٿان زوريءَ مڙهڻ گهرندا آهن. پر بدقسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ اهڙيون شاهديون جيڪي انسان ذات جي هڪ خاندان کي پاڻ ۾ متفق رکي سگهنديون آهن؛ سي خطري ۾ هونديون آهن. ڇاڪاڻ تہ سنڌو ماتريءَ وارو تهذيب جو هندورو ۽ اصلي پراڻو مذهب پاڪستان ۾ آهي، جتي بنياد پرستن جو زور آهي. اهڙيءَ ريت موهن جي دڙي جون ثقافتي شيون ان وهاڻيل وايو منڊل ۾ گهڻو وقت سلامت رهي ڪونہ سگهنديون. جيڪا ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهہ آهي، پر سنڌ ڌرتي نئين لامذهب فرقي، وڪان ۽ مذهبن جي مکيہ ڌارا جي ڪليل دل ۽ روشن ضمير ماهرن واسطي اهميت رکي ٿي، ڇاڪاڻ تہ اها ڌرتي انهن سڀني مذهبن جي بنيادي پاڙ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دراوڙن جي هجرت، مينون Minoan، ايٽروسڪان، ڪيلٽ، فيئري فوڪ، ٽئاٽا ڊي دانو جي ڏندڪٿائن جي شڪل ۾ يورپ جي تهذيب جي بنيادن منجهه داخل ٿي چڪي آهي. ان کان سواءِ هنگاري ۽ رومانيا جي جپسين جو وساريل ورثو اوپر يورپ جي تهذيبي پاڙن ۾ موجود آهي. ساڳي ريت آدم حوا ۽ ويندي عيسيٰ تائين لاوي آرين جي روايتن کي حقيقي تاريخي سچاين طور تسليم ڪيو ويو آهي. آخر ۾ هن ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ به لازمي آهي ته قديم آثارن جا ماهر قديم ماڳن جون کوٽايون ۽ کوجنائون ڪري اهم دريافتون ڪري رهيا آهن، جن تي ڪنهن به مذهبي فرقي جو دٻاءُ ڪونه آهي. ان ڪري مورخن، عالمن ۽ نصابي ڪتابن جي مصنفن تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته اهي تاريخ ۽ ڏند ڪٿائن کي ڌار ڌار ڪري رکن. ان سان گڏ تعليمي ماهرن کي به گذارش آهي ته اهي انهن ماڻهن جي دٻاءَ آڏو نه جهڪن، جيڪي هن اصول کي چچڙ تي چنبڙي پيا آهن، ته ڏند ڪٿائن کي تاريخ ۽ تاريخ کي ڏند ڪٿا سمجهيو وڃي.

ضميمو

# مختلف دورن جو وچور

(1) 470000 کان 200000 ق. م. اتر سنڌ جي سون ماٿري جي پٿر دور واري ثقافت ذڪر سنڌ ۾ Proto-Australoid ۽ Negritos

(2) 30000 ق. م. سنڌ جي هڪ غار جي چٽسالي جنهن ۾ ماڻهن کي هٿن ۾ ڪٽار جهڙو اوزار ڏسجي ٿو. سندن چيلهه سان تلوار ٻڌل ۽ هٿن ۾ تير ڪمان آهن.

(3) 28000 ق. م. شِوَ ديوتا پسو پتيءَ جي روپ ۾.

(4) 20000 ق. م. يورپ جي غار جي چٽسالي.

(5) 5000 ق. م. سنڌ جي ڏند ڪٿا ته تخليق ستن ڏينهن ۾ وجود ۾ آئي هئي. سنڌ جي شهري رياستن جو هماليه جبل کان ان سمنڊ تائين قيام جنهن کي هاڻي عربي سمنڊ سڏيو ويندو آهي.

(6) 4000 ق. م ميسور ۾ پوئين پٿر جي ثقافت.

(7) 3600 سمير ۾ ثقافت جي ابتدا.

(8) 3500 – 2631 ق. م. مصر جي قديم بادشاهت

(9) 3100 – 2965 ق. م. مصر جو پهريون خاندان.

(10) 2980 ق. م مصر ۾ پوندڙ ڏڪار ۽ سڪار جو ذڪر.

(11) 2900 ق. م موهن جي دڙي جي اعليٰ ترقي يافت حيثيت جيڪو هن کان گهٽو اڳ هڪ قديم شهر هو.

(12) 2872 – 2817 سارگان. سمير ۽ اڪد کي ملائي هڪ ڪيو هو.

(13) 2780 ق. م. پهرئين احرام Pyramid جي تڪميل.

(14) 2700 – 1700 ق. م سنڌو ماٿري جي ترقيءَ وارو دور.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(15) 2474 – 2398 ق. م. سمير جي شهر ار Ur جو عروج جو زمانو ۽ قانون جي پهرئين مجموعي جو دور.
(16) 2375 – 1800 ق. م. مصر جي وچين دور واري بادشاهت.
(17) 2357 ق. م. ايلمي نسل Elamites هٿان سمير شهنشاهت جي تباهي.
(18) 2169 – 1926 ق. م. بابل شهنشاهت.
(19) 2150 ق. م. سنڌو ماٿري جي ٻاهرين علائقن تي آرين جو حملو جن وٽ رٿ ۽ ڪنجهي جا اوزار هئا.
(20) 2123 – 2081 ق. م. هيميو ربابي جي بابل تي حڪومت ۽ ان جو قانون ڏيڻ.
(21) 1925 ق. م حتي نسل جي آرين لوهہ جي هٿيارن جي زور سان بابل فتح ڪري ورتو.
(22) 1800 ق. م. Stonchengel Started
(23) 1800 ق. م فلسطين ۾ ڪنعان ثقافت جي ابتدا.
(24) 1600 ق. م سنڌو ماٿريءَ جو زوال.
(25) 1500 ق. م يهودي پيغمبر حضرت دانيال (ﷺ) ڏانهن منسوب ڪيل شاعري
(26) 1580 – 1100 ق. م مصر جي بادشاهت (لبيا جي بادشاهت تائين) يهودي پيغمبر حضرت سليمان (ﷺ) ۽ لازارس جو قصو.
(27) 1500 – 1200 ق. م آرين جو سنڌو ماٿري جي شهرن تي حملو.
(28) 1400 ق. م سنڌ ۽ اولهہ ايشيا ۾ لوهہ جي ايجاد. (پر لوهہ سنڌو سپيتا جي ماڳ لگلا مان ان تهہ تان لڌو ويو هو. جنهن جو تعلق 3000 ق. م. سان آهي. "اي اي داني، 1970" مترجم)
(29) 1276 ق. م. ميسينيا جي تباهي ۽ ڪنعانين جو جبلن تي چڙهي وڃڻ.
(30) 1232 ق. م ڪنعاني ڌنارن جي پنهنجي نئين ثقافت لاءِ جبل جي چوٽين تي جاکوڙ.
(31) 1200 ق. م موهن جي دڙي جي فتح
(32) 1200 – 700 ق. م اينٽروسڪان اولهہ روم ۾ آباد ٿيا هئا. جن جو دراوڙي نسل سان واسطو هو. هي نهايت تهذيب يافتہ ماڻهو هئا. جن شهري رياستون جوڙيون ورتيون هيون. بعد ۾ رومي ماڻهن هنن کي اتان ڪڍي ڇڏيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(33) 1193 ق. م يونانين جو ٽراءِ Troy کي تباهه ڪرڻ.
(34) 1000 – 600 ق. م فونيشيا ۽ شام جو عروج.
(35) 1000 – 500 ق. م هندو ويدڪ دور (پر اهو دور Late Indus ۽ Post Indus سان واسطو رکي ٿو ۽ زمانو 1700 – 1000 ق. م تائين آهي: مترجم)
(36) 900 – 500 ق. م اپنشد براهمڻ ويد جڙي تيار ٿيا.
(37) 509 ق م روم جي ريپبلڪ جو بنياد رکيو ويو هو.
(38) 884 ق. م آشوري مرڪزيت وجود ۾ آئي.
(39) 732 – 609 ق. م. آشوري شهنشاهت جو وجود ۾ اچڻ.
(40) 624 – 544 ق. م گوتم ٻڌ.
(41) 621 ق. م عهدنامه عتيق سان لاڳاپيل پنجن ڪتابن جو تحرير ٿيڻ
(42) 1600 _ 1220 يهودين جو مصر ۾ غلام ٿيڻ جو تصور.
(43) 1025 – 1010 ق. م سائول جو يروشلم جو حڪمران ٿيڻ.
(44) 1010 _ 974 دائود جو يروشلم جو حڪمران ٿيڻ.
(45) 974_ 937 سليمان جو يروشلم جو حڪمران ٿيڻ.
(46) 937 ق. م يهودي رياست اسرائيل جو قيام.
(47) 6915 يهودين جو مصر کي ڪالوني بڻائڻ.
(48) 609 آشوري شهنشاهت جو خاتمو.
(49) 605 ق. م مصر ۾ يوناني نيڪو Niku جي حڪومت.
(50) 599_ 527 ق. م هندستان ۾ جين ڌرم.
(51) 586_ 538 ق. م بابل ۾ يهودين جي غلامي.
(52) 559 ق. م ايران تي سائرس I جي حڪومت.
(53) 539 ق. م بابل جو ايران هٿان فتح ٿيڻ.
(54) 520 ق. م يروشلم جي عبادتگاهه جو تعمير ٿيڻ.
(55) 518 ق. م اسڪائليڪس Skylax جي منهداري ۽ دارا I جي زماني ۾ هندستان تي ڪاهه.
(56) 500 ق. م قدامت پسند هندو ڌرم جو دور.
(57) 329 ق. م سڪندر جي هندستان تي ڪاهه.
(58) 325 ق. م سڪندر جو هندستان کان هليو وڃڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(59) 200 ق. م روم جو ايٽروسڪان کي شڪست ڏيڻ.

(60) 138 ق. م مئڪبيز Maccabees جو يهودين جي تاريخ لکڻ. هن کان اڳ يروشلم ۾ بابل، آشورين ۽ ايرانين جي حڪومت قائم رهي هئي ۽ اسرائيلي رياست فقط شهر ۽ ان جي چوڌاري ٿوري علائقي تائين محدود ٿي رهجي وئي هئي.

(61) 100 ق. م هندن جي مندرن ۾ ديوين ۽ ديوتائن جي مورتين جو رکجڻ Cybele ۽ Attis ديوتائن جو روم ۾ جلوس نڪرڻ. Attis جو وڻ تي مري وڃڻ، دفن ٿيڻ، ٽن ڏينهن کانپوءِ ان جو زنده ٿيڻ، ان جي پوڄارين جو روم شهر جي گهٽين مان رڙيون ڪندي گذرڻ ته "هو وري اڀريو آهي."

(62) 50 ق. م. گهٽين ۾ پاڻهن سان هندو ڌرم جي ديوتائن جون مورتيون.

(63) 170ع پهريون Christian Gospel جيڪو چوي ٿو ته حضرت عيسيٰ (ﷺ) خدا تعاليٰ جي مٽي مان نڪري نروار ٿيو هو. (يونان جي ديوي اٿينا لاءِ به چيو ويندو آهي ته اها زيوس Zeus ديوتا جي مٿي مان نڪري نروار ٿي هئي.)

(64) 250- 300ع عيسائي ڪليسا، رومي شهنشاهت جي حدن اندر هڪ نهايت دولتمند ادارو ٿي اڀريو هو.

(65) 300- 400ع ڪرشن جي پوڄا جي روايت هندستان کان مشرق قريب پهتي هئي.

(66) 323ع روم جي شهنشاهه ڪنسٽنٽائين عيسائين جي مدد جو اعلان ڪيو هو ۽ عيسائي ملي جي طاقت کي چڱيءَ ريت قائم ڪري ورتو هو.

(67) 400ع مهاديوي جنهن کي قدامت پرست هندو مذهب ۾ اهم حيثيت ملي وئي هئي. ساڳيءَ ريت تنتري فرقي کي سرڪاري مڃتا ملي وئي هئي. ڪشمير ۽ ڏکڻ هندستان ۾ شِوَ پوڄا جو گهڻو رواج پيو.

(68) 476ع رومي شهنشاهت جي تباهي.

(69) 455- 500ع هندستان تي "هن" Huns جي ڪاهه.

(70) 712ع عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(71) 900_ 1100ع شِوَ ديوتا جي پوڄا انڊونيشيا تائين پهتي. هن واسطي پراڻ بہ لکيا ويا هئا.

(72) 900 کان 1026ع مسلمانن جي حملن جو سلسلو جنهن دوران ڦرلٽ ۽ تباهيون ٿيون.

(73) 1100ع هندستان مان ٻڌ ڌرم ذري گهٽ ختم ٿي ويو.

(74) 1100_ 1400ع شِوَ ديوتا جو مان شانُ وڌي ويو هو.

(75) 1186ع ترڪن جا هندستان تي حملا.

(76) 12111_ 1226ع هندستان جي وڏيءَ ايراضيءَ تي مسلمانن جو قبضو وسيع نموني واري ڦرلٽ ۽ تباهي.

(77) 1186ع مارڪو پولو هندستان Renaissance ۾.

(78) 1300ع يورپ جي نئين سجاڳي ۾ جي شروعات.

(79) 1350_ 1610 شِوُ ڌرم ميسور جو سرڪاري مذهب بنجهي ويو.

(80) 1498ع واسڪو ڊيگاما هندستان پهتو.

(81) 1500_ 1800ع بنگال ۾ مهاديويءَ جي پوڄا جو زور.

(82) 1510 پورچوگيزن هندستان جي گوا بندر تي قبضو ڪيو.

(83) 1527_ 1608 ڊاڪٽر جان ڊي John Dee انگلينڊ جي راڻيءَ ايلزبيٿ (1558_ 1603) وٽ پهتو.

(84) 1570_ 1580 ڊاڪٽر جان ڊي انوچئن Enochian واري Ceremonial Magic کي گهڻي ترقي ڏني هئي.

(85) 1600ع ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو بنياد رکيو ويو هو.

(86) 1756_ 1763 هندستان ۾ فرينچن ۽ انگريزن وچ ۾ جنگ لڳي.

(87) 1765 رابرٽ ڪيلائيو کي بنگال جو گورنر بڻايو ويو هو.

(88) 1858 هندستان تي برٽش سرڪار جو قبضو ٿي ويو هو.

(89) 1924ع موهن جي دڙي جي دريافت ٿي.

(90) 1947 ۾ هندستان ۽ پاڪستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ انهن ٻنهي ملڪن انگريزن کان آزادي حاصل ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولڻ سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آس رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پوِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽانديڙ وڌِ
ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڳَن، چيائيندڙن ۽
ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ
کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ،
پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ
جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ
”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ
وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين تا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book